اوسر

٢ اونهارو ٤٩٧



کابي: کان ساڄي رفيق سومرو، ڊاڪٽر شمس الدين عرسائي ۽ حيدر علي لغاري

علم ادب
فن فڪر

جي دائمي قدرن
جو ترجمان

اونهارو ٢

ٽماهي

اوسر
(حيدرآباد)

چيف ايڊيٽر

ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي

ايڊيٽر

امتياز احمد عرساڻي

سب ايڊيٽر

اڏل سومرو

سرڪيوليشن مئنيجر

سليم چنا

قيمت في پرچو .... =/40 رپيه

ڪتابي دُنيا پبليڪيشن

8- ميمڻ ٽائون، گلستان سجداد، حيدرآباد، سنڌ

بِسمِ اللهِ الرَّحمٰنِ الرَّحِيم

حضرت عباده بن صامت رضي الله عنه
روايت ڪن ٿا تہ:

رسول اڪرم صلى الله عليه وسلم

جن ارشاد فرمايو

جو شخص اسان جي وڏن جي عزت نٿو ڪري، ننڍڙن ساڻ شفقت جو برتائو نٿو ڪري ۽ اسان جي علماءُ جو قدر نٿو ڪري، اهو اسان جي اُمت مان ناهي.

(رواه احمد و طبراني - صحيح الحاڪم و مختصر و ترميب صفح ٢١)

از

الله جو هڪ عاجز بندو

فهرست

(1) اجوڪو ويچار (ادارو)

۱- ادبي تخليق جي راهن ۾ رنڊ ڪون 5
۲- سائنسي سچائي - حاضر دور جي سگهاري ادبي روايت 7
۳- سنڌي علم ۽ فن جي دنيا کي هاجو رسائيندڙ ڌچڪو 14

(2) مضمون

۱- ڪيلاش — ڊاڪٽراپيامينونڊس ورانوپولس/ عطا محمد ڀنيرو 17
۲- تصوف جي للڪار — ڊاڪٽر لئيق بابري/ عطا محمد ڀنيرو 30
۳- فريڊرڪ نيتشي — بدر الدين اُچڻ 38
۴- باعزت لفظن جو سفر (لطيف مضمون) — زوار نقوي 44
۵- زندگي هڪ وڏو سانحو آهي — سنڌيا عرساڻي 48

(3) اصلوڪيون مختصر ڪهاڻيون

۱- رت جو سيڪ — شمس الدين عرساڻي 52
۲- نرواڻ جو آخري پل — شمس الدين عرساڻي 59
۳- انساني تماشو — رفيق سومرو 64
۴- ڳاڙها ڳتا ڳاڙها ويس — سليم چنا 71
۵- آڌوري آس — محراب ملاح 75

(4) اجوڪي سنڌ (ٻرندڙ مسئلو)

سنڌي قوم جو فڪري جائزو — مجتبيٰ راشدي 80

(5) سمجهو ڪي سمجهن

درويشن جون ڳالهيون 85

(6) جَمبو لطيفو 87

(7) ٻَرهنڌيون ڪهاڻيون

۱- گهاتڪ — ليام فلهيرتي/ رفيق سومرو 88
۲- نيڪ دل دوست — انتون چيخوف/ رفيق سومرو 94
۳- پورهيو — ليو ٽالسٽاءِ/ رفيق سومرو 99
۴- سمنڊ جي لهرن تي — انتون چيخوف/ رفيق سومرو 103
۵- اڄ جي شهزادي — جيمس ٿربر/ رفيق سومرو 107
۶- The Traveler / سيلاني — نيسپ فاضل قصاڪرڪ/ مراد علي مرزا 110

٧- ٽپو — ناڊائين گارڊيمر/ شمس الدين عرسائي 115
٨- زهرباد — مظهر الاسلام/ ممتاز عباسي 133

(8) جديد سائنسي فڪر

اسان جي ڪائنات جو تصور — اسٽيفن هاڪنگ/ ضياءُ الدين عرسائي 136

(9) متفقہ مطالبو (ادارو)

يارهين ڪلاس لاءِ 'سليس سنڌي' جي نفاذ ۾ دير ڇو؟ 150

(10) جَو نما گندم فروش (ادارو)

(11) تنقيدون

١- سنڌي تنقيد جا نوان ماڻ: عڪس ۽ اهڃاڻ ڊاڪٽر شمس الدين عرسائي 154
٢- ڪهاڻيءَ جو فن: سليم چنا جي ڪهاڻين جو جائزو — رفيق سومرو 161
٣- يادن جا بادل — وسيم سومرو 177

(12) لسانيات

سنڌيءَ ۾ سائنسي اصطلاحسازي — انجنير احسان احمد عرسائي 182

(13) شعرو شاعري (اصلوڪي شاعري)

١- پنجڪڙا — سعيد ميمڻ 197
٢- پنهنجي سڃاڻپ — عطيہ داؤد 198
٣- پنهنجو پاڻ — رفيق سومرو 198
٤- شاعري ۽ زندگي — ادل سومرو 199
٥- غزل — وسيم سومرو 199
٦- غزل — آثم ناٿن شاهي 200
٧- غزل — شمس الدين عرسائي 200

(14) پَرهنڌي شاعري

١- ڊائنوسارن سان سمهڻ — سينڊرا. جي. لنڊو/ شمس الدين عرسائي 202
٢- تنهنجي عمر گهٽي آهي — ايڇ. ايس فرنسڪو/ رسول بخش پليجو 203
٣- وقت ڪيو — نامعلوم/ رسول بخش پليجو 203
٤- آس - نراس (لولي) — وليم بليڪ/ رفيق سومرو 204

(15) لکندڙن جا رايا

هري موٽواڻي، رام پنجواڻي، سراج ۽ ٻيا 205

(16) ايمنسٽي انٽرنيشنل جي رپورٽ 211

(17) سياستدان جو نڪتہ نگاهہ

قادر مگسيءَ جو ممتاز ڀٽي ڏانهن کُليل خط 213

(1) اڄوڪو ويچار (ادارو)

١ـ ادبي تخليق جي راهه ۾ رنڊڪون

(اظهار ڪان اشاعت تائين)

اوسر جو ٻيو شمارو پڙهندڙن لاءِ حاضر آهي. پهرين شماري جي سردست اداري کي تمام سٺي موٽ ملي ۽ ڪيترن ادب دوست ۽ چاهڪن خط لکي ادبي شين جي انتخاب تي سرهائي جو اظهار ڪيو ۽ ترڪيب ۽ ترتيب لاءِ داد تحسين ڏنو، بهرحال جن به گهٽگهرن پسنديدگيءَ جو اظهار ڪيو، ادارو تن جو اهڙي حوصله افزائيءَ لاءِ ٿورائتو آهي ۽ اميد ٿا ڪريون ته هُو آئينده به پنهنجي مدبرانه مشورن ۽ همت افزائيءَ ڪان اسان کي نه وساريندا.

پرچي جي جلد شايع ٿيڻ لاءِ جيئن دوستن گهڻو اشتياق ڏيکاريو ۽ گهڻيون پڇائون ڪيون، تيئن دير پوندي وئي، جنهن باعث اسان پنهنجي ڪاڪردگي تي نالان ضرور آهيون، سچي ڳالهه ته اها آهي ته فقط پنهنجي پنهنجي ادبي ذوق ۽ ٻوليءَ سان محبت باعث رسالي جو اجراءُ ممڪن ٿي سگهيو آهي، ورنه ان جي اشاعت لاءِ سردست ڪي به اسباب موجود نه هئا. نه سرمايو، نه اسٽاف، نه مارڪيٽنگ جو انتظام ۽ نه ئي تجربو. حالت اها وڃي رهي جو جن دوستن رسالي کي وڪرو ڪرڻ ۽ ورهائڻ جي ذميواري پاڻ تي کنئين، تن ان کي احسن طريقي سان نيائڻ بدران فروخت ٿيل ڪاپين جي پائي به نه چُڪائي!

هي پرچو ڪنهن خاص انداز فڪر جي پرچار لاءِ جاري ڪونه ڪيو ويو آهي، بلڪه اسان جو مطمح نُظر فقط اعليٰ ادب جي اشاعت ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي آهي. گهڻي عرصي کان سنڌيءَ ۾ معياري ادب جي ڪابه تسلسل سان روايت جاري نه رهي آهي ۽ نه وري ڪو اهڙو پرچو ميدان ۾ رهيو آهي، جنهن کي صحيح معنيٰ ۾ فن يا ادب جو ترجمان چئي سگهجي.

هونئن به ادب جي غير مقبوليت جو مسئلو صرف اسان سنڌي قوم سان ئي نه آهي، بلڪه چوڌاري ڦهليل عالمگير هيجان ان جو خاص سبب بڻيل آهي، ان ڪري وڏين قومن ۽ ملڪن ۾ به خالص ادبي اشاعت ۽ ان جي ترويج ۾ رڪاوٽون حائل ٿي چڪيون آهن. ڏسڻ ۾ ائين ٿيو ته اڃي ته سنڌي اديب اڄڪلهه يا ته

فقط پنهنجي دماغ ۾ جيئرو آهي يا وري هَن معاشي مسئلن سان پرپاءِ ڪري ڇڏيو آهي، ان ڪري اڄوڪو ادب زندگيءَ جو سچو اظهار بنجڻ بدران زماني جي حوادث جي شڪار ٿي رهجي ويو آهي. اسان جي اديب جو رويو تخليقي هئڻ بدران مصالحتي رهجي ويو آهي. اسين ڏسون ٿا تہ اسان جا ليکڪ عموماً لاڳاپيدار ۽ ٿهيل جڙيل خيالن جيُ اظهار تي پابند ٿي ويا آهن، ان جو وڏو سبب ماس ميڊيا بہ آهي، جنهن ڪان اڄ جي دور ۾ هرڪو اثر پذير آهي ۽ جنهن جي پرچار کِي گهٽائڻ يا تبديل ڪرڻ ڪنهن جي وس جي ڳالهہ ناهي، ان ڪري انفرادي تخليقي جوهر پروش پائڻ مشڪل ٿيندو پيو وڃي. ماس ميڊيا جي اثرات باعث دنيا جي هر ٻوليءَ ۾ ادبي رسالن جو تعداد گهٽجي رهيو آهي ۽ اهڙي صورتحال ۾ ادب کي مقبول بنائڻ يا ادب جون زنده روايتون اُسرائڻ ڪيڏو نہ ڪٺن ڪم آهي، سا ڳالهہ هرڪو سمجهي سگهي ٿو.

رسالي جا سال ۾ چار پرچا باقاعدگيءَ سان وقت سر شايع ڪرڻ کي ممڪن بنائڻ لاءِ اسان هڪ نئون راه عمل تجويز ڪيو آهي، جيڪو اسان جي دانست ۾ مشڪلاتن جو بهترين حل ثابت ٿيندو. دراصل ڪنهن بہ پرچي کي شايع ڪرڻ ۽ ان کي ڪاميابيءَ سان همڪنار ڪرڻ هڪ پيچيده مسئلو آهي. هڪ ٻن فردن جو اشتراڪ عمل ڪٿي ڪيڏي بہ شوق جذبي يا وري انتهائي خلوص تي ٻڌل هجي، تاهم ان کي رسالي جي ڪاميابيءَ جي ضمانت نٿو چئي سگهجي. دراصل ادبي رسالي کي هلائڻ لاءِ پوري مشينري يا نظام گهربل ٿئي ٿو، جيڪو ڪو ادارو ئي ميسر ڪري سگهي ٿو. انڪري اشاعت جو ڪم ۽ باقي انتظام لاءِ اسان او. ر ’ڪتابي دنيا‘ کي منتقل ڪيو آهي، جتان باقاعدي هر ٽہ ماهيءَ تي رسالو شايع ٿي وڪري لاءِ وقت سر مارڪيٽ ۾ پهچي ويندو. رسالي جي ادارت جا فرائض ۽ مالي امداد ساڳين ئي فردن جي ذمي هوندي. ان ڪان علاوه سنڌ ايجوڪيشن ٽرسٽ کي بہ رسالي جي سرڪيوليشن لاءِ سهڪار واسطي التجا ڪئي وئي آهي. سنڌ ايجوڪيشن ٽرسٽ لاءِ ڪنهن تعارف جي ضرورت ناهي. حيدرآباد سنڌ ۾ ويجهڙائيءَ ۾ اهو هڪ نئون تعليمي ۽ ادبي ادارو قائم ٿيو آهي، جنهن مختصر عرصي ۾ فعال سرگرمين سبب پنهنجي حيثيت مڃائي ورتي آهي، ايتريقدر جو ان جي علمي سماجي ڪارگذارين ثقافتي ميدان ۾ هڪ هلچل ۽ ذوق شوق جو نئون ماحول پيدا ڪيو آهي ۽ نيون جاندار روايتون اپاريون آهن. دراصل ان ساري ڪرشمہ سازيءَ جو سبب محمد ابراهيم جويي جي شخصيت آهي، جنهن جي ديده بين نگاهہ ۽ ڏاهپ ۽ سرپرستيءَ سان اداري وجود ورتو آهي ۽ سنڌس ئي سونهپ ۽ اڳوائيءَ ۾ مستعمل آهي. ان ڪري هي رسالو بہ هن اداري جي سرپرستيءَ هيٺ يقيناً ارتقائي منزلون طئہ ڪري حقيقي معنيٰ ۾ سنڌي ادب جي اوسر ۽ ترقيءَ جو ضامن ٿيندو.

٢ـ سائنسي سچائي

حاضر دور جي سگھاري ادبي روايت

دراصل انساني زندگي پنهنجي زماني جي عملي، فڪري ۽ احساسي ردعمل جو نالو آهي، جنهن جي مؤثر ترين اظهار جو وسيلو ادب آهي، هر زنده شَي وانگر ادب به هڪ اوسريائي (ارتقائي) عمل جو نوع آهي. ادب جو ڳانڍاپو ڌرتي ۽ ماحول سان هوندو آهي، جنهن جي تصور کانسواءِ ڪوبه اهڃاڻ پيدا ٿيڻ ناممڪن آهي. اديب به انهن جي درميان، فڪر ۽ عمل جي زور سان تخليقي قوت جا زاويه ٺاهيندو آهي. ذهن ۽ تخليقي قوت جي درميان جيترو مضبوط رشتو هوندو، اهو اظهار اوترو ئي اثر انگيز ٿيندو، ڇو ته جن ڳالهين سان زندگي قائم آهي، ساڳين ئي ڳالهين سان ادب جو ظهور ممڪن بنجي ٿو، انڪري اديب يا تخليقار هر تشڪيلي اظهار لاءِ فقط ماحول ۽ ماده جو مرهون منت آهي هر خلقي اظهار لاءِ 'موضوع' جي ضرورت اوس پوندي آهي ۽ اهو موضوعاتي يا آشيائي Objective اظهار ڪنهن افساني Fiction يا شاعري يا وري ادبي مضمون جي روپ ۾ بي اختيار ظاهر ٿيندو آهي. خلقي اظهار ادب جي جملي صنفن ۾ سڌو سنئون به ٿي سگھي ٿو يا وري علامتن وسيلي اڻ سڌيءَ طرح به ان جو اظهار ٿي سگھي ٿو.

ڪي اديب پنهنجي انانيت جا ستايل هوندا اهن ۽ ان ڪان زخمي به ٿي پوندا آهن، جنهنڪري بعضي سادڙيون ڳالهيون سندن واتان نڪري وينديون آهن، ايتريقدر جو آهي علم ۽ شعور کان به وانجهيل لڳنديون آهن، جنهنڪري مٿن صرف قياس ئي ڪري سگھبو آهي. حيرت آهي ته سنڌي ادب جو هڪ مقبول ۽ نمائنده شاعر به ٽي وي تي انٽرويو ڏينديءَ اها هام هڻئين ته، "منهنجي شاعريءَ ۾ ماحول جو ڪوبه عمل دخل ناهي ۽ ماحول جي اثر هيٺ پيدا ٿيل شاعريءَ ۾ دائمي قدر نه ٿيندا آهن!"

حالانڪ حقيقت ڇا آهي جو اديب جو هر جذبو ۽ احساس به ماحول ۾ رهندي پيدا ٿئي ٿو. ماحول کان ماورا انساني فطرت يا نفسيات ۾ ڪنهن به ردعمل پيدا ٿيڻ جو امڪان ٿو رهي ۽ نه وري ڪنهن قسم جو لڇڪو اندر ۾ اڀي

سگهي ٿو، خود خلقڻهار جو تصور ۽ احساس بہ ماحول جي پاڙن مان ڦٽل آهي، جنهن کي شاعر سُرت جو سرچشمو تسليم ڪري ٿو!

اياز جو هن وقت مرغوب موضوع ’موت‘ آهي! يا انسان جو تمنائي جذبو ’موت بعد حياتي‘ آهي. پر اُهو ڪو آبر فطرت موضوع ناهي. اهو انسان جو ڄاڻي ڄم کان صديون پراڻو تجربو آهي، جنهن جو هن زنده ماحول ۾ رهي مشاهدو ڪيو آهي ۽ نفسياتي ردعمل طور منجهس حسرت ۽ خوف ۽ ياسيت جو عالم برپا ٿيل آهي. بلڪ عملي ڪوشش ۽ خواب آورده جستجو ۾ انسان موت تي فتح حاصل ڪرڻ جا سانباها ڪندو رهيو آهي. اهڙا ڪئين حوصلي مند ۽ سڄاڳ توڙي بي عمل ۽ خوابي انسانن جا داستان موجود آهن، جن کي هتي دهرائڻ بي مهل ٿيندو. حيرت انهن تعليم يافتہ شخصن تي ٿيندي آهي جن جو جادو ۽ ٽوٽي ڦيٽي ۾ اعتقاد هوندو اٿن ۽ تائتن ۽ سڀن جي ورد کي مشڪلاتن جو حل سمجهندا آهن، پر اهو سارو عمل نفسياتي ڪيفيت جو اوتارو آهي ۽ منجمد ٿي ويل ذهن جو اوتار آهي، جيڪو صديون اڳ انسان ۾ ماحول ۽ فطرت کان خوف باعث پيدا ٿيل هو!

• (شايد سڪون قلب لاءِ شاعر دعائن جو عمل بہ جاري رکيو آهي، جيڪڏهن واقعي ائين آهي تہ اسين بہ خلوص نيتيءَ سان سندس دعا ۾ شامل آهيون. رب شفاعت ڏيندو (آمين) الله شافي – الله ڪافي. الله معافي!) سندس شاعرانہ وڏائي جو اسين بلا تامل اقرار ڪريون ٿا، پر

بهرحال هڪڙي ڳالهہ جو يقين ڏياريندا سون تہ انسان جو هر خيال ماحول ۽ مادي حقيقتن جي ٽڪراءُ سببان وجود وٺي ٿو، جنهنَ کان ٻاهر ڪوبہ تصور ممڪن ناهي. البت پراڻي روايت تي مسلسل ڪاربند رهڻ ۽ ساڳئي ساڳئي موضوع جو وري وري ورجاءُ صرف آپراس سگهہ جي گهٽجي وڃڻ باعث ٿيندو آهي. جنهنڪري ڪوبہ نئون، صحتمند ۽ تروتازه خيال دماغ ۾ سمائجي نہ سگهندو آهي!

ادب جي تخليق لاءِ هيل تائين رڳو ٻن ڳالهين کي ضروري ڄاتو ويندو هو، هڪڙو تہ تخليقڪار جو وجدان ۽ ٻيو انفرادي جَينيس جنهن کي پاڻ سولي سنڌيءَ ۾ ’ذات‘ چوندا آهن، وريسوال ٿو پيدا ٿئي تہ اها ’ذات‘ آهي ڇا؟ ڪيستائين اسين ان کي ابهام جي نقاب ۾ ڍڪي هلنداسون؟ سائنسي جواز، منطقي استدلال ۽ فڪري تحقيق کان اسين ان کي ڪيترو بچائينداسون؟ هن وقت سائنسي انڪشافن جو سيلاب جاري آهي. زمانو ڪائي ڇڙهيل انهن ٽنين ٽوٽين کي سائنسي

شعور جو گهيرو چوڙاري وڪوڙي رهيو آهي. اسان وٽ تصوف، روحانيت ۽ ذات جو پيدا ٿيل فهم جاگيرداري، غرضمالي Expliotation ۽ اڻ پڙهلائيءَ ۾ آسريل آهي، جنهن جون پاڙون عوام ۾ کپي ويون اهن، پر تڏهن به انساني ذهن جي ڪنهن به گوشي ڪي جديد نفسيات، سائنسي روشني ۽ منطقي فڪر جي بي رحم جرح ۽ بحث کان الڳ ڪري رکي نٿو سگهجي! پراڻي ادبي روايت جيڪا ماضيءَ جي ڪُل ٻولين جي ادب ۾ مشترڪ قدر طور قائم رهي، تنهن جو بنياد گهڻو ڪري روحانيت يا خاص سڪونياتي فلسفي تي ٻڌل رهيو. اسان وٽ به ادب تصوف يا روحانيت جي پاڇي ۾ هلندو رهيو آهي. ليڪن جديد دور ۾ مابعدالطبعيات جو تصور بنياد کان ئي ختم ٿي ويو آهي يا وري اهڙيءَ طرح بدلجي ويو آهي جو ان جي شڪل سڃاڻڻ کان ئي مشڪل ٿي پئي آهي. محض روحانيت جنهن انساني دماغ ڪي غذا ميسر پئي ڪئي، اها انسانن کان ڦرجي وئي آهي. ان ڪري سنڌي ادب جي ڪلاسيڪي ادب يا صوفي شعرا جي شاعريءَ ۾ توانا پهلوءَ ڪي نئين انداز کان تشريح ڪرڻ جي اڳي کان وڌيڪ ضرورت محسوس ٿي رهي آهي. (محترم حيدر علي لغاري جو مضمون ”لطيف جي حيات بخش جماليات“ قابلِ داد ۽ فڪر انگيز آهي، جنهن ۾ شعور ۽ فڪر جي نون زاوين کان لطيفي ڪلام ڪي سمجهڻ جي ڪوشش ڪيل آهي. موصوف اهو مضون سنڌ ايڊيوڪيشن ٽرسٽ جي سيمينار ۾ پڙهيو هو.)

ائين ڪٿي چوان ته لطيفي ڪلام ۾ ڪشش ۽ دائميت پڻ اهم عنصرن سببان آهي، هڪڙو ته ٺلهي تصوف ۽ مابعد الطبعيات بدران شاعر جي معاشرتي ماحول تي پونڊڙ باريڪ نگاهه ۽ ان جي موٽ ۾ انساني جذبن جي اثرائتي ترجماني ۽ ٻيو ته سندس اظهار ۾ تاريخ ۽ تهذيب جو گهرو احساس ۽ شعور شامل هوندو آهي، انهن گڻن باعث لطيف وٽ حيرت انگيز فلسفانه انداز ۽ نفسياتي نڪته رسي جو اعليٰ شان پيدا ٿي وڃي ٿو. جنهن سندس شاعريءَ ڪي لازوال بنائي ڇڏيو آهي، حيرت آهي ته فطرت انساني جي باريڪ نڪتي جي اپٽار ڪندي به شاعري جي عوام سان ڪمٽمينٽ واري رويي ۾ ڪٿي به فرق نه ٿو اچي. اهو ئي سبب آهي جو شاعر جي سٽ سٽ اهڙو اظهار بڻجي پوي ٿو، جيڪو هر جاءِ عوامي شعور ۾ سڄهاءُ (Communication) بڻجي، سنڌ جي دانش ۽ فڪر ۾ مستقل طور جاءِ والاري ٿو. ان ڪري ئي شاعر جون سوين سٽون اڄ به زبان زد ۽ زندهه آهن، جيڪي عام گفتگو ته درڪنار مگر ادب ۽ فلسفي جي هر موضوع ۾ بطور دلائل حوالي طور ڪم ايندڙيون رهن ٿيون. عالم ۽ فاضل روزمره جي افڪار حيات ۽

پهلودار زندگي جي نت نين ڳالهين بابت ٿيندڙ بحثن ۾ انهن جو ڪثرت سان استعمال ڪندا رهندا آهن. دراصل لطيفي ڪلام جي معنيٰ خيزي جي وسعت جديد کان جديد نڪتي ۽ فڪر کي پنهنجي دامن ۾ سمائي ڇڏي ٿي، اهڙي سگهاري قوت اظهار باعث شاهه لطيف جو ڪلام هر نئين صديءَ جي علمي استدلال ۽ مؤشگافي لاءِ موزون ترين ثابت ٿيندو اچي. ان جي مقابلي ۾ ٻيا ڪنهن به شاعر جو رڳو آڳرين تي ڳڻڻ جيترين سٽون به لازوال حياتي ماڻي باقيات صالح جو درجو حاصل ڪري نه سگهنديون آهن!

ادب جي بقا لاءِ ان جو اڄوڪي سائنسي فهم سان ڳانڍاپو اٽٽر بنجي چڪو آهي. هوندي به جتي سائنس جو مقصد اصل جي کوج ۽ سچائي ڳولڻ ۽ اٽل قانون علوم لاءِ رهيو آهي. اتي ادب جو مقصد به هميشه کان زندگيءَ جي مفهوم ۽ معنيٰ لاءِ جستجو ڪرڻ ۽ ڪائنات ۾ ابدي حسن جي ڳولا ڪرڻ رهندو آيو آهي. ان ڪري ادب فلسفي يا سائنس جي مزاج ۽ ڪم ۾ فرق هوندي به انهن جي مقاصد ۾ تر جيترو به فرق ناهي.

هن وقت سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي ترقي انهيءَ حد تائين رسي چڪي آهي، جو بقائي حيات جي هر مسئلي لاءِ انسان کي آخرڪار سائنسي حل طرف رجوع ڪرڻو پوي ٿو. نت نين ايجادن جي اثر کان انساني نفسيات ۽ معاشرو پاڻ بچائي نٿا سگهن. تخليقي عمل ۾ ٽيسٽ ٽيوب بيبي ته اڃا ڪالهه ڪالهوڻي ڳالهه آهي، مگر ڪلوننگ ان سلسلي ۾ تازي دريافت آهي. اهڙي ٽيڪنالاجي ۾ ڪنهن شخص جي جوڙجيس کي ڪثرت تعداد ۾ وجود ۾ آڻڻ جا تجربا ڪاميابيءَ سان همڪنار ٿيڻ جي قريب پهچي چڪا آهن. مستقل قريب ۾ انسان جو پنهنجو همشڪل، مثل يا ساڳيتيار ڪرڻ هڪ عام معمول بنجي ويندو! ڪنهن کي ڪهڙي خبر ته قديم ممالية (ٿڃائتو جانور) ارتقا جون منزلون طئه ڪندي ڪندي 'حيواني مانس' مان ويهين صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين 'ڪلون' بنجڻ جي راهه وٺندو. هيءَ ته رڳو سائنسي جي هڪڙي شاخ جي معمولي ڪارڪردگي آهي، نه ته ڪمپيوٽر، طبعيات اليڪٽرونڪس ۽ ٻين شعبن طرفان مُستقبل ۾ حيرت انگيز معجزاتي امڪانن تي روشني پوندي رهي ٿي، جن سان انسان جي خلقي قوت ۽ عمل دخل جو ڇيهه ئي نه رهندو. بعض تجربن جي ڪاميابيءَ سان خود جسماني، استقامت ۾ لازوالي اچي ويندي. انسان توانائي Energy جو هڪ اهڙو ٻي انت ڇيهه رکندڙ وهڪرو حاصل ڪري وٺندو، جنهن سان ڪائنات جي وسعت ۾ پهچڻ هن لاءِ ڪو مسئلو نه رهندو! سائنس جا خالق چون ٿا ته اهو وقت جلد ايندو جڏهن

مسافت دوري ۽ وقت جون وچوتيون صفا متجي ويندين ۽ انسان پرانهين کان پرانهين ماڳ تي پل ۾ اڻين پهچي ويندو، جيئن فيکس جو پيپر بنا دير گهربل هنڌ پهچي ويندو آهي! سائنسي معجزن باعث هڪ ٻن صدين اندر انسان جو معاشرو ۽ ماڳ خبر ناهي ته ڪٿي وڃي بيهندو! ههڙا انوکا تجربا ته ماضيءَ ۾ ڏاهن انسانن ڪڏهن ويچاريا به ڪونه هئا ۽ نه وري ڪو اهڙيون اڳ ڪٿيون ڪيون هئائون. اسان ڪي مَلاخطبي ۾ قيامت جي وڏي ۾ وڏي نشاني به اها ٻڌائيندو هو ته جڏهن شرم حيا ماڻهن مان موڪلائي ويندو. عورتون مردن جهڙا ڪم ڪرڻ لڳنديون ۽ مرد ويچارا گهر جي چار ديواريءَ ۾ مقيد ٿي ويندا، تڏهن قيامت ويجهي ايندي!

بلاشڪ داستان نگارن عجيب غريب تخميل ضرور پيش ڪيا آهن، مگر اها ڳالهه ڏسڻ ۾ آئي آهي ته سائنسدانن جا ڪرشما افسانه نگارن (Fiction Writer) کان به اڳتي نڪري ويا. جيتوڻيڪ مذهبي ۽ اخلاقي ادارن بعض جينياتي تجربن خلاف احتجاج ڪيو آهي، پر سائنسدانن هميشه وانگر سندن اتاريل اعتراضن ۽ خدشن کي رد ڪندي، انهن کي انساني ترقيءَ لاءِ فائديمند ڄاڻايو آهي. حقيقت اها آهي ته سائنس جي پنهنجي راهه تئي تي آها ڪنهن به پابنديءَ کي قبول نٿي ڪري، بلڪه عبور ڪيو وڃي! هر اخلاقيات ۽ روحاني نظام جي سلسلي ۾ سائنس هميشه فاتح جو درجو رکي ٿي!

سورهين، سترهين ۽ ارڙهين صديءَ ۾ سائنسي انقلاب جي شروعات ٿي، جنهن قومن جي تهذيبي ڍانچي کي بدلائي رکيو. ان کان اڳ جيڪي معاشرا وجود ۾ آيا، تن جو بنياد سڪونيت يا مانائي تي ٻڌل هو. صدين تائين تهذيبون سڪون واري ڪائناتي تصور تي ٻڌل هيون، جن جو بنياد اڳي روايت مان اُتيل هو! مگر انهن ٽن صدين ۾ ڦهريون پيرو ڪائنات جي حرڪت جو نظريو اڀريو، جيڪو ذهني انقلاب جو سبب بڻيو ۽ جنهن جهڙو مثال ماضيءَ جي تجربن ۾ بلڪل معدوم هو. انڪري انساني تهذيبي ڍانچو يڪسر بدلجي ويو. سائنسي انقلاب کان اڳ ادب ۽ شاعري پنهنجي الڳ دنيا رکندي هئي، مگر زندگيءَ جا آهي مڙئي شعبا جيڪي سائنس جي زد کان بچيل هئا، سي آهستي آهستي سائنسي تشريح قبول ڪندا ويا.

اسان وٽ سورهينءَ کان ارڙهين صديءَ تائين ڪلاسيڪي روايت عروج کي پهتي، جيتوڻيڪ ان جو بنيادي تصور ڪائناتي سڪونيت ۽ روحانيت کان ٻاهر ڪونهي ته به آها ڪنهن حد تائين تقليد کان هٽيل آهي، اسان جي معاشري ۾

ڪلاسيڪي شاعرن سوچ ۽ فڪر جي دريا ۾ پهتيون آڇلي ماتار ۾ طلاطم پيدا ضرور ڪيو. هُو نئين شعور جا پيغامبر ٿي آتيا جن پابندين ٽوڙڻ جو اعلان ڪيو! سچل جو ڪلام تہ صوفيانہ هوندي بہ مڪمل طور نئون آواز معلوم ٿئي ٿو، سندس ڪثرت تعداد ۾ اهڙيون ستون مليون ٿيون، جيڪي مدي خارج ۽ فرسوده معاشري لاءِ للڪار بنجي پون ٿيون! هڪ هنڌ چوي ٿو:

ايجها ڪم ڪريسي جنهن وچ الله آپ ٻٽيسي!

فرد کي خالق بنجڻ جي تلقين ڪري شاعر گويا اڄوڪي سائنسي قوت رکندڙ ذهين انسان جو نمائندو ۽ حمايتي بنجي ويو آهي. هاڻوڪي ايجاد ۽ قدرت رکندڙ انسان سندس تخيل جو عڪس آهي. ان جي پيٺ ۾ اقبال جو ’مرد مومن‘ يا نتيسشي جو فوق الانسان جو تخيل بہ بي معنيٰ بنجي ويو آهي! اڄ بہ گهٽا لڪير جا فقير هن جديد سائنسي دور ۾ بہ شعور کي پراڻي سڪوني فلسفي واري مڪان ۾ بند ڪري چور فڪري دروازن ڪان پٺي علمي ادبي ميدان ڏانهنً وڌڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، پرُ جديد تنقيدي شعور انهن جو پيڇو ڪونہ ڇڏيندو آهي ۽ ويهين صديءَ جي ادبي تنقيد جا نوان پيمانا ادب ۽ فن جي نالي ۾ لڪيل هر شي جو محاسبو ڪندا رهيا آهن.

دراصل ادب جو سائنسي سچائيءَ سان ڳانڍاپو اٽر بنجي چڪو آهي، ان سان ئي ادب کي مستقبل ۾ هڪ زنده وجود ۽ سگهاري قوت عطا ٿي سگهي ٿي. اها اوس حقيقت آهي تہ مادي يا فطرت سان ٽڪراءَ باعث ئي انساني دماغ ۾ خيال يا احساس پيدا ٿئي ٿو، سائنس جي اٽل اصول مطابق مادو فنا نہ ٿيندو آهي، بلڪہ نئين روپ ۾ فطرت جو جز بنجندو آهي. فن ۽ سائنس ۾ متيبيد رکڻ اجايو آهي، ٻنهي ۾ اگرچہ عمل جي نوعيت ظاهر ظهور الڳ ضرور آهي، تاهم جتي وجودي تسڪين يا وري سونهن پرڻ جو نڪتو اچي ٿو، اُتي ٻنهي جون واٽون ڪٿي نہ ڪٿي هلي گڏجي وڃن ٿيون!

قائداعظم يونيورسٽي اسلام آباد جي پروفيسر مانور هود پائي تازو ئي سنڌو ماتريءَ جي فن ۽ تعميرات بابت ليڪچر ڏنو هو، جنهن ۾ هُن سائنس ۽ جماليات جي باري ۾ خيال آرائي ڪندي ٻڌايو تہ، طبعيات جا ماهر خاص ڪري نظري طبعياتدان جيڪو ڪم سرانجام ڏين ٿا، سو هڪ قسم جو تخليقي عمل آهي، هوَ معلوم ڪرڻ چاهيندا آهن تہ ڪائنات جا اصول ڪيئن ڪم ڪن ٿا؟ ظاهر نظر ايندڙ جهڳتوَ منجهيل لڳندو آهي، ليڪن سائنسدان ان جي پويان

باترتيب قاعدي کي تلاش ڪندا آهن، جنهن ۾ حسن ترڪيب ڪارفرما هوندو آهي. دراصل هي اهو ساڳيو ئي عمل آهي، جنهن طرح فنڪار حسن ۽ جمال ڳولي لهندو آهي. هُن سڻ منڊل Audience کي پڌايو (جيڪو آرٽس جي شاگردن تي مشتمل هو) تہ جديد طبعيات گهري ذهانت ۽ جمالياتي بنياد رکي ٿي. سونهن يا جمال جو نظريو گهڻي زماني کان بدلبو رهيو آهي ۽ هڪ سماج کان ٻئي سماج ۽ هڪ ڪلچر کان ٻئي ڪلچر ۾ روپ بدليندو رهيو آهي، منهنجي نگاهہ ۾ حسن ڪثرت ۾ وحدت باعث آهي، جنهن جا روپي پهلو منظم ترتيب سان ڦهليا آهن، جنهن کي حسن عمل چئجي ٿو! فن، ادب ۽ سائنس جي مقاصد ۾ فرق نہ رهيو آهي، تاهم هن وقت اهي بنيادي نڪتي تي مشترڪ ڪم انجام ڏئي رهيا آهن!

(ڊان جي سائنس واري صفحي تان اقتباس ترجمو ڪيل).

ادب انساني ذهن جي انهيءَ حصي ۾ جنم وٺي ٿو، جتي شعور ۽ جذبات جي گهري آميزش هوندي آهي. ادب انهيءَ تاثر جي لفظي اظهار جو نالو آهي، جنهن کي حساس ذهن ۽ خارجي اثر پنهنجي تصادم مان پيدا ڪن ٿا. دراصل فرد ۽ خارجي ماحول واري ظاهري بيائي ڪابہ اهميت نہ ٿي رکي، بلڪ جذبات ۽ شعور ۾ ايڪائي بنجي ادب جو روپ وٺن ٿا. احساس ۽ شعور ٻنهي جي ميلاپ جي جيڪا گڏيل حقيقت آهي، سا ئي ادب چورائي ٿي. تاهم اهڙي ڪنهن بہ ڳالهہ سوچڻ جو ڪوبہ سبب ناهي تہ ادب سائنسي دور جو ساٿ ڏئي نہ سگهندو، ڇو تہ ادب سدائين ”فرد جي ڪرب جي نمائندگي ڪئي آهي ۽ سندس تڙپ جو آواز بڻيو آهي ۽ اهو ڪرب .... انساني وجود ۽ ڪائنات جو ٽڪراءُ، ماڻهوءَ سان گڏ هڪ اساسي ذهني ۽ جذباتي عنصر طور باقي رهندو ايندو! انڪري مستقبل جي سائنسي معاشري ۾ ادب ۽ سائنس ٻنهي جو نباهہ رهندو. البت ادب ڪنهن بہ مبهم گوشي کي پنهنجو بنياد بنائڻ کان ڪناره ڪش رهندو، جيڪو سائنس حقائق جي روشنيءَ ۾ غير حقيقي ثابت ٿيو هجي. بهرحال آئينده جو ادب انسان گير ۽ ڪائنات گير خوبين جو حامل هوندو، جنهن مان قديم سوچون ڪڏهن گذرڻ جي همت ڪري نہ سگهنديون، ڇهڻ جي منزل تہ اجا پري آهي! لهذا سنڌي ادب جي جيئندان، مانتائتي مقام ۽ روشن مستقبل جو دارومدار ان ڳالهہ تي آهي تہ ان جا خالق ڪيتري قدر سائنسي سچاين سان پنهنجو دامن ڀري سگهندا ۽ ان جي اظهار جي مؤثر قوت منجهن ڪيتري قدر رهندي.

٣ـ سنڌي علم ۽ فن جي دنيا کي هاجو رسائيندڙ ڏچڪو

ڊاڪٽر محبت ٻرڙو

گذريل ڏيڍ مهيني ۾ هڪٻئي پٺيان ٻن اهڙين املهہ شخصيتن جا لاڏاڻا ٿيا آهن، جن سنڌي حلقن کي نہ فقط بي انتها صدمو رسايو پر سندن موت ٽيڻ سان علمي ۽ فني دنيا اندر جيڪو يڪسر خال پيدا ٿي پيو آهي، تنهن ’کي في الوقت پرڻ جي ڪابہ صورت نظر نہ ٿي اچي. مرحوم ڊاڪٽر محبت ٻرڙو پيشي جي لحاظ کان تہ ڊاڪٽر هو، مگر سندس خاص اهميت علمي ادبي حلقن ۾ هڪ سنڌي لساندان ۽ ٻوليءَ جي زبردست چاڻوڪار سببان هئي. هو ٻوليءَ جي اصل ڪاريءَ تي زبردست مهارت رکندو هو ۽ ان سلسلي ۾ هُن مسلسل پورهئي ۽ استغراق سان ڪم ڪيو هو. نتيجي طور هُن اصطلاح سازيءَ سان سنڌي ٻوليءَ کي سائنسي بنياد فراهم ڪري ڏنو هو. هن جا سنڌيءَ ۾ جوڙيل اصطلاح ۽ تشڪيل ڏنل مادا ٻوليءَ جي فطري واڌ ويجهہ ۽ سائنسي فهم جي لحاظ کان نهايت ٺهڪندڙ هئا، جن کي هڪوار نصاب ۾ داخل ڪرڻ سان سائنس جي تحصيل سنڌي ٻوليءَ ۾ آسان بامقصد ۽ عملي بنجي پوندي. دراصل ڪابہ ٻولي صرف ادب ۽ شاعريءَ جي زور تي زنده رهي ڪانہ سگهندي، بلڪہ مستقبل صرف ان زبان جو آهي، جيڪا سائنسي تشريح جي پاڻ ۾ قوت رکندي هوندي ۽ جنهن جي ذريعي سائنسي تعليم عام بنجي سگهي ۽ ڊاڪٽر ٻرڙي اصطلاحي اصولن سان اها ڳالهہ ثابت ڪئي تہ بلاشڪ سنڌي ٻوليءَ ۾ اها خوبي ۽ صلاحيت بدرجه اُتم موجود آهي. ڊاڪٽر ٻرڙو صاحب ملاقات لاءِ منهنجي رهائش عرساڻي گهر آيو هو ۽ هن سان ڏکهي ڪچهري رهي. ساڻس سنڌي ٻوليءَ جي روشن پهلوئن ۽ امڪاني واڌاري تي ڪيترين ئي دور رس ڳالهيون ٿيون، جنهن ۾ منهنجي فرزند انجنيئر احسان احمد عرساڻي بہ حصو ورتو، جنهن پڻ سنڌي ٻوليءَ لاءِ سائنسي اصطلاح سازيءَ جو قابل تعريف ڪم انجام ڏنو آهي. ڊاڪٽر ٻرڙي سنڌ سائنس سوسائٽي طرفان

ڇپجندڙ رسالي ’سائنس‘ ۾ قاضي ممتاز جي مرتب ڪيل ”سنڌي سائنسي لغت“ جو ڀرپور جائزو ورتو هو ۽ ان جي بعض ناقص پهلوئن کي اجاگر ڪيائين. منهنجي خيال ۾ سائنس رسالي جي اشاعتي سلسلي جو بند ٿيڻ جو هڪڙو سبب شايد اهو مضمون به هجي.ڪيڏي نه افسوسناڪ ڳالهه آهي جو ادارن مان اثر رسوخ جي زور تي بي وقعت ڪتاب ڇپجندا رهن ٿا، ليڪن صحيح معنيٰ ۾ ڄاڻن کي ڪم ڪرڻ جو ورلي ڪو وجهه ڏنو ويجي ٿو!

اخبار پڙهندي معلوم ٿيو ته ڊاڪٽر محبت جي ڪجهه ثنا خوانن سندس نالي کي قائم رکڻ لاءِ ”محبت اڪيڊمي“ جو بنياد وڌو آهي. اها به چڱي ڳالهه پر قابل تعريف ڪم اهو چئبو ته اسان جي لساني ماهرن ۽ ڄاڻن جو اهڙو ٽئلنٽ سامهون اچي جو ڊاڪٽر صاحب جي محنت جو بدل ثابت ٿي سگهي ۽ سندن دنيا مان اٿي وڃڻ سبب سنڌي دنيا کي جيڪو نقصان پهتو آهي، ان جي تلافي ٿي سگهي. عالمن کي گهرجي ته سنڌي سائنسي اصطلاح سازيءَ جو ڪم جيڪو اڃا شروعاتي مرحلو به نه چرهيو هو يا ڊاڪٽر محبت جي ٻين اڌ ۾ رهجي ويل يا ظاهر ڪيل اسڪيمن کي توڙ تائين پڄائين، جنهن سان ئي اسان جي ٻولي دائمي ۽ ناقابل شڪست بنجي سگهندي! اهوئي اصل ڪم آهي، جنهن سان مرحوم ڊاڪٽر کي اسين خراج عقيدت پيش ڪري سگهون ٿا يا سندس روح کي تسڪين پهچائي سگهون ٿا. اسين (اداريءَجا اراڪين) مرحوم ڊاڪٽر ٻرڙي جي رحلت تي سندس پونيئرن ۽ مداحن ۽ خاص ڪري سندن ٻارن رياضت ٻرڙي سان ڏک ۾ شريڪ آهيون.

عبدالرحمان مغل (سرمد سنڌي)

ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ ٽي وي جي چئنل نمبر 2 سنڌي پروگرام ڏسي رهيا هئاسون، سرمد سنڌي ڳائي رهيو هو. هن هڪٻئي پٺيان 5-6 ڪلام ٻڌايا. اسان دوستن کي سندس آواز رڳو مسحور ڪونه ڪري رکيو هو، پر سچ پچ ته سندس ڪوڪارون اندر ۾ وڍ وجهي رهيون هيون! وچ ۾ منهنجي هڪ دوست ڳالهايو ”يار، هاڻوڪي فنڪشن ۾ سرمد سنڌيءَ کي ضرور گهرائينداسون“ پروگرام بعد فنڪار جي ڳائڻ جي انداز ۽ آواز جي وچ دير تائين تعريف ڪندا رهياسون. اها خبر نه هئي ته صبح ٿيندي ئي اخبار ۾ سندس انتقال!، پرملال جي خبر پڙهنداسون. مون کي ان خبر ڪيڏي دير تائين سڪتي ۾ آڻي ڇڏيو ۽ آئون افسوسناڪ عالم ۾ ويٺو رهيس ۽ ڪابه ڳالهه مني نٿي لڳي. هو سنڌي راڳ ۽ موسيقي جو البيلو فنڪار هو. سرمد سنڌي فن جي دنيا کي ويڳاڻو ڪري هليو ويو. خبر ناهي ته وري اهڙو

دلڪش آواز ٻڌڻ لاءِ زندگيءَ ۾ ملندو يا نہ؟ هن جي ڳائڻ جو انداز بلڪل منفرد هو ۽ انتهائي ڪشش باعث بي مثل هوندو هو. سندس اسٽائل ڪي نہ ڪلاسيڪي پس منظر هو ۽ نہ وري نج لوڪ فنڪار جي روايتي سُر يا انداز کي هُن اپنايو هو. تاهم عوام کي اُهو مانوس ۽ اثر انگيز محسوس ٿيندو هو، ايتريقدر جو عوامي رنگ جو اُهو عجب اعجاز بنجي پيو ۽ سنڌي راڳ ۾ آواز جو اهو قومي اثاثو شمار ٿيڻ لڳو ۽ هُن ٿوري وقت اندر تمام گهڻي ميجتا حاصل ڪري ورتي. فنڪار جو انوکو آواز هڪ طرف سوز ۽ ساز بيابان ۾ اڪيلي پکيءَ جي ڪوڪار محسوس ٿيندو هو تہ ڪي ان کي سنڌ ڌرتيءَ جي روح مان نڪتل رڙ ڪري پانئيندا هئا. سرمد جي آواز ۾ لوچ ۽ تڙپ تہ بلاشڪ هئي، ليڪن ٻولن جي چٽي ادائگي سندس راڳ کي اجا بہ فصيح بنائي ڇڏيندي هئي. اسين سرمد جي ناگهاني موت ۾ سيني مداحن، عزيزن ۽ دوستن سان غم ۾ هڪجيترا شريڪ آهيون!

(2) مضمون

١ـ ڪيلاش

ڊاڪٽر ايپا مينونڊس ورانوپولس   سنڌيڪار: عطا محمد ڀنڀرو

احضر سمونڊ جي اوير پاسي، وچ ايشيا ۾، هندو ڪش نالي جابلو سلسلو آهي، جنهن جون چوٽيون اٿيهٺي برف سان ڍڪيل ڏسبيون آهن. يوناني هن جبل کي پٺرا پاميسوس سڏيندا هئا. ترِيچير نالي سندس هڪ چوٽي 7788 ميٽر اوچي آهي. چيو ويندو آهي تہ هيءُ جبل چڙهڻ ۾ ڏاڍو ڏکيو آهي. تجربيڪار چاڙهاڪ مٿي چڙهڻ سان لاڳاپيل ساري سامان هجڻ جي باوجود بہ چوٽيءَ تي پهچڻ ڏکيو پائيندا آهن.

سنہ 334 (ق ـ م) ۾ سڪندر پنهنجيءَ لشڪر سوڌو ايشيا جي دنگ وٽ پهتو هو.سندس ارادو ايشيا کنڊ کي فتح ڪرڻ جو هو. هن هتان ايشيا جي فتح هڪ وڏو تاريخي واقعو ثابت ٿئي ها. هن ڪانسواءِ ايڏي وڏي فتح جو تصور ٻيو ڪير بہ ڪري ڪونہ پئي سگهيو.

هندو ڪش جو ڪجهہ حصو پاڪستان ۾ بہ موجود آهي، جنهن ۾ چترال وارو جابلو علائقو شامل آهي. ان روهہ واري پاڪستاني علائقي نورستان نالي هڪ جُوءِ آهي جنهن کي پهرين مهاياري لڙائيءَ کان اڳ ”ڪافرستان“ سڏيو ويندو هو، جنهن جي معنيٰ آهي ڪافرن جي رهڻ وارو علائقو. هن ايراضيءَ ۾ا جا بہ ڪي بہ ٽي هزار ڪافر رهندا آهن. اڄ ڪلهہ هن علائقي ۾ صحافين فلم سازن، سياحن ۽ علم الانسان جي ماهرن جي گهڻي اچ وڃ لڳي پئي آهي. پاڪستان جي سياحت کاتي طرفان هڪ پمفليٽ ڇپيو آهي، جنهن جي لکت کي آئون هتي ورجائڻ چاهيان ٿو. ”هتي سيني ڏسڻ جهڙن خوبصورت نظارن کان وڌيڪ 3500 ميٽر اوچين جابلو چوٽين واريون ماثريون آهن، جتي ڪالاش قبيلي وارا ڪافر ماڻهو رهندا آهن. ڪالاش جبل جون لاهونديون ڪيترن ڳجهن سان ڳتيل نظر اينديون. اهڙن ڳجهن کي سلڻ واسطي ڪي سائنسدان جاکوڙي رهيا آهن. هتي هڪ ڏند ڪٿا عام آهي تہ سڪندر سان گڏ آيل گهڻ مان پنج سپاهي چترال ۾ رهي پيا هئا، جن کي هتان

جي ڪالاش قبيلي جا ابا ڏاڏا سمجهيو ويندو آهي. ڪالاش عورتون مخصوص قسم جا ٽوپلا پائينديون آهن جيڪي ڪوڏن، لال موتين ۽ رنگين ڪنين سان سينگاريل ڏسبا. يونان ۾ ڪيترا علائقا اهڙا به آهن جتي جون عورتون انهي قسم جا ٽوپلا اڄا به پائينديون آهن.

هتي اينڊڙ ماڻهو ڪين ڏسي اچرج ۾ اچي ويندا آهن، ڇاڪاڻ ته علم الانسان جي نقطئہ نظر موجب سندن رهي ڪهڻي، روزمرہ واريون عادتون، گهرن جون اڏاوتون ۽ ڏرم نئون لڳندو آهي. ڪيترا سندن عام رواجي اٿڻ وهڻ کي هڪ مخصوص ڳالهہ ڪري پائيندا آهن. ڪجهہ ٻيا ماڻهو جن ۾ يوناني به اچي وڃن ٿا، سمجهن ٿا تہ ڪالاش ثقافت قديم يوناني تهذيب سان واسطو رکي ٿي.

پاڪستان جي ڪالاش ۽ افغانستان جي ڪافرن جو مذهب، ريتيون رسمون ۽ ٻيون به ڪي اهڙيون ڳاليهون آهن، جن مان پوري پڪ ٿئي ٿي تہ هن ڦريءَ جي ماڻهن جو لاڳاپو يونانين سان آهي. پر ڏک جي ڳالهہ اها آهي تہ هنن ماڻهن جي اصليت جا اهڃاڻ هوريان هوريان ميسارڀا پيا وڃن، تنهن ڪري ضروري ٿي پيو آهي تہ سائنسدانن کي سندن سماجي اڀياس لاءِ هيڏانهن روانو ڪيو وڃي، انهيءَ مقصد سان تہ جيئن منجهن هن وقت تائين رهيل ثقافتي اهڃاڻن کي محفوظ ڪري سگهجي. هيءَ يوناني ثقافت ٻيءَ تهذيب جي وچ ۾ هڪ ٽپڪي جيان ننڍڙي نئين نرالي ۽ اوپري پئي پائنجي. سندن وجود سڪندر جي اختيار ڪيل اها حڪمت عملي آهي جنهن ۾ هن مختلف مذهبن ۾ تهذيبن کي ملائي هڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

هن ڪل جي ؎ ــن جا منهن مهانڊا، سندن تعميراتن جون اڏاوتون هتان جي ڏيهي ماڻهن جي گهرن گهاٽن کان بلڪل علحديون آهن.قوي امڪان اهو آهي تہ ڪالاش لوڪن جو، سڪندر اعظم جي گهل جي ڪن نالين فوجين سان رت جو رشتو آهي، جن پنهنجي ملڪ جي ثقافتي ورثي هن سمي تائين هيانءَ لائي سانڍي رکيو آهي. جڏهن باختر- هند واري يوناني حڪمراني ناس ٿي پڄاڻيءَ کي پهتي تہ هنن ڪن رولو ۽ ڇڙواڳ قبيلن جي ارهہ زوراين ۽ مغلن جي ڏاڍ ڌهڪاءَ کان ڊڄي انهيءَ ڏونگر جي ڏکن ڏاڪن ۽ چاڙهاڪن ۾ وڃي سرٻچاءُ ڪيو. جيڪڏهن ڪي سياح ڪائنن سندن نڪ جو پڇندا آهن تہ ورائيندا آهن هو مقدوني يوناني آهن ۽ اولهہ ڏانهن اشارو ڪري پنهنجي ڏاڏاڻي ڏيهہ جي ڏِس ڏسيندا آهن.

اهو بہ ٻڌائيندا آهن تہ سندن اباڻو ديس چٽمي آهي. ان لفظ جو اچار يونان جي مشهور درياهہ "ٿائيس" جهڙو آهي. انهي ڪل سان واسطو رکندڙ ماڻهن کي

مهان جنگي جهونجهار سڪندر يا سڪندري جو نالو ياد آهي. وٽن ڪچهرين ۾ اڃا تائين هنن جون ڳالهيون پيون ڳائبيون آهن. هي اوچو ڳاٽ ڪري چوندا آهن هو سنڌن (پيٽ چاوا) وياءُ آهن. اهي ديا، زيو Dia-Zeo جي پوڄا ڪندا آهن جنهن ڪي يونان وارا ڊياس Dias ۽ زيوس Zeus چوندا آهن. هن ڪان علاوه ماهيتون زيستاڪ جي به پوڄا ڪن جنهن ڪي يوناني ايستيا ڪوئين. جيڪڏهن سنڌن گهرن ۾ اندر گهڙي وڃيو ته سمجهبو ائين ته ڪنهن مقدوني گهر ۾ پهچي ويا آهيون. اهي زيستاڪ ديوتا جي نالي باه به ٻارين ۽ پنهنجي ڌرم جو حصو سمجهن. جيڪڏهن اها باه اجهامي ويندي آهي ته پنهنجي ڪٽنبن لاءِ بدسوڻ سمجهندا آهن. سنڌن ويساه آهي ته ڊيا- زِيور سيني ديوتائن ۽ انسان ذات جو ابو آهي، آنڊاريون ڪنوٽيون ۽ گوڙيون سنڌس حڪم جي تابع آهن. سنڌس پٽ بالومئن (اپولو) جي به پوڄا ڪندا آهن جيڪو سنڌن ويساه پٽاندر سج جو سونهون آهي ۽ ڌرتيءَ جي چوڏاري ڪيس چارا ڏسيندو آهي. هن ڪان علاوه گيت سنگيت ۽ اڪتين جو به ڪيس ديوتا ڪري مڃيندا آهن. فروتائيٽ (ائفرڊائيٽ) کي ڪام ديوي ڪري مڃين. جنگ جي ديوتا جي به پوڄا ڪن، شڏي جي رسم ادا ڪن ۽ خاص قسم جو ٻل چاڙهين، اهي اهڙيون رسمون آهن جيڪي ايشيائي ماڻهن ۾ ڪونه ڏسبيون ۽ انهن جي ويجهڙائي يوناني رسمن سان نظر ايندي.سنڌن عورتون پردو ڪونه ڪن. سنڌن اڪيون ڏاڍيون سهڻيون آهن. سياحن سان به اڪيون اکين ۾روجهي بهادريءَ سان ڳالهائينديون ۽ پنهنجي ڪڙم جي مردن سان ڳالهائڻ جو طريقو به ساڳيو آهي.

ناچ به گول دائري جي صورت ۾ ڪنديون آهن ۽ اهو طريقو ايشيائي ڪونه آهي، سنڌن وڏا ڏڻ ٻڪڪ ديوتا سان لاڳاپيل ڏسبا. هن جو سڀ ڪان وڏو ڏڻ بالو مئن سان واسطو رکي ٿو. اهي يونانين جيان ٻڪڪ ۽ بالومئن (اپولو مئن) جي گڏيل پوڄا به ڪن. سنڌن انهن وڏن ڏڻن سان بلڪل اسان يونانين جي ڪارينوال جشن جهڙو آهي ۽ خاص عهد سان واسطو رکي ٿو، ان ڏينهن تي ڪاٺ جون ٺهيل مورتيون ڪنيون ويندريون آهن جن کي پاتل لباس سڪندر جي فوجين کي پاتل ننيڙي ڪڙتي جهڙو هوندو آهي. هن جي ٻولي يونوچ سمنڊ جي ٻولين جي لهجي جهڙي آهي، جيڪا ڏاڍي مٺي پئي ڀاسبي. وچ ايشيا جي ملڪن جون ٻوليون رکيون ۽ کهريون آهن. سنڌن و،ر،ف ۽ ايڪس جهڙن حرف صحيح جو اچار به هوبهو يونانين جهڙو آهي. سنڌن قد ڊگهو ۽ رنگ سفيد آهي. منجهن ڳاڙهن وارن وارا به ججها آهن. سياءَ جا ڪلمڪ مهمانواز به رڄ تي. اهم ڳالهه

اڪلاڻ لاءِ وچ ڳوٺ ۾ هڪ مخصوص جاءِ تي گڏ ٿين ۽ آچار ويچار ڪري چيڙي نبيري ڪن، جڏهن پاڻ ۾ ڳالهين جي ڏي وٺ ڪندا آهن تہ ڏاڍا خوش پيا پائنبا آهن. اهي اچل ڏئي لاهٽيون لاهڻ جا بہ واه جو ملوڪ آهن. ٻارهن ميمبرن جو هڪ جرڳو ۽ هڪ مئجسٽريٽ بہ پاڻ چوندين. اهم نوعيت جو فيصلو سارو ڳوٺ گڏجي ڪندو آهي. ڏوهيءَ تي پاءُ پاٽي بہ رکن. وڏي ڏوهہ جي حالت ۾ ڏوهيءَ کي نيات جي ٿالهي پاڇيءَ مان ڪڍيو ويندو آهي ۽ ڪيس ڳوٺ نيڪالي بہ ڏني ويندي آهي ۽ سندس گهر کي ساڙي رک ڪيو ويندو آهي.

سندن گهر ڪاٺ جا هوندا آهن، جڏهن هڪ جاءِ تان لڏي ٻيءَ جاءِ تي وهندا آهن تڏهن هي گهر پٽي وڃي انهي جاءِ تي اڏيندا آهن، ڪي گهر ڀہ يا ٽي ماڙ ڏسبا ۽ هوبهو يونانين جي ”جنجياتي“ گهرن جهڙا پيا نظر ايندا. اوسي پاسي جي مسلمانن جا گهر اهڙا ڪونہ آهن. اهي ڪچن سرن سان اوساريل هوندا آهي، هنن جي گهرن جي سيني ڪوٺين جو منهن وچ واري متيپ ڏانهن هوندو آهي ۽ دونهين جي ٻاهر لاءِ ڇت ۾ ڳڙک ڪيل ڏسبو. رهندا بہ گهٽو ڪري متينءَ ماڙ تي آهن. گهر جو سيڌو سامان هيٺ رکيل هوندو آهن. آڳاٽي جا يوناني گهر بہ اهڙيءَ سا ڳئي نموني هوندا آهن.

سندن هڏ ڪاٺ بہ ٺاهوڪو، سينا ويڪرا، منهن مهانڊا سهڻا، نڪ ڏاڍا خوبصورت، ڪي ڪِڪن وارن وارا بہ ڏسبا. جيڪڏهن ڪالاش لوڪن جو تعلق مقدونيہ سان آهي تہ پوءِ اهو هن ريت سمجهائي سگهجي ٿو. سنہ 330ع .ا جي چيٽ رُت ۾، سڪندر اعظم پرسيپولس ڪان ميڊيا ڏانهن پيش قدمي ڪندي سوس، بابل ۽ ايجنتانا کي فتح ڪيو هو. انّ ڪان پهريائين هو ايران جي شهنشاهہ دارا کي شڪست ڏئي چڪو هو، جنهن سربچاءَ ڪري وٺي ميڊيا ڏي ڀاڄ ڪئي هئي. بيسس ايران جي حڪمران طرفان باختر جو گورنر هو ۽ گائوگا ميلا جي شڪست کانپوءِ دارا سان گڏ ميدان تان ڀڄي نڪتو هو. بعد ۾ موقعو وٺي دارا کي قيد ڪري پاڻ ايران جو ڇٽ ڌڻي ٿي ويهي رهيو ۽ سڪندر سان چوٽ ڏيڻ واسطي تياريون ڪندو رهيو. سڪندر پنهنجي لشڪر مان توري فوج وٺي ڏانهس روانو ٿيو. جڏهن بيسس کي پڪ پئي تہ هو قيد ڪيو ويندو تہ هن دارا کي نِگهونسار ڪري ڇڏيو ۽ تيز رفتار سان ڀڄندو وڃي گورنريءَ واري علائقي ۾ پهتو.سڪندر اهو حال ڏسي سنڌس ڪڍ وڃڻ ڪان هٿ ڪڍي ويو. ڇاڪاڻ تہ ڪيس احضر سمنڊ Caspain sea واري علائقي سرائون Saroudn کي فتح ڪرڻ جو ارادو هو. مختلف علائقن جي فتح ڪان پوءِ آرهوسيا (ڏکڻ افغانستان) ڏانهن وڌڻ

لڳو، جتي هن 329-330 ق - م جو سيارو گذاريو.

سن 329 ق - م جي پيٽ ۾ اتر طرف پيش قدمي ڪرڻ شروع ڪئي. هن برف سان ڍڪيل هندو ڪش وچان سفر ڪري وڃي باختر تي حملو ڪيو جتي بيسس سڪندر کان پڇي اچي لڪو هو. درياه آمون واري ساري علائقي پنهنجو پاڻ اچي هن مقدوني ويڙهاڪ جي آڻ مڃي هئي. بيسس کي سڪندر جي اڳيان آڻي وهڻ ڪونه ڏنو ۽ پڇي وڃي سوگديانيءَ ۾ سرلڪايائين، جيڪو باختر جي اتر پاسي هو، جنهن کي اڄ ڪلهه ترڪستان سڏيو ويندو آهي. سڪندر هن اڻ ڏٺي ڏيهه جي پوءِ کان ڪونه رهيو ۽ رڻ پٽ لتاڙيندو نيٺ وڃي بيسن کي باندي بڻايائين.

پوءِ سوگديانيءَ جي راڄڌاني سمرقند کان ٿيندو سير درياه ڏانهن وڌيو. هي سندس شهنشاهت جو ڇيڙو هو جتي هن اليگزينڊريا نالي آمزي شهر جو بنياد رکيو جنهن جا قديم آثار لينن آباد پرسان هٿ لڳا آهن. يونان جا پگهاردار فوجي ڪجهه مقدوني ۽ ڪجهه ايشيائي نسل جا ماڻهو اتي رهايا ويا هئا. هو سوگدياني واري علائقي ۾ 328-327 ق - م وارا ٻه سال ڪن رهيو ڇاڪاڻ ته اوسي پاسي ڇتا ويڙهاڪ قبيلا رهندا هئا، جن سڪندر جي فوجن کي قلعن ۾ سک سان وسڻ ئي ڪين تي ڏنو.

هن هتي جنگ جي طريقي ڪار ۾ تبديلي آندي هئي ۽ ڏيهي گهوڙيسوارن کي به پنهنجي فوج ۾ ڀرتي ڪيو هئائين. اهي فوجي هتان جي جاگرافيائي صورتحال کان چڱيءَ ريت واقف هئا ۽ جنگ به ايشيائي طريقي سان وڙهڻ لڳو، تڏهن مس وڃي سوگدياني جي حڪمران جي ڌيءَ رخسانا سان شادي ڪيائين، جيڪا سونهن ۽ سيبتائي ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئي. هتي پهچي هن کي مشرق واريون ريتيون رسمون پنهنجايون هيون ۽ ماڻهن کي پنهنجي آڏو جهڪڻ جو حڪم ڪيو هئائين. اها به ڪوشش ڪئي هئائين ته جيئن ايران ۽ يونان جي مختلف ثقافتن کي ملائي هڪ ڪجي. سندس هيءَ حڪمت عملي ڏاڍو ڪامياب وئي. ايشيا جا ڪيترا ماڻهو سندس فوج جو حصو بڻجي ويا. هن پنهنجي گهوڙي سوار دستن ۾ باخترين ۽ ڪاڪيشين جا گهوڙي سوار ملائي هڪ نئين قسم جي گهوڙي سوار فوج بڻائي هئي سن 327ع ا. ڌاران سندس فوج نهايت مضبوط ٿي وئي هئي، جنهن جهڙي اڳي ڪانه هئي. بعد ۾ هندو ڪش پار ڪري هندوستان تي حملي جي شروعات ڪئي هئي. هن ڪابل ماتريءَ مان ٽيڪسيلا ڏانهن وڌڻ شروع ڪيو. هتي پهچي سندس ماڻهو هتان جي ڏاهن ماڻهن کان گهڻو متاثر ٿيا جيڪي اگهاڙا گذاريندا هئا. اسان جو هن کان اڳتي سندس ڪنهن جنگي مهم سان ڪوبه واسطو

ڪونهي. هتان جي ڪالاش لوڪن جو خيال آهي تہ اهي سڪندر جي انهن فوجين جو اولاد آهن جيڪي هن علائقي ۾ ڪانئس وڇائجي ۽ وچڙي ويا هئا. هتي هاڻي هي سوال پيدا ٿئي ٿو تہ ڇا ڪالاش نسل جا پاڪستاني علائقي ۾ رهندڙ ماڻهو واقعي انهن گم ٿيل فوجين جوٗ وياءُ آهن يا انهن ايشيائي ماڻهن جا پيٽ ڄاوا آهن، جن جو هيليني ثقافت سان لاڳاپو هو. مان سمجهان ٿو تہ هن سوال جو پوريءَ پڪ سان ڪوبہ جوابُ ڏئي ڪونہ سگهندو. سندن مذهبي اصول، رسم ۽ رواج، عادتون ۽مهاندا اهڙا آهن جو چئي سگهجي ٿو تہ اهي سڪندر جي وڇايل فوجين جي ڦريءَ سان واڳيل آهن. ٻيو نظريو اهو بہ آهي تہ باختر جي يوناني حڪمرانن پنهي ثقافتن کي ملائڻ واسطي سڪندر کان بہ وڌيڪ هڪ سگهاري حڪمت عملي اختيار ڪئي هئي.

قديم مورخ باختر جي يوناني حڪمراني بابت ڪا واضح معلومات ڪانہ ٿا ڏين. پر اهڙي ڄاڻ انهن حڪمرانن جي دستياب ذريعن مان ملي آهي جيڪي هڪ وسيع ايراضيءَ مان هٿ لڳا آهن. سندن حڪمراني پکڙيائين اتر افغانستان ۽ ترڪستان تائين محدود هئي. پوءِ اڳتي هلي اها هندستان جي اتر- اولهہ وارن علائقن ۽ اوپر افغانستان تائين پکڙجي وئي. يوناني گهراڻي جو پهريون باختري حڪمران فيہ ياه Feye yah هو، جنهن هيليني گهراڻي جي راڄ جو بنياد رکيو هو. سندس لشڪر ۾ هاٿين جو وڏو انگ هو. هن جي حڪمراني اولهہ آمون تائين ۽ اوپر ۾ هندو ڪش تائين پکڙيل هئي. سندس پٽ هند- يوناني راڄ جو بنياد رکيو هو. سندس حڪومت ايران کان وٺي گنگا جي ڪناري تائين قائم هئي. ايتري وسيع ايراضيءَ تي خود سڪندر جي حڪومت بہ قائم ڪانہ هئي. ان ڪانسواءِ هن افغانستان، ترڪستان، ويلوهستان اولهہ ۽ اتر هندوستان بہ سندس راڄ ۾ شامل هو. دميتريس اهڙو حڪمران هو جنهن سڪندر جي سپني کي ساڀيا جو روپ ڏنو ۽ ٻنهي ثقافتن کي ملائي هڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

هن جي راڄ دوران سندس حڪمراني نہ رڳو اوپر پار وڌي هئي، پر وڌي ڪمال کي بہ پهتي هئي. هن پنهنجي دؤر ۾ اقتيديا کي پنهنجي ملڪ جي راڄڌاني مقرر ڪيو هو. هن شهر جو بنياد بہ هن پاڻ رکيو هو. سندس پٽ ايليوڪلس کي دشمن جي حملن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت ڪانہ هئي، تنهن ڪري هي باختر جو آخري يوناني حڪمران سمجهيو ويندو آهي. هن ڪانپوءِ يوڪراتيڊس حڪمراني جون واڳون سنڀاليون. اوپر طرف ڊميتيرس جي فوجي جنرل ميناند روس پنهنجي هڪ سگهاري حڪومت قائم ڪري ورتي ۽ سڪندر اعظم جي اصول کي

نهايت ڪاميابيءَ سان اڳتي وڌائڻ لڳو. هن پنهنجي حڪومت هماليه ڪان وٺي گنگا جي ماتريءَ تائين وڌائيءَ فتحون ڪندو آخر وڃي پٽاليپترا تائين پهتو، جنهن کي يوناني پالووٽرا سڏيندا هئا. ان شهر جو هاٽوڪو نالو پٽنا آهي. هن وڏيڪ فتحون ڪري هندوستان جي وڏي علائقي تي پنهنجي حڪمراني قائم ڪري ڇڏي هئي.

هن يوناني حڪمران ٻڌ ڌرم اختيار ڪيو هو ۽ ان کي يوناني فلسفي سان وڏيڪ شاهوڪار ڪري ڇڏيو. ٻڌ ڌرم ۾ ڪيس وڏي اهميت حاصل هئي. هتان جا ماڻهو ڪيس ملنڊا جي نالي سڏيندا هئا. ٿائلنڊ ۾ ڪيس اڃا تائين هڪ ديوتا طور پوڄيو ويندو آهي. هن ٻڌ ڌرم ۽ فلسفي جو وڏو تحفظ ڪيو هو. هن کان علاوه پنهنجي نئين قائم ڪيل حڪومت ۾ واپار کي به گهڻي ترقي وٺرائي. سندس دؤر جا سڪا قنڌار ۽ سنڌوءَ جي صفا اترين علائقن پاسي تمام گهڻا لڌا ويا آهن. اها به هڪ حقيقت آهي، هن حڪمران ميناڊروس جا سڪا ويلس مان جام مليا آهن، جيڪا پنهنجي طور تي هڪ اچرج جهڙي ڳالهه آهي. هن مان اها ڄاڻ ملي ٿي ته باختر جي يونانيءَ حڪمرانن جي زماني ۾ تجارت تمام گهڻي ترقي ڪئي هئي. هن سڪن تي يوناني لفظن سان گڏ سنسڪرت جا لفظ به ڏسڻ ۾ ايندا. هن ڳالهه مان اهو پتو به پوي ٿو ته ڪيس هندستاني ثقافت، مذهب ۽ روايتن جو تمام گهڻو احترام ڪندو هو. باختر ۽ هندستان جاجيڪي به يوناني حڪمران هئا تن سڀني مان ميناڊروس وڏيڪ مان مريادا وارو ۽ ڏاهو هو. هن بابت اهڙي ڄاڻ سندس ممڪن وسيلي ملي آهي. سندس سڪن وسيلي اها به معلومات ملي ٿي ته هن تمام گهڻو وقت راڄ ڪيو هو. هن ع.١ واري ٻي صديءَ ۾ پنهنجي حڪومت ۽ يوناني طريقه- ڪار ڪتب آندو هو ۽ يونان جيان هتي به سرڪاري عملدار کي جنرل سڏيو ويندو هو. هو پنهنجي ملڪ تي وائسرائن جي مدد سان هلائيندو هو. گهڻو هن پنهنجي پٽن کي وائسراءِ مقرر ڪيو هو. سندس پٽن مان وڏيڪ مشهور ايپاڊروس ۽ پوليگزينوس هئا. سڪن ۾ ايپاڊروس "بچائيندڙ" لکيو ويو آهي، جڏهن ته پوليگرينوس لاءِ سڪن تي لکيل لفظ the prominents ڏسڻ ۾ ايندا جن جو مفهوم آهي "نامور ممتاز" وغيره، پر هنن سڀني کان وڏيڪ اهم حڪمران آنتي مئڪوس هو. سندس دؤر جا سڪا ايڏا ته سهڻا آهن جو دنيا جو ڪوبه سڪو هنن سان مقابلو ڪري ئي ڪونه ٿو سگهي.

يوڪراٽيدس گهراڻي مان به حڪمران وڏيڪ مشهور هئا، جن مان هڪ ڊايو ميڊس هو، جنهن قنڌار جي الهندي پنهنجي حڪمراني قائم ڪئي هئي. ٻيو ٽيليفوس هو، جنهن ٽيڪسيلا کي فتح ڪري اتي پنهنجي نئين حڪومت قائم

ڪئي. ٽيڪسيلا شهر انهي ڪري اهم نہ هو تہ هتي پهريون پيرو گوتم ٻڌ کي بت تراشن جي فن مطابق هڪ انسان مجيو ويو هو يا ان ڪري نہ تہ هي شهر هند يوناني فن جو هڪ گڏيل نمونو هو يا ان ڪري نہ تہ هيءَ ماڳ ٻڌن جو اهم مرڪزي شهر هو. پر انهيءَ ڪري اهم هو جو يونان- هند حڪومت جي راڄڌاني هو ۽سڪن مطابق هتان جا نهايت مشهور حڪمران اگاٿوڪلس ۽ پئنتالين هوندا هئا. سندن سڪن تي ٻن ٻولين جي لکت نظر ايندي. اٺويهينءَ صدي ۾ انگريز سائنسدانن هنن تي لکيل هندستاني لکت کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

ڪوتائي ۽ ڪوجنا مان اها ڄاڻ ملي آهي تہ هيءُ نجو پجو يوناني شهر هو. هتان جي لاڏ بہ وڏي اهميت رکي ٿي، ڇاڪاڻ تہ هن مان پلئ پيت اها ڄاڻ ملي ٿي، هندستان جي فن تي يونان جي فن جو ڪيترو نہ گهرو اثر آهي، ان لاءِ هيءُ هڪ ئي مثال ڪافي آهي تہ ان دؤر ۾ هتي گوتم ٻڌ جي انساني شڪل ۾ مورتي تيار ڪئي وئي هئي، نہ تہ اڳي هندستان يا ان کان اوير وارن ملڪن جي ماڻهن جو تصور هو تہ هڪ ديوتا جي مورتي جوڙڻ سندس شان جي توهين آهي. تنهن ڪري هن کي علامتي طور هڪ وڻ جي شڪل۾ پيش ڪيو ويندو هو. يونان وارا پهريان ماڻهو هئا جن مهاتم ٻڌ کي انساني شڪل ۽ يوناني ڪلا مطابق پيش ڪيو. گوتم ٻڌ جي اها تصوير يوناني ديوتا اپولو جهڙي نظر ايندي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ سندس سونهن سنجڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪيو ويو آهي ۽ هن کان علاوه ڪيس سيني ڌرمن جي مورتي ڪري ڏيکاريو ويو آهي.

ٻڌ جي مورتيءَ ۾ گهڻيون ڳالهيون نظر ايندڙيون جهڙوڪ اظهار ۾ نزاڪت ۽ احساس ڏکويل وغيره. ٽيڪسيلا جي هن يونان- هند ڪلا ۾ ڏکويل منهن تي مرڪ جو تاثر بہ ملندو، اکيون صاف پر منجهن نزاڪت جي جهلڪ بہ ڏسبي. هن مورتي ڏسڻ سان پراڪزيٽلس واري اسڪوپس جي مورتي ياد اچي ويندي آهي.سڪندر اچڻ کان اڳ هندستان ۾ مورتيون نهايت قديم نموني واريون جوڙيون ويندڙيون هيون. يوناني ڪلا ان وقت ويدانتي فن گڏجي ڪلا جو هڪ نئون روا اختيار ڪيو هو، ايتري قدر جو ٻڌ ڀڪشوئن کي پاتل نندا چولا يوناني محسوس ٿيندا سندن چڙَ بہ هوبهو يوناني چولي جيان نظر ايندا. ٻي لاڏ بہ هن ريت ڏسبي ڪپو جو جابت، ساموندي گهوڙن بابت، سيٽائر جا بت(جنهن جي شڪل انسان ۽ گهوڙي جي ڪن ۽ پيچ سان مشابهت رکندي آهي) ۽ ٽرائٽن جون مورتيون مليون آهن جيڪو يونان جو سمنڊ جو ننڍڙو ديوتا هو مذڪوره شيون روس جي سائنسدانن افغانستان مان بہ لڌيون هيون. هن ڳالهہ مان پوري پڪ ٿئي

ٿي ته يوناني ڪلا جو ساري هندوستان تي اثر ڇانئجي ويو هو. پيو ته ٺهيو پر چيني ترڪستان ۾ هن ڪلا جي جهلڪ نظر ايندي.

سڪن وسيلي ٿيويهن يوناني حڪمرانن ۽ ٻن راڻين جو پتو پيو آهي، جن نينا ڊروس جي موت کان پوءِ هندوستان تي راڄ ڪيو هو. جيڪڏهن هنن ۽ باختر جي يوناني حڪمرانن کي به شامل ڪبو ته پوءِ تيرهن حڪمران وڌي ويندا.

يونان جي هنن ٻن حڪمران گهراڻن ۾ اختلاف ضرور هئا ۽ اهي گهڻو وقت هلندا به رهيا، پر ٻنهي ملڪن تي اثر نظر ايندو. ايپمايس آخري حڪمران هو، سندس حڪومت ڪابل ماٿريءَ تائين محدود هئي. ان کانپوءِ يونان جي ٻن گهراڻن وچ ۾ ڦيتاڙي جو وجهه وٺي ساڪيه گهراڻو اڳتي وڌي گنڌارا وارو علائقو فتح ڪري ورتو. هن کانپوءِ اوپر افغانستان ۽ هندستان جا اتر ۽ اولهه وارا علائقا به فتح ڪري پنهنجي حڪومت ۾ شامل ڪيا هئائين. سڪن مان اهو پتو به پوي ٿو ته سنه 25 ق - م ۾ ارمايس نالي باختري يوناني حڪمران هو، جنهن کي سڪن ۾ ”بچائيندڙ بادشاه“ ڪري لکيو ويو آهي، جنهن کان پوءِ هنن علائقن ۾ ڪٿي به يوناني حڪومت ڏسڻ ۾ ڪانه ايندي. معلوم ٿئي ٿو ته هنن علائقن ۾ يونانين جو اثر تمام گهڻو رهيو ۽ يوناني ٻولي کي پوءِ به گهڻي وقت تائين اهميت ڏني ويندي هئي. ارمايس جي وفات کانپوءِ به ٻن سون سالن تائين هر سڪي تي يوناني لکت نظر ايندي.

هن چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ ڪونه آهي ته يونانين جي سياسي سگهه ختم ٿيڻ کان پوءِ به يوناني ثقافت جو گهڻو اثر رهيو. هيءَ حقيقت نه رڳو سڪن جي شاهدين جي آڌار تي ثابت ڪري سگهجي ٿي پر ڪنجهي ءِسون جي ڳهن ۽ مورتين مان لکي سگهجي ٿي. يوناني ڪلا ختم ٿي ڪانه وئي، پر نئين سر ايرڻ واسطي وقت جي پردي تان ڇڻ ته هٽي وئي. اهڙيءَ ريت هند- ڪاڪيشا واري شهر اليگزينڊريا جي کوٽائي ۽ کوجنا وسيلي 500ع جي زماني جي لاڏ ملي آهي، جنهن تي پڻ يوناني ٻوليءَ جي لکت نظر اچي ٿي. هن علائقي مان 500ع ڌوڙ سان لاڳاپيل پيون به ڪوڙ ساريون شيون هٿ لڳيون آهن، جن تي يوناني لکت ڏسڻ ۾ ايندي. هن سان گڏ ميناندروس جي اختيار حڪمت عمليءَ موجب يونانين تي هندستاني رنگ ۾ رڱيل ڏسبو.

مٿين احوالن جي ناتي سان هن نتيجي تي پهچي ٿو ته يونان وارن اوپر جي ماٿهن کي مهاتر ٻڌ جي مورتي، ڪلا ڏني جنهن کي گنڌارا جي ڪلا سڏي سگهجي ٿو، جنهن اڳتي هلي ساري ايشيا کنڊ کي متاثر ڪري ڇڏيو. هن کان

علاوه جوتش، اسٽيج ڊراما جي فن ۾ نئين ٽيڪنالاجي جي به ڪين ساڃهه ڏني. ٻئي پاسي کان وري هندستاني فلسفي يونانين کي گهڻو ڪجهه متاثر ڪيو.

فرانس ۽روس جي سائنسدانن افغانستان ۾ کوٽائي ۽ کوجنا ڪري اها ڳالهه ثابت ڪئي هئي ته هتي ڪنهن زماني ۾ يوناني حڪومت قائم هئي.

سڪندر، آمرن جي ماتري مان گذري ايران جي هٿ هيٺ سوگدياني جي گورنر کي آڻ مڃائڻ لاءِ مٿس حملو ڪيو ۽ هندو ڪش جبل جي وٽ ۾ هڪ يوناني شهر جو بنياد رکيو هو. لڏل کنڊرن جي ڏيک مطابق هن شهر جي چوڌاري قلعي جي اڏاوت ڪئي وئي هئي.

هاڻي تازو افغانستان جي تليه ٽيپي جي ماڳن وٽ قديم آثارن جي کوٽائي ۽ کوجنا ڪئي وئي آهي، جنهن مان هيليني تهذيب جهڙا گهر مليا آهن. ان سان گڏ ڪي قبرون به ڏٺيون ويون آهن، جن تان باس يا سُکان طور رکيل شيون پڻ هٿ لڳيون آهن. انساني هڏاوان پيرا ۽ مٿن ڪفن وارا ڪپڙا به مليا جيڪي ملڪي آبهوا ڪري ڳري ختم ٿي ويا هئا. سون جا اهڙا پٽ ۽ڳهه به مليا آهن، جيڪي ريشمي ۽ سوٽي ڪفنن تي ٽاڪيا ويندا هئا. هنن ڪانسواءِ قبرن منجهان سونا زيور به هٿ لڳا. ڳهن ۾ سون جون پٽيون ۽ تاج نما زيور هئا. جنمان سولائي سان سمجهي سگهجي ٿو ته اهڙيون قبرون ضرور حڪمرانن جو هونديون. انهن سڀني مان وڌيڪ اهم هڪ سونو هار هو، جنهن جي تور هڪ ڪلوگرام هئي.سونا ڪنگڻ به اهڙا مليا جن جي ڇيڙن وٽ جانورن جي منڍيءَ جي تصوير هئي، جن مان معلوم ٿيو ٿي ته اهي يوناني طرز تي گهڙيل هئا. انهن سڀني مان قابل ذڪر هڪ تمغو لڌو آهي، جنهن تي هڪ فوجيءَ جي تصوير آهي، جنهن جي هٿن ۾ ڏڦو ۽ ڍال جهليل آهي. مٿيءَ اهڙو خول پاتل اٿس جنهن تي به سڱ ڏسڻ ۾ تا اچن. هن تصوير جي اڪر مان سڪندر ياد اچي وڃي ٿو، جنهن جي خول ۾ سڱن جهڙا به نشان هوندا هئا. هن علائقي جا ماڻهو اڄ سوڌو هيءَ دعويٰ ڪندا آهن ته هو سڪندر ذالقرنين جا پيٽ ڄاوا آهن.

انهيءَ لاڏيءَ هڪ اهڙي منڊي ملي آهي، جنهن تي اٿينا ديويءَ جي تصوير نظر ايندي ۽ اها تصوير کوکي اڪر In relief ۾ آهي. مٿس يوناني لپيءَ ۾ اٿينا جو لفظ آهي، جيڪو ابتو لکيل آهي. معلوم ٿئي ٿو ته ان ويندي کي مهر طور ڪتب آندو ويندو هوندو. ٻئي سوني ڳهه تي هڪ عورت جي شڪل سان ڪيوپڊ، به گڏ اڪريل ڏسبو. جنهن مان سمجهي وڃبو ته اها ائفرو ڊائيٽ (وينس) آهي، جيڪو فن جي لحاظ کان يوناني ۽ باختري ڪلا جو هڪ گڏيل نمونو آهي. اهي

قبرون منجهائن لڏل سڪن جيتريون پراڻيون سمجهيون وڃن ٿيون. اهو يوناني گهراڻي جي حڪومت جي خاتمي وارو دؤر آهي، جڏهن ساڪ، پارٿين ۽ اسڪائيٿ جهڙن جهنگلي قبيلن مٿن حملن مٿان حملا ڪري کين ناس ڪري ڇڏيو.

روس جي ڏنگ پرسان افغانستان جي الخانم وٽ قديم آثارن جي کوٽائي ۾ کوجنا ڪئي وئي آهي، جتان به هڪ يوناني قديم شهر هٿ لڳو آهي، جيڪو آمون دَرياه جي ڪناري واقع آهي. منجهس شاهي محلات، ڀيا خوبصورت گهر ۽ سڪن ضربڻ لاءِ ٽڪسال به هٿ لڳو آهي. هنن سيني ڳالهين مان پتو پوي ٿو ته هي ماڳ يوڪراٽيڊس جي راڄڌاني يوڪراٽيڊيا آهي. کوٽائي ۾ کوجنا مان اهو به پتو پوي ٿو ته هن شهر جو رنگ ۽ ڍنگ ڪيترن صدين تائين يوناني طرز جو رهيو.

هن شهر کي خاص اهميت ان ڪري به هئي جو سندس ماڳ ان جاءِ تي هو جتان جملہ آورن جا سيئي رستا اچي هڪ هنڌ گڏ ٿيندا هئا ۽ پوءِ مختلف علائقن ڏانهن ويندا هئا. شهر کي جڻ هڪ قدرتي قلعو هو. اوپر ڏس کان سٺ ميٽر اوچي ۽ اٽانگي ٽڪري هئي. درياه واري پاسي کان اوچي پٽ ۽ ايڪپرو لنگهہ هو، جنهن ڪري ڏکڻ ۽ اولهہ پاسي وڏو بچاءُ هو. اتر پاسي جو خاص خيال رکيو ويو هو ۽ ان طرفان وڏيڪ سگهاريون پٽيون اڏيون ويون هيون، ڇاڪاڻ ته انهيءَ پاسي کان ڪو فطري بچاءُ ڪونہ هو.

شهر جون جايون شاهي محلات جي چوڌاري تعمير ٿيل هيون. انهن جو اڏاوتي سٽاءُ قديم يوناني طرز تي هو. تاريخ ۾ شهر جي رٿابنديءَ جو پهريون ماهر هپوڊيمس ، مائليٽس جو رهاڪو هو.

پاڻيءَ جي ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ درياه مان واه کوٽي آندو ويو هو.

هن ماڳ جي کوٽائي مان ڪيترا سڪا يوناني ديوتائن جي مورتين جا ٽڪرا ۽ گلدان به هٿ آيا، جن تي يوناني لکت نظر ٿي آئي. سرڪاري خوبصورت جاين ۽ آمون دَرياه جي ڪناري ٺهيل جمناسٽڪ جي آکاڙي مان شهر جي اهميت جوا ندازو ڪري سگهجي ٿو. جمناسٽڪ واري آکاڙي وچ تي ٺلهو هو، جنهن جي چوڌاري ڏيڍين سان ڪوٺيون ٺهيل هيون. هن جي تعمير جي رٿا مان ٺي صحيح ڪري سگهجي ٿو ته اهو يوناني طرز سان واسطو رکي ٿو. کوٽائيءَ مان اهو به پڻ پتو پيوآهي ته ٿيٽر واري ميدان تي ڇهہ هزار ماڻهن جي ويهڻ جي جاءِ هئي، جن جي ويهڻ لاءِ وهڪن جون 35 قطارون ٺهيل هيون. هي يونان جو ٻيو ٿيٽر آهي، جيڪو وچ ايشيا مان هٿ لڳو آهي. پهريون ٿيٽر بابل مان لڌو آهي، جنهن کي ڪجهہ عرصو ٿيندو، پر اهو هيترو ويڪرو ڪونہ آهي.

شهر سهڻي رٿا موجب تعمير ڪيو ويو هو. هن جون گهٽيون اولهہ کان اوڀر وينديون ڏسبيون جيڪي ڏاڍيون سڌيون آهن. گهر بہ ڏاڍا شاندار نظر ايندا. سنڌن ويڪر 65x35 ميٽر ۽ مهاڙي واري پاسي کان ٿلهہ ٺهيل هئا. گهرن جي سنانن ۾ چٽڪبرو عرش ۽ پٽيون ڳاڙهي پٿر جون ڏسبيون. هتي اهڙين جاين مان ڪنياس، لائيسنياس ۽ ترائو الواس شمون جي ياد تازي ٿي وڃي ٿي. ڪنياس جي قبر مان هن قسمن جون لکتون مليون آهن. هن ڪنياس شهر جو بنياد رکيو هو. وفات ڪانپوءِ سندس لوڙه بہ هن ئي شهر ۾ لٽيو ويو. لکت هن ريت آهي "جڏهن تون ٻار آهين، سهڻا لڇڻ سک، جڏهن ڳڀرو جوان آهين تہ پنهنجي ستون تي ضابطو رک، جڏهن تون پورو جوان آهين تہ نياءَ ۽ نيت پت ڪرڻ سک، جڏهن تون پڊو ٿي وڃين تہ سپتائيءَ سان صلاح مشورا ڏي، موت کان نہ ڏڄ جيڪو هوريان هوريان ويجهو اچي رهيو آهي."

ڪن ٿورين لکتن مان ائين پائنبو تہ يونان کان 5000 ڪلوميٽر پري يوناني ٻولي ڳالهائي ويندي هئي، جيڪا پورن بہ سئو سالن تائين هلندي رهي. ان لپيءَ جا اکر بہ هوبهو اهڙا هئا جيڪي ان زماني ۾ يوناني لپيءَ جا هوندا هئا.

مذهبي زندگيءَ بابت بہ هنن شهرن لاءِ ساڳي ڳالهہ چئي سگهجي ٿي. شاهي محلات جي هڪ ڪمري جي پٽ تي خراب ٿي ويل پيپرس تي ڪم آندل مس جا نشان نظر ايندا. سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ اهو ڪمرو لئبرري هو. تحقيق مان پتو پيو آهي تہ ان پيپرس تي ارستاتلس جي مڪتب فڪر واري فلسفي جون ڳالهيون ۽ ڊراما سان لاڳاپيل ڪا شاعري لکيل هئي. معلوم ٿئي ٿو تہ محلات جا رهواسي پنهنجي يوناني روايتن سان پيار ڪندا هئا ۽ انهن جي پوري پابنديءَ سان پوئواري ڪندا هئا ۽ پورن ڇهن نسلن تائين پوءِ بہ يوناني فلسفي ۽ ادب کي پڙهندا آيا.

پلوٽارڪ جو بيان آهي تہ سڪندر جي جنگي مهم کانپوءِ آيشيا ۾ يوناني ثقافت پکڙجي وئي هئي. وچ ايشيا وارا ماڻهو هومر کي پڙهندا هئا ۽ ٻار، "سوفو ڪلس" ۽ يوربيپرس جي ڏکن ڀري شاعريءَ جو مطالعو ڪندا هئا.

قديم آثارن جي کوٽائين ۽ کوجنائن وسيلي هٿ آيل لاڳ، لڏل سڪن ۽ هتان ڪالاش يا ڪافرن جي رهڻي ڪهڻيءَ مان پتو پوي ٿو تہ هتي ڪيترا ئي يوناني ۽ ايشيائي ماڻهو گڏجي رهندا هئا ۽ يوناني طرز زندگي اختيار ڪري انڊوڪش جي ڀرپاسي وارن پٽن ۽ پوٺن تي سک ۽ سانت ۾ رهندا هئا ۽ جارح قبيلن جي ڪاهن کان ڏڃي انهيءَ جابلو علائقن ۾ سر بچاءَ ڪارڻ ويهي ويا. جڏهن عربن اسلام جي پکيڙڻ واسطي جهاد شروع ڪيو تہ انڊوڪش وارن

ماڻهن سان ڏاڍو جهيڙو جوتيو. مڙس تي مهاڏي ڏيڻ ڪري ڪين بهادر سمجهيو ويو هو ۽ ويهين صدي تائين هن لاءِ اهو ساڳيو تاثر قائم آهي.

ڇا اهو يونانين جو وياءُ آهي يا هيليني ايشيائي ماڻهن جا پيٽ ڄاوا آهن يا پنهي جي گڏيل نسل جي ڦري سان لاڳاپيل آهن؟ علم الانسان جي ماهرن جي خيال موجب ُجن سندن منهن مهانڊن کي ڏسي هيءَ راءِ قائم ڪئي آهي ته هن نسل جي لهوءَ جو لاڳاپو سڌوسنئون يونانين سان آهي، هن سوال جي صحيح جواب واسطي اجا وڏيڪ کوجنا جي لوڙ آهي. هن ڏس ۾ جاکوڙ لاءِ وسيع ميدان کليو پيو آهي. هن قسم جي کوجنا ڏاڍي دلچسپ آهي، جنهن کي ائين اڻ ڇهيو ڇڏڻ مناسب ڪونہ آهي، جيڪا تاريخي ۽ قديم آثارن واري کوتائي ۽ کوجنا کان گهڻي دلفريب آهي. هن تحقيق وسيلي يوناني ثقافت جي اڻ ڄاتل حقيقتن جو پتو پوندو جيڪا زماني کان وٺي ڪن فرقن، علم الانسان، مذهبن، ٻولين ۽ لوڪ ادب ۾ گم ٿي وڃائجي وئي آهي، امڪان اهو بہ آهي تہ سڪندر جي اختيار ڪيل حڪمت عمليءَ موجب اها يونان- ايشيا جي گڏيل ثقافت جو روپ اختيار ڪري وئي هجي. سڪندر هن قسم جي حڪمت عمليءَ جي ڏاڍي ڪاميابيءَ سان شروعات ڪئي هئي ۽ ان ڪري ڪيس "اعظم" لقب سونهين بہ ٿو. ڇاڪاڻ تہ هن، مٿين ٻنهي ثقافتن جو پاڻ ۾ پيوند ڪيو هو. دنيا جي تاريخ ۾ ٻيو ڪو اهڙو شخص موجودڪونہ آهي جنهن جو نالو ايران سان گڏ ٻين بہ ويهن قومن وٽ محفوظ هجي. تنهن ڪري اهو لازمي آهي تہ تجربيڪار سائنسدانن جا جاکوڙي جٿا هن علائقي ڏانهن موڪليا وڃن، انهيءَ مقصد سان جيئن باقي رهيل ثقافتي اهڃاڻن کي لکي يا فلمون ڪڍي محفوظ ڪن، پر اهو ڪم اڪ ڇنڀ ۾ ٿيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ جديد طرز زندگي انهن پراچين سيپيتائي اهڃاڻن کي هوريان هوريان ڳڙڪائي رهي آهي.

مان، پنهنجي هن ليڪچر کي پڄاڻيءَ تي پهچائڻ کان پهريائين ڪالاش يا ڪافر نسل جي يوناني اصليت هئڻ بابت هڪ وڌيڪ حقيقت جو واڌارو ڪري رهيو آهيان تہ ورجينا واري شاهي مقبري جي مهاڙي جي فرسڪو تي ٽي گهوڙيسوار (فلپ، سڪندر ۽ آرڊيوئس) ۽ ست پيادل ٻوجي نظر اچن ٿا، جن کي خاص قسم جا ٽوپلا پاتل آهن. فريسڪو تي نظر ايندڙ اهي ٽوپلا اڳي مقدونيہ جا ماڻهو پائيندا هئا ۽ هوبهو اهڙا ساڳيا ڪالاش يا ڪافر عورتون پائينديون آهن.

٢ـ تصوف ۽ جديد دؤر جي للڪار

ڊاڪٽر لئيق بابري

دنيا جي هر مذهب ۾ تصوف يا ان سان لاڳاپيل ڪي نہ ڪي ڳالهيون ضرور ڏسبيون. هتي مان ان باطني علم بابت ڳالهائڻ چاهيان ٿو جنهن ڪي اسلامي اصليت جي ناتي تصوف سڏيو ويندو آهي. هن مسلڪ بابت ڪيتريون غلط فهميون پيدا ٿي پيون آهن، تنهن ڪري جديد دؤر جي ماڻهوءَ لاءِ هن ازليٰ سچائي جي گهرائيءَ ۾ وڃڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو آهي. ان جو مکيہ ڪارڻ اهو آهي تہ تصوف هڪ روحاني ڪيفيت آهي، جنهن جو ڪنهن بہ انساني ٻوليءَ ۾ اظهار ڪري ئي ڪونہ ٿو سگهجي. ڪن مورخن سياسي ڳالهيون دل ۾ رکي تصوف کي منجهائڻ ۽ بگاڙڻ جا ڄاڻي ٻجهي جتن ڪيا آهن. اهڙيءَ ريت هو پنهنجي سچيءَ ۽ اصلي سگهہ کان وانجهيل رهجي ويو آهي. سنو ائين ٿيندو تہ مان وحدت الوجود ۽ وحدت الشهود جي پنهي ڌار ڌار نظرين ۽ بحثن کان پاڻ کي پاسيرو رکان ڇاڪاڻ تہ اهي تصوف جي مٿين پنهي نظرين کي ڌار ڪرڻ لاءِ سندن چوڌاري ڄڻ ڪڙو چاڙهيو ويٺا آهن. تصوف هڪ وسيع موضوع آهي، تنهن ڪري هتي مان صوفين جي ذهني ۽ جذباتي سڪون، حيات جي ڪرب کان آجي رهڻ واسطي سندن اختيار ڪيل طريقي ۽ تصوف جي هڪ نمايان پهلوءَ تي روشني وجهندي ان جي فقط حقيقت ۾ اصليت تي بہ ٻول ڳالهائيندس. هي اهڙيون حقيقتون آهن جن کان جديد دؤر جو ماڻهو بي خبر آهي.

تصوف نهايت سادگيءَ سان زندگي گذارڻ جو هڪ طريقو آهي، جنهن جو بنياد پنهنجي پالڻهار سان پيار ۽ سندس مخلوق سان محبت تي رکيل آهي. صوفيءَ جو مول متو الله سان روحاني رشتو ڳنڍڻ ۽ انسان ذات سان اڻ ميو پيار ڪرڻ آهي. هن اصول تي ڪنهن سان بہ ناهہ ڪونہ ڪندو آهي. ساهہ ڏئي بہ سچ جو ست رکندو. هن ۽ ٻيائي ۾ رات ۽ ڏينهن جيتري پور- وڇوٽ قائم هوندي آهي.، منصور حلاج، شمس تبريزي ۽ سرمد اسان جي اکين آڏو آهن جن ساهہ ڏئي سچ ۾ ويساهہ

جي پڪ ڏني. ڪنهن کي ڦاهيءَ ۾ لڙڪايو ويو ڪنهن جو ترار سان ڪنڌ ڪوريو ويو. سندن حال اهو هو تہ: ”اڳيان اڏين وٽ پوين سر سنياهيا.“ هنن سچن کي اهڙي سزا انهن ماڻهن ڏني جيڪي اجهاڳ سياسي سگهہ جي اڇي ڪاري جا مالڪ هئا. هنن جيڪي سچا سون ورنا ٻول ٻوليا تن جو هنن الٽو مفهوم سمجهايو. اسلام جي ساري تاريخ ۾ ڏسبو تہ صوفين سچارن ۽ منڙن ماڻهن وقت جي ظالم حڪمرانن جي ڏاڍ ۽ ڪلور کان هيڻن جي واهر ڪئي آهي ۽ سندس نمائندگي ڪندي هميشه سوري سزا وار ٿيا آهن. اهڙيون ڳالهيون صوفين لاءِ عام آهن تہ هو سدائين پنهنجي ڌيان ۽ گيان ۾ غرق هوندا آهن. هن دنيا جي لٽي ايري جي ڪا ڪل ئي ڪانہ هوندي آهي ۽ حياتي جي ٻاهرين حقيقتن کان بلڪل بي خبر هوندا آهن. اصلي ڳالهہ هيءَ آهي تہ صوفي جدوجهد ۽ سُوچ فڪر ۾ هڪ توازن قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ڏٺو وڃي تہ موجوده دؤر جو ماڻهو اٽ ئي پهر هڻ هٿان ۾ لڳو پيو آهي ڪيس پرجهڻ ۽ پروڙڻ لاءِ ڪو پوٺو پل بہ ميسر ڪونہ آهي. صوفي هن سنسار کي تياڳي ڪونہ ڪيو آهي. هن رڳو سياسي سگهہ جي ڪيس ۽ ڪلور کي نديو آهي، جنهن جو بنياد اڻ مٽي ڏن تي رکيل آهي. سندس ويچار موجب اقتصادي ڍانچو جيڪو لالچ، انياءَ ۽ ٻئي کي استعمال ڪرڻ جي چوڌاري طواف ڪري پيو نراسائي جو هڪ ڪارڻ آهي. تنهن وقت جي مورخن هنن کي حڪومت دشمن، مذهب خلاف ۽ ڪنهن سان نہ نهڻ وارا ڪري مشهور ڪيو آهي.

هيءَ بہ حقيقت آهي تہ د نيا ۾ گهڻي وقت کان وٺي تصوف جي موضوع تي ڪوجنا هلندڙ آهي.

اسلام جي يورپي مورخن ۽ عالمن تصوف کي منجهائي ڪتيا ۾ رهندڙ هڪ يوڳي وارو ڌرم ٻڌائي ڇڏيو آهي، جن جو ماڻهن سان ڪو لڳ لاڳاپو ڪونہ هوندو آهي. نڪولن جو ويچار آهي تہ اسلام ۾ تصوف هڪ ڌاريو پيوند آهي جنهن جو تعلق نؤ افلاطوني فلسفي سان آهي، جيڪو ٽينءَ صدي ۾ اسڪندريہ کان شروع ٿيو ۽ اهو مذهب ۽ فلسفي جي ميلاپ جو نتيجو هو. هتي هن کي ٻڌ ڌرم ۽ عيسائيت جو سنگم سمجهي ٿو. لاجونتي راما ڪرشنا پنجاب جي صوفي شاعرن تي گهڻو ڪم ڪيو آهي. سندس ويچار آهي سنڌو ماتريءَ جي تصوف توڙي ويدانيت کي گهڻو ڪري عالم گهڻن مذهبن جي هڪ گڏيل شڪل سمجهن ٿا. ڪن ماهرن جو خيال آهي تہ تصوف آرين جي مذهبي بنياد سان واسطو رکي ٿو. ڪي سڃاڻ سمجهن ٿا، تصوف جو لفظ صوف مان نڪتل آهي جنهن جي معني اُن آهي، ڇاڪاڻ تہ اڳئين دور جا صوفي اوني ڪپڙا اوڍيندا هئا. عربي ٻوليءَ

۾ هن لفظ جي پاڙ صفا آهي جنهن جي معنيٰ آهي ڇڻ جي صفائي سنائي، ان ڪري اسلام ۾ تصوف جي گهڻ پاسائين معنيٰ آهي.

ويهينءَ صدي جي فرانس جي هڪ وڏي عالم مئسينان پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي ٻڌايو آهي تہ "تصوف قرآن ڪريم جيٰ اڙن مان ڦٽي نڪتو آهي ۽ اها سوچ غلط آهي تہ اهو اسلام ۾ هڪ ڌاري وٿ آهي" ٽيٽس برخردت پنهنجي ويچارن جي هن ريت اپٽار ڪري ٿو تہ "ڪنهن روحانيت جي تاريخي سلسلي کي ڏانوانڊول نہ ڪيو وڃي. مچيل چوڊسوز بہ پنهنجي ڪتاب ۾ ابن عربي کي صوفي بزرگن جي مهر ڪري لکيو آهي ۽ هن حقيقت ڏانهن بہ اشارو ڪيو تہ "صوفي" اصطلاح ٻي صدي هجري (اٺين صدي عيسوي) سان واسطو رکي ٿو." علي هجويري پنهنجي مشهور ڪتاب ڪشف المحبوب ۾ لکيو آهي تہ تصوف اندر اجارڻ جو هڪ گس آهي، پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي لکيو اٿائين تہ اهو مسلڪ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي زماني ۾ موجود هو پر ان کي ڪنهن خاص نالي سان ڪونہ سڏيو ويندو هو. هي ڪتاب يارهين صدي عيسوي ۾ لکيو ويو آهي ۽فارسيءَ ۾ تصوف تي هڪ قديم تصنيف آهي. سندس هن قول کي اڄا بہ وڏي اهميت ڏني ويندي آهي، پر اسان جي دؤر ۾ صوفي لفظ تمام غلط نموني ۾پيش ڪيو ويو آهي.

حضرت محمد مُصطفيٰ ﷺ ۽ حضرت علي ڪرم الله وجهہ جن تصوف جي فڪر کان واقف هئا. جيڪڏهن اسان حضور جن جي زندگيءَ جو مطالعو ڪنداسين تہ معلوم ٿيندو تہ پاڻ سڳورا رمضان مبارڪ جي مهيني ۾ غار هرا ۾ وڃي وهندا هئا. انڪانپوءِ مسجد نبوي ۾ اصحاب صفہ جو ويهڻ بہ ان حقيقت ڏانهن اشارو آهي. اهو بزرگ صفت انسانن جو ٽولو هو جيڪو قرآن جي لفظ "تقويٰ" واري گس سان لڳل هو. متقي اهو انسان آهي جيڪو پاٺ اونداهيءَ ۾ هڪ نهايت سوڙهي رستي متان سفر ڪندو آهي جنهن تي ڪنڊا وڇايل هوندا آهن. ڪيس سوچي سمجهي ڏسي وائسي وک وڌائڻي هوندي اهي نہ تہ اهي پيرن جي ترين جون لهيون لاهي ڇڏيندا ۽ لتا ڦاڙي ليڙون ڪري ڇڏيندا. ڊاڪٽر حميد الله هنن ماڻهن کي اسلام جي پهرين رهائشي يونيورسٽيءَ جي شاگردن جو پهريون ٽولو سڏيو آهي جن کي قديم تصوف جي علامت چئي سگهجي ٿو. انهن شاگردن جو پهريون فرض علم حاصل ڪرڻ ۽ پرجهي پروڙي اندر کي اجارڻو هو. هي اهي ماڻهو هئا جيڪي قرآني آيت موجب الله تعاليٰ کي، ببٺي ويٺي ۽ ستي ياد ڪري رهيا هئا ۽ ان جي تخليق تي سوچي ويچاري رهيا هئا (آل عمران).

امام غزالي رحمة الله عليه پنهنجي تصنيف "مونڪذه" ۾ تصوف جي وصف

بيان ڪئي آهي ۽ اندر ۾ جهاتي پائي پرين پسڻ جو طريقو ٻڌايو اٿس، جنهن سان ماڻهوءَ جي من جي مير ڌوپبي وڃي ٿي. هن ڪان پوءِ معلوم ٿيندو تہ اصحاب- صفہ پنهنجي جيءَ ۾ جهاتي پائي پرين جو پرتوو بہ انهيءَ طريقي سان ڏٺو هو ۽ اهو ئي چڻ محبت جو مدرسو هو جتان هنن سڪ جو سبق سکي پنهنجي دلبر جو ديدار ڪيو هو. صوفي" لاءِ مراقبو ابتدائي سبق آهي. پهريائين هو جزن ۾ ورهايل هوندو آهي پوءِ ڌيان ۽ گيان ڪري ڪل بڻجي پوندو آهي ۽ سندس روح کي لڳل روڳ "ٻيائيءَ" ڏڪجي ڏار تي ويندي آهي، جيڪا مهاپاپ آهي ۽ موجوده دؤر جو ماڻهو ان جي ور چڙهي ويو آهي. ذڪر ئي اهڙو گس آهي جنهن وسيلي هو زنده رهڻ جي عذاب کان بچي پوي ٿو. قران ۽ حديث مان ڪن آيتن کي پنهنجو وظيفو ۽ ورد بنائي ٿو سندس ساه ۾ قدرتي سگهہ اچي وڃي ٿي ۽ صوفيءَ جي تن جي تار عالم- شهود سان ملي وڃي ٿي، ڇاڪاڻ تہ اهي لفظ پڙهڻ ۽ خدا ۾ هڪ سڌو لاڳاپو پيدا ڪري وجهندا آهن. قران ڪريم بہ اهڙي ڳالهہ جي تصديق ڪري ٿو "سهڻا لفظ سهڻن وڻن جيان هوندا آهن، جن جو پاڙون پختيون ۽ ٽاريون آڪاش تائين وينديون آهن." ان ڪانپوءِ صوفي ڪائناتي فرد بڻجي پوي ٿو نہ رڳو انسان ذات پر جانورن وڻن ٻوٽن گاهن سان رلي ملي وڃي ٿو. هن لاءِ سڄي ڪائنات مقدس بڻجي وڃي ٿي. ماحول جون سڀ شيون ڪيس ساهہ واريون محسوس ٿين ٿيون. ساڻن پيار ڪري ٿو ۽ سندن سار لهي ٿو. هن جو رويو ايڏو نماڻو هوندو آهي جو وايو منڊل ۾ وگوڙ بگيڙو پيدا ئي ڪونہ ٿيندو آهي. اهو رويو ڪائنات جي مظهرن جي لاڳاپن کيۡ تباه ٿيڻ کان بچائي سگهي ٿو.هيءَ ڏاڍو منجهيل مسئلو آهي جنهن سان موجـ.ـده دؤر جو ماڻهو دوچار آهي. صوفي ذڪر جو اتساه نہ فقط قرآن مان پر حديث مان بہ وٺندو آهي. چيو ويندو آهي تہ هڪ ڏينهن رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو هو تہ هن دنيا جي هر شي تي ڪٽ چڙهندي آهي ۽ ساڳيءَ ريت دل بہ ڪٽجي ويندي آهي. انهن شين تان ڪٽ لاهڻ لاءِ ڪيئي طريقا آهن پر دل تان ڪٽ لاهڻ جو فقط هڪ رستو آهي. اصحابن سڳورن عرض ڪيو تہ سائين اهو ڪهڙو طريقو آهي. پاڻ سڳورن فرمايو "اهو طريقو ذڪر الله آهي". ذڪر ئي هڪ اهڙو رستو آهي جنهن تان هلي صوفي پنهنجي اندر جو سفر اختيار ڪندو آهي. ڪيس ڪيترين منزلون طئي ڪرڻيون پون ٿيون ۽ النفس المطمه واري درجي تي پهچي وڃي ٿو. تصوف جو سڀ کان مٿانهون مقام فقر آهي. صوفي هن منزل کي پلو پاڳ سمجهندو آهي، ڪيس ڪنهن شَي جي سڌ ڪانہ هوندي آهي. سندس ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جي سگهہ بہ تمام گهٽي وڃي رهندي

آهي. هن جي دل جون وسعتون بہ روشن ٿي وڃن ٿيون. صوفي هن قسم جي ڪيفيت ڪي دل جي اک کلڻ سڏيندا آهن ۽ ڪيس بصيرت جو هڪ نظارو نصيب ٿي ويندو آهي. ان ذڪر وسيلي صبر جي وسيع تلاءَ مان مستقل ماٺ جو چڪڙو ملي ويندو آهي.

موجوده دؤر جي ماڻهو جي عقل ۽ سوچ کان ئي اها ڳالهہ ٻاهر آهي جو هو صوفي جي مختلف مرحلن مان گذرڻ واري ان حالت کي محسوس ڪري سگهي. صوفي هن دنيا کي پنهنجي ذاهپ ۽ ذات واري اک سان ڏسندو آهي. هو اصلي ۽ بنيادي سچائي جي نقطۂ نظر کان هڪ عام روايتي ماڻهو هوندو آهي. وٽس ڪائناتي اصولن تي ٻڌل سچائي جي هڪ وحدت هوندي آهي. موجوده دؤر جو ماڻهو اهڙي ڪائنات کان پري، هر احساس کان وانجهيل، روحانيت جي تقدس کان اجاڻ ۽ مادي دنيا جي واڳونءَ جي وات ۾ ڦاٿل آهي، جديد صنعتي سماج هن ڪائنات جي صفا ٻاهرئين ڪناري وٽي رسي ٿو. موجوده دؤر جو انسان شعوري ڪوشش ڪندي مالي فائدن لاءِ هڪ کان ٻئي ماڳ تائين ڀڄندو رهي ٿو ۽ پنهنجي هن دنيا کي سوڙهو ٿو سمجهي. سندس سوچ ۽ نظر هن مادي دنيا جي سرحدن کان ٻاهر ڪانہ ٿي وڃي. هو ان لائق ڪونہ آهي جو ٻيءَ دنيا ۾ جهاتي پائي سگهي. هو قادر مطلق کان ڇرڪي ۽ ڀڄي ٿو. جڏهن تہ صوفي حق جي هيڪڙائي ۾ مگن آهي. خدا جي وحدت اسلام جو مکيہ متو ۽ تصوف جي تعميرات جو مکيہ پٿر آهي. اسلام ۾ تصوف جو سارو جوڙجڪ توحيد جي چوڌاري طواف ڪندو نظر ايندو. غزاليءَ جو قول آهي تہ توحيد فقط زبان سان اقرار نہ هوندو آهي. اسلام ۾ "شهادت" جو مفهوم دل تي گهڻو اثر ڪري ٿو ۽ اهو مراقبي ۾ ويهي ڌيان ۽ گيان ڪرڻ کان وڌيڪ اثر پذير هوندو آهي.

صوفيءَ جو الله سان ازلي عشق هوندو آهي ۽ پنهنجي جذبن جي اظهار واسطي شاعريءَ جوسهارو وٺندو آهي، جنهن ۾ هو پنهنجي بلند خيالن جي انتها ڪريو ڇڏي. اهڙي شاعري مسلم دنيا جي هر ٻوليءَ ۾ ڏسبي.

صوفين جي گهڻائي شاعر هوندي آهي. سندن شاعري هنن جي صوفيانہ جتن ۽ جاکوڙ جو نچوڙ هوندي آهي: صوفين جو خيال آهي تہ سندن شاعريءَ ۾ ڪتب آندل لفظ نہ ٻڌائڻ جهڙن ڳجهن کي سڌي ۽ اڻ سڌي نموني پڌري ڪرڻ لاءِ اڻپورا ياسبا آهن. تنهن ڪري هنن لاءِ علامتي اظهار ڪانسواءِ ڪو ٻيو ڳس ڪليل ڪونہ هوندو اهي ۽ ان ئي وسيلي پنهنجي اندر جي اڪيڙ ڪندو آهي. سندس ڪتب آندل اشارا ڪنايا ان مقدس هستي سان ڪچهري سمان سمجهيا ويندا آهن، جيڪي "ٻوليءَ جي ٻولن ۽ هڪ موضوع کان ٻئي تائين پڪڙڻ کا مٿاهان هوندا

آهن." تصوف جي شاعريءَ ۾ ڏک ڏوجهرا ضرور هوندا آهن جيڪي ان مقدس هستيءَ جي وڇوڙي جو لازمي نتيجو هوندا. ابن عربيءَ جي "تخيل" بابت ڪاربن، پنهنجي خيال جو اظهار هن ريت ڪيو آهي ته "علامت، عقلي شهادت کان الڳ هڪ روحاني رمزن جو جدا جهان جوڙڻ جو اظهار ڪندي آهي. اهو ڳوڙهي ڳجهه، ڳالهائڻ ۽ اندر جي اوپر ڀاڱڻ جو اڪيلو وسيلو آهي. صوفي شاعر کي پڪو ويساه آهي ته هيءَ جڳ جهان پرک جو پڙ ۽ ڪتڻ ۽ هارائڻ جو هنڌ آهي.

ڪڏهن صوفي خلوت ۾ ويهي ذڪرِ الاهيءَ ۾ مشغول ٿيندو آهي يا اڪيلائي ۾ ويهي جيءَ ۾ جهاتي پائي پاڻ سڃاڻڻ جو جتن ڪندو آهي ۽ ڪڏهن مجلس- اهل- ذڪر ۾ ويهي ٻين سان گڏجي ذڪرِ الاهي جو شغل ڪندو آهي يا رسول پاڪ صلي الله عليه وسلم تي صلواة ۽ سلام پڙهندو آهي. ڪڏهن محفل سماع بہ ٿي ويندي آهي. چيو ويندو آهي ته مولانا رومي اهڙين محفلن ۾ وجد ۾ اچي نچڻ شروع ڪري ڇڏيندو هو.سندس قول آهي تہ اهو ناچ الله جي عاشق جيئڙن جي روحاني خوراڪ آهي. صوفين جا الڳ الڳ سلسلا آهن جهڙو قادري چشتي، نقشبندي ۽ سهروردي جن جو محفل سماع لاءِ نقطئہ نظر بہ ڌار ڌار آهي. قادري فرقي وارا صوفي محفل سماع کي اڳهن لاءِ ٻاجهہ جي ٻڪي سمجهندا آهن، جنهن وسيلي پتڪيل ماڻهو اچي ان مقدس هستي جي چائنٺ تائين پهچندا آهن. اها هڪ وجداني ڪيفيت آهي. وڏن صوفين جي خيال موجب اها هڪ اهم منزل آهي ۽ اتي پهچي صوفي پنهنجو اعليٰ مقام ماڻي وٺندو آهي. اها هڪ اهڙي حالت آهي جو اندر ۾ جواريانا واري آنذمانڌ يا جوالا مکي جهڙو ڪورو پيو ڪامندو آهي ۽ٻاهر مسائن جهڙي ماٺار ڇانيل هوندي آهي. دارا شڪوه پنهنجي مشهور ڪتاب سڪينة الاوليا ۾ ميان مير (سنڌي)، قطب الدين گنج شڪر، نظام الدين اوليا جا نالا ٻڌايا آهن جيڪي محفل سماع جا شائق هئا، پر نقشبندي سلسلي جا صوفي اهڙين محفلن کان پري رهندا هئا. ام طور تي سڀ صوفي صاحب جماليات هوندا آهن ۽ رسول پاڪ ﷺ جي حديث جو حوالو ڏيندا آهن تہ الله سهڻو آهي ۽ سهڻن سان پيار ڪندو آهي. خدا جو بہ فرمان آهي تہ "قرآن کي سهڻي آواز سان ٺاهي ٺاهي پڙهہ". قرآن شريف گيان ۽ ڌيان سوچ سونجهہ جو وڏو وسيلو آهي. صوفي مٺڙي آواز سان قرآن شريف کي پڙهندو آهي، انهيءَ لاءِ جيئن هو الله سان هميشہ واڳيل هجي ۽ کيس رحمتن ۽ برڪتن سان نوازيو وڃي. علي هجويري بہ ڪشف المحجوب ۾ فرمايو آهي تہ سهڻو آواز انسان جي وڏي سونهن آهي.

متي چئي آيو آهيان تہ صوفي ڌيان گيان ۽ جاڪوڙ جو سنگم آهي، تصوف

جو بنياد جتن ۽ جاکوڙ، هن جي سياءَ ۽ سرشت ۾ پيل هوندي آهي. عمل صالح انسان جي نرواڻ (نجات) جو ڪارڻ هوندا آهن. سماجي ڀلائي انهن صوفين جو هڪ بين الاقوامي پڌرنامو آهي. لوئس مئسينان جو قول آهي ته صوف هڪ سولي ۽ ننيڙي ڳالهه ڪانه آهي، نه وري ڪنهن فارميسي جي ٺهيل دوا جو ترڪيبي فارمولو آهي. هيءَ اڳهي روح کي سگهي ڪرڻ جي هڪ ڪلا آهي، جيڪا ويچ ڪنهن اڳهي تي آزمائش ڪان اول ان جي اثر کي پهريائين پاڻ تي پرکي ڏسندو آهي ته اها بين لاءِ لاڀائتي ٿيندي يا نه. مئسينان هن کي عام ماڻهن جي نفسياتي مسئلن ۽ ڏکن ڏوجهرن کي ڏور ڪرڻ لاءِ مهان ويچ سمجهي ٿو. تصوف جو سماجي ڪارج به اهو آهي يعني تصوف جو مرٿينگ مريض کي چيٽي چڱي ڀلي ڪرڻ وارو مسيحا ٿي ملهه (قدر). وڏن صوفين پنهنجي اندرينءَ ڳجهيءَ سگهه وسيلي ڏکايل ۽ ڏهڪايل ماڻهن جي ڦٽن تي پيار جا پها رکيا آهن ۽ ساري سماج جي ڏکندن کي ڏور ڪيو آهي جنهن کي سورن ۽ پورن پيچي پوري رکيو آهي.

چيو وڃي ٿو ته تصوف هڪ سائنسي علم ڪونه آهي، جنهن تي سائنسي طريقي سان سوچجي ويچارجي، پر سهڻا اخلاق، نماڻائي نوڙت ۽سهپ هوندا آهن، جيڪي صوفين کي ٻين کان نرالو ڪري بيهاريندا آهن. صوفي ٻين ثقافتن کي به مان مرجاتا ڏيندا آهن. تصوف جي لغت ۾هنسا جو ٻول لکيل ٿي ڪونه هوندو آهي. تاريخ ۾ پڻ اهو نظر ايندو ته صوفين سماج جي ثقافتي اوسر ۾ تمام گهڻي واهر ڪئي آهي. مثال طور منگولن حملا ڪري وچ ايشيا جي سماجي تاجي پيٽي کي ڏانوان ڏول ڪري ڇڏيو هو. جڏهن سماج جي سڌاري لاءِ سڀئي، جملي وسيلا ناڪام ثابت ٿيا ته حسين ناصر پنهنجي تصوف جي طاقت سان امن آشتي پيدا ڪري سماج جي وڳوڙي وايو منڊل ۾مانار آندي هئي. تصوف وسيلي نيت پت، انيت ۽ نياءَ انياءَ تي سوپ پاتي آهي. صوفين نه رڳو ڀلائي ۽ عقل جي آزادانه استعمال جي اصول کي پري پري تائين پکڙيڻ واسطي پاڻ پتوڙيو پر ماڻهن جي ڪردار جي تعمير به اخلاقي بنيادن تي ڪئي. ان ڏس۾ صوفين جا اوتارا مڪتب ۽ يونيورسٽين جا نعمُ البدل ٿي پيا هئا ۽ جسماني بيمارين سان گڏ روحاني روڳن جا به طبيب ۽ ويچ بڻجي پيا ها. سندن دائرا عوام جي طبعي بيمارين جا طبابت خانه ۽ سندن اڌ ٿيل آتمائن جا شفاخانه هئا، اهم حقيقت هيءَ به آهي ته اسلام اندر صوفي مسلڪ علم آگهي ۽ تهذيب جي تعمير ۽ ترقيءَ ۾ مکيه ڪردار ادا ڪيو آهي.

وچ ايشيا جي صوفين جڏهن سنڌو ماترڀءَ ۾ قدم رکيو (جنهن کي هاڻي پاڪستان چيو وڃي ٿو) ته تصوف جي نئين . ڀڻن جنم ورتو. ان جو ڪڻار ۽ اهم

هوند منجهس مستقل اسلامي ثقافتي قدر موجود هئا جن پنهنجي شاعري ۽ موسيقيءَ جي مدد سان ڪلا کي هڪ نئين جلابخشي، نوان ڍنگ، نوان ڍپ عطا ڪيا. پنهنجي پر ۾ سندن ڪو مَٽُ ثاني بہ ڪونہ هو. صوفي شاعرن سنڌي سرائڪي پشتو پنجابي ۽ بلوچيءَ ٻولين ۾تصوف جا باريڪ نڪتا بيان ڪيا. هن ڏس ۾ميان مير (سنڌي) شاهہ عبداللطيف، سچل سرمست، بُلي شاهہ، شاهہ باهو، خواجہ غلام فريد، فريد گنج شڪر، رحمان بابا قابلِ ذڪر نالا آهن، جن عام ماڻهوءَ جي ذهني ۽ جسماني اوسر جي ڏس ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.

صوفي، ڪائنات جي فطري موسيقيءَ سان هم آهنگ آهي. ڪيس پڪو ويساهہ آهي تہ خدا جي هر تخليق ۾ تقديس موجود آهي، پر جديد دؤر جي ڪُڻ چور انسان ان تقدس کان لڱ لاڳاپا ٽوڙي صنعتي مهاڇار ۾ جڪڙجي منشيات، تشدد، نسلي تفريق ۽ انساني حقن جي لتاڙ ۾ جنبي ويو آهي. سندس ويچار آهن تہ هن.... دنيا کان پوءِ ٻيو جهان ڪونهي ڪو، پر صوفي سمجهي ٿو تہ هن وجودياتي سچائي کانپوءِ بہ هڪ جهان آهي جنهن کي روشن ضمير انسان محسوس ڪري سگهن ٿا. صوفي سمجهي ٿو تہ ضمير کانسواءِ علم، روحاني تباهي آهي، نہ رڳو روحاني تباهي پر دنيا جي هر شَي جي تباهي آهي. اڄ اسان علم ۽ ٽيڪنالاجي ڊاءِ کان ڊڄي سڪي سوڙها ٿي ويا آهيون. اسان ائٽمي هٿيارن ۽ ماحول جي گدلاڻ کان ڏهڪائجي ويا آهيون.اسان انهي ڪَرَ ۾ ڪنبي ويا آهيون تہ متان هن ڌرتي تي رهندڙ هر وجود ناس نہ ٿي وڃي.اسان جديد دؤر جي للڪارن جو جواب فقط صوفياڻي مسرت ۽ سوچ ۽ ڏاهپ سان ڏئي سگهنداسون.

پال وٿلري پنهنجي مشهور ڪتاب ۾ هن ريت لکيو آهي تہ اسان، ٻيءَ ثقافت جا ماڻهو هاڻي سمجهون ٿا تہ اسان مرڻا آهيون، ڪيئي جهان تباهہ ٿي ويا. شهنشاهتون ناس ٿي ويون، سندن جنگي جوڌا، هٿيار ڪمال جيَ چوٽيءَ تان زوال جي پاتال ۾ ڪري پيا. متائن صدين جي واري وري وئي. سندن ديوتائن، سندن قانونن ۽ تعليمي ادارن ۽ لغتن کي وقت جي ڌوڙ ڌونڌاڙي ختم ڪري ڇڏيو. اسان سمجهون ٿا تہ تاريخ جي پاتال کي وڏي وسعت آهي، جيڪا اسان سيني کي پاڻ ۾ سمائي سگهي ٿي. اهو بہ محسوس ڪريون ٿا تہ دنيا جون سگهاريون ثقافتون بہ انساني حياتيءَ جيان ڪڻ ڀنگر آهن. صوفيءَ وٽ هڪ بي مثال روحاني طاقت آهي جنهن وسيلي هو جديد دؤر جي انسان کي تاريخ جي هولناڪين کان بهتر نموني سان بچائي سگهي ٿو.

٢ـ فريدرڪ نيتسشي

(1900ع - 1844ع)

بدرالدين اُچڻ

فريدرڪ نيتسشي جو جنم پندرهين آڪٽوبر 1844ع تي پروشا جي شهر راڪن ۾ ٿيو هو. اتفاق سان پروشا جي بادشاه فريدرڪ وليم (چوٿون) جو جنم ڏينهن به ساڳيو هو ۽ ان ڪري فريدرڪ جو نالو سندس والد خوشيءَ وچان بادشاه جي نالي پٺيان ئي رکيو. سندس والد حڪومت ۾ وزير رهي چڪو هو ان ڪري هن جي خاندان جو تعلق اعليٰ گهراڻن سان ئي رهيو.

فريدرڪ نيتسشي جي والد جو موت هن جي ٻالپڻي ۾ ٿيو، ان ڪري نيتسشي جي پرورش خاندان جي عورتن وٽ ٿي ۽ اهوئي سبب آهي جو هن جي طبيعت ۾ به نفاست، نزاڪت ۽ نرميءَ سان مذهبي رنگ وڌيڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اسڪول جي ڏينهن ۾ ئي سندس آواز ۾ نزاڪت ۽ ميٺاج هو. جڏهن هو بائيبل پڙهندو هو ته اهڙي نرم ۽ سوزو گداز واري انداز سان جو ٻڌندڙن جي اکين ۾ ڳوڙها تري ايندا هئا، تنهنڪري هن کي عام طرح.

"a little minister" يا "a Jesus in the temple"

جي نالن سان سڏيو ويندو هو.

نيتسشي جي طبيعت اسڪول جي حرڪتي ۽ سرڪش ٻارن سان بلڪل ئي نه ملندي هئي، ان ڪري هو، حرڪتي ٻارن کان الڳ رهندو هو.

نيتسشي شروع کان ئي مذهبي تعليمات جي اثر ڪري، ڪليسائي ڪرشمن ۾ يقين رکندو هو ۽ نفس تي سختيءَ سان ضابطي جو قائل هو. ڪيس يقين هو ته جسم کي سختي ۽ نفس تي پابنديءَ سان ئي روحانيت ۾ واڌارو اچي ٿو. هو هميشه خالق جي تلاش ۾ رهيو ۽ آخر ان نتيجي تي پهتو ته:

"What Iam not, that for me is God and virtue"

يعني ”جيڪي مون ۾ ناهي سو مون لاءِ خدا ۽ باطني قوت آهي“ شه ٭عاتي

زندگيءَ ۾ ئي مذهبي ٽڪرائن ۽ تصوراتي ڪشمڪش ڪري، ارڙهن سالن جي عمر ۾ نيتسشي کان سندس بزرگن وارو خدا موڪلائي ويو. باقي زندگي هن نئين ديوتا جي تلاش ۾ گذاري ۽ آخر ۾ فوق البشر "Superman" ۾ هن اها معجزاتي هستي ڳولي لڌي ان تبديليءَ نيتسشي جي زندگيءَ ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو ۽ نتيجو اهو نڪتو جو هن ذهني پريشانين مان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ پيئڻ کائڻ ۽ عيش و عشرت ماڻڻ وارن دوستن سان BONN ۽ LEIPZIG ۾ وڃي شامل ٿيو. پر هتي به گهٽا ڏينهن هلي نه سگهيو ۽ هن جي ذهن کي شراب، تماڪ ۽ حسينائن جا نخرا به سڪون مهيا ڪري نه سگهيا ۽اهو ڇئي اتان به الوداع ڪيائين ته اهڙي زندگي ذهن جي آڏامر ۽ اعليٰ آدرش نٿي ڏئي سگهي.

نيتسشي ٽيويهن سالن جي ڄمار ۾ فوج ۾ وڃي ڀرتي ٿيو جيتوڻيڪ هن جي نظر فوج گيريءَ لاءِ مناسب نه هئي. ڪجهه ئي ڏينهن ۾ هُو گهوڙي تان ڪري پيو ۽ سندس پاسريون ڀڄي پيون. اهڙي طرح سان هن کي فوج مان خارج ڪيو ويو.

نيتسشي جي زندگيءَ ۾ پنجويهن سالن جي عمر ۾ هڪ عجيب انقلاب اچي ويو، فوج جي نوڪري ڇڏڻ کانپوءِ هن علمي ۽ ادبي زندگيءَ جو آغاز ڪيو. بيسل (Basle) يونيورسٽي ۾ هن کي ريسرچ فيلو شپ ملي وئي ۽ اتي هن Ph:D جي ڊگري حاصل ڪئي. علمي ڪاوش سان گڏ هن کي موسيقي سان به لڳاءُ ٿي پيو ۽ "پيانو" سان نينهن لڳايائين ۽ سندس چوڻ مطابق ته:

"Without Music, life would be a mistake"

يعني "موسيقي کانسواءِ زندگي غلط راهه اختيار ڪري ويندي آهي "بيسل يونيورسٽي کان ٿوري فاصلي تي Tribschen ۾ جديد موسيقيءَ جو خالق Richard wagner رهندو هو، جنهن جي دعوت تي 1869ع ۾ نيتسشي اتي ويو ۽ Wagner جي ناهيل موسيقيءَ جي مختلف سُرن مان مستفيض ٿيو. ان موسيقيءَ، نيتسشي جي ذهن ۾ طوفان برپا ڪري ڇڏيو ۽ اهڙيءَ طرح سان هن جي ذهني صلاحيتن ۾ نئون مانڊاڻ متو، جنهن جي اثر هيٺ نيتسشي لکڻ جو آغاز ڪيو ۽ سندس پهرين ڪاوش هڪ يوناني ڊرامو هو، جڏهن ته، آخري ڪتاب "The Ring of Nibe Lungs" آهي.

نيتسشي هتان ڪُوچ ڪري آپس "Alps" جي پهاڙن ڏانهن روانو ٿيو ته جيئن سُڪون سان ويهي قلمي ڪاوش جاري رکي. نيتسشي پهاڙيءَ ۾ قيام پذير هو ته کيس 1870ع ۾ اطلاع مليو ته فرانس ۽ جرمني وچ۾ جنگ ڇڙي وئي آهي.

نيتسشي جي ذهن کي جنگ جي خبر اهڙو ته پريشان ڪيو جو هن جي

لکڻ جو ڪم رولي ۾ پئجي ويو. هن جي آڏو جنگ جي تباهه ڪُن اثرات جا عڪس ڦِرڻ لڳا ۽ جنگ جي عمل کي هن شرمناڪ جڙ Shameful origin ڪوٺيو، چاڪاڻ تہ جنگ سان قوم جي صلاحيتن، فردن ۽ وسيلن جي تباهي ٿيندي آهي. ان جي باوجود قومون جنگ جي ميدان ۾ ٽپي ٿيون پون ۽ ان عمل کي بهادري Heroism جي نالي سان ساراهيو ٿو وڃي ۽ اڪثريت کي شجاعت، بهادري ۽ سوڀ جا سبز باغ ڏيکاري گمراهہ ٿو ڪيو وڃي. نيتسشي بہ قوم جي جذباتي ريلي ۾ وهي ويو ۽ محاذ طرف هلي پيو. محاذ طرف ويندي Frankfost ۾ هن هڪ گهوڙي سوار فوجي دستو محاذ طرف ويندي ڏٺو. ان دستي جي حوصلي، نظم و ضبط، شجاعت ۽ شان و شوڪت، نيتسشي جي ذهن کي اهڙي بصارت (Vision) ڏني، جنهن سان هن جي شعور جا پردا کلي پيا ۽ بقول نتسشي تہ "هن جي فلاسافيءَ جو آغاز اتان ٿئي ٿو." جنهن جي شروعات هنن لفظن سان ڪري ٿو.

"I felt for the first time, that the strongest and highest struggle for existance, but in a will to war, a will to power, a will to over power"

"مون پهريون ڀيرو محسوس ڪيو تہ زندگي گذارڻ جو عظيم ترين ۽ مضبوط ترين آدرش، بي وس ۽ مظلوم ٿي گذارڻ ۾ ناهي، پر جنگجو ٿي رهڻ، طاقت/ اقتدار حاصل ڪرڻ ۽ حالتن تي غالب ٿي رهڻ ۾ آهي."

نيتسشي، نَظَر جي ڪمزوريءَ سبب فوج ۾ نہ وڃي سگهيو ۽ ان ڪري پاڻ نرسنگ "Nursing" جو پيشو اختيار ڪيائين، هن چيو پٽي تہ جنگ جي ميدان تي وڃي پاڻ جنگي مشقون ۽ تباهہ ڪاريون ڏسي، جيڪي پوءِ هن تصور ۾ پٽي محسوس ڪيون. هن جي طبيعت ايتري تہ نازڪ ۽ نفيس هئي جو نرسنگ دوران ٿي ڪنهن جو رَتُ ڏسندو هو تہ بيهوش ٿي ويندو هو.

نيتسشي لاءِ اهو مشهور ٿي ويو هو تہ هن جي رڳن ۾ ڇيلي جهڙو رت هو، ذهن ڪارلائيل جيان مضبوط هوس پر سندس جنگجو جسم ۾ هڪ نرم ۽ نفيس ناريءَ جهڙي دل بہ هئي.

نفيس ۽ نرم دل هجڻ ڪري نيتسشي، راڳ ۽ رنگ سُر ۽ تار ڏانهن بہ گهڻو مائل هو. يوناني آرٽ، ميوزڪ، ڊانس ۽ وجداني ڪيفيت مان هن گهڻو لطف حاصل ڪيو. ان راه تان گذري نيتسشي زندگيءَ جي خاموش، خوبصورت ۽ اعليٰ آدرشن تائين وڃي رسيو. يوناني ڊرامن بہ نيتسشي کي گهڻو متاثر ڪيو. زندگيءَ ۾ اعليٰ آدرش اهو آهي جيڪو حاصل نہ ڪري سگهجي ۽ جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هميشه جستجو جاري هجي.

"The best of all is unobtainable...."

يعني تہ نامممڪن الحصول سڀ کان اعليٰ آهي.

نيتسشي 1872ع ۾ Basle موٽي آيو. حالانڪہ جسماني طور تي ڪمزور هو پر ذهني طور تي عظيم هو. جنگ جي تباهہ ڪارين هن کي مايوس ڪري وڌو، هن ارادو ڪيو تہ زندگيءَ ۾ ايندڙ تلخ حقيقتون عوام آڏو پيش ڪجن ۽ انهن مان سبق حاصل ڪري آئيندي جي عمارت جوڙي وڃي. ان لاءِ حقيقت پسند فلاسافرن جي پرگهور لهجي ۽ انهن جي پرورش ڪري ڪائنڻ علم حاصل ڪجي. نيتسشي موجب تہ اهڙن عظيم انسانن جي کوٽ آهي ۽ سرڪاري ادارن ۾ اهڙن ماڻهن لاءِ ڪا جاءِ ڪانهي اتي صرف درباري عالم ئي پيدا ٿي سگهن ٿا.

نيتسشي جي زندگيءَ ۾ هڪ عجيب انقلاب آيو ۽ هو آرٽ مان وڃي سائنس جي مطالعي ۽ مشاهدي تائين پهتو. ان دوران هن هڪ ڪتاب "Human, all too human" لکي ورتو ۽ فلاسافي تي گهٽو زور ڏنائين، جنهن لاءِ سندس لفظ آهن تہ:

"Philosophy, which offers an asylum, where no tyrrany can penetrate.?

يعني "فلسفو انسان کي اهڙي جاءِ پناهہ مهيا ڪري ٿو جنهن ۾ تشدد يا زورآوري گهڙي نٿي سگهي" نيتسشي 1879ع دوران سخت بيمار ٿي پيو ۽ مرڻينگ حالت تائين پهتو ۽ وصيت بہ ڪيائين تہ منهنجي جنازي ۾ فقط دوست ئي هجن ۽ نہ ڪي اجايون تحريرون ورجائڻ وارا پادري.

موت بہ هن کي ماتِ نہ ڏئي سگهيو ۽ ان ڪشمڪش مان هڪوار وري توانو ٿي اٿيو ۽ جوش ۽ جذبي سان نيتسشي پنهنجي پروگرام جو آغاز ڪيو. نئين تحريڪ ۾ هن بہ ڪتاب لکي ورتا جيڪي جڳ مشهور ثابت ٿيا ۽ عالمي ادب ۾ انهن کي ميجتا حاصل ٿي)

(صبح جو آغاز)The Dawn of day (1881)

(ii) TheJoyful wisdom (1882).ڏاهپ مسرت بخش

ان دوران ئي نيتسشي هڪ ٻيو ماسٽر پيس لکي ورتو.

Thus Spake Zora thustra (1883).جيئن زردشت ٻوليو

ٻوئين ڪتاب کي اڻويهين صديءَ جو شاهڪار ڪوٺيو ويو. نيتسشي جي زندگيءَ جو نچوڙ هن ئي ڪتاب ۾ ملي سگهي ٿو.

"Not mankind, but superman is the goal".

يعني "رڳو بشريت نہ بلڪہ فوق البشريت ئي مقصد حيات آهي" نيتسشي اعليٰ انساني آدرشن جو حامي هو. هن عظيم انسان جو تصور Superman جي روپ

۾ ڏنو آهي. هن موضوع بہ نيتسشي جي زندگيءَ ۾ وڏي اهميت رکي ٿي ۽ ان تي ڪافي بحث ڪيو اٿس، ان بحث جي پڄاڻي هيٺين لفظن سان ڪئي اٿس.

"Ye lonely ones of to day, Ye who stand apart, ye shall one day be a people, from you who have chosen yourselves, a chosen people shall arise, and from it the superman".

قومن کي مخاطب ٿيندي نيتسشي چوي ٿو تہ:

"اڄ توهان جيڪي گمنام فردن وانگر گهاريو ٿا جيڪي توهان مان يڪ طرفا ۽ مخصوص واٽ وٺي بيهندا. هڪ ڏينهن توهان کي "انسان" جي فضيلت جو احساس جاڳندو. توهان منجهان جيڪي قومون ڪجهہ ڪرڻ جو فيصلو ڪنديون سي ابرنديون ۽ انهن منجهان فوق البشر پيدا ٿيندا."

نتسشي کي 1865ع ڌاري شوپنهار (Schopenhour) جو ڪتاب "World as will and Idea" هٿ لڳو ۽ هن ان ڪتاب جو ڳوڙهو مطالعو ڪيو ۽ ان کان ڏاڍو متاثر ٿيو، سندس ئي لفظن ۾ ڪتاب جي تعريف تہ:

"A Mirror in which I espied the world, life and my own nature depicted with fright full grandeur".

شوپنهائر جي فلاسافي ۽ خيالن، نيتسشي کي بيحد متاثر ڪيو ۽ اهڙيءَ طرح سان هن، دنيا کان علحدگي اختيار ڪري وڃي مايوسين ۽ محرومين جي گود ۾ پناهہ ورتي. نيتسشي جي مايوسين ۽ محرومين مان نجات تڏهن ٿي جڏهن هن گوئٽي Goethe ۽ Spinoza جو مطالعو ڪيو پر تڏهن بہ شوپنهائر هن جي ذهن تي ڇانيل رهيو.

جمهوريت بابت نيتسشي عجيب ڳالهہ ڪئي آهي، هن موجب "جمهوريت هڪ وهڪرو آهي، هڪ لهر آهي، ان لهر ۽ وهڪري ۾ هر چيز کي آزادي آهي تہ جيئن چاهي تيئن ڪري، جيڏانهن چاهي تيڏانهن وڃي."

باهمي صلاح مشوري ۽ هم آهنگي جو گهٽ عمل دخل ٿئي ٿو، آزاديءَ واري سوچ رکڻ واري سماج ۾، ان مان وچترو سماج جڙي ٿو ۽ صلاحيتن کان نفرت ٿي جنم وٺي. نيتسشي جو چوڻ آهي تہ اهڙي گهٽ صلاحيتن واري سماج ۾ اعليٰ آدرشي انسان ڪيئن اڀري ايندو ۽ اهڙو سماج ترقيءَ واري راهہ تي ڪيئن گامزن ٿيندو جڏهن ان جا باصلاحيت ۽ اهل ماڻهو پوئتي رهجي ويندا ۽ گمنام ٿي گذارو ڪندا. اهڙي سماج ۾ ڪردار ۽ صلاحيتن جو فقدان پيدا ٿيندو، گهٽ ۽ پوسٽ واري فضا قائم ٿيندي، چڱي ۽ بري جي تميز ختم ٿي ويندي. ايتري تائين جو مرد ۽ عورت جي سڃاڻپ بہ ختم ٿي ويندي ۽ مردن جي رهنمائي عورتون

ڪنديون اهڙي ڪمزور سماج ڪي عورتن جي آزادي سڏيو وڃي ٿو، جڏهن ته عورت جو مڪمل روپ سندس ماءُ واري ڪردار ۾ سٺو لڳي ٿو.

نيٽسشي سياست جي باري ۾ سهڻي ڳالهه ڪئي آهي. چوي ٿو ته ان وقت سياست جو اهم مسئلو اهو هو ته صنعتڪار ڪي حڪمران ٿيڻ نه ڏجي، ڇو ته هن جو ذهن فقط منافعي تائين محدود ٿئي ٿو ۽ هو ڪوتاهه نظري جو شڪار رهي ٿو ۽ جڏهن ته سياست ۾ دور انديشي، برداشت، تجربي ۽ تحمل جي ضرورت آهي. اهي چند ماڻهو يا حڪمران لڏي سان تعلق رکندڙ خانداني سياست ڪار ٿي آهن جن ڪي تجربي، تربيت، تحمل ۽ سياسي ڄاڻ هئڻ ڪري حڪمراني ورثي ۾ ملي ٿي ۽ ڪين ٿي سونهين ٿي.

سياست جي وهنوار ۾ سادي عوامي اڪثريت جي اهميت پنهنجي جاءِ تي آهي پر ان ڪي عوام ٿي ٿي رهنو آهي، ڇاڪاڻ ته حڪمران فقط چند ماڻهو ٿي ٿي سگهندا نه ڪي سڀئي ماڻهو. ان اڪثريت جي نالي پٺيان، جيڪا سادي، سلوڻي، محنت ڪش ۽ جفاڪش هوندي، اهڙي تهذيب جنم وٺندي جيڪا عظيم ۽ اعليٰ آدرشن جي مالڪ هوندي. نيٽسشي ان لاءِ هيئن چوي ٿو.

" A high civilization is a pyoonid, it can only stand upon a broad base, its pre-requisite is a stongly and soundly consolidated mediority".

نيٽسشي عظيم سماج يا ترقي يافته قوم لاءِ عظيم آدرشن جي ضرورت تي زور ڏنو آهي. اعليٰ انساني خصلتن ۽ خوبين ڪانسواءِ ڪابه قوم پاڻ ڪي ترقي پذير، اعليٰ ۽ عظيم نه ٿي سڏائي سگهي، جيڪا قوم نفرتن، ڪوتاهين ۽ انسانيت سوز حرڪتن ۾ مبتلا رهندي ان ڪي عظيم قوم سڏائڻ جو حق ناهي ۽ اها قوم ثقافتي ميدان ۾ به پوئتي رهجي ويندي.

نيٽسشي جي لفظن ۾

"How can a great culture grow in this air of patriotic prejudice and narrowing provincialism".

يعني "هن وطن پرستانه تعصبات ۽ تنگ دلانه صوبه پرستيءَ جي فضا ۾ نيٺ به هڪ عظيم واهپ (ثقافت) ڪيئن اسري سگهندي."

۴ـ باعزت لفظن جو سفر

زوار نقوي

سنڌي ٻوليءَ جي سر موڙ شاعر امداد حسينيءَ جو هڪڙو ٽيڙو آهي:

"لفظ زبرون زيرون،
پني تي پکيڙي ڇڏيم،
ست رنگا پيرون."

۽ هميشہ کان لفظ منهنجي لاءِ بامعني، مقصد ڀريا ۽ محترم رهيا آهن، مان انهن سان ايترو ئي پيار ڪندو آهيان، جيترو موزارٽ پنهنجي شاهڪار آپيرا The Marriage of figaro سان ڪندو هو، يا سامي پنهنجي سلوڪن سان ڪندو هو يا جيترو پٽائيءَ کي پنهنجي ڪراڙ عزيز هئي ۽ مان انهن ماڻهن سان بي انتها محبت ڪندو آهيان، جن جي آڏو لفظ احترام ڀريا هوندا آهن ۽ هو لفظن سان بي تهاشا عشق ڪندا آهن:

عشق جو سِرِ نميل ۽ جان تپيل آ جنهن ڪان،
اڄ اقرار ڪريون ۽ تپش ڏهي وڃي،
حرفِ حق دل ۾ ڇُپِي ٿو ڪَندي وانگيان!
اڄ اظهار ڪريون ۽ خلش ڏهي وڃي۱.

مان هميشہ کان اُن راءِ جو رهيو آهيان تہ لفظ علم ۽ ڏاهپ جي طرفان ڏنل اها شاهڪار ۽ خوبصورت سوکڙي هوندا آهن جن جي هڪ خاص اهميت ۽ حيثيت هوندي آهي ۽ انهن جو صحيح ۽ وقتائتو استعمال انهن جي تقدس کي برقرار رکي سگهندو آهي. هن دنيا ۾ اهڙا تمام گهٽ ماڻهو آهن، جيڪي انهن جو صحيح ۽ وقتائتو استعمال ڪرڻ ڄاڻندا آهن تہ ڪٿي ۽ ڇا ڳالهائجي؟ هو فقيرن سان فقيرن جي ٻوليءَ ۾ ۽ اميرن سان اميرن جي ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ ڄاڻندا آهن. (ٻاڻ هتي اهو قطعي طور تي بحث نٿا ڪيون تہ فقير ڪير ٿيندا آهن). هو پبلڪ پليس کان وٺي پارليامينٽ هائوس تائين ڪٿي ڪهڙو لفظ ڳالهائڻ گهرجي کان واقف هوندا آهن. ويهين صديءَ جي جڳ مشهور هاڪاري اديب ژان پال سارتر ڪوڙ سارا سال اڳ

هڪ رسالي کي هڪ انٽرويو ڏيندي چيو هو: ”وڏو فنڪار اهو آهي جيڪو لفظن کي اهڙن طرح استعمال ڪري جيئن هو پنهنجي مرضيءَ موجب ڪين معنيٰ ڏئي سگهي ۽ مقصد وارو بنائي سگهي. ادب جو جيئن ته حقيقت سان به گهاٽو تعلق هوندو آهي، تنهنڪري ڪنهن هڪ حقيقت جو گهٽن ئي نمونن ۾ اظهار ممڪن آهي. هڪ مڪمل ڪتاب اهو آهي جنهن کي پڙهڻ کان پوءِ اهو اندازو لڳائي سگهجي ته ان کي ڪيئن پڙهڻ گهرجي. جملو لکڻ وقت لکندڙ لاءِ اهو به ضروري آهي ته هو ان جي مجموعي تاثر جو به خيال رکي. اهو قطعي طور تي ضروري ڪونهي ته هر جملو لازمي طور تي ٻين جملن سان ڪو تعلق رکندو هجي. جيڪڏهن ڪنهن جملي کي لکندي ان ڪتاب يا ان جي ڪنهن هڪ باب جي مک خيال کي آڏو نه رکيو ويو ته پوءِ اهو جملو ميل نه کائيندو. ڪتاب چاهي وڏو هجي يا ننڍو، ان تي تمام گهڻي محنت ڪئي وئي هجي يا گهٽ، ان جو دارومدار ان جي لکندڙ تي هوندو آهي پر ڪنهن به ليکڪ جي لاءِ اهو مشڪل ۽ اوکو ڪم هوندو آهي ته هو ٽن يا چئن جملن کي هڪ ئي جملي ۾ آڻي.“ نه صرف سارتر پر مختلف دورن ۾ دنيا جي هاڪارن ڏاهن ۽ داناءُ انسانن لفظن جي اهميت، حيثيت ۽ صحيح استعمال تي پنهنجا ويچار ونڊيا آهن. چاڪاڻ جو هنن کي اهو چڱي ريت معلوم هوندو آهي ته لفظ جملن کي، جملا پيرا کي ۽ پيرا گراف هڪ ليک کي تخليق ڪندي آهي، جنهن جي هڪ ڀرپور معنيٰ هوندي آهي، مقصد هوندو آهي، ڀٽائي چيو آهي ته:

”جر تي ڦوٽو جيئن، لهرن لڳي آڌ ٿئي،
تون ڀڻ آهين تيئن، دنيا ۾ ڪو ڏينهڙو.“

هن ڪائنات ۾ جر تي ڦوٽي جيان انسان جي زندگي به ڏاڍي مختصر آهي، جيڪا هوا جي هڪ ئي جهونڪي سان ختم ٿي ويندي، ان لاءِ ان مختصر وقت ۾ علم ۽ ڏاهپ جي طرفان ڏنل شاهڪار ۽ خوبصورت لفظن جي سوکڙيءَ سان جڙيل مالها ايندڙ نسلن لاءِ سوکڙيءَ طور ڇڏي وڃڻ ڪاڻ جيڪڏهن اسان سامي جا سلوڪ تخليق ڪري نٿا سگهون ته گهٽ ۾ گهٽ انهن لفظن سان ڪنهن ننڍڙي ڳالهه تان چڙي ويل محبوبا کي پرچائڻ لاءِ ڪو گيت ته لکي سگهون ٿا. پنهنجي اڄ جي نسل لاءِ ڪا آکاڻي ڪو ناول ته تخليق ڪري سگهون ٿا، ملير جي ماڻهن لاءِ پيئڻ جو صاف پاڻي مهيا ڪرڻ جو مطالبو ڪري سگهون ٿا ۽ جڏهن اسان انهن لفظن مان ايترو ڪم ۽ فائدو وٺي سگهون ٿا ته پوءِ سندن غلط ۽ فضول استعمال ڇو ڪيون؟ ڇا اها لفظن جي فضول خرچي نه چئبي؟ مثال جي طور تي ڪو

مالدار ماڻھو پنھنجي ڪيسي ۾ پيل ڪوڙ سارن نوٽن مان فقط ھڪ رپئي جي نوٽ کي فضول ۽ بنا ڪنھن مقصد جي ماچيس جي ھڪ تيليءَ سان جلائي رک ڪري سگھي ٿو؟ نہ قطعي نہ! ھاٿي سوال اھو ٿو پيدا ٿئي تہ جڏھن ھڪ مالدار ماڻھو پنھنجي ڪيسي ۾ پيل ڪوڙ سارن نوٽن مان فقط ھڪ رپئي جي نوٽ کي فضول ۽ بنا ڪنھن مقصد جي ماچيس جي ھڪ تيليءَ سان جلائي رک ڪري نٿو سگھي، تہ پوءِ اسان جيڪي پنھنجو پاڻ کي پڙھيل لکيل ماڻھو تصور ڪيون ٿا (يا ڪِي تہ آھن بہ) اھي لفظن جي فضول خرچي ڇو ڪندا آھيون؟ يا ڪٿي ائين تہ نہ آھي تہ اسان فقط ڊگريون ورتيون آھن پر علم حاصل ڪري نہ سگھيا آھيون.

”پڙھيو ٿا پڙھن، ڪڙھن ڪين قلوب ۾.“

علم جيڪو اسان کي لفظن جي تقدس، اھميت ۽ حيثيت بابت مڪمل آگاھي ڏئي سگھي ٿو، جنھن لاءِ حضرت علي رضي الله عنه جن چيو آھي تہ: ”رب العالمين اسان اوھان جي ان ورھاست تي راضي آھيون تہ اوھان اسان کي علم ۽ جاھل کي مال ڏنو.“ اھو علم جنھن جو درس ۴۸۸ قبل مسيح ۾ دنيا جو ڏاھو ھاڪاري فلسفي افلاطون اٿينس جي ٻاھران زيتونن جي باغ ۾ ٺاھيل اڪيڊميءَ ۾ ڏيندو ھو، جيڪو رابندر ٽئگور شانتي نڪيتن ۾ ڏيندو ھو، جنھن لاءِ شيخ سعدي چيو آھي تہ: ”پير شوبيا موز.“

سچ بہ تہ علم ئي لفظن سان واقفيت ۽ سڃاڻپ سيکاري ٿو. حقيقت تہ اھا آھي تہ لفظ علم جي طرفان ڏنل سوکڙي آھن، تڏھن تہ پنجين صدي قبل مسيح جي پڇاڙيءَ ۾ ھڪ بت تراش يونانيءَ جي گھر جنم وٺندڙ سقراط چيو: ”جڏھن اسان پڙھڻ سکندا آھيون تہ اسان ان ٻوليءَ جا سمورا لفظ سڃاڻڻ سان خوشي محسوس ڪندا آھيونُ ۽ اھا اميد رکندا آھيون تہ انھن لفظن جي سيني صورتن ۽ ترتيبن کان پوءِ اھي ننڍيون ھجن يا وڏيون، واقفڪار ٿيون، پوءِ اھي لفظ ننڍا ھجن يا وڏا، اسان کي جڳائي تہ اسان انھن کي بي خياليءَ سان نہ ڏسون، پر ھر وقت انھن کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪيون.“ ان ڪري سماج ۾ عام طور تي سيني ماڻھن ۽ خاص طور تي پڙھيل لکيل ماڻھن کي اھڙن روين کي ھمٿائڻ گھرجي. جنھن سان لفظن جي اھميت، حيثيت ۽ تقدس بحال رھي سگھي، نہ تہ اھي لفظ ئي آھن جن سان خراب جملا بہ جوڙي سگھجن ٿا، ڪنھن جي دل آزاري بہ ڪري سگھجي ٿي، ڪنھن کي ڏکوئي بہ سگھجي ٿو ۽ لفظ ئي آھن جن سان سٺا جملا بہ ٺاھي سگھجن ٿا، جنھن سان ڪنھن جا دک درد ۽ پيڙائون ونڊي سگھجن ٿيون، ڪنھن سان پيار جا پہ مٺا، خوبصورت ۽ وڻندڙ ٻول ٻولي سگھجن

ٿا. چوڏهينءَ جي چنڊ جو عڪس ۽ روشني پوتر پاڻي تي بہ پوندي آهي تہ گندي گٽر تي بہ! رابيل جو گل ڪنهن جي گهر جي آڳنڊ ۾ بہ ٽڙندو آهي تہ بيٺل ڪساري ٻاڙي پاڻيءَ جي ڪنڌي تي بہ! چون ٿا تہ هڪ ڀيري گوتم ٻڌ واٽ وٺيو پئي ويو تہ هڪ شخص هن کي ٻيهاريو ۽ هن سان خراب لفظن ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيائين. جڏهن اهو شخص ڳالهائڻ خاموش ٿيو تہ ٻڌ چيس تہ: "تنهنجي کيسي ۾ ڪيترا پئسا آهن؟"

هن ٻڌايو تہ منهنجي کيسي ۾ هيترا پئسا آهن. ٻڌ وري چيس تہ:

"اهي ڪنهن جا ٿيا؟"

"منهنجا" ان شخص ورندي ڏني. ٻڌ وري چيس.

"جيڪڏهن اهي پئسا تون مون کي ڏين تہ پوءِ ڪنهن جا ٿيا؟"

"تنهنجا" ان شخص جواب ڏنو. گوتم ٻڌ چيس:

"جيڪڏهن تون اهي پئسا مون کي ڏين ۽ مان نہ وٺان تہ پوءِ اهي پئسا ڪنهن جا ٿيا؟"

"منهنجا" ان شخص وراڻيو. گوتم چيو تہ:

تو مون کي هيترا گندا لفظ چيا آهن، پر مان هڪ بہ نٿو وٺان. هاڻي ٻڌاءِ تہ اهي ڪنهنجا ٿيا؟ جملا جوڙي سماج ۾ چڱائين ۽ سٺائين ۾ ڀاڱيوار ٿي سگهون. اهائي اسان جي پڙهيل لکيل هئڻ جي ثابتي آهي. اهائي اسان جي ڏاهپ ۽ دانائي آهي ۽ اها ئي لفظن جي اهميت، حيثيت ۽ تقدس آهي. امداد حسيني چيو آهي تہ:

"شبد شبد ۾
سُر لهر آهي
لهر بحر آهي
شبد شبد ۾
ويچوٽي
واڳهہ الر آهي
ڪڙڪائي ڏس
هيءَ سِٽ
دل جو در آهي
هيءَ جڳ هو جڳ
ٻنهيءَ ۾ ڪس ڪسر آهي
پوءِ بہ ڪوري ڪاڳر تي
مس ڦڙي سان لکيل
سِٽ امر آهي.!!

اخبار ڪاوش جي ٿورن سان

٥ـ زندگي هڪ وڏو سانحو آهي

سنڌيا عرساڻي

ڇا توهان زندگيءَ کي سڃاتو آهي؟ اڄ تائين ڪنهن جي به زندگيءَ جي باري ۾ هڪ راءِ نه بيٺي آهي. هر فلاسافر، هر شاعر، هر اديب پنهنجي هڪ الڳ راءِ رکي ٿو، شيڪسپيئر زندگيءَ جي باري ۾ پنهنجي راءِ شاعريءَ ۾ هن طرح بيان ڪئي آهي ته:

"Life is a tale told by an idiot
Full of Sound & fun
Siginfying nothing."

”زندگي هڪ احمق جي پڌايل سرگذشت آهي، جنهن ۾ ڏاڍن ۽ رونشن کان سواءِ مقصد واري ڪابه ڳالهه بيان ٿيل نه هوندي آهي.“

منهنجي راءِ مطابق ته زندگي هڪ وڏو سانحو آهي، صرف هڪ عقلمند انسان ئي ان حقيقت جي گهرائي تائين وڃي سگهي ٿو. انسان دنيا ۾ اڪيلو ايندو آهي ته ويندو به اڪيلو ئي آهي. زندگيءَ جو سفر ويڳاڻي ۽ اڪيلائي آهي، هر ڇڙو قدم قدم تي اندر ئي اندر ۾ سڏڪيون پريندو رهندو آهي، پوءِ چاهي ڪٿي ٻاهران ارمانن کي دٻائي مسڪرائيندو ئي توهان سان هم ڪلام ٿي.

مون کي ته ائين محسوس ٿي ٿو ته هر فرد مشڪلاتن، ويڳاڻپ ۽ اڪيلائيءَ ۾ قاتل آهي، جيڪڏهن اسان عام طرح زندگيءَ جو جائزو وٺون ته زندگي اهڙن سانحن سان ڀري پئي آهي. ان سچائيءَ کان ڪوبه منهن نه ٿو موڙي سگهي ته ماڻهو پنهنجو سک ڪرڻ لاءِ جيتريون ئي ڪوششون ڪندو آهي، اوترو ئي ان جي پريشانين ۽ مشڪلاتن ۾ اضافو ٿيندو آهي. هن جي پريشانين جي حد صرف گهر تائين ختم نه ٿي ٿي پر گهر کان ٻاهر به هن کي ذهني مونجهارن کان آزادي نصيب نه ٿي ٿي. هڪ غريب ماڻهو ته پنهنجي غريبيءَ جي ڪري، پيسن جي اڻ هوند جي ڪري پريشان هوندو آهي، پر امير ماڻهو سڀ ڪجهه هوندي سوندي به ڪنهن نه ڪنهن پريشانيءَ ۾ رهي ٿو. يعني ته هڪ ماڻهو پريشان

آهي تہ هن وٽ پيسو ڪونهي ۽ ہيو پريشان آهي تہ ان وٽ بي انداز پيسو آهي، ڇا اهو زندگيءَ جو وڏو سانحو ناهي؟ ڪنهن شاعر زندگيءَ کي پنهنجي شاعريءَ ۾ هيئن بيان ڪيو آهي تہ:

زندگي آهي هڪ نامعلوم احساس،
هزارين اهڙا پل آيا
جو سمجهيو تہ:
اتئي ڪتي زندگيءَ جي منزل مون کي حاصل ٿيڻي آهي
۽ مدتن جي ڪوشش جو حاصل مون کي ملڻو آهي
پر اچا پل بہ نہ گذريو هوندو
تہ نئين احساس اچي واسو ڪيو
مان تہ سالن جي هڻ وٽ ڪان پوءِ بہ
منزل جي روشنيءَ جي خواهش لاءِ
شروع ۾ جنهن ڏينهن ڪان جتي بيٺل هوس
اج بہ اتي ئي بيٺي آهيان!

هر انسان پنهنجي منزل تائين پهچڻ لاءِ اهي فاصلا، دوريون طئي ڪرڻ چاهي ٿو پر هن جي اميد تي نااميديءَ جا هميشہ ڪڪر ڇانئجي ويندا آهن.

انسان پنهنجي زندگيءَ لاءِ جيڪو ڪجهہ سوچيندو آهي، جيڪي منصوبا ٺاهيندو آهي، جنهن لاءِ ڪوششون ڪندو آهي، اهو سڀ ڪجهہ درهم برهم ٿي ويندو آهي ۽ انسان سان اهو ڪجهہ ٿيندو آهي، جيڪو هو ڪڏهن خواب و خيال ۾ سوچيندو بہ ناهي ۽ آخر ۾ انسان پنهنجي زندگي محض هڪ سمجهوتي جي بنياد تي ئي گذاري ڇڏيندو آهي. ڇا اهو انسان جي زندگيءَ ۾ سانحو ناهي؟ هڪ ليکڪ اڪبر سومري پنهنجي ڪتاب ”ڪيسو ڦل“ ۾ زندگيءَ جي باري ۾ لکيو آهي تہ:

”زندگيءَ جو وڏي ۾ وڏو الميو هيءُ آهي تہ اها الميي (Crisis) ۾ آهي، رهي آهي ۽ رهندي! ان جو المياتي (Tragic) عنصر ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندو.“

توهان ڪڏهن نئين ڄمندڙ ٻار تي غور ڪيو آهي؟ هو ڄمڻ سان ئي روئيندو آهي. ان جي معنيٰ تہ زندگيءَ جي پهرين نشاني روئڻ آهي، اهو ڪڏهن سوچيو اٿوَ تہ زندگيءَ جي پهرين نشاني کلڻ ڇو نہ آهي؟ جيڪڏهن ٻار ائين کلندو ڄمي دنيا ۾ اچي تہ ان کي ايبنارمل ٻار سمجهندا. اهو هڪ چريو ٻار ليکيو ويندو. حقيقت ۾ زندگيءَ جو سانحو اتان ئي شروع ٿو ٿي، ويندي مرڻ گهڙيءَ

تائين، پهرين تہ بنا مرضيءَ جي انسان هن دنيا ۾ اچي ٿو، پنهنجي زندگي هڪ سمجهتو سمجهي گذاري ٿو ۽ سندس مرضيءَ بغير کيس دنيا مان ڪڍيو ٿو وڃي ٿو. ڇا اهو انسان لاءِ غمناڪ حادثو ناهي؟ هڪ شاعر تمام سٺو شعر چيو آهي تہ:

”مرضي هئي نہ جيئڻ ۾، نہ ڪو مرڻ لاءِ سبب زندگي اهڙي زندگيءَ کي ڇا چوان؟

انسان جي زندگيءَ ۾ موت بہ هڪ وڏي سانحي جي حيثيت رکي ٿو، ان تلخ حقيقت کان ڪوبہ انڪاري ناهي ڪنهن بہ مذهب سان تعلق رکندڙ هر ماڻهوءَ جو موت اکين ڏٺو مشاهدو آهي. اهو ڪيڏو نہ وڏو سانحو هوندو آهي، جو هڪڙو ماڻهو پنهنجي ڪاميابيءَ جي منزل ماڻڻ جي تيارين ۾ مصروف هوندو آهي تہ اوچتو ئي ڪنهن اهڙي دکدائڪ واقعي سان دوچار ٿي ويندو آهي، جو سندس خوشين واري اڏيل خواب واري محل مان ڏوز پٽي اڏامندي آهي ۽ گهڻن مهاندڻ مان اهو سڀ ڪجهہ پڙهي سگهو ٿا.

گهڻن مذهبن جي ماڻهن ۾ موت بعد جنم وٺڻ جو عقيدو هوندو آهي. اسان مسلمان تہ ان ڳالهہ تي يقين رکون ٿا تہ هن زندگيءَ جي ختم ٿيڻ کان پوءِ هڪ ٻي زندگي شروع ٿيندي، جنهن کي ”موت کان پوءِ زندگي“ چوندا آهيون، ان تي مون کي علامہ اقبال جو هڪ شعر ياد آيو تہ:

”تنهنجي آزاد بندن جي نہ هيءَ دنيا نہ هوءَ دنيا،
هتي مرڻ جي پابندي، هتي جيئڻ جي پابندي.“

ان جي معنيٰ تہ هن زندگيءَ ۾ اسان مرڻ لاءِ پڏل آهيون ۽ موت کان پوءِ اسان جيئڻ لاءِ لاچار آهيون، پر انهن سيني ڳالهين کان پوءِ بہ انسان پنهنجو پاڻ کي آزاد چورائي ٿو. ڪيڏي نہ عجيب ڳالهہ آهي! جارج برناردشا زندگيءَ جي متعلق چوي ٿو تہ:

”زندگيءَ جا بہ وڏا سانحا هي آهن، هڪ تہ زندگيءَ ۾ دلي خواهش پوري نہ ٿيڻ ۽ ٻيو اهو تہ دلي خواهش پوري ٿيڻ.“

مثلاً هڪ ماڻهو پنهنجي محبت ۾ سچو آهي، ان وقت هن جو مقصد صرف ۽ صرف پنهنجي پيار کي حاصل ڪرڻ هوندو آهي، جي هو پنهنجي پيار کي حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿو ٿي تہ پوءِ هن کي پنهنجي زندگي بلڪل بي مقصد ۽ بيڪار لڳندي آهي، پر جي حاصل ڪري ٿو وٺي تہ پوءِ هن جي پيار جي انتها شاديءَ تي ختم ٿي ٿي. شاديءَ کان پوءِ اهو ماڻهو زندگيءَ جي حقيقي سانحي کان متعارف

ٿي ٿو. بس اهو ماڻهو اهوئي ٿو سوچي ته پري جا گل سرها آهن. ان ماڻهوءَ جي زندگي هاڻ صرف محبوب تائين محدود نه هوندي آهي، هاڻي سندس زندگيءَ ۾ زال ۽ ٻارن جي ذميواري به شامل ٿي چڪي هوندي آهي. مون کي هن ڳالهه تان هڪ ڊرامي جي اسٽوري ٿي ياد اچي، ان ۾ هڪڙو ڇوڪرو، هڪ ڇوڪريءَ کي بيحد چاهي ٿو پر اها ڇوڪري ڪنهن ٻي ڇوڪري جي پنيان آهي ۽ اها جنهن ڇوڪري جي پنيان آهي، اهو ڪنهن کي به نه ٿو چاهي. اهو ان حرص کان بلڪل ناواقف آهي. ان ڊرامي تان مون کي هڪ شعر ياد آيو ته:

"هتي ڪنهن کي به دل گهريو نه مليو،
ڪنهن کي اسان نه ملياسين، ڪو اسان کي نه مليو."

هي سڀ رشتيداريون، مائٽيون، ياريون سڀ نالي خاطر آهن، مهربان دوست جون مهربانيون ۽ ٻاجهون، ٻي پاڙي ول وانگر آهن، جن ۾ ڪاٻه شفقت يا نفعي بجاءِ مطلب سمايل هوندو آهي. ڪڏهن مون کي ڪوڙو ڏيڍ اندر ۾ ويهندو آهي ته مون سان ڪو سچو ساٿي گڏ ضرور آهي، مگر ...... اهو ڪير!

اهو منهنجو پنهنجو پاڇو! بس ايئن سمجهه ۾ ايندو آهي، ساري عمر زندگي ڪنهن جي لاءِ راهه ڀٽڪندي رهي ٿي ۽ هر طرف نامعلوم منزلون هونديون آهن، جنهن جو ڪو ڇيهه نه هوندو آهي. ايئن ته ڪئين زندگيءَ ۾ اهڙا لمحا به اچن ٿا، جن کي خوشيون ڇيو وڃي ٿو يا ته ڪيئي اهڙا حادثا به رونما ٿين ٿا، جن کي ڏک جا لمحا چئجي ٿو، جيڪي فل الوقت صدمو رسائيندڙ آهن، پر اهي خوشيون يا غم ايئن لڳن ٿا، چڻ ته پاڻيءَ تي ڦوٽو آهن، انهن جو وجود محض دوکو يا رڃ جو ڏيکاءُ هوندو آهي. زندگيءَ کي ڪامياب چئو يا ناڪامياب مگر ٻنهي جي پڇاڻي هڪجهڙي هوندي آهي، بس اهو بادل، هڪ دونهين جو ڪڪر ۽ اس جو تڙڪو جيڪو هينئر اوهان ڏٺو ۽ ٻئي پل ۾ اوهان نهاريو ته اهو اوهان جي اکين کان اوجهل ٿي ويو چڻ ته هوئي ڪونه! آئون زندگيءَ کي حسين اتفاق چوان يا محض هڪ ڏکوئيندڙ سانحو! اهو ڪير فيصلو ڪري مون کي ٻڌائيندو؟

(3) اصلوڪيون مختصر ڪهاڻيون

١ـ رتَ جو سيڪ

شمس الدين عرساڻي

سوجهرو هو پر لڙاتيل. ٻنين جي وچانوچ چارو ڪيڻي سوڙهو پر پڪو رستو ٺاهيو ويو هو. ٻنهي طرفن کان ڪماند جي پوڪ ڪيل هئي. پڻ جي تيز ڪڙڪڙاٽ هوا جو رستو پئي روڪيو. اڏن کان بيد مشڪ جا ڪَر ڪئي بيٺل وڻ گذريل پلڪن جا پاڇولا بڻجي بيٺا هئا. جيپ هاءِ وي کان هٽي اندرين رستن جي چار مان سفر ڪندي هلي رهي هئي. گاڏي هاڻ موڙ ڪاٽيو ۽ وڏي سڙڪ جو سڌو رُخ ڪيو.

پورن چئن سالن کان پوءِ گهر وڃي رهيو آهيان. ڳوٺان نڪرڻ مهل امان جون ڀنل اکيون ڀري ڀري تائين منهنجي پٺ وٺي رهيون هيون ۽ هاڻ......... مون کي ڏسي اکين ۾ مرڪن جا گل جهومڻ لڳندس." ڪيئن دائم ٻڌي رهيو آهين نه؟" قربان اسٽيئرنگ تان هڪ هٿ لاهيندي دائم ڏانهن منهن ڪندي پڇڻ لڳو.

"هاڻي ته پنهنجي دل به پٿر تي وٺي آهي. ڪو ڳوڙها ڳاڙهي يا کِلي ان ۾ ڪو فرق محسوس نٿو ٿئي. منهنجي ته حِس ئي مري وئي آهي. آئون هاڻ سوچان ٿو ته ائين ڇو آهي؟ ڪهڙيئي ٺاهه ٺاهي پاڻ کي پرچايان ٿو، پر سوال جو جواب جڙي ئي نٿو؟ پاڻ وڏيڪ بي قرار ڪيو وجهي!"

قربان دائم جي ڳالهه ٻڌي ٺهه ٺهه کلڻ لڳو.

"بيوقوف هيءَ سموري هڻ هٺان پنهنجي ڪاميابيءَ لاءِ نه پيا ڪريون؟" اسان تقدير جي لڪير کي ڊاهي ڇڏيو، جنهن مان اسان جو ماضي جهلڪندو هو هاڻي ته سردار نوري آباد به پنهنجي اختيار ۾ ڏنو آهي. ڏس ته ڪيڏي تا دولت هٿ ڪريون. نه زماني اسان تي قياس ڪيو آهي ۽ نه آءُ ڪنهن تي قياس ڪندس پنهنجي مطلب لاءِ ڪجهه به ڪرڻ ڏوهه ناهي!"

قائم جي ٺهڪن ۾ ٻڌل ڳالهه دائم ۾ گهاءُ وجهي ڇڏيا ۽ گذريل واقعا سندس اندر ۾ تيز ڏار وانگر چيڻ لڳا. ٻن نوجوانن جي بي رحميءَ وارو قتل ياد

پوڻ سان ٿي هو ڦٽڪي پيو هو. هنن سورهن ڇٽن کي بس مان لاٿو هو. اغوا بعد بيلي ۾ گهڙندي ئي ٻن نوجوانن ٺل وٽ شروع ڪري ڏنو هو، جن کي قربان برست هٽي ڊاهي وڌو. اغوا ٿي مسافر سراپجي ويا هئا. ٻه ڏينهن واهڻن ۾ رلائڻ ڪانپوءِ بيلي واري محفوظ ڍاڪي ۾ هنن کي بند ڪري تڪر پور تي زنده رکيو ويو. چار ڇٽا جيڪي واپاري يا ڪامورا هئا، تن جي وارثن کان چڱي خاصي رقم ملي. ان مان ٻنگ جو وڏو حصو اثر وارن کي پهچايو ويو ۽ اغوائين جون پانهون سلامتيءَ سان گهر پهچائڻ لاءِ وچ وارن جي حوالي ڪيون ويون. باقي ڏهن ڇٽن جي سار سنڀال ڪندي ٻه هفتا ٻيا به گذري ويا، جنهن ڪري ٽولي جي چرپرڙ رڪاوٽ ٿي رهي هئي. ٻلا ماسترن ۽ ڪلارڪن جا مائٽ ڪٿان ٻه ٻه لک ڀري اولاد کي ڇڏائين ها. قربان دير ٿي ڪانه ڪئي. ڪين ڏاڙيلن جي هڪ ٻئي ٽولي حوالي ڪري ڇڏيو، جيڪي وڪائل ڍورن وانگر هنن کي ڳينداڙيندا نامعلوم منزل ڏانهن وٺي ويا. اهو ٽولو محب شيديءَ جي گينگ منجهان هو ۽لاڙ ۾ سرگرم هو.

دائم کي اڄهاميل ڏسي قائم سندس ٻت ۾ ساهه وجهڻ لاءِ ٺوڪارو ڏنو.

”هاڻي ته عيش آرام ۽ خوشحالي پنهنجو چائنٽ تي انتظار ڪري رهيون آهن. ٿورو عرصو رڳو ڪرائبسس جو آهي. ان بعد موج ئي موج هوندي!“

پر دائم سوچيندو رهيو. گذريل وقت ۾ ڏينهن ڏينهن جون ڪارگذاريون ياد ايندي يون ويس....... ٻن نوجوانن جو قتل ڪو پهريون حادثو نه هو. قربان سان گڏ هو ڪيئي ظلمي ڪاروايون ڪري چڪو هو، پر خبر ناهي ان حادثي بعد سندس پير حو آترڻ لڳا هئا. ڪيس پنهنجي هر عمل مان ٻوُ ٿيڻ لڳو هو. اندر جي روشن راهه تي اونداهيءَ جا ڪاريهر هر وقت ڦڻ ڪڍي جهولندا ٿي رهيا ۽ تصور جي بلوري ٻتيءَ مان جرڪندڙ ڪرٽن بدران زهريلو دونهون اٿڻ لڳو هو! هن آنڌمانڌ مان جواب ڏنو.

”پر، پنهنجو گهر ڀرڻ لاءِ ٻين جو سر وٺڻ ظلم ناهي ڇا؟ ماڻهن کي بيوس بنائي ڏن ڀرائڻ ڪٿان جي انسانيت آهي؟ ان ڏينهن ٻن معصوم نوجوانن جو قتل پنهنجي هٿان ڪونه ٿيو؟ ڇو؟ هو ماءُ پيءُ جي پيريءَ جو سهارو ڪونه هونداڇا؟ اسان ڪان سهاڳڻيون بيواهه ۽ ٻارڙا يتيم ڪونه ٿيا آهن؟ ان ڪري ته ڇوان ٿو ته اسين پٿر بنجي ويا آهيون.“

قربان دائم جي جواب ۾ تاءَ ۾ ٻرجي ويو ۽ ٻرون تاڻي ڏانهس ائين نهاريو ڄڻ ته هو ڏڪو ڏئي ڪيس جيپ کان هيٺ ڪيرائيندو!

”پهرين ته اهڙو نه هئين، سوچ تي زنگ چڙهي ويو اٿئي ڇا؟ هرويرو

بزدليءَ جي ترڪڻ ۾ وڃي پيو ترڪندو ڳوٺ وارو وقت وسري ويئي؟ جڏهن ساهه به ٻين جي اجازت سان کڻندا هواسين. هينئر گهٽ ۾ گهٽ آزاد ته اهيون، پنهنجي مرضيءَ سان جيئڻ وٽيسون تو تيئن ڪري ته سگهون ٿا!"

"چا، تون هن کي آزاد زندگي تو چئين؟ پل پل ۾ خطرو، وک کڻڻ کان به هلاڪ. ڳوٺ ۾ ته هڪڙي رئيس جي کيسماري ڪرڻي پوندي هئي، پر هتي...... هتي ته هڪڙن جي ٻوهي مان نڪري، ٻين جي آزار ۾ ٿا ڦاسون. خبر ڪنهن ڪنهن کان لڪنداسون؟ هينئر به ٻين جا شڪرا آهيون. پنهنجو پاڻ ڪڏهن اڏاميا آهيون؟"

دائم جي ٻاڦ جي لهس قربان کي ساڙڻ لڳي هئي ۽ هو سندس ڪيفيت کي چڱيءَ طرح سمجهي ويو هو. قربان اسٽيئرنگ کي پڪڙي هر هر ڪنڌ ڦيرائي ڏانهس ڏسندو ٿئي رهيو. ائين جيئڻ دائم سندس ساٿي نه هو بلڪه ڪنهن جاسوس کي ساٿس ويهاري ڇڏيو هو!

هُو پورو پورو ڏاڙيل ڪلچر جو انگ بنجي ويو هو. تنگ ۽ ٻوساٽيل ماحول ۾ گهاريندي قربان کي ٻي ڪا راهه نظر نه آئي ته شاهن شاهاڻي واري ٽولي ۾ شامل ٿيڻ جو موقعو هٿان نه وڃايائين. ڳوٺن ۾ اها روش عام ٿي چڪي هئي. بيروزگار نوجوان ڪنهن نه ڪنهن ٽولي ۾ وڃي شامل ٿيندا هئا. ساڳين حالتن جو شڪار هوندي دائم کي به ٻڌا جو حل ان ڳالهه ۾ سُجهي آيو ۽ هُو به دوست جي آڇ تي ٽولي سان وڃي گڏيو. شاهن شاهاڻي ان وقت اتر سنڌ جو ناليرو ڏاڙيل هو، جنهن جي ڌمڪاءَ کان تَر جا تَر ماڻهن کان خالي ٿي ويا هئا. هن جي اچانڪ ڪاروائين جي خوف ماڻهن جون ننڊون اڏائي ڇڏيون هيون! قربان پهرين ئي ٻيري قومي شاهراهه تي مسافر بس کي لٽي گناهه جي زندگيءَ جو آغاز ڪيو ۽ اُتندي ئي سيني ساٿين کان گوءِ کڻي ويو. هُو دينا داستي ڏينهن ڏٺي جو ڏاڙا هڻڻ لڳو. هُن جو مارو اڪثر هاءِ وي تي هوندو هو، جنهن قانون جي رکوالن جي نڪ ۾ دم ڪري وڌو هو. مسافر بسون هاڻ رات بدران ڏينهن جو ڪانواءِ ۾ سفر ڪرڻ لڳيون هيون. هُن ڪيترن ئي نوجوانن کي ڏاڙن جي سکيا ڏئي پنهنجي فورس ۾ داخل ڪيو. دليرانه ڪاروائين سببان قربان جي ڦوت ۾ واڌارو ايندو ويو. وڏن ڏاڙيلن ۾ بااختيار شخص ۾ جلدي سندس اثر پيدا ٿيو، جيڪي مٿس اعتماد ڪرڻ لڳا. هاڻي شاهن جي اشاري ملڻ سان ئي هن پنهنجو الڳ ٽولو ٺاهي ورتو ۽ پنهنجي اڳوائيءَ ۾ ٻي ڌڙڪ ڏاڙا هڻڻ لڳو. نتيجي ۾ قربان جو نالو ته وڃي ويو، پر هڪبڻ. بنيان نتيجي، خبر ڏاڙن باعث ڪجهه سينٽر [illegible]

حسد ڪرڻ لڳا، جيڪا ڳالهہ فطرت کان هرگز خالي نہ هئي.

قربان پنهنجي ڪٽنب کي بيوسي ۽ مسڪينيءَ جي غار مان يڪساهيءَ ڪڍي وجڻ تي چاهيو. ٽارگيٽ تي رسڻ لاءِ تيزيءَ سان ڪاروايون ڪندي هن هٿانڪيسن مٿان ڪيس ٽيندا ويا. پاٽاريدارن، ڪامورن، پوليس ڪماني، رينجرز جي عملدار، گينگ جي سردار ۽ ٽولي جي پيچين ۾ ڏئي وٺي سندس هٿ ۾ تمام ٿوري رقم وڃي بچندي هئي، تهن هوندي بہ هن پنهنجي وڏي ڀاءُ کي حيدرآباد جي قاسم آباد واري علائقي ۾ هوٽل کولي ڏني هوائين. پيءُ کي بہ چڱي رقم ڏياري موڪليائين، جنهن ڳوٺ جي پرپاسي ۾ ٽيهارو ايڪڙ زمين خريد ڪري ورتي هئي. قربان جو سارو قرب پنهنجي ننڍي ڀاءُ احمد سان هو. هُو پنهنجي تعليم مان لاڀ وٺي نہ سگهيو، ان ڪري ڪيس آس هئي تہ ڪيئن بہ ڪري سندس ڀاءُ وڏو انجنيئر ٿي، جيڪو ان وقت مهراڻ يونيورسٽي ۾ تعليم حاصل ڪري رهيو هو.

قربان سارو عرصو ايڏي هڻ وٺ ۽ پٽ ڪوهہ ۾ لڳايو، جو رات ڏينهن جي بہ ڪيس خبر نہ رهندي هئي. اڄ پورن ڇئن سالن کانپوءِ قربان پنهنجي ماءُ سان ملڻ لاءِ ڳوٺ وڃي رهيو هو. سندس ڀاءُ احمد کي بہ هفتو اڳئي اطلاع ڏياري موڪليو هوائين تہ ڳوٺ پهچي وڃي. هن سالن جي سڪ لحظن ۾ پوري ڪرڻ ٿي چاهي. هو جيئن جيپ هلائي رهيو هو، تيئن ڪيس هڪڙا خيال آيا پئي تہ ٻيا وري ويا پئي.

جيپ انڊس هاءِ وي تي ڊوڙي رهي هئي. پٺين سيٽ تي ڪيترو ئي قيمتي سامان رکيو هو، جو هُن پنهنجي ماءُ ۽ ڀاءُ لاءِ ... ڪيو هو. ڪيس وري جلدي ۾ سردار جي هدايت تي پڻي ڀاسي ڪارروائي لاءِ وڃڻو هو، پر پنهنجي گهر پهچڻ لاءِ خبر ناهي ڇو ايڏو بيقرار ٿي رهيو هو!

هُن پنهنجي ساٿي ڏانهن منهن ڪندي چيو.

”توکي، هن سامان مان جيڪو پسند اچي، سو پنهنجن ٻارن لاءِ ڪڍي وڃجئين.“

”مون کي انهن شين لاءِ اصل نہ ڇڙم ۽ نہ ئي ڪي مون سان اهڙو ذڪر ڪر مون سان مهرباني ڪري ڳالهاءِ بہ نہ...... آئون خاموش رهڻ چاهيان ٿو.“

قربان جون رڳون ڇڪجي ويون ۽ هُن ڪڙڪ لهجي ۾ ڪڙڪو ڪيو.

”جيڪڏهن توکي هميشہ لاءِ خاموش ڪيو وڃي تہ ڪيئن رهند و؟“

”تمام سُٺو“ دائم بي پرواهيءَ مان جواب ڏنو.“ هاڻي آئون جيئرو رهي بہ مڙدو رهندس.“

قائم ساڄو هٿ زور سان سندس منهن ني ... ڪڍيو ۽ جيپ جي رفتار تيز ڪري ڇڏي.

دائم ڪنجهندي وات تي هٿ رکيو ۽ چپ تي آيل چوٽ تي رت ڦڙو مڙي آيو هو. هُو رڦندڙ آواز ۾ رڙي پيو.

"مون کي قتل ڪري ڇڏ، جان ڪان ماري ڇڏيم، مون کي انسان ٿيڻ جو احساس ٿي ويو آهي. انهيءَ احساس ڪري آئون نہ ڪوٽ هلڻ چاهيان ٿو ۽ نہ وري گهر جي ڀاتين کي منهن ڏيکارڻ ٿو چاهيان."

رستي جي ساڄي پاسي کان هڪ ننڍڙي وسندي نظر اچي رهي هئي، جنهن کي ويجهو پوندي قائم واڪو ڪيو.

"ها، تہ تون گهر هلڻ نٿو چاهين.... تمام سٺو ان جو انتظام بہ ٿي ويندو."

سڙڪ جي وچيم خالي ڊرم ڪڙا ڪري رڪاوٽ ڪئي وئي هئي،، قائم پنهنجي جيپ کي بريڪ هڻي بيهاريو.

هڪدم چار پنج آواز گڏ ۾ اُڀريا.

"هٿ مٿي ڪئو....... هيٺ لهي اچو...... ڪٿان پيا اچو. ڪير آهيو؟"

دائم جواب ڏيڻ جي ڪئي. "هي قائم آهي....... ۽ آئون ان جو دوست دائم آهيان."

قائم هڪدم وچ ۾ جملو ڪاٽڻ لڳو.

"آئون قائمو ڪلهوڙو آهيان، منهنجو نالو ڪونہ ٻڌو اٿو ڇا؟ شاهن جو ماٿهو آهيان وڏي جي سڏ تي ويو هوس، جتان موٽان پيو هن وقت ڳوٺ پيو وڃان."

همرائن ڪلاشنڪوف ڪٽي سندس سامهون جهلي.

"اڙي هيٺ لهي ڳالهاءِ".

ٻئي هيٺ لهي آيا. هڪ ڊگهي قد جو ماٿهو اڳيان وڌيو ۽ جهڪي روشنيءَ ۾ قائم کيس سڃاڻي ورتو.

"واهہ! دوسو تون آهين؟ ڪر خبر ڪهڙو حال اٿئي. ڪنڊي ٻيلي مان هٿ ڪيئن ڇهتين؟ اسان جون بہ حدون پيو اورانگهين ڇا؟

دوسوءَ خوشيءَ مان هٿ ڪٽي دٻايو.

"آئون ملڻ ئي توسان پئي آيس. توکي ڏاڍو ڳوليم. هڪ ٻي اسڪيم ٺاهي اٿئون، جنهن ۾ تنهنجي مدد جي درڪار هئي. مولا ڪٿي رستي تي توکي ملايو........ اچ تہ هَت پريان هلون. لِڪ ۾ رهيا پيا آهيون اندر جشن جو سامان بہ موجود آهي."

اندر ڪمري ۾ بہ ڄڻا ٻيا بہ همراهہ ويٺا هئا. ميز تي بوتلون کليون رکيون هيون. دوسوءَ قربان جو تعارف ڪرائيندي چيو:

”قائمو ڪلهوڙو اهو آئو. دوستن لاءِ نرم ۽ دشمن لاءِ قائموءَ کان وڌيڪ پيو سخت ماڻهو ڪونہ هوندو.“

گلاس ڀريا ويا ۽ دوست قربان کي صحت جام پيش ڪيو. ٻئي دوست گلاس ڇلڪائڻ لڳا. هُو واري واري سان قربان جي بهادريءَ جون ڳالهيون ڪري رهيا هئا، جن جي نشي کيس مخمور ڪري وڌو هو. هاڻي هُن جي اندر جي ديوار پٿر کان بہ وڌيڪ سخت ٿي ويئي هئي. اوچتو دوسو جهومندي چوڻ لڳو.

”هاڻ ڏسان تہ قربان ڇوري کان سچي ڪرائي سگهي ٿو. اسان تہ وَس ڪري ويٺا آهيون، نہ تہ گولي هٽي ڪم تمام ڪريونس!“

”ڪير آهي؟“ قربان زور سان گلاس ميز تي ٺهڪائي واڪو ڪيو.

”هڪ نوجوان ڇورو آهي. چوي ٿو يونيورسٽيءَ جو شاگرد آهيان. فقيري کي اغوا ۾ هٿ چڙهيو. جن سچاٽپ ڪرائي تن کي وڃي اڏي تي سمانو ڪيوسين، پر هي ڇورو ضدي نڪتو. ماري ماري اڌ مئو ڪري ڇڏيو اٿماس. زبان ئي بيهي وئي اٿس يا وري شايد مڪر پيو ڪري!........ چو.....ڙي! برفت توبہ تماشو ڏنو آهي نہ؟“.

قربان ڪرسيءَ جي پٺ سان چيلهہ ٽڪائي کيس عجيب نظرن سان تڪي رهيو هو.

دوسوءَ سندس ڪلهو ڌڪائيندي چيو.

”هاڻي تہ هو بلڪل مرٽينگ ٿيو پيو آهي. جيڪڏهن اچا بہ نہ ڪڇيو تہ منهنجي بي عزتي ٿيندي!“

”ڪمال آهي ايڏو ڪو دنير آهي، جو توهان جهڙن گرنگن اڳيان زبان کولڻ کان نابري واري ويٺو آهي“ قربان عجب ۾ چيو.

دوسو ٺهڪ ڏئي کليو.

”هڪ ڳالهہ ڪيدي هوائين تہ ڳوٺ هتان کان ويجهو اٿم. ها....... سچي پاسي کا ڳچيءَ تي ڪوڙهہ جو وڏو اچو تڪو اٿس. ڪجهہ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر زبان مان لفظ اڪليس ئي نٿو........“

”ڇا چيئي؟“ قائم اٺين واڪو ڪيو جيئن جبل ڦاٽي پيو. هُن جا چپ ڦڙڪي رهيا هئا. هن سمجهو تہ اهو سندس پاءُ جو ذڪر هو، جنهن کي ڇائي ڇم کان ڳچيءَ تي ڪوڙهہ جو نشان هو. ننڍپڻ کان اهڙي طبيعت هوس جو ٿوري ٿڦ لڳڻ سان آواز گهٽجي صفا بند ٿي ويندو هوس. قائم جي اکين اڳيان آنڌاري اچي وئي. هن پاڻ سنڀالڻ جي ڪوشش ڪئي پر وڌيڪ ريزاريزا ٿيندو ويو.

ڪرسيءَ تان اٿڻ جي ڪوشش ڪيئين پر جڻ ٽن وزن جي بار هيٺيان دٻجي ويو هو. پاءُ جي زخم ڪيس لچائي وڌو هو. هُن رڙ ڪري پڇيو؟

ڪنهن جهليو هو هن کي...... سيني کي خبر آهي تہ آئون هٿ جو ڏاڍو مڙس آهيان پوءِ ڪنهن منهنجي طاقت سان ٽڪرائڻ جي جرئت ڪئي آهي؟"

"قائمو ڇا ٿي ويو توکي؟"

نشو تارونءَ تي تہ چڙهي ڪونہ ويو اٿئي؟"

انهيءَ دير هڪڙو مهانڊو در مان ظاهر ٿيو، جنهن کي ڏسندي ئي دوسو جا تارا ڦوٽارجي ويا. "ٻڌاءِ ڇوڪري جي حالت ڪيئن آهي؟"

قربان مشڪل سان نظرن جي تڪائيءَ کي روڪي ايندڙ کي ڏٺو. هن جن رڳون ڦاٽي رهيون هيون.

"هن دم ٽوڙي ڇڏيو آهي. اسان پريان سڙڪ تي سندس لاش اڇلي آيا آهيون"

"نہ هو نٿو مري سگهي" قربان ڦڙڪن سان پورو زور لڳائيَ رڙ ڪئي.

"ڪهڙو راز آهي؟" دوسوءَ هٻڪندي پڇيو.

موت جي ڪاهيءَ ۾ تو ڪهڻن کي اماڻيو آهي. هن خون جو ڇو سيڪ آيو اٿئي؟"

"دوسو... هي پهريون دفعو آهي جو رت جو سيڪ اچي رهيو آهي. آئون ڇاڻان ٿو دشمن مون کي ايذائڻ لاءِ منهنجي بي قصور پاءَ کي نشانو بڻايو آهي...."

ڏک ۾ بيحال قربان سڏڪيون پري روئڻ لڳو. اندر وينل همراه ماحول کان خوفزده ٿي زوم مان ٻاهر نڪري ويا.

"اڄ منهنجو موت اچي ويو آهي. رت جي سيڪ مون کي جلائي رک ڪري ڇڏيو آهي." قربان ڏڪندڙ هٿن سان جهٽ ڏئي وَر مان پستول ڪڍيو. گولين جا آواز گونجيا ۽ اتي جو اُتي ڇاتيءَ ۾ ڇيد پيل رتورت بدن زمين تي ڦٿڪي سرد ٿي ويو، جيڪو دوسوءَ جو لاش هو! انهيءَ مهل دريءَ مان گولين جو مينهن وسيو جنهن ۾ قربان ۽ سندس دوست دائم بہ ڍيري ٿي هميشه لاءِ موت جي ننڊ سمهي پيا!

٢ـ نرواڻ جو آخري پل

شمس الدين عرساڻي

ڪوليءَ ۾، ڪنڌ هيٺان ٻانهن ڏيئي، سخت زمين تي ڪو آدم زاد سنئين لڳين پيل آهي. سندس بت جو رنگ سائو ۽ زردي مائل. چمڙي جي گهنجن مان نسون اُڀري آيل. ڪارانيل منهن مان ڪو اڻاتو خوف ٽپڪي رهيو آهي. تنهن هوندي به........ ڪُوماڻل تهن اندران هڪ رتول ۽ ڀڪندڙ چهرو پيو ڀڪيس. ڏرا ڏئي ويل اکين جي ماڻڪين مان هڪ عجيب ڪشش ڪندڙ جوت جهلڪا ڏئي رهي آهي! ڏاڙهيءَ جا ننيڙا وار منهن تي سيلها ٿي اُڀري آيل، جنهن مان ڊپ ۽ انديشي جي گهرائي پئي بکي. سڌڦڌ هوندي به ٻي سڌ ٻٽيو زمين تي ڊٺو پيو آهي، جيئن ڪو لطيف جي تخيل زندگيءَ جو روپ ڌاريو هجي!

سکهن سڌ نہ سور جي، ٿا رنڪن رنجوري،
پيا آهن پٽ ۾، مٿن ماموري،
لڳن لنئون لطيف چئي، سدا جي سوري،
پرت جن پوري، تن رويو وهامي راتڙي!

ها! هي ساڳيو سرواڻ آهي، جنهن جو جنسار، هر محفل ۾ جلترنگ پسائيندو هو. جن زلفن جي پيچ ۾ هرڪو پاڻ کي قابو ٿي ويل پائيندو هو، سي ئي زلف پريشان منهن تي وکريل پيا. ڏسجن! هوائن ۾ لڏندڙ ۽ انسانن جي جر غفير ۾ جوش آڻيندڙ ٻازو، سڪل وڻ جي ڪاٺين جيان پيون لڙڪن! شادابي ٻدران چهري مان رڄ جي ويراني، واڪا ڪندڙ جن چپن مان همٿ ۽ ولولن جا جوشيلا آواز پڌبا هئا، اتان رکي رکي سڪل کوهہ جا سوساٽ پيا نڪرن!

هي ڪير آهي!

پنهنجي دؤر جو سوڊو سڄاڻ!!

هو هجارن جي ڪوڙڪي ۾ ڦوڪنيو قاتل آهي، جتان ڇونڪاري جي هرڪا

واٽ مسمار ٿيل نظر اچيس ٿي! اڪيلائيءَ جي ڏنگن جي پريشاني ۾ ڪڏهن نہ ڪتندڙ سوچ جي زهر کيس اذيت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي ۽ هو ليٽندي ليٽندي بيچين ٿي ويو ۽ وري عذاب ۾ ڄرڻ ۽ ڦٿڪڻ لڳو. هر پل گهٽجي ٻوساٽجي پنهنجو پاڻ مونجهاري جي صليب تي لٽڪيل پسي ٿو. هو پاسا ورائي اُٿلي پُٿلي پيو ۽ پوءِ يڪايڪ لڏندڙ ٻت ۾ لرزندڙ پيرن سان اُٿي ٻيهي ٿو. اکين جي روشنائيءَ آڏو هر هر ڏنڌ چائنجو وڄينس پر ذهن ۾ ڪا جوت اچا بہ چمڪيس پئي. سوچن جا زهريلا ڏنگ گهڙي گهڙي گهيرو تنگ ڪري رهيا اٿس، پر ذهن جون تاڪيون هر بار زور سان کلي پونس ٿيون، جن مان سوچ جو پکي ڦڙڦاٽ ڪري اڏامڻ لڳي ٿو.

آئون ڪجهہ ڪريان!!

پلا ڪجهہ تہ ڪٿي ڪريان!

نہ نہ ڪجهہ بہ نہ ڪريان!!

ڪاري نانگ جون زهريليون ڦٽڪارون عذاب ۾ مبتلا ذهن تي لاڳيتيون پوڻ لڳنس ٿيون.

پلا آئون ڇا ڪريان؟

مان ڪري بہ ڇا ٿو سگهان؟

مان ڪري بہ تہ ڪجهہ نہ ٿو سگهان؟؟

اوندهہ ۾ قيديءَ کي رکي رکي ڊگهن ساهن جو هانبارو ٻڌڻ ۾ پيو اچي، پر کيس پنهنجو جسم خال خال لڳي رهيو آهي. ڄڻ تہ ٻاڦ بڻجي ڪٿي هوا ۾ حل ٿي ويو آهي! هو ٻانهن تي هٿن سان زور ڏئي ڏسي ٿو پر کيس ڪجهہ بہ محسوس نہ ٿو ٿئي. آهستي آهستي پنهنجا ٻئي هٿ ڪٿي منهن تي گهمائي ٿو، پر ماس بدران سڪل چوپي تي هٿ پيل محسوس ٿينس ٿا. هو پاڻ کي بلڪل بيوس پائي ٿو....... پر وري بہ خيال اچڻ سان، هڪ وار پوري قوت سان ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪري رهڻ جوجوش جاڳيس ٿو......... سوچي رهيو آهي......... پر سڀ ڪجهہ لاحاصل!!

عذاب!........عذاب!!..........عذاب!!!!

هو سوچي ٿو: پراون جي سختي ڪونہ ايذايو آهي، جيترو پنهنجن جي بيوفائي لوساٽيو اٿم! مارن وٽان ڪنهن پيرو نہ ڪيو. رڳو نينهن نياپو اچي ها، تہ سرير ۾ ساهہ پئجي وڃيم ها!! نہ خبر نہ خواب نڪو اوٺي آيو!! مون تي ساهہ پساهہ ڇڏڻ وارا ڪيڏانهن گم ٿي ويا؟ ڇا هيءَ ڌرتي نُوٽ ۽ بنجر آهي؟ جيئن وطن جي ڌرتيءَ کي ڪلر ڪاڏو آهي، شايد تيئن ويراڳين کي بہ نانگ سنگهي ويو

آهي يا سندن مرم مارجي ويو آهي!!........ نہ نہ ائين هرگز نہ آهي. هر دؤر ۾ جوڏن پنهنجي رت سان ريج ڏئي ڌرتيءَ جي لڄ کي بچايو آهي ۽ آهوتيءَ کي اونايو آهي!

.... ۽ هاڻي اوچتو قيدي ڍهندڙ بت سان اُيو ٿي ويو آهي ۽ لڏندڙ پيرن سان آهستي هستي ڪمري جي اندر ساڻا قدم کڻي رهيو آهي، پر پوءِ هرڪا وک ڳري پئي لڳيس. سندس قدم وري ڊگمگائڻ لڳن ٿا، ساهہ ۾ سوڙهہ وڌندي محسوس ٿيس ٿي ۽ جيئن پوءِ تيئن ڪنبڻي وڌندي پئي ويس. بانديءَ جا هٿ اوچتو گردن ۾ پئجي ويا ۽ پڻ پڻ ڪرڻ لڳي ويو!

"چا مون کي ڦاسي ايندي؟ مون کي ڦاسيءَ تي لٽڪايو ويندو؟"

"نہ ائين ڪڏهن بہ ٿي نہ ٿو سگهي، مان ڦاسيءَ تي هرگز نہ چڙهندس!!"

"نہ نہ دئيت مون کي جيئرو ڪونہ ڇڏيندا!"

"نہ نہ مان بچي ويندس!"

"نہ نہ مان بچي نٿو سگهان!"

اوچتو ڏڙام ٿي قيدي زمين تي ڪري پيو آهي. لرزندڙ ٽنگن مان ساهہ ڇڏائي ويو اٿس. ڪَنن ۾ سوساٽن جا آواز پُرنس پيا! مغز سور ڪان ڏنوڻ لڳيس ٿو. بي سڌ ٿي سمهي رهڻ سان بہ سوچ جو سلسلو ختم ٿي نہ سگهيو آهي. خوف جو زهريلو جيت ساري بت تي پيو سُريس. شايد ان ڪري قيديءَ جي رڳ رڳ پئي ڏڪي. سوچ جو مئل پکي وري بہ پر سورڻ لڳو آهي.

"ها، ها! جيڪڏهن اڄوڪي رات بچي ويس تہ ڪڏهن بہ ماري نہ سگهندا!!

"پوءِ ڪڏهن نہ ڪڏهن قيد مان نڪري ويندس ۽

.... پوءِ هيئن بہ ڪندس........ ۽ هونئن بہ ڪندس ....!! پر ائين ڪونہ ٿيندو........... ڪونہ ٿيندو!!"

ٽڙڪڻي....... سوچ.......... ٽڙڪڻي....... غنودگي.

هو چاهي پيو تہ وقت بيهي رهي. مگر اها سوچ اجائي ثابت ٿي رهي آهي. هن چاهيو پئي تہ هرڪا بدگماني، ذهن مان نڪري وڃيس، ڇو تہ ههڙو ڪلور يلاوَڏور ماڻهوءَ سان ٿيڻ ڪو ممڪن هو ڇا؟ هن سوچيو پئي تہ مَن ڪو اهڙو امڪان ٿي پوي، جو موت جو مقرر پل موت آڻڻ سواءِ موٽي وڃي! ارادي جي قوت گڏ ڪرڻ جي هرڪا ڪوشش ڏند ۾ ويڙهجندي پئي وئي ۽ ڦاسيءَ جي خوف هر پل ۾ بدن ي رڳ رڳ کي پئي نپوڙيو! ڊپ اعصاب تي بريءَ طرح ڇهتي پيس چڻ تہ هزارين لکين ڪِيوليون هڪڙي وقت بت تي سُرنديون هجنس. هتي آنڌ مانڌ وڌي ايذاءَ جي حدن ۾ داخل ٿي. هٿ پير بلڪل ڪيرا ۽ اکيون پوريل، ظاهري بي سڌ

جسم مان ننڊ جو نالو نشان غائب!!

عين اُن وقت شعور ۾ ڪا رمق آئي، ذهن جي ڪنهن گوشي مان لاٽ ٻرڻ لڳي ۽ ٿڙڪندڙ وجود يڪايڪ سانت ۾ اچي ويو. هو اگهور اونداهيءَ هڪ نور جو ترورو روشن ٿيندو ڏسي ٿو، جنهن ۾ هڪ اڏوتي پيوت لڳن سان، يڪتاري جي تند تار ڪي ڇيڙي، فضا ۾ موسيقي ڇيڙڻ لڳو آهي!

اصل عاشق پنهنجي سِسي نه سانڍين.
لاهي سِر لطيف چوي، ساهه سلهاڙيو ڏين،
ڪلهئون ڪند ڪورين، پوءِ پچن پريتئو.

قيديءَ جا چپ ڦڙڪڻ لڳا..........

ها، اڏوتي، تون ڌرتيءَ جو بيشڪ "لافاني آواز" آهين! هر ڏاهي جنهن ۾ آدمين جي سورن ڪي پنهنجي ڪلهن تي ڏوليو آهي، تنهن ڪي اوس ڦاهي آئي آهي ۽ منهنجو ڪارڻ ۽ انت به ساڳيو آهي. شايد سندس ئي گمان هو پر........ الڪن ۽ انسٽن بدران قيديءَ جو هانءَ همت ۽ اعتماد سان ڀرجي آيو. هاڻي هن جو اشانت من بلڪل شانت ۾ آهي. پگهر جي سيل پيشانيءَ تان روڪجي وئي اتس ۽ هو هاڻي ڪند هيٺان ٻانهن ورائي سمهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي ٿو. ننڊ پر ڪري اڏامي وئي اتس، پر تڏهن به پٽ ۾ دت هٽي پئجي رهيو آهي. قدمن جي آهٽ تي قيديءَ جا ڪن ڪڙا ٿيا ۽ دبيل انديشا زور سان ڀڙڪو ڪائي اٿيا. پر هينئر نه ته سندس لڱ ڪانڊاريا ۽ نه وري ڪا ٻڏتر ٿيس. بوٽن جي ٺاپ ٺاپ ويجهو پوندي آئي ۽ دروازي کلڻ جو چيچاٽ ٿيو. هڪ لمبو ڏونٽو سپاهي اندر گهڙيو ۽ چڪ هٽي پٽ تي پيل قيديءَ کي ٻانهن کان زوريءَ کنيي اٿاريو.

هن ڪيس انت جي گهڙيءَ کان آگاهه ڪيو. عاشقن لاءِ سوري سدا سينگار رهي آهي ۽ مقتل سجائڻ جي هميشه کان سندن پَر رهي آهي! مغموم قيديءَ به دار تي ٺهي جڙي چڙهڻ جو ساڳيو اظهار ڪيو! سندس چپ آهستي آهستي ڦڙڪڻ لڳا!

"مان نئين روشنيءَ جون نشانبر آهيان، ڏپ سڙيو تي مرڻ نٿو چاهيان."

۽ پوءِ........... سنوارت لهڻ ۽ بدن کي سرهاڻ لڳڻ سان سندس مهانڊو ٻهڪي پيو ۽ هاڻي ڪيئي ٻيا سپاهي به اندر گهڙي آيا، آيل نازڪ گهڙي پرجي آئي. ضروري ڳالهين جو جلدي جلدي پورائو نيڻ لڳو. بي بس قيدي پنهنجي مٿان هرکو ڏاڍ ڏمر سهي رهيو آهي. مک سپاهي ڏانهس وڏي اڳيان ڪاغذ جهليو ۽ هڪ واڪي پتين سان تڪرائجي موٽ ڪاڏي "هن معافي نامي تي صحيح ڪري

پنهنجن گناهن جو اعتراف ڪري ڇڏ. شايد موت جي سزا کان بچي وڃين!"

ليڪن قيدي بار بار انڪار ۾ ڪنڌ لوڏيندو رهيو ۽ سپاهي نفرت وچان ويتر لفظن ۾ زهر اوڳاڇڻ لڳو.

"دهريا آسماني نظرئي کان ڦرڻ جو توکي هيئنر جو هيئنر انجام معلوم ٿي ويندو."

گهٽيل ماحول اندر تاثيل زهم مان امالڪ ڪو تير زوڪاٽ ڪندو نڪري ويو!

"اوهين آهيو ئي ڪوجهائيءَ جا ڪوڏايل، اونداهيءَ تي هريل، ڏاڍ جا پوئلڳ ۽ ڪوڙ جا پرچارڪ!" قيديءَ ڪنڌ مٿي ڪٽي نهاريو ۽ رت سان پرندڙ ٻه چاتيون آڏو آيلن ڪي ساڙڻ لڳيون.

غصي ۾ پريل سپاهين بانديءَ تي لتن ۽ مڪن جو وسڪارو لائي ڏنو. رت پيشانيءَ مان نيندبيون تي وهڻ لڳو ۽ هو نستو ٿي ڍرڪي پيو.

هاٺي سندس وات مان فقط ڪي ڇچريل ٻول پئي نڪتا، جيڪي زوريءَ اوڳاڇڻ سان ٻه نڙيءَ ۾ اٽڪي ٿي پيس.

مک سپاهي ڇتڪتائيءَ مان ٻين کي دڙٻاٽڻ لڳو "هيءُ مرندي مري ويندو، پر پنهنجي خوءِ نہ ڇڏيندو!"

قيديءَ جو بدن سور کان ڪڙهي پيو ۽ هلڻ کان هلاڪ ٿي پيو آهي، ڪيس گيلهي دار تي آٿي بيهاريو ويو آهي. هٿ پنيان تنبا ٻڌل ۽ پير رسن سان جڪڙيل اٿس. ان مهل هر بانديءَ جون اکيون وسامي ويندبون آهن، پر هي ڇا! هن جون اکيون تہ مشعل جيان پيون ٻرن. اهڙي روشني اڳي ڪنهن ٻہ ڇهري ۾ نہ ڏٺي وئي، هَن جي بصيرت جاڳي پئي هئي ۽ ڌنڌلن پاڇولن ۾ آهوتي جي ديوي ڏسڻ ۾ مَحو هو! سنڌ ورني جا گفتا سندس ڪنن ۾ پئي وڄيا!

"اي اڏول انسان، ڪوٽ ڪڙولن تي لڳل ڪارين ضربن بند توڙي ڇڏيا آهن ۽ مارو چاڻ تہ ڪليءَ هوا ۾ ساهہ کڻندا!".

اها خوشخبري امرت رس جيان قيديءَ جي هانوَ ۾ لهي وئي آهي ۽ هو هر ايذاءَ کان آجو ٿي ويو آهي.

اکين جو تاب نہ سهي، تڙ تڪڙ ۾ قيديءَ جي منهن تي ڪارو ڪپڙو وڌو ويو ۽ انهيءَ مهل ڪنڌ لڙڪي پيو.

٣ـ انساني تماشو (ناويلا) (افسانوي آتم ڪٿا)

رفيق سومرو

افساني Fiction جو هڪ مختصر قسم ڏنو ويو آهي، جنهن جو جوڙٺهار معروف ڪهاڻيڪار رفيق سومرو آهي. هُن اِن مختصر صنف جو نالو ناويلا رکيو آهي. دراصل ناويلا مغربي ٻولين جو هڪ پراڻو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ نئين ڪهاڻي يا نئين شَي آهي. ان جو انگريزيءَ ۾ متبادل لفظ ناول آهي، جنهن جي فني تاريخي پس منظر ۽ اوسر کان اسين اڳئي واقف آهيون. چوڻ جو مقصد آهي تہ رفيق فڪشن ۾ هي بلڪل هڪ نئون تجربو ڪيو آهي. سندن منشا اصل ۾ تسلسل سان پنهنجي آتم ڪٿا لکڻ جي آهي. پر هُو ان کي اهڙي ترتيب سان لکي رهيو آهي، جو هر واقعو پنهنجي جاءِ تي هڪ الڳ مختصر ڪهاڻيءَ جي صورت وٺي بيٺو آهي ۽ لاڳيتيون ڪهاڻيون هڪ طويل مختصر ناول بنجي پيو آهي. بهرحال سندس زندگيءَ بابت هيٺ ڏنل مختلف باب افسانوي صورت ۾ بيان ٿيل آهن، جن جو انداز بيان نهايت اثر انگيز ۽ رقيق اسلوب جو حامل آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ هيءُ بلڪل نئين تجربي جي حيثيت رکي ٿو ۽ پوري آتم ڪٿا هڪ مثالي ثابت ٿيندو. منهنجي خيال ۾ افسانوي آتم ڪٿا جو نالو هن صنف لاءِ نهايت مناسب ٿيندو. دراصل هن ناول جي هڪ قسط ويا نہ موتيا جي عنوان سان گذريل پرچي ۾ پڻ ڇپي هئي. مگر شروعاتي قسط مَحض ڪنهن سبب باعث ڇپجڻ کان رهجي وئي هئي. ان ڪري ناويلا جي قسطن کي دوباره ترتيبوار هيٺ شايع ڪجي ٿو.

زندگي اکرن جي آئيني ۾

بيمار مڙس اٺن مهينن کان کٽ داخل هو. ٻڪ کان بيقرار ۽ بيماريءَ کان بيزار، اٽي ڌريءَ تائين آيو؛ ۽ گهٽيءَ جي منڊ ۾ پري کان جنهن پاڇي تي نظر پيس، اهو سندس زال جو هو. اڇو برقعو پاتل، مٿي تي ماني جو ٿالهہ، جيڪو پنهنجي پيڪاڻي گهران کڻي آئي هئي. مشڪل سان هلندي، وک وک کڻندي، ۽

ڪمزوريءَ وچان چيلھہ ڪي ھٿ ڏئي ھلندي، ھو ڏاڪڻ تائين آيو ۽ بيوسيءَ وچان قسمت جي مزاق تي روئندي، ڪنجھندي ۽ ڪُڇڪندي، موت جي منھن مان ھڪڙي ساعت لاءِ زوري مُرڪ ڪسيندي ۽ سندس ھٿن مان تالھہ وٺندي چيائين، "ھاڻي تا عمر تنھنجي مٿي تي اھو تالھہ رھندو ۽ ٻارن جو پيٽ پالڻو پوندوئي."

ويا نہ موٽيا مسافر ھن ماڳ جا

ھڪ لاش، ھڪ سرد جسم، دالان ۾ کٽ تي رکيل، گھري ماٺ جي سفيد چادر ۾ ويڙھيل 30 سالن جو ھڪ گڀرو جوان، سھڻو، قدآور، ٻڙھيل ڳڙھيل، ٻچن جو اڪيلو سھارو، پيار ڪندڙ مڙس، شفيق پيءُ، دوستن جھڙو ياءُ، ماءُ جو لال، کٽ تي پئي پئي سُڪي ھڏن جو پيڃرو ٿي، دم ڏنائين.

چوڏاري روڄ، رانيا ۽ راڙو، سڏڪا، سڙڪا، ماتام، ھنيانءَ وڍيندڙ پار، وڍ وجھندڙ ڪوڪون ۽ دانھون، دل اُچلون ڏئي ڄڻ ٻاھر اچي ڪرندي. ٻارن جُون آھون، بيوس ماڻھو، بي آسري بيواھہ زال، يتيم ٻار، مٿي اگھاڙيون مايون، پيرين اگھاڙا ٻار، وکريل وارا، اجڙيل گھر، ويران پاڙو، ھوا اُداس، اُداس شام، آسمان شانت، ڪارو ڪارونيار.

ترس کائيندڙ نظرون چوڦير، رحم ڀريون نگاھون، اکين ۾ اٿل، نيڻ نيسارا، جھڙو پاڻي نڪ مان تھڙو آب اکين مان، ڄڻ سمونڊ پيو ڇلڪي. بند ڀيا ڦاٽن. چوڏس ٻوڏ، کٽ گونگو پاڻي تہ کٽ ڇلندڙ ڇوليون، آب ئي آب، پاڻي ئي پاڻي.

ترس کائيندڙ مايون، ٻاجھہ ڀريا ھٿ. تسليءَ وارا لفظ:

صبر.

توبھہ.

زاري.

اللہ معافي.

ھاءِ.

اَبوءِ.

اَوءِ.

آلا!

او اَدي!

او ڀيڻ.

او آئي!

او جيجان!

او اورڻ!

او امڙ!

صبر پٽ!

صبر ڌيءُ!

ڏاها ٿيو!

توبهه ڪيو.

مالڪ جي مرضي.

سندس شي هئي، ڪيس پرتو.

عقل ڌيءُ!

هوش ڪر ياءُ! هوش بابا هوش.

ڪجهه به نه ڪٿي ويو.

اِنَا لله وَاِنَا اِلَيه رَاجِعُوْنْ. راج پرتو رب ڪي.

ويا نه موٽيا. مسافر هُن ماڳ جا.

آل .... لا.

آيام ٻار جا ڪومل هٿ، امالڪ ٿڌي - ٻِگَ جسم ڏانهن وڌندڙ، ننڍڙين پٽڪڙين آڱرين سان بي جان پير جي چيچ کي قابو ڪرڻ جي اجائي ڪوشش، ناڪام سعيو، پيار ڇڻ ننڍڙن هٿڙن ۾ اوتجي آيو هجي. ڏکيا ٿڌا ساهه، نڪ جو سٺڪو، ٻار معصوم، روئڻ پٽڻ جي سبب کان بيخبر، روح جي راز کان بي نياز، يتيمي حال ۽ آئيندي جي اونن جي ڪا سمڪ ڪانه. ڪير يتيم ٿيو. ڪير بيواهه - ڪير شينهن ڪلهي تان ڏڪو ڪائي اونهيءَ کڏ ۾ ڪريو ۽ ڪنهن جي مٿي تان شفقت جي چادر بي رحم وقت جي تيز طوفان هميشه لاءِ هٽائي ڇڏي.

لاش ڏوليءَ ۾ پيو، ڏولي مقام ڏانهن هلي، هزارين ڪلها مٿيا، "لٽو تو مٿاء، سندو مٿيءَ مامرو."

بس رهجي ويل يادن جا رڱا تي منظر:

- گهر جي ٻاهران گهٽيءَ ۾ پيل ڏولي.

- بيواهه جو وار پٽي روئڻ.

- ۽ هڪ ٿڌو جسم ڪٽ تي رکيل.

ڳالهه ڪا گهٽي پراڻي ڪانهي، ڏينهن ڪُلهوڪو، سال 1958ع. لاش هو بابل سائين جو ۽ يتيم هوس آئون.

پڳ

ٽن سالن جو بي سمجهہ ۽ اڻڄاڻ ٻار، مٽن، مائٽن ۽ ڪٽنب، کهول جي ميڙ ۾ آڳر ۾ وڇايل هڪ کٽ تي ويٺل، سوچي رهيو هو تہ ڪيس پڳ ٻڌائڻ جو آخر ڪهڙو ڪارڻ هو. اوچتو سندس چوڌاري مڙيل ٻارن ڏانهن ڏسڻ، ڪنهن کي بہ پڳ ٻڌل ڪونہ هئي.

آخر ڪيس پڳ چوتي ٻڌائي وئي ۽ اها ڪنهن جي پڳ هئي؟

هڪ نيڪ بزرگ ۽ درويش صفت انسان سندس مٿي تي پنهنجن هٿن سان پڳ پئي ٻڌي. ٻار جو پهريون پيرو پنهنجي مٿي تي ٻار محسوس ڪرڻ، سندس پر ۾ ويٺل روئيندڙ ماءُ، ڳوڙهن جون لارون، ڊبيل سڏڪا تہ ڪڏهن وري اوڇنگارون.

ٻار عجب ۾، وات ڦاٽل، پڳ ڏسي تہ سرهو، ماءُ جو مک ڏسي تہ اداس ۽ نراس. شل ڪنهن سان ائين نہ ٿئي. ٽن سالن جي ننڍڙي ٻار تي ايڏا وڏا ٻار، وڏن جي پڳ ننڍپڻ ۾ سندس سر تي، هيئر کان ئي وڏا ٻوجهہ مٿي تي. بس ڪونہ جو هئس وَسُ پاءُ. هي پڳ لاهڻ تي، مائٽ چاڙهڻ تي، عجيب منظر هو. قسمت ۽ حالتن ڪيس اهي ٻار ننڍپڻ ۾ ئي مٿي تي وجهي ڇڏيا. هاءِ ڙي قسمت عجب تنهنجو چرخو، واهہ ڙي زمانا! عجب تنهنجا کيل. پڳ نہ، چڻ پاهڻ جي جنبي مٿي تي رکي هجيس تہ اٿ پٽ ڏک ڏور!

ماءُ کي سڀ خبر.اها بہ تہ وڏو تي هن پينگهي ۾ پلجندڙ ٻارڙي ويچارڙي کي بہ ساڳين ڏکن سان منهن ڏيڻو آهي. جيڪي سندس حال هئا ۽ ننڍڙي جو مستقبل، سچ بہ زندگي آهي ڇا! ماضي ڏک، حال ڏکھي سوال جي نشاني ۽ مستقبل ڏک، سوال ڏک، جواب ڏک، زندگي ڏک.

پينگهي ۾ لڏندڙ ٻار، ماضي اونداهي غار، حال آسمان وانگر صاف ۽ چٽو، چڻ ڪليل ڪتاب، آئيندو، ڏک- سک، پر جو بيواهہ ماءُ جي نظر سان ڏسي، سندس پيگل دل سان محسوس ڪري ۽ سندس ٽٽل سوچن سان سوچي.

چوڌاري ماٺ، مائٽ چپ، ٿڌا ساهہ، عجيب منظر، ڪير ڪري بہ ڇا تي سگهيو. بيواهہ، بيوس ويٺل، پٽ کي تيڪ، رئو مٿي تان لٽل ۽ هٿن ۾، ڳوڙها اگهندي، نڪ سُڪندي، لِڪل پار، گونگا ڳوڙها، ڊبيل سڏڪا، ڪو هجي جو ڏسي. ڪو ڏسي تہ ڏڏي، ڪوبہ مائٽ ذميداري کڻڻ لاءِ تيار ڪونہ.پيلا ڪير يتيمن جو ٻار کڻندو. هن دنيا ۾ سيني کي پنهنجو صليب پنهنجن ئي ڪلهن تي

ڪٽي هلٽو آهي، پر اها ڳالهه ٻار جي سمجهه کان گهڻو مٿي هئي.
ڳالهه ڪالهوڪي- سال 1959ع، اجڙيل گهر هو بابي جو، بيواهه هئي امڙ ۽ پڳ هئي بابل سائينءَ جي.

تصويري فريم مان روئندڙ اکيون

'امان!'

جي 'پٽ'

سيني ٻارن کي پنهنجا پيئر آهن، پوءِ منهنجو بابو ڪيڏانهن ويو؟ معصوم ٻار سڏڪندي پڇي ٿو.

'تنهنجو بابل، پٽ، اجهو ڪمري ۾ وينو آهي، ٻار کان لڙڪ لڪائيندي، نظر بچائيندي، ڪمري ڏانهن اشارو ڪندي ۽ منهن ٻئي پاسي ڪندي چوي ٿي.'

'ڪٿي آهي منهنجو پيءُ؟ ڏس ڪمرو خالي آهي نه!' ٻار جا پتڪڙا هٿ چرپر ڪن ٿا.

'هي رهيو تنهنجو بابل، پٽ!' پٽ تي ٽنگيل وڏي فريم واري تصوير وٽ ويهندي، گونگي پاڻيءَ واري گهري ڪُن ۾ دل ٻوڙيندڙ لفظن ۾ جواب ڏئي ٿو.

'پوءِ چپ چو آهي، منهنجو بابل امان؟ سيني جا بابا ته ڳالهائين ٿا. ڪين ڪوڙ ساريون خرچيون، رانديڪڙا ۽ چميون ڏين ٿا؟'

'ڏي ته ٿو گل! هو ڏِس، تو لاءِ ڪيڏي وقت کان پئسا جهلي بيٺو آهي.'
ماءُ جي دل تي چڻ ڪَرٽ وهي ويو. زهر ۾ ٻڏل چڻ فوجي خنجر، سندس سيني مان آرپار لهي ويو. ڳڙٻ جو آواز ٿيو؛ جيڪو رڳو سندس جانب ور جي تصوير ئي ٻڌي سگهي. ٻار حيرت وچان جيجل ماءُ کي ڏٺو ۽ ماءُ تصوير ۾ اُيري آيل ڳوڙهن کي. تصوير ۾ اُيري آيل لڙڪن تي بيواه ماءُ، ٻه ٽڏا پئسي وارا سِڪا رکي ڇڏيا. ڪجهه تي وينل ايام ٻار نهايت معصوم خوشيءَ مان ڏاڍي ڦڙتيءَ سان ٻئي سڪا ڦري ورتا.
"ماءُ ڪان، اڻ - چاتي خوشيءَ وچان ڳوڙهي ڳڙي پيا.
"ٻار ڏاڍو خوش. چڻ سموري ڪائنات خوشين سميت سندس جهول ۾ اچي پئي هئي."

ماءُ کي لڳو، چڻ سندس ور، فرشتي وانگر، وڏي تصوير جي فريم مان نڪري اچي سندس پير ۾ بيٺو. ننڍڙا، پتڪڙا، هٿ شفيق/ ٻاجهه پرين هٿن سان چنبڙيا ۽ معصوم ٻار، گهري ننڊ ۾ گهونگهرا هڻڻ لڳو. (سيارو 1959ع)

جيون پيانڪ سپنو

(هٿ هٿ پنهنجو پاند)

ماءُ، پنهنجي ٻارن جي سڪل پيٽن ڏانهن ۽ ٻارن خالي ٿانون ڏانهن ڏٺو، ويلو ٽي ڏينهن؛ شفقت ست ڏينهن ۽ مهرباني ۽ ڪهل مهيني جي مهمان ٿيندي آهي. قياس ڪجهه ڏينهن کان پوءِ پنهنجي معنيٰ قيرائي قياس آرائي تي پوندو آهي، جڏهن ڪا نوجوان زال بيواهه ٿيندي آهي.

ماءُ جي اکين جي سڪل خالي ڪمرن ۾ اونو اوتجي آيو.

ٻارن جي ناسن ۾ پاڙي واري گهر جي رنڌڻي مان ايندڙ پڳل گوشت جي خوشبو، سندن ناسن ذريعي خالي پيٽن ۾ لهي وئي. ماءُ پين ماين ڏانهن ڏٺو ۽ ماين جي شڪي نگاهن بيواهه زال ڏانهن. شڪي نگاهن ۾ سوين سوال هئا؛ جن جا جواب شايد سندن ورن وٽ به ڪونه هئا. طعن/ تنڪن جا طوق بيواهه ڏانهن واڇوڙي وانگر وڌندا ٿي آيا. مايون ته سڀ مايون، پر هيءَ ماءُ هئي. تيمورلنگ جي هڪاريندڙ شهزور گهوڙي جي ريڪن ۾ هٿ وجهندڙ، تيمورلنگ جهڙي ظالم بادشاهه کي نظرون جهڪائڻ تي مجبور ڪندڙ ۽ سندس هوا ۾ اڏامندڙ گهوڙي کي هڪ ئي سٽَ سان بيهڻ تي مجبور ڪندڙ ماءُ - گورڪيءَ جي ماءُ.

ساڍا چار مهينا پل ۾ پورا ٿي ويا. اٽي جو ڪنستر، دال جون برنيون، لوڻ، مرچ ۽ گيهه جي دٻن ۾ پيل سامان، هڪ پيرو وري وڃي ترن سان لڳا هئا. ڪاري ۾ به ٽي بصر باقي هئا. سندس ور جي جگري دوستن ۽ مائٽن ڪيس، ۽ يتيم ٻچن کي ائين وساري ڇڏيو، جيئن مارئيءَ جي روحاني رتوڇاڻ ڪان پوءِ، سندس ويڙهچن وري ڪَل نه لڌي ڪڏهن.

ماءُ برقعي ۾ هٿ وڌو. اوچتو هڪ نيڪ عورت، فرشتو بڻجي! الائي ڪٿان ظاهر ٿي، بندر روڊ جي هڪ وچولي طبقي جي حيثيت واري گهر ۾، ماءُ جي هٿن ۾ ٻهاري هئي. نيڪ مائي ٻي گهر ۾ ٿانوَ، ٻهاريءَ لاءِ هلي وئي.

ٽين جا دٻا اڃا به خالي هئا؛ پر شام جو موٽڻ مهل، ماءُ جي مٺي تي رکيل، جستي ٿالهه پريل هو. ماين جي مُنهن تي مليل مهين جي شڪن جي مير، ان منظر سان منٽن ۾ ڌوپجي وئي. سندن نرڙ جا گهنڊ ڍرا ٿيا ۽ رت ٽڏو ٿيو ۽ سندس ٽتل تَون جهڙي هيانءَ تي ڇنڊو پيو.

هڪ اجڙيل گهر جي واهي ٿيڻ جي ذميواري سيني جي ڪلهن تان لهي وئي.

ماءُ جو فيصلو اٽل هو. سياري جا ڏينهن، سخت پاري ۾، ڳگ ٿيندڙ پاٽيءَ

۾ ٿانوَ ڏوئيندي رهي. رت روئيندي رهي ۽ دل ۾ آيل درد کي ڏينهن رات ڳوهيندي رهي. صبر ۽ شڪر جي سايي ۾ صبر سوئيندي رهي ۽ پاڻ لوئيندي رهي. ور سان ڪيل وچن ۽ نينهن ڏوئيندي رهي ۽ سورن جي سڳي ۾ موتي وفا جا پوئيندي رهي.

سنهڙي گهٽيءَ ۾ گهڙندي، سندس نظر اُمالڪ ان دريءَ تي پئي، جتي پنج - ڇهه مهينا اڳ بيٺل، وَر، مانيءَ جو ٿالهه مٿي تي کڻي ايندي ڪيس ڏٺو هو. اڄ سندس مٿي تي ساڳيو ٿالهه ته هو، پر اوسيئڙي ۾ دريءَ وٽ بيٺل سندس لالڻ ڪونه هو؛ پر اتي بيٺل ٻڪايل ٻار هئا. جيڪي جهرڪين جي ٻڪايل ٻچن وانگر چوڳي لاءِ وات کولي بيٺا هئا. ماءُ جي مٿي تي ماني ڏسي، سندن مرجهايل منهن ٻهڪي اٿيا.

سچ پڇو ته ڪانئڻ پنهنجو پيءُ، جهٽ ڪن لاءِ صفا وسري ويو.

اڻ وقتائتو موت

38 سالن جو جوان مڙس، تمام گهڻو خوش؛ ڪار هلائيندي، جڏهن گهر ڏانهن ويندڙ سڙڪ مڙڻ لڳو، ته اوچتو سندس نظر پير واري قبرستان تي پيئي. بيپناهه ٻئين کي ڏسندي، سند دل جو دلو اوچتو ڌڙڪي پيو؛ ۽ خوشي پاٽيءَ وانگر ٽوٽ زمين ۾ جذب ٿي وئي.

اوچتو سندس دل مان دُعا نڪتي، "اي مالڪ! منهنجي ماءُ کي جيئري منهنجي موت جو غم نه ڏيکاريجانءِ، جو ته هو صفا مري ويندي."

وڏي شهر جي وڏي اسپتال ڏانهن علاج لاءِ امڙ کي ڪار ۾ وٺي ويندي، اوچتو سندس دل ۾ خيال آيو، جنهن هن دعا جي شڪل اختيار ڪئي، 'يا خدا امڙ کي وڏي عمر ڏي، پر بنا ڪنهن آزمائش جي.'

هفتي ڪان پوءِ، سندس 22 سالن جو نوجوان پٽ اوچتو ٿي اوچتو گذاري ويو ۽ ان صدمي ۾ سندس ماءُ به مري وئي.

نوجوان جي دعا سندس ذهن جي مقبري ۾ پڙاڏو بڻجي گونجندي رهي. اي خدا، اي خدا.

انسان جو نصيب

نظم، ضبط، اطمينان انهن وٽ هوندو آهي، جن کي تقدير ٿائيم - ٽيبل ۽ شيڊول ٺاهي ڏيندي آهي. جنهن جي هٿ ۾، قسمت خالي قرهي ڏئي ڇڏي؛ سي ويچارا حال جي حوالي هوندا آهن. جيئن ڪا ڏنگي منجهه درياهه ڪي ٻڏي، ڪي آيڙي يا وري ڪي تران ڪي تار، ڪي سگهان، ڪي سگهه تون ۽ اجا به ائين چئجي ته اوراڙ نه پرار وهه ويچاري وچ ۾.

۴ـ ڳاڙها ڳتا، ڳاڙها ويس...!

سليم چنا

ايترو سوير اٿي ڪيڏانهن ويو هُئين؟

رات برسات پئي هُئي نہ، تنهنڪري بارش ۾ وهنتل هن پهاڙي شهر جو حُسن ڏسڻ ويو هئس.

ڪيئن لڳو هي شهر توکي...؟

شهر...!!

هِن شهر جي وڏين عمارتن ۾ عاليشان آفيسن متعلق تنهنجو ڇا خيال آهي...؟

”پٽرن جي هِن شهر ۾ منهنجي ديس جون پنڪڙيون ڇيپتايون ويندڙيون آهن، ڪليون مرجهايون ويندڙيون آهن“ ۾ تڙيل گلابن تي بندوقون هلائڻ جا حڪم جاري ٿيندا آهن.“

گرم افغاني ڪمبل مان مُنهن ڪڍي، منهنجي ديس جي هڪ نوجوان بنا اوباسي ڏيڻ ۾ مڪمل اڪيون پٽڻ جي ڪندي چيو.

ميان عبداللطيف! هتي جي رهڻ جو لطف ابجا تو نہ ڏٺو آهي. هڪ هفتي ۾ ڀلا تون ڏسي بہ ڇا سگهندين؟؟

بيشڪ مرشد تون سچو آهين.

جمال هِن جو پاسو ونڊي ڳالهايو.

جمال تون مرشد جو پڪو مريد آهين، رڳو ڇهن مهينن ۾ سنگ تي ويو آهين.

ميان عبداللطيف! جمال جهڙو سهڻو نوجوان هتي سنگ نہ پر سنگ مرمر تي ويو آهي. ڏس ڳوڻان ڪٽي آيل ڳهاتي ڏاڙهي ۾ شهپر ڪوڙائي صفا لسو سنگ مرمر تي پيو آهي نہ...؟

”مرشد! تنهنجا هٿ لڳس تہ مٿو بہ ڪوڙائي ڇڏيندو... مرشد ڪمبل سڄي بدن تان هٽائي پاسي ڪري ۾ بنا وات تي هٿ ڏيڻ جي هڪ اگري اُباسي

ڏني، جنهن مان رات واري سندس پيتل شراب جي بدبوءِ آئي.

لطيف! رات تو پيگ وٽ ليگ مان ڪوبہ مزو نہ ورتو؟؟

”رات مون ڪمري جي ڪُنڊ ۾ بتي وسائي ڪنهن تي مقلر ويڙهي خواب نگر جو سير ڪيو هو. ڏاڍو پُر لطف، پُرسڪون امن ۽ خوشي وارو سفر هو.“ مون جواب ڏنو.

مرشدَ بستري تان اٿيو. بد افعالن وانگر تي نيرانا تِتِ ڏنائين ۽ باٿ روم ڏانهن ويو هليو. اشرف اِنهيءَ آواز تي، سوڙ مان ٻاهر نڪري آيو.

مون جمال ڏانهن ڏٺو. جمال منهنجي ڏسڻ جو مطلب سمجهي ويو ۽ ڪمري جو ٻيڪڙيل دروازو ٿورو کولي ڇڏيائين ۽ بدبوءِ ڪمري کان ٻاهر نڪرڻ لڳي.

تِتِ ڪنهن ڏنا؟؟ اشرف راتوڪي چاڙهيل پيگن واريون ڳاڙهيون اکيون مهٽيندي پڇيو.

تنهنجي مرشد سائين! جمال جواب ڏنس. مُرشد جون ڦوسون بہ اگريون آهن. جمال وري ڳالهہ وڌائي تہ اشرف بہ ٽهڪيو، آهي مرشد ٺي ويا، جيڪي دين جو ڏس ڏيندا هُئا، مون کي تہ هِن مرشد آگر وني. جوا سيڪاري، زنا سيڪاريو، شراب پيارو، هاٿي ڇٽي تو تہ هتي نوڪري وٽ تہ توکي شهري ٿيڻ بہ سيکاريان.

مان پاڻ جهلي نہ سگهيس. اشرف کي چيم هڪ هفتو هِن شهر ۾ رهي هِتي جي ماڻهن سان مِلي، آفيسن جو ماحول ڏسي، مرشد جا پرڪار پسي لڳيم تو تہ مرشد جلدئي توکي غداري بہ سيکاري ڇڏيندو.

ٻنهي مريدن کي ڳالهہ ڪوڙيءَ جي ڪنهن ڪُنڊ ۾ پيبنڊ تي لڳي. هُنن پاڻ کي ڌونڌاڙيو، هڪ ٻئي ڏانهن ڏٺو.

پوءِ يڪدم جمال مون کي چيو لطيف! جيسين هي ٻئي تيار ٿين، تيسين پاڻ هل نہ هن پهاڙي شهر جي رنگيني ڏسي اچون تا.

گهڙي ڪانپوءِ اسان ٻئي فليٽ جون ڏاڪڻيون لهي رهيا هُئاسون.

لطيف! معاف ڪجانءِ رات ٻئي ڪمري ۾ تون اڪيلو سُتين رات ننڊ نہ آئي هيئي نہ؟ نہ...؟

”ڏاڍي سني ڏاڍي پر سڪون ننڊ آئي هُئي.“

”ڀلا خواب ڪهڙو ڏٺو هُوئي؟“

”ديس جي آزادي ۽ آجپي جو.“

اسين ڪنهن جا قيدي آهيون ڇا؟

ڏس لطيف! هِن سنگ مرمر جهڙي شهر جي سڀ کان اهم ۽ عاليشان

عمارت جي اندر اعليٰ منصب تي تہ اسان جي حڪمراني آهي. تون هڪ ديس جي ڳالهہ ٿو ڪرين اسين تہ ڇٺن ديسن تي حڪومت هلائي رهيا آهيون.

اسين هلندا هلندا ٻاهر روڊ تي پهچي ويا آهيون. پهاڙي شهر جون اعليٰ آفيسون جديد عمارت سازيءَ جو بهترين نمونو آهن. روڊ جي پاسن ڪان ۽ چوراهن تي ساوڪ ئي ساوڪ ۽ رنگ برنگي گلن ڦلن اکين کي جرڪائي وڌو آهي، پر هن شهر جي فيصلن هميشہ اسان جي هانءُ کي ڏاري وڌو آهي.

آءُ پنهنجي ڳالهہ کي جاري رکندي جمال کي چوان ٿو.

هِن شهر جي لانگ بوٽن ڪان وٺي شهرين، آفيسرن، ڪامورن، اسيمبلي ميمبرن، اميرن، وزيرن ۽ اقتدار جي اصل ڌڻين اسان جي ديس کي ۽ ديس جي ماڻهن کي ڪجهہ اجرتن جي عيوض قيد ڪري رکيو آهي ۽ انهن مان ڪيترن ڪان هو، ديس جي غداريءَ جو ڪم وٺي رهيا آهن ۽ هي تو وارو مُرشد بہ ديس جي غدارن مان هڪ آهي.

جمال! مون کي آزاد گهرجي پنهنجو ديس...!!

نہ فقط ڌارين ڪان، پر پنهنجن، ميرن، پيرن، جاگيردان، اميرن، وزيرن، وڏيرن، ڪامورن، سرمائيدارن آفيسرن ۽ اُنهن ننڍن توڙي وڏن غدارن ڪان جن چند ٽِڪن جي عيوض ڌارين وٽ استعمال ٿي ديس کي هاڃو رسايو آهي.

جمال چپ ٿي ويو ۽ پهاڙي شهر جي اهم شاهراهہ تي مون کي ٽنڊو ڪرڻ لاءِ هڪ هوٽل تي چانهہ پياري، بسڪوٽ ڪارايائين ۽ پوءِ اُٿي هلڻ لڳاسين. شاهراهہ جي سائي ڇپر تي جابلو حُسن جا جلوا مون کي ڏيکاريندي چيائين.

لطيف! تو ۾ لطافت ڪاٻہ ڪانهي ڪا، چو...؟؟

وراڻيو مانس.

جمال! تو ۾ ڪاٻہ ذوق جماليات ڪانهي ڪا چو...؟؟

ٽنڊ ۾ ٿهڪ ڏيئي وڌائين تہ سندس ڏند ٽڙڪي پيا ۽ کلندي کلندي مون کي چيائين.

يار صبح ڪان ڏاڍو خشڪ موضوع پيو هلي. تنهنڪري سوچيم تہ تنهنجي وندر لاءِ توکي هن شهر ۾ آيل ٻئي ديس جو حُسن ۽ هن پهاڙي واديءَ جو جوبن ۽ جلوؤ ڏيکاريان.

هو ڏس لطيف! هي سچي جو سچو ٽولو ڪنهن ٻئي ديس مان هتي آيو آهي.

چتائي ڏس! هنن جا ڳتا ڳاڙها آهن ۽ هنن کي ڳاڙها ويس آهن ۽ هو سامهون شاپنگ سينٽر مان نڪرندڙ حُسن هتي جي ڪامورن جي ڪرامت آهي ۽ هوڏانهن ننڍڙن دڪانن ۽ گاڏن تي بيٺل جواني هن پٽرن جي شهر جي آس پاس جي آهي.

هتي زندگي ڏاڍي رنگ برنگي آهي لطيف!

مان هڪ هفتي کان هتي اشرف جي خاطر عذاب ڀوڳي رهيو آهيان. دوستيءَ جا واسطا وجهي وٺي آيو هو تہ مُرشد، هلندي پڄندي وارو آهي، نوڪري ضرور وٺرائي ڏيندو.

مرشد تہ هن کي پيڪ وٽ ليگ جي لائين تي آڻي ڇڏيو آهي. اشرف هاڻي روز نوڪري نہ پر نئين ڇوڪري ٿو ڳولي.

مان اڄ ئي واپس هلڻ جو چوندومانس نہ هليو تہ مان هن کي آخري نصيحت ڪري هليو ويندس تہ ٻيلي! ڏوڪڙ تون پنهنجي پيءُ جا پيو اڏائين. ڏک مون کي پيو ٿئي.

خدا جي واسطي نوڪري ڳولڻي اٿئي تہ پنهنجي ديس ۾ ئي ڳول.

هن بيوفا شهر جي نوڪري ۽ ڇوڪريءَ جو ڪوبہ ڀروسو ڪونهي. خبر ناهي ڪيڏي مهل اونداهي رات جا بگهڙ گهيرو ڪري وجهن. خبر ناهي ڪيڏي مهل ڇوڪري جفا جي زبردست جنگ ڪري ويهي رهي ۽ خبر ناهي ڪيڏي مهل ڪجهہ چمڪ ڪجهہ دمڪ ۽ ڪجهہ ڏاڍائي ڏيکاري هو، اسان کان ديس جي غداريءَ جو ڪم ڪرائي وٺن.

منهنجو خيال آهي، لطيف تون ڀلي موٽي هليو وڃ. اشرف في الحال ٻئي رنگ ۾ رڱجي ويو آهي. مان آهستي آهستي هُن کي انهيءَ راهہ تان هٽائي وٺندس.

هاڻي تون فڪر نہ ڪر، تون رڳو هن شهر جي جانان جا جلوه ويٺو ڏس. روڊ جي پاسي کان ڇپر تي جمال مون کي ويهاري ڇڏيو ۽ آٿان لنگهندڙ، حسين و جميل، جابلو ۽ پهاڙي عورتن جي ڳاڙهن ڳٽن ۽ ڳاڙهي ويس جي حُسن جي ساراهہ جا ڍڪ پرڻ لڳو. پر مون کي ان وقت ان ساراهہ مان ڪابہ خوشي نہ ٿي رهي هُئي. ڇو تہ منهنجي سوچ جمال کان جدا هُئي.

منهنجي نظر ۾ پهاڙي حُسن جو اُهو نسل هو، انهن لانگ بوٽن ۽ بندوقن جو استعمال اسان جي ديس وارن تي ڪيو آهي ۽ اِنهن جي ئي نسل اسان کي چرس، آفيم، هيروئن ۽ خطرناڪ هٿيارن سان جاني، جسماني، ذهني ۽ مالي نقصان رسايو آهي. ان ڪري مون کي هنن جي ڪابہ ادا پسند ڪانهي. مون کي تہ ڳاڙهن ڳيرو جوانن جا رت لڳل ڳاڙها ڳٽا ٿا ياد اچن ۽ رت لڳل اُهي ڳاڙها ويس ٿا نظر اچن، جن کي منهنجي ديس هجڻ جا ڏوهاري قرار ڏيئي، هر ڀيري شهيد ڪيو ٿو وڃي، منهنجي ديس سان ڪيڏو نہ دوکو ڪيو ٿو وڃي!

٥ـ اڌوري آس
(روزانه ٿيندڙ واقعن مان هڪ سچو واقعو)

فقير محراب ملاح، ڪنڊيارو

اڄ به ڪافي دير ٿي وئي هئي. ڊڪندي ڊڪندي اچي بس ۾ چڙهيم. هر هڪ سيٽ تي روز جيان ٿن جي جاءِ تي چار ۽ ٻيڻل ماڻهن جي پيهه به چڱي خاصي هئي. ويٺل ته خير پر بيٺل ته بت مان بيزار هئا. هرهڪ ٻئي کي اهڙين نظرن سان ڏسي دل ئي دل ۾ چوندو هوندو ته توکي ڪهڙي موت ڪنيو جو هن ڪناري ۾ ٽنگيو آهين. هونئن به ان پاسي ڏانهن ڪلاڪ کان پوءِ ويندڙ اهڙي سواري نصيب نه ٿيندي ته ڪو پيجارو يا هيليڪاپٽر اسان کي ڪٿي منزل تي پهچائيندو. من کي آٿت ڏيندي پٽڪيو هئم. بس به پنهنجي سست رفتار سان هلندي ته چا بلڪ ٻليءَ پير چرندي رهي. ڪنهن ڳوٺ مان ماڻهو نڪتو نه آهي، بس بيٺي نه آهي. جو جي مسافر آهي، اچي چڙهندو ۽ پوءِ ڌهم، پندرنهن منٽ بيهي رهندي هئي. هر ڪنهن کي پيا جڪ ايندا هئا، پر ڪري به ڇا ٿي سگهياسون. منهنجي ته معمول جي سواري هئي. اسڪول ان طرف هو. ان لاءِ ٻي ڪا واهه نه ڏسي ان ڪناري ۾ اچي چڙهندو هئم. اڄ به دستور جيان جيئن ئي دروازي کان ٻيٺو رهيس ۽ بس هلڻ لڳي ته ويهڻ جي آس دل ۾ رکي ويٺل ماڻهن ڏانهن ۽ سيٽن ڏانهن واجهائڻ لڳس. آخري سيٽ تان سڏ ٿيو، ظفر او ظفر هيڏانهن اچ. اچي ويهه، پهريائين ته شڪجي پيم ته متان ٻيو ڪو ظفر هجي پر وري پيهه جڏهن وڏي آواز سان سڏيائين او ماستر ظفر توکي آهيان توکي. هيڏانهن اچ، پوءِ دل کي ڀڪ ٿي ته هائو ٻيلي چاڻ سڃاڻ وارو ماڻهو نڪري پيو. بيٺلن جي پيهه مان آهستي آهستي سرڪي، اوڏانهن پهتم. چهرو چاتل سڃاتل، مڇن جي ساول، پورا وار، خير دستوري السلام عليڪم چئي ويهي رهيم. بس جي رفتار سان ذهن جي رفتار کي ڊوڙائڻ لڳم. "پيگل درياءَ مان پاهران وڻن جي قطار کي ڏسندي، فطرت جي وجود جو شدت سان احساس ٿيڻ لڳو." من ۾ ڇهري بابت ڪيئي سوال ايندا

۽ ويندا رهيا. ذهن جي نئڊري ڪنواس تي هڪڙا نالا اچن ته پيا ميسارجي وڃن، ڪنهن به هڪ نالي تي متفق يا اتفاق نه ڪرڻ، پريشان، پشيمان، افسوس ۽ ارمان پنهنجي حال تي، دل ئي دل ۾ سوچيندو رهيم ته ڇا چوندو مان نالو وٺي ويهاريو مانس ۽ پاڻ معتبرائپ ۾ سڃاڻي به ڪونه سگهيو. اوچتو زبان مان بهادر نالو نڪتو. ڀرم رهجي ويو، تون بهادر آهين نه، ها ظفر تون نه پيو سڃاڻي سگهين نه. ماسترن وانگر وقت ڪان ڪوڙ سارو اول دوستن کي ته ڇا پنهنجو پاڻ کي به وڃائي ڇڏيو اٿئي! نه نه اهڙي ڳالهه نه آهي. دراصل مان ٻي ڪوجنا ۾ هيم ته بس کهڙي سال ٿهي ۽ هن رستي وارن جي ڪرمن ۾ لڳي! نه نه اهڙي به ڳالهه نه هئي، ته پوءِ کهڙي ڳالهه توکي منجهائي وڌو. ڪابه نه ائين خاموش ويٺو هئم، ها يار ماستر "وقت پنهنجي تيز رفتار سان هلندو پيو وڃي." ۽ ها تون ئي ڪالهه جو ته آهين، پر اڄ ڏس ڪيترو متيل، مون ڀانيو ته آثار قديم وارن جو هم راهه آهي، پيو ته ٿهيو پر وارن ۾ به ۽ خاص ڪري لونڊڙين وارين جاين تان چانديءَ جو فصل ڦٽي نروار ٿيو اٿئي. ها بهادر مان سچ ته توکي به نه سڃاڻي سگهيو هئم. تون پنجين درجي کان پوءِ تعليم کي خيرباد چيو هيو نه ۽ ها اڄ ڏينهن تائين پاڻ ڪٿي مليا به ته نه آهيون، جو سڃاڻپ ۾ ڏکيائي نه ٿئي ها. بهادر تون هينئر ڪيڏانهن پيو وڃين ۽ اڄڪلهه ڇا ڪندو آهين؟ اوچتن سوالن تي ڇرڪي پيو. غور ڪندي مون ڏانهن ڏٺائين، ڇڻ مان سي. آءِ. اي جو ماڻهو هجان. چوڻ لڳو ڀاءُ ڪندو ڪجهه به نه آهيان، بس "مولا پيو ڏئي ۽ اسين پيا کائون." پر بهادر مولا ته سڀني جو آهي، پيا چو ٿا ڪم ڪاريون ڪن. هو به پوکي راهي، ڏنڊا ڏاڙي، نوڪريون چاڪريون سڀ ڇڏي تو وانگر مولا تي رکي ويهن، انهن کي به ملي ويندو. ٿوڪ ڪندي چيومانس، شڪي ٿيڻ لڳو. دريءَ کان ٻاهر وڻن جي ويندڙ قطارن کي غور سان ڏسندي ٻيهر چيائين، ماستر اهڙي ڳالهه نه آهي. بس مولا ڏئي پيو. بس پنهنجي رفتار سان هلندي ڇا بلڪ ڇرندي رهي. هر طرف، هر سيٽ تي گوڙ گهمسان، وڏي توڙي ننڍن جو مليل جليل آواز، مان هڪ ڀيرو ٻيهر دريءَ طرف نهارڻ لڳس ۽ بهادر جي لفظن، چال، چلت تي غور ڪرڻ لڳس ته ساڳيو نبل، ڪمزور ۽ هيٺو بهادر هو. مائٽن نالو ته الائي کهڙي سببان بهادر رکي ويا هئس، پر پرڪار صفا ان جي ابتڙ. لڪڻ جهڙو سنهڙو ڪِٽ ٿهيل. جمڻ ويل اسڪول کان گسائڻ ۽ نه پڙهڻ جي ستي پيل هيس. ڪڏهن به اسڪول صبح ساڻ يا پاڻهي نه اچبو. رسيس مهل يا رسيس کان پوءِ گهر جو ڪونه ڪو ڀاتي گهلي گهلي استاد تائين پهچائيندا هئس ۽ هيڏانهن استاد به هر روز اهڙي سيڪت ڏيندو

هئس، جو اسين تہ ڪٿي اڪيون بند ڪري اوڙي، پاڙي وارن پيرن، فقيرن کي پڪاريندا هئاسين، پر مجال جو نتر کي ڪو اثر يا اک مان ڪو ڳوڙهو نڪري. هيڏانهن استاد بہ پنهنجي ليکي هوندو هو. گهر جي ڪاوڙ اوڙي پاڙي ۽ متن مائٽن جي ڪاوڙ ساوڙ اچي بهادر تي چنڊبيندو هو. جنهن ڏينهن بهادر رسيس تائين نہ پهچندو هو تہ اسان جا چپ خشڪ ٿي ويندا هئا. هيڏانهن استاد جا هٿ بہ خارش وچان پيا مهتبا سهتبا هئا ۽ لڪڻ پيو تيل تي وچندو هو. پنجين درجي ۾ بهادر پڙهندو هو. امتحان ويجها هئا، پر بهادر نہ آيو ۽ پوءِ خبر پئي هئي تہ سندس پيءُ جي وفات بعد، ماڻس پيو لکيو ڪيو هو ۽ هي بہ وچي ماءُ سان گڏ چاچي وٽ رهڻ لڳو. پڙهڻ ڪان جند ڇٽي پئي هئس ۽ پوءِ بهادر اسان جي اکين نہ ڏٺو هئم. اڄ اوچتو جڏهن بهادر کي سڃاتم تہ حيرت جي حد نہ رهي. مٿي تي سنڌي ٽوپي، هيڪاندا وڏا وار، سلوار ۽ قميص پهلوانن وانگر ويڪريون پاتل، پاچا چوڏهن پندرنهن انچ ويڪرا، گلو ڪليل، اول تہ ڏسندي ئي سوچيو هئم تہ ڪو نوجوان پهلوانڙو آهي، جيڪو ويندو هوندو ملاڪڙي وغيره تي پر پوءِ حيرت جي حد نہ رهي هئي. بس کي بريڪ لڳڻ سان باريڪ ڪوريئڙي واري سوچن جي تند ٽٽي پئي ۽ مان ٻيهر پنهنجو پاڻ کي سنياليندي پڇيومانس تہ ڪيڏانهن پيو وڃين. ڪٿي ملاڪڙو آهي ڇا؟ نہ نہ ملاڪڙو تہ نہ آهي. ماستر ٽئين ڏينهن ڪان هي ننيڙو جيڪو سندس ئي قريب وينو هو. اسان جي ڳوٺ اچي نڪتو آهي. ڏاڍو روئي پيو، هرهڪ ڏسي هليو ويو. مان هن جا معصوم لڙڪ ڏسي نہ سگهيم. پنهنجي قميص جي پلئہ سان لڙڪ اگهي ورتامانس. نالو بہ ڪونہ ٿو ٻڌائي سگهي، گهر ڪٿي ويومانس گهر ۾ هڪ امڙ آهي، باقي ڇهن مهينن ڪان چاچا تہ جيل ۾ آهي ۽ مان بہ چاچا جي پويان گرفتار ٿيو هئس، پر هاڻي ضمانت تي آزاد ٿيو آهيان. ننيڙي کي بہ ٽي ڏينهن گهر ۾ ويهاريومانس. هاڻي خبر پئي آهي تہ "پيريءَ جي ڳوٺ" جو آهي. ان لاءِ هن ننيري کي ساڻ وٺيو اوڏانهن پيو وڃان. ماستر تون بہ دعا ڪجانءِ هن کي پنهنجا والدين ملي وڃن ۽ ها ماستر هو ڪيترا نہ نياڳا ۽ چنڊا آهن، جو اڄ ٽيون ڏينهن آهي، ڪنهن ماڻهوءَ جو ٻچڙو آهي، هن جا ماءُ، پيءُ، پاءُ، ڀيڻ ۽ مائٽ وغيره هوندا پر يار لعنت هجي، اهڙن ڪوڙن رشتن تي جيڪي ٿوري ۾ وساري ويهن. ان لاءِ ڪم سيڙائي هن کي پنهنجي ڳوٺ ڇڏي اچان. من پنهنجي وارثن کي ملي وڃي، ڪر خبر ماستر تون ڪٿي لهندي. مون کي خبر پئي هئي تہ ٻين وانگر تون بہ قوم جي ٻيڙي ٻوڙڻ لاءِ ماستر ٿيو آهين، نہ نہ بهادر اهڙي ڳالهہ نہ آهي، آئون اڳئين استاپ "چاچڪن" وٽ لهندس، اتي ڊيوٽي

اٿم ۽ پوءِ ننڍڙي ٻالڪ ڏي ڏسي لڳم، جيڪو چئن سالن جو مس ٿيندو ۽ بهادر جي قريب ننڍڙي ٿيلهي مان بسڪوٽ ڪڍيائين، بي فڪرو ۽ بي ڊيو ڪائي رهيو هو، جڻڪ بهادر ماءُ، پيءُ اٿس، ڪوبہ ڪتڪو، الڪو نہ هيس، گرم، سرد کان بي نياز، پنهنجي مگن ۾ مست.

مون دل ئي دل ۾ بهادر جي اهڙي عظيم ڪارنامي کي داد ڏنو. انسان سان انس ۽ پيار هجڻ تي فخر ۽ سرهائڻ ٿيڻ لڳي. سوچيم جيڪر ائين سڀ هڪٻئي جا خير خواهہ بڻجي پئون تہ هوند دنيا جو چرخو ڪيڏي نہ سهنجائي ساڻ هلندو رهي. اوچتو بس جي بريڪ سبب سيئي هڪ ٻئي جي مٿان ڪرڻ لڳاسون ۽ بس بيهي رهي. ڊرائيور هيٺ لٿو. ڪن پل ۾ ٽي سپاهي بس اندر چڙهي آيا. عجيب نظرون، منهن مان خون ۽ ڪاوڙ ظاهر ڏسڻ ۾ اچي رهيا هئا. هرهڪ کي شناختي ڪارڊ ڏيکارڻ جو حڪم صادر ڪيو ويو. سڀني پنهنجا پنهنجا کيسا ڪوليندي ڪارڊ کي هٿ ۾ ائين رکيو، ڄڻ آيت الڪرسي يا سورت ياسين جهليو يا ڪنيو ويٺا هجن. سوچيم تہ ايتري سختي شايد ڪو پنهنجي ملڪ اندر ڪندو هجي. ڄڻ بس سرحد پار ڪري ڪنهن ڌاريي ملڪ ۾ ڪاهي پئي هجي ۽ اتان جا فرض شناس ۽ ايماندار پوليس وارا اهڙي حرڪت جو سخت نوٽيس وٺندا هجن ۽ پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي بهادر تائين اچي ڪڙڪيا. سوئر جا پٽ ڪارڊ ڏيکار، هڪ پيرو ڪونہ ٻڌو هيئي ڇا؟ هڪ سپاهي ڊڳي جيڏا تارا ڪيندي چيو هئس، بهادر نماڻائيءَ مان وراڻيو، سائين ڪيترن ئي مهينن کان ڪارڊ ٺهرائڻ لاءِ ٽي سؤ رپيہ بہ ڏنا اٿم پر نہ مليو آهي ۽ اجها رسيد آهي. رسيد جا پٽ، اڙي ونوس ۽ سپاهين جا هٿ سندس وارن ۽ ڳچيءَ ۾ ائين کپي ويا، جيئن ڇئور خراب رت کي چنبڙي پوندي آهي. گهلي هيٺ لاٿائونس. سائين هو ڇوڪر بہ اٿم. ڪنهن جو ڇورو آهي؟ سائين هي الائي ڪنهن جو آهي ۽ پوءِ سيئي رومڙ ڪري چڙهي ويس، گڏهہ جا پٽ اسين تہ توکي آسمان تي ڳوليندا پيا وتون، پر شڪر آ تون زمين تي لڀي وئي. ٻار بہ اغوا ڪندو آهين؟ ٻيا ٻار ڪٿي آهن؟ لٺين جي وسڪاري تي ڇوڪر بہ آهستي آهستي هيٺ لهي روئڻ لڳو. ماما او ماما سڏڪڻ لڳو، ڄڻ پرون پئجي ويس تہ مامو موت جي منهن ۾ آهي. هڪ سپاهيءَ ڇوڪر کي ڪٽي وات تي هٿ ڏنو، بس ڙي ڇورا. سپاهيءَ جي هڪل ۽ دهشت وچان ننڍڙو چپ رهيو. بس کي اجازت ملي. بهادر ۽ ننڍڙي کان سواءِ سيئي ويٺا هئاسون، بس اڳئين منزل طرف رڙهندي رهي. مان پنهنجي اسڪول وٽ لٿس، دل کي ۽ روح کي رهنڊون آيل هيون، رت ٿمي رهيو هو، پر ڪري بہ ڇا ٿي سگهيس. سڄي سنسار وانگر آئون

۽ خاموش ۽ پوءِ پئي ڏينهن صبح ساڻ ساٿيءَ ٻ ـس ۾ اخبار هٿ چڙهي ويم. پهرئين صفحي تي ٻه ڪالمي خبر هئي، ”تر جو مشـهور رهزن ڌاريل بهادر ڪالهه پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو، سندس وٽان ڪافي“ مقدار ۾ هٿيارن سان گڏ هڪ چوڪر کي به آزاد ڪرايو ويو.“ ۽ پوءِ اکين آڏا ـ اوندهه انڌوڪار ڇانئجي ويو. اهڙي نسوري ناحق تي خلقتهار ڏمرجي پيو هو، هر طرف ڪاري اوندهه. ايترو سخت طوفان جو وڻ ٽڻ ڪپهه وانگر هوا ۾ اڏامندا رهيا. بس ڪيترين ئي ڪلابازين کائيندي کائيندي هڪ اونهيءَ کڏ ۾ ڪرڻ سان زوردار چرڙاٽ ٿيو. سامهون واري سيٽ ۾ متو لڳو. اوچتو بريڪ ڳڻ سان اکيون کلي ويون. ساٿيءَ ڪالهه واري هنڌ بس کي بيٺل ڏٺم. انسانيت جا ويري هڪ پيرو پيهر رڻن ۾ ٻڳهڙن وانگر ڪاهي پيا. ساٿيءَ حڪم احڪام، پر مان پنهنجو پاڻ کي ٽڏي تي ويٺل سمجهي، بهادر جي ڪراڙي امڙ ساڻ ڪنڌ هيٺ ڪري دعا گهري تعزيت ڪيم، هوءَ سيني کي پنهنجو مجرم سمجهي خدا کي پاڏائي رهي هئي. سمورا منهنجي موييءَ جا دشمن آهيو، اوهان کان حساب وٺندم. اوهان کي ڪڏهن معاف نه ڪندم ۽ پوءِ هوءَ ڪلي پئي ۽ تمام وڏا ڌهڪ ڏئي چيائين، سپاٽي اوهان سان به ائين ٿيندو، ضرور ائين ٿيندو ۽ پوءِ قانون جا محافظ هڪڙي ڳڀرو نوجوان کي وارن کان وٺي بس کان هيٺ لهي ويا.

ڇا توهان پنهنجي ڪتاب تي ڀرپور ۽ بي ريا تبصري جا خواهشمند آهيو؟

علمي ادبي ڪتاب، شاعرانه ڪلام يا تحقيق ۽ تاريخ يا لغت ڪنهن به ڪتاب تي ٽه ماهي

'اوسر'

۾ تبصرو شايع ڪرائڻ لاءِ ”اداري“ ڏانهن ڪتاب جون صرف ٻه ڪاپيون موڪلي تبصرو شايع ڪرائي سگهو ٿا.

(4) اڄوڪي سنڌ (ٻرندڙ مسئلو)

سنڌي قوم جو فڪري جائزو

مجتبىٰ راشدي

”مان آزاد نہ آهيان، ان ڪري جو منهنجي وجود جو انحصار ڪنهن ٻي شَي تي آهي. جيڪا شَي مان خود نہ آهيان، مان آزاد تڏهن آهيان، جڏهن منهنجي وجود جو انحصار خود منهنجي ذات آهي.“ ڊاڪٽر هيگل

زندهہ قومن جو تاريخ ساز ڪردار هوندو آهي تہ اُهي پنهنجي حيثيت جو امتيازي شعور رکنديون آهن، ان حوالي کان سنڌي قوم جي فڪري جائزي وٺڻ سان انتهائي ڪمتر صورتحال سامهون اچي ٿي. مان جيڪڏهن غلط نہ سمجهندو هجان تہ دنيا جي هيءَ واحد قوم آهي، جيڪا مجموعي طور پنهنجن شهرن ۾ قومي تقدس وڃائي ڳوٺن ۾ مطمئن زندگي گذاري رهي آهي. ڪجهہ ڪرڻ جو جذبو يا ڪجهہ نہ ڪري سگهڻ جي صدمي جو تاثر بہ هنن جي نفسيات ۾ موجود نہ آهي. حيوان بہ پنهنجي وجود جي تحفظ لاءِ فطري رد عمل جو اظهار ڪندو آهي. جڏهن تہ اسان پنهنجي موضوع کي فطري طور سمجهڻ کان نابري واري ويٺا آهيون. حقيقت هيءَ آهي تہ اسان جي حالت ان جهاز جهڙي ٿي چڪي آهي، جنهن جو قطب نما گم ٿي چڪو هجي.

آخر اهي ڪهڙا سبب آهن، جيڪي سنڌي قوم کي تاريخ ساز ڪردار ادا ڪرڻ کان روڪي رهيا آهن. ڇا هيءَ فطري طور قوم نہ آهي؟ هن کي بهتر قيادت نہ ملي يا هن جي معاشري ارتقا ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي.

جيستائين ان جي فطري هجڻ جو تعلق آهي، انسانن جي هڪ وڏي تعداد کي قومي حيثيت ڏيڻ لاءِ جيڪي فطري تقاضائون هئڻ گهرجن. تاريخ جاگرافي، ثقافت ۽ ٻولي، اهي سڀني شرطن جي مطابق موجود آهن تہ پوءِ آخر هڪ گڏيل پس منظر کان اپريل ماٺهو، ڪهڙي سبب کان پنهنجي بنيادي قومي ڪردار ادا ڪرڻ ۾ مختلف روپ ڇو ڌاريو ويٺا آهن. بهرحال نقص جي موجودگيءَ جو احساس واضح شڪل ۾ نظر اچي ٿو. رهيو تلاش نقص جو سوال تہ ڇا هنن کي

بهتر قيادت نہ ملي سگهي آهي؟

مشهور عمراني دانشور ”روسو“ جي هن قول کان، غلام پنهنجي غلاميءَ ۾ سڀ ڪجهہ وڃائي ڇڏيندو آهي. ايستائين جو غلاميءَ مان نجات حاصل ڪرڻ جي خواهش بہ.

ان لحاظ کان ممڪن آهي تہ قيادت جي انتخاب ۾ سنڌي قوم جا جذبا غير فطري ۽ غير صالح رهيا هجن. انتخاب قيادت جي هڪ اهڙي شڪل جنهن ۾ جي. ايم سيد پنهنجي پوري سياسي پيداوار سميت غير مؤثر هوا مرحوم حيدر بخش جتوئي، چام ساقي، رسول بخش پليجو سڀ نااهل رهجي ويا! جڏهن تہ مذهبي حوالي کان اصولي سياست ڪندڙ مرحوم عبيدالله سنڌي ۽ ان جي پوئلڳن کي بہ ڪا موٽ نہ ملي. اصولي سياست ڪندڙ اهي سڀ قيادتون جن سنڌ جي اپريل تضادن سان نسبت رکي ٿي سي سنڌ جي سنگين صورتحال ۽ سنڌي قوم جي سياسي شعور کي متاثر ڪرڻ جو باعث نہ ٿي سگهيون، تہ پوءِ ڇا رسوائي زمانا سنڌ جا وڏيرا، جاگيردار ۽ پير بهتر قيادتون آهن، جن کي سنڌي قوم مستقل طور سياسي حيثيت ۾ قائم رکيو اچي؟ انتخاب ڪرڻ جي هيءَ نوعيت ڪهڙي بہ لحاظ کان صورتحال جي مطابق نہ آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ سنڌي قوم کي بهتر قيادتون مليون آهن، پر جيئن تہ معاشري ۾ فطرتاً تبديلي جو رجحان نہ آهي، جنهن جي ڪري اڪثر ناڪام ويون آهن، لينن کي بہ جيڪڏهن ”ڪانگو“ جهڙي ملڪ ۾ انقلابي مشن تي موڪلجي ها تہ هو بہ ناڪام وڃي ها. انقلاب روس ۾ لينن جي ڪاميابيءَ جو راز صرف ان جي شخصيت ۾ سمايل نہ هو پر رشين معاشرو جاگيردارانہ دور جي مرحلي مان گذرڻ جي باوجود بہ تبديليءَ جو رجحان رکي پيو. اها صورتحال سنڌي قوم ۾ حالت جي سنگينيءَ جي باوجود بہ پيدا نہ ٿي سگهي آهي تہ پوءِ ڇا سنڌي قوم جي معاشري ارتقا ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي؟ جنهن جي بهتر شڪل ۾ تصديق سنڌي قوم جي عام حالتن ۾ سوچڻ جي فطري انداز مان ڪري سگهجي ٿي. جنهن کان واضح ٿي ويندو تہ هن قوم جو مزاج ڪيتري قدر حقيقت پسند آهي، خصوصاً غلام قوم ۾ ڪي اهڙا موضوع هوندا آهن، جن کي عام حالتن ۾ معمولي سمجهي نظر انداز ڪيو ويندو آهي. جڏهن تہ هو سماجيات جا بنيادي محرڪ هوندا آهن. مثلاً هڪ انتهائي غير تاريخي واقعو جيڪو سنڌ ۾ مستقل طور پنهنجي ڪشش قائم ڪيو بيٺو آهي، اهو هي تہ حاڪم ۽ محڪوم، ظالم ۽ مظلوم جو انتخاب قيادت ساڳيو آهي ۽ هڪ ڊگهي عرصي کان نتيجن نہ ملڻ واري حالت ۾ بہ پنهنجي ڪشش قائم ڪيو بيٺو آهي.

جڏهن اهو چوڻ ۾ ايندو آهي تہ سنڌ جا پير ۽ جاگيردار يا انهن مان ڪي خاص چونڊ ماڻهو جيڪڏهن پاڻ ۾ ٺهي وڃن تہ اسان جا سڀ مسئلا حل ٿي ويندا. جڏهن تہ هو انهن مسئلن تي ڪڏهن وڙهيا ئي نہ آهن.

المئي قومي گيت جڏهن ڏن تي ڳايا ويندا آهن، ان وقت فطرتاً سنجيده ٿيڻ جي بجاءِ هي لا شعوري طور تاڙين ۽ ناچ جي شڪل ۾ خوشيءَ جو اظهار ڪندا آهن.

پيداواري مرڪز، شهر ۽ زمينون ڌارين جي تحويل ۾ وڃڻ جو ايترو صدمو نہ آهي، جيترو پرائمري ماستري نہ ملڻ جو، معاش جي هن اهم موضوع تي سوچڻ جي هن ڪمتر معيار کان واضح ٿئي ٿو تہ هن قوم جو مزاج حقيقت پسند نہ رهيو آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ سواءِ چند مصنوعي سياسي ۽ سماجي تبديلين جي سنڌي قوم جي معاشري ارتقا ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي. معاشري ارتقا ڪرڻ ڇو ڇڏي ڏنو آهي ۽ ان جا فطري سبب ڪهڙا آهن؟ معاشري جو ڪو سنگين واقعو يا ڪو اهڙو بنيادي نقص جيڪو قوم جي تخليق سان گڏ موجود هو. ان نقص جي تلاش لاءِ انهن بنيادي محرڪات جي مجموعي طور ڇنڊڇاڻ ڪرڻي پوندي، جن کان فطري طور قومون وجود حاصل ڪنديون آهن. تاريخ، جاگرافي، ثقافت ۽ ٻولي.

جيئن تہ هندي ننڍي کنڊ ۾ سنڌ بہ هندي تمدن جي دائري ۾ اچي ٿي، ان ڪري هندي تمدن جا اثر ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ سنڌي تمدن تي مرتب ٿيل نظر اچن ٿا. جڏهن تہ خود هندي تمدن جي اوسر متعلق تاريخ جا ماهر غير مطمئن آهن. انهن جي خيال ۾ هندي تمدن هزارن سالن کان جمود جو شڪار آهي، مارڪس ۽ اينگلز جي خيالن ۾ هندي معاشري جي پنهنجي ڪابہ تاريخ نہ آهي، هن جي تاريخ دراصل مختلف حملا آورن جي تاريخ آهي. هندستان جو ماضي سياسي لحاظ کان ڪيڏو بہ بدليل نظر اچي پر سماجي حالت ۾ قديم دور کان 19 صديءَ جي شروعات تائين ان ۾ ڪوئي فرق نہ آيو.

منهنجي خيال ۾ ڪنهن خاص دور کان پوءِ سنڌ جي تاريخ بہ هندستان جيان ڌارين حملا آورن جي تاريخ رهي آهي. لڳاتار ڌارين جي تسلط ۾ رهڻ ۽ مختلف ثقافتن جي مسلط هجڻ جي ڪري معاشرتي بحران هڪ اهڙو سماجي روپ اختيار ڪري ورتو، جنهن کان تجربن ۾ تسلسل قائم نہ رهيو.

هڪ اهڙي صورتحال جنهن ۾ ڪابہ قوم جڏهن پنهنجو ثقافتي جذبن کان مرحليوار تاريخي ڪردار ادا ڪرڻ شروع ڪندي آهي ۽ هر مرحلي ۾ ڌارين ثقافتن جو شڪار ٿي وڃي، جنهن جو تجربو هن کي ماضيءَ ۾ حاصل نہ هوندو آهي. نتيجتاً هن جي سوچڻ جا جذبا غير فطري ٿي ويندا آهن. ان ڪري جو جن جذبن

ڪان هوءَ مسئلن ڪان سمجھڻ جي ڪوشش ڪندي آهي، اهي هن جا پنهنجا نہ هوندا آهن، جنهن جي ڪري ان قوم جو ماضي، حال ۽ مستقبل مختلف پس منظرن ۾ انهن جي ترجماني ڪرڻ شروع ڪري ڏيندو آهي. جنهن ڪان ان قوم ۾ سوچڻ جا مختلف طبقا پيدا ٿي ويندا آهن ۽ هوءَ قومي حيثيت جو امتيازي شعور وڃائي ويهندي آهي. اهوئي سبب آهي تہ سنڌي قوم هميشہ قومي سياست کي اوپرائپ سان ڏٺو آهي. ياد رهي تہ بنگالين جي قومي جنگ واري مرحلي ۾ هي انهن ڪان نفرت ڪرڻ لڳا هئا.

مٿي ذڪر ڪيل تجزيي مان هيءَ حقيقت واضح ٿي وڃي ٿي تہ سنڌي قوم جي معاشري ارتقا ڪرڻ ڇو ڇڏي ڏني آهي. پناهگير ايڏي گهٽي تعداد ۾ داخل ٿي چڪو آهي، جنهن ڪان هو پنهنجو جدا معاشرو ٺاهڻ ۾ تقريباً ڪامياب ٿي رهيو آهي.

اهڙي صورتحال جي باوجود بہ سنڌي قوم غير قومي سياست کي هٿي ڏيو بيٺي آهي. جڏهن تہ هندي تمدن جون ٻيون قومون ان صورتحال ڪان نجات حاصل ڪري چڪيون آهن، تہ پوءِ اهي ڪهڙا سبب آهن، جنهن ڪان سنڌي قومي هندي تمدن جي ٻين قومن ڪان پوئتي رهجي وئي آهي؟

منهنجي خيال ۾ هندستان جا اهي علائقا جيڪي ابتدا ڪان وٺي سياسي، سماجي ۽ حڪمرانيءَ جي تجربن ڪان تاريخي طور مرڪزي حيثيت حاصل ڪري چڪا هئا. سنڌ انهن ڪان جاگرافي لحاظ ڪان ڪٽيل هئي. هن جو مرڪزي هندستان سان ميداني رابطو نہ هو، محدود رابطي جي ڪري هن جو سياسي ۽ سماجي تجربو هندي تمدن جي ٻين قومن ڪان محدود رهيو. هيءَ غلاميءَ جي عمل ۾ هندي تمدن سان هڪ ڪري رهي، جڏهن تہ سياسي ۽ سماجي تجربن ۾ انهن ڪان محدود، مٿي ذڪر ڪيل صورتحال جي پيش نظر اسان کي انتهائي سنجيدگيءَ سان فيصلو ڪرڻو پوندو تہ ڇا ڪرڻ گهرجي.

مارڪس جي هن قول جي تہ جيستائين ڪوبہ مسئلو انسان جي شعور ۾ نہ ايندو آهي، تيستائين هو جبري هوندو آهي ۽ جڏهن هو شعور جي دائري ۾ اچي ويندو آهي تہ اختياري ٿي ويندو آهي. ان حوالي سان اسان کي پنهنجين ڪاوشن کي جاري رکڻ لاءِ حوصلو ملي ٿو، ان ڪري جو اسان پنهنجي نقص کي شعوري طور سمجهي ورتو آهي، پر اهو سڀ ڪجهہ تڏهن ٿي سگهي ٿو، جڏهن مسئلي ۽ سمجهہ ۾ فطري نسبت قائم ٿي سگهي.

جاگرافيائي هيئت جا مادي اثرات ۽ هزارن سالن ڪان تلخ تاريخي واقعات جنهن شڪل ۾ هن قوم جي تحت شعور تي پنهنجا اثر مرتب ڪيا آهن، جنهن

ڪان عادتون آموزش، جو روپ ڌاري عضوياتي شڪل اختيار ڪري چڪيون آهن.

لفظ آموزش، مان اسان جي مراد هيءَ آهي تہ انساني ذهن جي هيءَ فطري خصوصيت رهي آهي تہ هن ڪي جهڙي بہ نوعيت جي عادتن جي ڪوشش ڪرائبي تہ هو ان جو عادي ٿي ويندو ۽ جڏهن لڳاتار ڪوشش ڪان عادتون استحڪام حاصل ڪري وينديون آهن تہ هو پنهنجو اظهار عضوياتي شڪل ۾ بہ ڪرڻ لڳنديون آهن. مثلاً جڏهن ڪوبہ فرد هٿ جيَ هنر سکڻ جي شروعات ڪندو آهي تہ ان مرحلي ۾ سکڻ جو عمل شعوري هوندو آهي ۽ ٿوري بہ ڌيان هٽائڻ سان غلطي يقيني ٿي ويندي آهي، پر جڏهن لڳاتار پريڪٽس ڪانَ هو پنهنجي فن تي عبور حاصل ڪري ويندو آهي تہ ان دوران عمل ۾ هو ڪنهن سان بہ مخاطب هجي هٿ پنهنجو پاڻ گهربل نتيجا ڏئي ڇڏيندا آهن. توهانْ عام حالتن ۾ ماهر درزي يا ڪنيارن کي ڪم دوران ڪچهري ڪندي ڏٺو هوندو. حاصل مقصد تہ ڪابہ عادت جنهن ڪان ذهن لڳاتار متاثر ٿئي ٿو، ان کي عضوياتي شڪل ڏئي ڇڏيندو آهي، جنهن کي اصطلاحاً آموزش چئبو اهي. هينئر اسين پنهنجي موضوع تي واپس ٽا اچون.

سنڌي قوم ۾ جاگرافيائي بيهڪ ۽ غلاميءَ جي هزارن سالن جي تاريخ پرئڪٽس ڪان غلام رهڻ جي عادت صرف ذهني نہ رهي آهي، بلڪہ عضوياتي روپ ڌاري چڪي آهي، جنهن ڪان مسئلي جي سنگيني واضح شڪل ۾ سامهون اچي ٿي. ان ڪري جو ان نقص کي صرف شعوري طور سمجهڻ سان ختم نٿو ڪري سگهجي، بلڪہ ان لاءِ خود پرئڪٽس جي ضرورت آهي. نون لاڙن نئين سوچ پنهنجي ايندڙ نسل کي اهڙيءَ شڪل ۾ منتقل ڪيو وڃي، جنهن ڪان پنهنجي تلخ ماضيءَ جا نفسياتي رجحان انهن جي ذهن تي مرتب نہ ٿين. جيئن انهن ۾ فطري طور خود اعتماديءَ ۽ بلند حوصلو پيدا ٿي سگهي، جنهن ڪان هن ۾ قومي حيثيت جو امتيازي شعور پيدا ٿي سگهي ٿو.

هي وسيع تر رجحان تڏهن پيدا ٿي سگهي ٿو، جڏهن هن قوم جي ذهين اقليت انتهائي خلوص ۽ منصوبہ بنديءَ سان مستقل طور ڪورس جي شڪل ۾ هڪ ڪرو عمل ڪري نہ تہ پي حاصل ۾ "روسو" جي چواڻي تہ:

"آزاديءَ ڪان دست بردار ٿي وڃڻ انسانيت ڪان دست بردار ٿيڻ جي برابر آهي. ان شخص لاءِ جيڪو هر شَي ڪان دست بردار ٿي وڃي، ڪوبہ معاوضو ممڪن نہ آهي.

(اخبار جاڳو جي ٿورن سان)

(5) سَمجھو کي سمجھہ (ادارو)

ڏرويشن جون ڳالهيون

وتائي کي خبر ملي ته سونهاري درويش جي درگاهه تي عرس ملهائجي رهيو آهي ۽ ڏاڍا دم دماما ٿيندا. مفت ۾ ميلي جا مزا به ڏسيا ۽ پلاهه به ڏو تي ملندو، پر فقير جڏهن پهتو ته ڏٺائين ته اتي ڪي به ڪين هو. نه ڪو تماشو ڏسڻ ۾ آيس ۽ نه وري پيٽ جو ڪي خيرات ٿيو! وتائي هلي وڃي ڪنهن زيارتيءَ کان معلوم ڪيو ته: "ابا ڪر خبر، ٻڌو هوسون ته هت درگاهه تي ڏينهن وار ڏاڍيون ڄڃون ٿينديون آهن؟ اڄ ڇو بنهه سڪتائي لڳي پئي آهي؟"

هُن سکر ماڻهوءَ جواب ڏنس. "درويش، سڀ ڪجهه ٿيندو آهي، پر هر پيري نه مڙئي جمعاڻي عيداڻي!" (يعني ته ڪنهن عيد يا پلاري ڏينهن تي)

وتائي فقير کي پيو ته ڪجهه به سمجهه ۾ نه آيو پر جمعاڻي عيداڻي جو لفظ دماغ ۾ ويهي رهيس، سو هرهر ڇپن ۾ اچاريندو ڳوٺ جو رستو وٺي هلڻ لڳو. واٽ تي ڪو پراڻو ڳوٺائي ڳڏجي ويس، جنهن کي ورهيه ٿيا جو ڳوٺان لڏي ويو هو. اتفاق سان ورهين کان پوءِ وتائي کي ڏسي، ڪيس جهلي ويهي رهيو ۽ اوين سوين جون ڏاڍيون کانئس خبرون چارون پڇڻ لڳو!

"وتايا ڏي خبر، وڏيري جي پٽ کو پوٽو ڄاريو ڪي نه؟ پٽس وانگر ڪو خيرات ڪري يا مسڪينن جي سارسنڀال به لهي ٿو يا ماڳهين بس!

"هائو ڇاڇا! اها ڳالهه ناهي، پر مڙئي جمعاڻي عيداڻي ٿيندو آهي!"

هن پيرسن شخص وري ٻي خبر پڇي.

"ابا جعفر وارا پائر پاڻ ۾ ڪير ڪنڊ تي پيا هلڻ ڪي اڃا اهو ئي هت ۾ ڳن کهاڙو اٿن؟"

"ڇاڇا، جمعاڻي عيداڻي نهيو وڃن!"

"فقير ڳوٺ وارن جو ڪو نماز روزي ڏانهن روح وريو آهي، مسيت ۾ نماز پڙهڻ وڃن ٿا ڪي نه؟"

"هائو جمعاڻي عيداڻي!"

"ابا، ٻڌم ته علوءَ واري زمين کي پاڻيءَ جو وارو نٿو ملي، اها ڳالهه ڪيئن آهي؟"

”چاچا مڙئي جمعاڻي عيداڻي.“

”يلا، تو واري ماءُ تہ اڃي قبر پيڙي تي هوندي ڪا ماٺ اٿس يا تو مٿان اِها ئي ڪلڪل لايو ويٺي آهي؟“

”اڃا بہ جمعاڻي عيداڻي لايو ويٺي اٿئي!“

پوڙهي ڪي سخت ڪاوڙ وٺي وئي تہ وڏو ڪو نامراد آهي، هر ڳالهہ جو هڪڙوئي جواب، سو ٻِرَ تي چوڻ لڳو: ”يلا، تنهنجو ڪتولو ڪڏهن ڪجندو جو ڳوٺ وارن جي تو مان جند ڇٽندي؟“

وتائي تي هوئي جمعاڻو عيداڻو سوار سو وري بہ ساڳيو ئي جواب ڏنائين.

”چاچا مڙئي ڪنهن جمعاڻي عيداڻي!“

”ڪتابي دنيا“

طرفان سنڌي اديبن لاءِ معاوضي جو اعلان

تخليقي ۽ ذهني پورهيو هر ملهہ کان گهڻو لهڻي ٿو، جا ڳالهہ هر شڪ ۽ گمان کان بالاتر سمجهڻ گهرجي، اسان جو هي ”ڪتابي دنيا“ جو ادبي ادارو جيتوڻيڪ اڃا نئون جاول آهي، تاهم اداري جي خير پسندن ۽ ڪارڪنن قربانيءَ جي جذبي کان ڪم وٺندي صحتمند ادب ۽ نواڻ پسند روايت کي اسرائڻ لاءِ پنهنجي محدود وسيلن مان خرچ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اداري بهترين نثر يا نظم جي تخليق يا اعليٰ قدرن واري ترجمي تي بہ سؤ رپيہ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي، جو ليکڪ جي تحرير جو معاوضو هوندو.

ان ڪري اسان جي لکندڙن کي استدعا آهي تہ نثر/ شاعريءَ جي ڪابہ پرڪشش صنف، جديد طرز ۽ ادائي خيال سان ڀرپور نگارشون، جن مان تخليقي جوهر جهلڪندو هجي، اداري ڏانهن بهترين فرصت ۾ ڏياري موڪلين. رسالي ۾ هر معياري تحرير کي جاءِ ڏني ويندي ۽ انعامي لکيت جي سري مٿان اهڙي وضاحت ڪيل هوندي.

6

جَمبُو لطيفو (ادارو)

هڪ عورت پولينڊز طوطو خريد ڪرڻ ڪنهن پکين جي دڪان تي وئي، جتي قسمين قسمين طوطا رکيل هئا. ڪيس ساون ۽ نيرن کنڀن وارو طوطو پسند آيو، جيڪو تمام خوبصورت هو. پر دڪاندار کيس اهو طوطو وڪرو ڪرڻ کان لنوايو پئي.

"هن طوطي جو ملهه ڇا آهي؟"

"محترم، توهان ڪو ٻيو طوطو پسند ڪريو، هيءُ طوطو توهان لاءِ مناسب نہ آهي."

"نہ، مون کي اهوئي طوطو گهرجي، ڀلا منهنجي لاءِ اهو مناسب ڇو ناهي؟"

"محترم، ٻيا بہ سهڻا سهڻا طوطا پيا آهن، جيڪي سٺيون سٺيون ٻوليون ڪن ٿا. هيءُ طوطو سٺي جاءِ جو پليل نہ آهي."

مگر عورت بار بار ساڳيو ئي طوطو خريدڻ تي اصرار ڪري رهي هئي ۽ نيٺ ڀڳري رقم ادا ڪري، هڪ قيمتي پڃري ۾ وجهائي گهر کڻي وئي. گهر ۾ گهڙڻ شرط طوطي ٻوليو، "واهہ واهہ، نئون گهر!" ڪجهہ دير بعد سندس ٻہ ڌيئون اسڪول کان گهر موٽيون. جن کي ڏسي طوطي وري ٻوليو، "واهہ واهہ نيون ڇوڪريون!" ڪجهہ دير رکي سندس گهر وارو آفيس کان موٽيو. طوطي هڪوار وري ٻوليو، "هيءُ ڇا؟ نئون گهر، نيون ڇوڪريون پر گراهڪ ساڳيو ئي پراڻو! هلو، سچل صاحب ڪهڙا حال آهن؟"

(7) پرھنديون ڪھاڻيون

١_ گھاتڪ

ليام فلهيرٽي/ رفيق سومرو

طويل جون جي سنجھا اونداهيءَ ۾ گم ٿي وئي، سڄو ڊبلن شهر اونداهيءَ ۾ ويڙهجي ويو. رڳو چنڊ جي هيٺي روشني وچي بچي جيڪا اُنَ جي پشم جهڙن بادلن مان ڇڻي هيٺي ۽ جهڪي روشني ڦهلائي رهي هئي، جڻ پرهه ڦٽيءَ، سڄ پنهنجا سونهري ڪرڻا شهر جي گهٽين ۽ لِفّي (نديءَ) جي ميرانجهڙي پاڻيءَ تي ڦهلائيندو هجي.

گهيري ۾ آيل محلن جي ايوانن جي چوڌاري، وڏين وڏين بندوقن جا گجگوڙ هئا. هِتان هُتان ۽ سڄي شهر مان اينڌڙ مشين گن ۽ رائفلن جي ٺڪاون ۽ ڌماڪن رات جي سانت ٽوڙي ڇڏي هئي، جڻ رکي رکي رات جي پوئين پهر ڪنهن سنسان ٻنين تي ڪتا ڀونڪندا هجن.

ريپبلڪن ۽ فري اسٽارٽر (ڇڙواڳ ٽولا) خانہ جنگيءَ ۾ رڌل هئا.

اوڪانيل پل لڳ هڪ جاءِ جي ڇت تي هڪ ريپبلڪن سِنائپر (گهاتڪ) گهات ۾ ويٺو هو. سندس پر ۾ رائفل هئي ۽ ڪلهن تي دوربينن جو جوڙو لٽڪي رهيو هو. هُن جو مُک ڪنهن تپسيا ورتل بيراڳيءَ وانگر سنهڙو ۽ سڪل هو. سندس اکيون ڪنهن انتها پسند، جنوني ۽ ڪٽر ماڻهوءَ جي ٿڌن بلورن جهڙين اکين جيان چمڪندڙ هيون، اهي تمام گهريون، گهرن خيالن سان ٽمٽار ۽ ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ جون اکيون هيون، جيڪو موت جي راند ڏسڻ جو هميشه هيراڪ هجي.

هو ڪنهن بکايل بگهڙ جيان سينڊوچ (ڊبل ٽڪر) پٽي کائي رهيو هو. هن صبح لاڪون ڪجهہ بہ ڪونہ کاڌو هو. هو نهايت جوش وچان چشڪا وٺي کائي رهيو هو. هن سينڊوچ کائي پورو ڪيو ۽ پنهنجي کيسي مان وهسڪيءَ جي ننڍڙي بوتل ڪڍي ان مان هڪ ڍُڪ پريائين. پوءِ اها شيشي واپس کيسي ۾ رکي ڇڏيائين. جهٽ ڪن ٽِپيءَ ۾ پٽجي ويو. اهو سوچيندي تہ سگريٽ ڇڪڻ جو جوکم سر تي کڻي يا نہ ڇَو تہ اهو تمام خطرناڪ ڪم هو. ماچيس جي تيلي ٻارڻ سان روشنيءَ جي لاٽ اوندهہ ۾ ڏسجي ٿي سگهي ۽ هوڏانهن دشمن تہ اِڪئي

گهات ۾ هئا. خير هن اهو جوکم کڻڻ جو فيصلو ڪري ورتو.

سگريٽ ٻنهي چپن جي وچ ۾ رکندي، هن ماچيس جي تيلي ٻاري، چمڪاٽ ٿيڻ شرط هڪ گولي سندس ڪاپراتيءَ مٿان زوڪاٽ ڪندي لنگهي وئي. هو هَڪدم ليٽي پيو. هن گوليءَ جو چمڪاٽ ڏٺسي ورتو هو. اِها گهٽيءَ جي سامهون واري پاسي کان آئي هئي. هو ڇت مٿان ليٽڙيون ڪائيندو اُيي نهيل چمنيءَ پٺيان وڃي لڪو ۽ آهستگيءَ سان ان جي پوٺيان لڪي ويهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو، تان جو سندس اکيون وڃي پلويڙي جي پٽ تي کُتيون. ڏسڻ ۾ ڪجهه به ڪونه ٿي آيو سواءِ نيري آسمان، جي ۽ سامهون واري گهر جي ڇت ڪيس هڪ ليڪ وانگر نظر آئي. سندس دشمن ان گهر جي اوٽ ۾ پناهه وٺي ويٺو هو.

ٺيڪ انهيءَ گهڙيءَ هٿيارن سان ليس هڪ ڪار پل جي ٻي پاسي اچي بيٺي ۽ هوريان هوريان گهٽيءَ ڏانهن وڌڻ لڳي. پوءِ اها گهٽيءَ جي پرينءَ پر سامهون اچي پنجاهه والن جي مفاصلي تي بيهي رهي. گهاتڪ موٽر.جي گڙ گڙ جو هلڪو آواز ٻڌي ٿي سگهيو. هن جي دل تيز تيز ڌڙڪڻ لڳي، ڇو ته اِها دشمن جي ڪار هئي. هن فائر ڪرڻ چاهيو، پر هن ڄاتو ٿي ته اِهو بيسود هو. سندس گولي ان فولادي چادر کي چيري ڪونه سگهندي، جيڪا هن بد رنگ ۽ ڀيانڪ راڪاس کي لڪايو ويٺي هئي.

تڏهن پاسي واري گهٽيءَ جي ڪنڊ وٽ هڪ ٻيڏڙي ظاهر ٿي، سندس مٿو هڪ ليڙون ليڙون ٿيل لوئيءَ سان ڍڪيل هو. ڪار جي در وٽ هن هڪ ماڻهوءَ سان ڳالهائڻ شروع ڪيو. هو اُن ڇت ڏانهن هٿ جي آڱر سان اشارا ڪري رهي هئي، جتي ليڪوڙو قاتل لڪو ويٺو هو، جيڪو هڪ انفارمر (مخبر) هو.

گاڏيءَ جو در کليو ۽ هڪ ماڻهوءَ جو مٿو ۽ ڪلها ظاهر ٿيا. جيڪو پڻ هن ليڪوڙي ڏانهن گهوري رهيو هو. گهاتڪ پنهنجي رائفل مٿي کڻي ۽ فائر ڪيائين. هڪ مٿو ڌبڪي سان پٽ واري در تي ڪريو. پوڙهي عورت پاسي واري گهٽيءَ ڏانهن کِسڪي وئي. گهاتڪ ٻيو وار ڪيو. عورت هڪ گول دائري ۾ ڀانواٽي کاڌي ۽ هڪ جهٽڪي سان ڌو وڃي گٽر ۾ ڪري.

اوچتو سامهون واري گهر جي ڇت تان نڪاءِ ڇو آواز آيو ۽ گهاتڪ پاراتا ۽ گاريون ڏيندي ڪروڌ وچان پنهنجي رائفل اڇلائي ڇڏي. رائفل لهنواري ڇت تي رڙهڻ لڳي. گهاتڪ سوچيو، اهو لڙ ته مٺل کي به جاڳائي وجهندو. هن رائفل کڻڻ جي ڪوشش ڇڏي ڏني. هو اها نٽي کڻي سگهيو. سندس هٿ جو پنجو نِستو ۽ صفا بيجان ٿي چڪو هو.

” ڪرائيسٽ (يا مسيح) ڇا مان زخمي آهيان.“ هن ڀڻڪيو.

”پنيءَ پر ليٽندي گيسڙيون ڏيندي هو پلويڙي ڏانهن موٽي ويو. پنهنجي کبي هٿ سان هن زخمي ساڄي هٿ جو جائزو ورتو ۽ محسوس ڪيو ته ان ۾ ڪنهن به قسم جو سور يا پيڙا ڪونه هو. بس رڳو هڪ مٺل احساس هو. سندس ٻانهن ڪيري تي وٺي هئي، ڇڻ ته ڪنهن صفا ڪپي، ڪوري ڇڏي هجيس. تمام ڦڙتيءَ سان هن ڪيسي مان چاقو ڪڍيو، ان کي پلويڙي تي پٽ سان دٻائي ڪوليائين ۽ سٽ ڏيئي ان سان قميص جي ٻانهن ڦاڙي ڇڏيائين. ڪيس ٻانهن ۾ هڪ ننڍڙو سوراخ نظر آيو، جنهن اندر گولي پيهي وئي هئي. ٻانهن جي ٻي پاسي آرپار ڪوبه سوراخ ڪونه هو. گولي ڦاڙ ڪري سڌو هڏيءَ ۾ پيوست تي وٺي هئي. ضرور ان هڏي پچي چڪناچور ڪري ڇڏي هوندي. ڦٽ کان ٿورو هيٺيرو، هن ٻانهن موڙي ڏٺي. ٻانهن سولائيءَ سان واپس مٿي مڙي آئي، پر سور جي هڪ زبردست سٽ اُڀريس، جنهن جي درد جي شدت کان هن پنهنجا ڏند پيڪوڙي ڇڏيا. تنهن کانپوءِ، ڊريسنگ جي ننڍڙي پيتي کولي، هن چاقوءَ سان پيڪٽ کوليو. آيوڊين جي شيشيءَ جي مُنڍي پچي، تکي ۽ ساڙيندڙ دوا ڦٽ اندر اوتيائين. سور جي هڪ تکي لهر سندس بدن ۾ ڊوڙي وئي، جنهن سندس سڄو وجود ڌوڏي وڌو. هن ڪپهه جو ڪوُنرو پهو پنهنجي ڦٽ مٿان رکيو ۽ ان مٿان پٽي ويڙهي ڇڪي ان جون ڪنڊون پنهنجي ڏندن سان ڇڪي ويڙهي ڇڏيائين.

پوءِ سڌو تي پلويڙي کي ٽيڪ ڏيئي وينو ۽ ٻئي اکيون ٻوٽي، پنهنجي سموري سگهه ۽ قوت ارادي‌ءَ سان سور جي شدت کي دٻائڻ جي شعوري ڪوشش ڪيائين.

هيٺ گهٽيءَ ۾ صفا سانت ڇانيل هئي. آرمرڊڪار (هٿيارن سان جهنجهيل موٽر) جنهن ۾ مشين گن هلائيندڙ جو مٿو ٿوٽيءَ مٿان ڪنهن بيجان شَي وانگر لڙڪي رهيو هو، تيز رفتاريءَ سان پل جي مٿان لنگهي وئي. عورت جو بيجان جسو گٽر ۾ پيو هو.

گهاتڪ، بنا ڪنهن چرپر جي ليٽي، پنهنجي گهايل هٿ جي پٽي به ڪري رهيو هو، ته پڇڻ لاءِ سوين سٿون ۽ طرح طرح جا منصوبا به جوڙي رهيو هو، صبح روشني جا ڪرڻا ڪيس ڇت تي زخمي حالت ۾ هرگز نه ڏسن. سامهون گهر واري ڇت تي وينل دشمن ڪيس تازي وينو هو ته جيئن سندس شڪار هن جي هٿان پچي نڪري نه وڃي. سندس دشمن کي هر حال ۾ مرڻ گهرجي. هو پاڻ هاٿي رائفل هلائڻ جي قابل ڪين هو. هيئنر دشمن کي ڪيرائڻ لاءِ وٽس هڪ رِوالور ئي هو. پوءِ هو ان ڳالهه تي سوچڻ لڳو.

هن ٽوپي لاهي ڪٽي رائفل جي ناليءَ تي رکي. پوءِ هوريان هوريان رائفل کي پلويڙي جي مٿان ڏکڻ لڳو. تان جو ٽوپي پرينءَ پر ڪان صفا چٽي نظر اچڻ لڳي. پرينءَ ڏر کي هڪدم خبر تي وئي ۽ هڪ گولي زوڪاٽ ڪندي، ٽوپيءَ کي چيريندي آرپار لنگهي وئي. گهاتڪ رائيفل کي پاسيرو جهڪائي ڇڏيو. ٽوپي ڪِسڪي وڃي گهٽيءَ ۾ ڪري. پوءِ رائيفل کي اڇل ڏيندي ۽ اُن جي وچين حصي ۾ هٿ ڦباڻيندي گهاتڪ پنهنجو ڪپو هٿ ڍلو ڇڏيندي، ڇت تي ڍرڪائي ڇڏيو ۽ ان کي نِستي حالت ۾ لڙڪڻ ڏنو. ڪجهه گهڙين ڪانپوءِ هن رائيفل مان هٿ ڪڍي ڇڏيو ۽ ان کي هيٺ ڪرڻ ڏنو. تنهن ڪانپوءِ، پنهنجي ٻيجان ۽ نِستي هٿ کي گهليندي ڪابي پاسي ڏانهن تڪڙا بامبڙا پائيندي هن پاڻ کي ڪوٺي جي ڇت تي لڪائي ڇڏيو. هن اڌ ڪليل اکين سان ڏاڍي تڪليف ڏيندڙ ڪوشش سان ڇت جي ڪنڌ ڏانهن گهوري ڏٺو. هن جي چترائيءَ ۽ چالاڪيءَ هٿي وڃي هنڌ ڪيو هو. هوڏانهن مخالف ڏر واري گهاتڪ رائيفل ۽ ٽوپيءَ کي ڪرندو ڏسي، سمجهيو ته هن ريپبلڪن وارن جو ماڻهو ماري وڌو هو. هو هاٽي نِڪر جي چمنين جي قطار پرسان بيٺو هو ۽ ٻي پاسي ڏانهن ڏسي رهيو هو. هن جو مٿو پريان ايندڙ روشنيءَ سبب ڪنهن پاڇولي وانگر نظر اچي رهيو هو.

ريپبلڪن گهاتڪ پنهنجي منصوبي کي پورو ٿيندو ڏسي مُرڪيو ۽ ريوالور کي پلويڙي جي پٽ جي ڪناري ڪا ٿورو مٿي ڪيائين. بس ڪو پنجاهه والن جو مفاصلو ٿيندو. اِهو ڪافي ڏکيو نشانو هو ۽ ڪيس ساڄي ٻانهن جو سور اهڙو ستائي رهيو هو، ڄڻ ڪنهن هڪ ئي وقت هزار شيطان مٿس ڀڄي ڇڏيا هجن. هن نهايت ڦڙتيءَ سان نشانو ورتو. بيتابيءَ وچان هن جو هٿ ڏڪي ويو. چپ پڪوڙيندي، هن ناسن رستي هڪ ڍگهو ۽ ڳِهرو ساهه کنيو ۽ فائر ڪيائين. روالور جي ٺڪاءُ ڪيس ذري گهٽ ٻوڙو ڪري ڇڏيو ۽ فائر جي جهٽڪي سبب سندس ٻانهن لڏي وئي.

پوءِ جڏهن دونهون ختم ٿيو ته هن تڪليف ڏيندڙ گهور سان، پرينءَ پر چتائي ڏٺو ۽ خوشيءَ وچان ڪانئس رڙ نڪري وئي. هن جو نشانو ٺيڪ سندس دشمن کي لڳو هو. هو مرڻ ڪان اڳ پلويڙي مٿان موت جي تڪليف ۽ سڪرات سبب، ڪنهن ڪُرڙيءَ جيان ڦٿڪي رهيو هو. هو پنهنجا پير ڪپائڻ جي ڪوشش جي، باوجود آهستي آهستي اڳتي رڙهي رهيو هو، ڄڻ ته ڪنهن خواب واري ڪيفيت ۾ هجي.

رائيفل هن جي گرفت مان ڇڏائجي، پلويڙي سان ٽڪرائجي پوءِ هيٺ حجام جي دُڪان پرسان هڪ ٽنيي سان ٽڪرائيندي، بل ڪائي هڪ وڏي ڪڙڪي

سان وچي هيٺ رستي تي ڪري. پوءِ آخري هڏڪيون ۽ پوين پساهن ڪندڙ ماٺهو، جاءِ جي ڇت تي ڍير تي ڪريو ۽ هيٺيرو رڙهندو رهيو. سندس جسم پولار ۾ ڪيئي قلابازيون کاڌيون ۽ هڪ زوردار ڌبڪي سان وچي پٽ تي ڪريو ۽ اتي ئي ٺڏو ٿي ويو.

گهاتڪ پنهنجي دشمن کي ڪرندو ڏسي، نفرت ۽ خوف وچان سڄو ڪنبي ويو. هن جي دل ۾ دشمن سان ويڙهه لاءِ جيڪو مزو ۽ تجسس هو، سو هاڻ ختم ٿي چڪو هو. افسوس ۽ پڇتاءَ جي احساس ڪيس صفا وڍي وڌو. پگهر جا ڦڙا سندس گهنجيل نرڙ تي چٽا بيٺا هئا. زخم جي پيڙ ۽ اونهاري جي طويل ڏينهن جي بڪ ۽ جاءِ جي ڇت تان لاڳيتي گهورڻ جي عمل، ڪيس نِبل، نستو ۽ تمام ڪمزور ڪري ڇڏيو هو.

هن هٿ ۾ جهليل دونهون ڇڏيندڙ ريوالور ڏٺو ۽ ڪڏهن به هٿيار کي هٿ نه لائڻ جو سوڳند ڪندي، هن اهو ڪِڏ جي ڇت تي پنهنجي پيرن وٽ ڦٽو ڪيو.

ريوالور هڪِ زوردار کڙڪي سان رڙهندو وچي هيٺ ڪريو ۽ هڪ گولي زوڪاٽ سان گهاتڪ جي لوندڙيءَ وٽان لنگهي وئي.

اوچتي شاڪ (ڇِتيءَ) سبب سندس حواس خطا ٿي ويا ۽ گهبراهٽ وچان هن جو سڄو وجود لرزي ويو. سندس اعصابن ۾ تيزيءَ جي هڪ لهر ڊوڙي وئي.

جهٽ ڪان پوءِ سندس دماغ تي ڇانيل خوف جا بادل ڇڙوڇڙ ٿي ويا ۽ هن ڪان ٿهڪ نڪري ويو.

وسڪيءَ جي ننڍڙي بوتل کيسي مان ڪڍي. هنِ هڪ ئي ڍُڪيت ۾ خالي ڪري ڇڏي.

نشي جي اثر هن جي دماغ جا طاق کولي ڇڏيا ۽ هو پاڻ کي بنه بي پرواهه محسوس ڪرڻ لڳو.

هاڻي هن ڇت تان هيٺ لهي پنهنجي ڪمپني ڪمانڊر کي ڳولڻ ۽ سندس خدمت ۾ پنهنجي شاندار ڪاڪردگي ۽ ڪارنامي انجام ڏيڻ جي رپورٽ پيش ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

آسپاس هر شَي خاموش هئي، سندس چوڦير سانت ئي سانت هُئي. گهٽين ۾ گهمڻ هاڻ ڪو گهٽو خوف خطرو يا ڊپ ڊاءُ ڪونه هو. هن ريوالور کڻي ورتو ۽ کيسي ۾ رکي ڇڏيائين، پوءِ، هو بامبڙا ڏيندو گهر جي هيٺ لهي آيو، جڏهن گهاتڪ گهٽيءَ جي موڙ وٽ پهتو ته سندس دل ۾ پنهنجي هٿن سان ماريل دشمن

کي ڏسڻ لاءِ عجيب تجسس ۽ چڪ پيدا ٿي، ته ڇو نه دشمن کي هڪ وار، ڏسي وٺان. هن مجي ورتو ته سندس شڪار بيشڪ زبردست ۽ لاجواب هو، پوءِ ڪٿي اهو ڪير به هو. ان خيال سندس تجسس ۽ اڻ تڻ اجا به وڌائي ڇڏي ته ڇا هو سندس واقفڪار هو، يا هن ڪيس سڃاتو ٿي؟ فوج ۾ ڏٺير ۽ ڏاڙا بنديءَ کان اڳ شايد هو به سندس ئي ڪمپنيءَ جو ساٿي رهيو هجي.

هو اٿي وڌي، مئل شخص جي منهن ڏسڻ جو جوکو کڻڻ لاءِ تيار ٿي ويو.

هن اوڪانيل اسٽريٽ ۾ ڪنڊ وٽ چوڦير نگاهه ڦيرائي، گهوري ڏٺو. گهٽيءَ جي مٿين حصي وٽ ڇٽي فائرنگ ٿي رهي هئي، پر هن طرفان سندس آسپاس مڪمل سانت ۽ خاموشي هئي. گهاتڪ تمام تيز رفتاريءَ سان گهٽيءَ جي هڪ پاسي کان ٻئي پاسي هليو. مشين گن جي منهن مان وسندڙ گولين جي وسڪاري آسپاس جي ميدان ۾ ڪپ وجهي ڇڏيا پر هُو بچي ويو. هُو منهن پر لاش جي پرسان ليٽي پيو. مشين گن مان وسندڙ گولين جي برسات بند ٿي وئي.

پوءِ گهاتڪ اونڌي منهن پيل لاش کي سڌو ڪيو ۽ سندس نظر وڃي پنهنجي ڀاءُ تي پئي.

هن جو ذهن سندس مئل دشمن جي بي جان جسم تي نظر وجهڻ کان به باغي ٿي ويو. بدن ۾ سياٽ وچان سندس ڏند ڪڙڪڻ لڳا. هو پنهنجي منهن الائي ڇا مان ڇا ڳالهائڻ لڳو. اُبتيون سُبتيون ڳالهيون ڪندي جنگ کي نندڻ لڳو. پاڻ تي ملامت ڪندي پاراتا ڏيڻ لڳو ۽ هر ڪنهن جي مذمت ڪرڻ لڳو ۽ پٽ پاراتا ڪيڻ لڳو.

- حياتيءَ ۾ به سانحا ٿيندا آهن. هڪڙو دلي خواهش پوري نه ٿيڻ ۽ ٻيو پوري ٿيڻ.
(جاج برنارڊ شا)

- جيڪڏهن ماڻهو ڪم ڪري رهيا آهن ته پوءِ زندگي بي مقصد ڪونهي.
(جان گارڊنر)

- زندگيءَ جي منزل موت آهي.
(سگمنڊ فرائڊ)

٢ـ هڪ نيڪ دل دوست

انتون چيخوف/ رفيق سومرو

سهڻي من مهڻي واندرا، يا سندس پاسپورٽ مطابق معزز شهري خاتون نيستا سياڪانتاوِڪتيا، اسپتال کان ٻاهر نڪتي ته هن پهريون ڀيرو پاڻ کي هڪ اهڙي عجيب حال ۾ پاتو ، جنهن جو هن زندگيءَ ۾ ڪڏهن به تصور به ڪونه ڪيو هو: مطلب ته نه مٿي لڪائڻ لاءِ ڇت ۽ نه وري خرچ پکي لاءِ ڪو پيسو ٽڪو. آخر ڪري ته ڇا ڪري ؟

سڀ کان پهرين هوءَ گروي رکڻ واري دڪان تي پنهنجي فيروزي جي منڊي ڳهه رکڻ وئي، جيڪا سندس اڪيلو زيور هئي . هن ڪيس ان منڊيءَ جي عيوض هڪ روبل ڏنو. پر توهان هڪ روبل مان ڇا ڇا خريد ڪري سگهو ؟ ان روبل مان ته توهان هڪ ننڍڙي جيڪٽ به نٿا خريد ڪري سگهو.. ۽ نه وري هڪ وٺندڙ فيشن ايبل ٽوپلو يا چمڙي جي ناسي جوتن جي جوڙي ۽ انهن شين بنا هن ڇڻ پاڻ کي اگهاڙو تي محسوس ڪيو. ڪيس ائين ٿي لڳو ته ڇڻ نه فقط ماڻهو پر گهوڙا ۽ ڪتا به ڏانهنس عجيب نظرن سان تڪيندي کلون ڪري رهيا هجن. ۽ هوءَ رڳو خسيس لباس متعلق سوچي پريشان ٿي رهي هئي . ڪيس رڳو پنهنجي وڳي جو ئي خيال هو باقي ڪيسَ پنهنجي کاڌي يا اجهي جي بنهه پرواهه ڪانه هئي. " مونکي نه هڪ نيڪ دل دوست ملي وڃي "، هن سوچيو " ته ڪائنس ڪجهه پئسا هٿ ڪري وٺان ۽ مونکي جيڪر ڪو انڪار به ڪونه ڪندو، ڇو ته .... "

پر ڪيس ڪوبه نيڪ دل دوست ڪونه ٽڪريو. اهڙا دوست ڪيس هڪ فيشن ايبل ۽ عاليشان سراءِ "رِنا سان " ۾ سولائيءَ سان ملي ٿي سگهيا، پر "رنا سان" ۾ اهڙي سادي لباس ۽ نهايت نفاست سان ٺهيل ٽوپلي بنا هرگز گهڙڻ نه ڏيندا. پر آخر ڪجي ته ڇا ڪجي ؟ هڪ ڏکهي پريشاني ۾ ڇڙ ڪانپوءِ، نهايت غمگين ۽ ٿڪل قدمن سان هيڏان هوڏان ڦرندي ، ڪڏهن ويهندي ته ڪڏهن اٿندي ۽ ڪجهه سوچيندي واندرا تاش جو آخري پتو ڪيڏڻ جو فيصلو ڪري ورتو.

اُهو اِهو تہ هوءَ ڪنهن نيڪ دل دوست جي ڪمري ڊانهن وڃي ۽ ڪائنس پئسا گهري.
” پر مونکي ڪهڙي شخص ڊانهن وڃڻ کپي“ هوءَ ويچارڻ لڳي. مشا ڊانهن وڃڻ تہ ناممڪن آهي. هو پارن وارو آهي .... اهو جوشيلو ڪراڙو مڙس وري هوندو بہ پنهنجي آفيس ۾ .
وانڊا کي اوچتو فنڪل ياد اچي ويو، جيڪو ڏندن ساز هو ۽ پنهنجو مذهب مٽائي يهودي ٿيو هو، جنهن ڪيس تي مهينا اڳ هڪ ڪنگڻ تحفي ۾ ڏنو هو ۽ ها هن هڪ پيرو جرمن ڪلب ۾ سندس مٿي تي بير جو گلاس بہ اوتيو هو. هوءَ فنڪل ڊانهن وڃڻ جي باري ۾ سوچي، تمام گهڻو خوش ٿي.
” هو پڪ ڪجهہ پئسا ڏيندو. پر جي پنهنجي ڪمري ۾ هجي،“ هن سندس ڪمري ڊانهن ويندي سوچيو ”پر جيڪڏهن هن پئسن ڏيڻ کان انڪار ڪيو تہ آئون سندس ڪمري ۾ موجود هر شَي پيجي ڇڏيندس. هوءَ پنهنجو منصوبو جوڙي چڪي هئي . هوءَ ڏندن ساز جي دروازي وٽ وڃي پهتي ، تصور ۾ هوءَ ڪلندي ڪلندي ڊاڪڻ چڙهي، ڏو وڃي سندس ذاتي ڪمري ۾ ڪڙڪي ۽ ڪائنس ٢٥ روبل گهريا. پر جيئن ئي هن گهنٽي وڄائڻ لاءِ ڏوري ۾ هٿ وڌو، تہ سمورو منصوبو سندس ذهن مان پر ڪري اڏامي ويو. وانڊا هڪدم گهبرائجي وئي ۽ سندس وايون بتال ٿي ويون. اڳ ڪڏهن بہ سندس اهڙي ڪيفيت ڪانہ ٿي هئي ۽ نہ وري ڪا اهڙي صورتحال پيش آئي هيس هوءَ ڪڏهن بہ ڪونہ گهبرائيندي هئي “ پر سدائين جام جي محفلن ۾ پر اعتماد ۽ بهادر نظر ايندي هئي. پر هن وقت سادي لباس ۾ ڪنهن عام ماڻهوءَ وانگر مدد لاءِ ٻاڏائيندي، ڪيس سخت بي عزتي محسوس ٿي رهي هئي .
” شايد هو مونکي وساري چڪو هجي ..... “ گهنٽيءَ جي رسيءَ کي ڇڪڻ جي همت نہ ساريندي، هن سوچيو ” ۽ هن لباس ۾ آئون سندس سامهون ڪيئن ٿي وڃي سگهان ؟ ڄڻ تہ مان ڪا ڪنگال يا بد ذوق عورت هجان ......، هن نہ چاهيندي بہ گهنٽي وڄائي.
دروازي پٺيان ڪنهن جي قدمن جو آواز آيو پوءِ نوڪر اچي سندس اڳيان بيٺو.
”ڇا ڊاڪٽر گهر ۾ آهي؟“ هن پڇيو ،
ڪيس ڏاڍي خوشي ۽ اطمينان ٿئي ها ، جيڪڏهن نوڪر ناڪار ڪري ها، پر هو جواب ڏيڻ بدران ڪيس هال ڊانهن وٺي آيو ۽ ڪائنس سندس جيڪٽ وٺي هٿ ۾ جهليائين . ڊاڪڻ جا ڏاڪا ڪيس تمام قيمتي ۽ شاندار لڳا. پر ان شاندار ڊاڪڻ ۾ جنهن شَي تي هن جي سڀ کان پهرين نظر پئي اهو هڪ قد آدم آئينو

هو، جنهن ۾ هن ڏٺو آپرن ۾ ويڙهيل هڪ نهايت ويچارڙي مخلوق . بنا ڪنهن نفيس ٽوپلي جي بنا ڪنهن جديد ۽ فيشن ايبل جيڪيٽ يا ناسي جوتن جي جوڙيءَ جي، ۽ واندا کي ڏاڍو عجب لڳو، ڇوته هوءَ سادي لباس ۾ ڇڻ ته درزياڻي يا ڌوٻڻ ٿي لڳي. زندگيءَ ۾ پهرين وار ڪيس پنهنجي حالت تي شرم محسوس ٿيو ۽ منجهس اڳي وارو اعتماد ۽ جرئت ختم ٿي چڪي هئي. خيالن ۾ هوءَ پاڻ کي واندا بدران نستيا ڪانا وڪيا سڏڻ لڳي.

” هيڏانهن هن طرف اچو“. نوڪرياڻي ڪيس ڊاڪٽر جي ذاتي ڪمري ڏانهن وٺي وڃڻ لڳي. ”ڊاڪٽر صاحب اجهو ٿو اچي توهان سان ملي. توهان مهرباني ڪري ڪرسيءَ تي ويهو.“

واندا پاڻ کي آرام ڪرسيءَ تي ڪٽي اڇلايو. آئون چونديس : ”مونکي اوڊر ڪپي ......“ هن سوچيو ”ها ، ائين صحيح رهندو ڇاڪاڻ ته اسين هڪ ٻئي کي چڱي طرح سڃاڻو ۽ پاڻ ۾ ڪافي گهرائپ آهي پر هن نوڪرياڻيءَ کي ڪمري مان ضرور ٻاهر وڃڻ گهرجي..... اهو ڪيڏو نه عجيب ۽ خسيس لڳندو ته هڪ نوڪرياڻيءَ جي موجودگيءَ ۾ .... هوءَ هتي ڇا لاءِ ويٺي آهي ؟ “

پنجن منٽن اندر دروازو کليو ۽ فنڪل اندر داخل ٿيو. هڪ ڏکو ڪارو نئون يهودي، پريل ڳٽن ۽ تيڏين اکين وارو جنهن جا ڳل ، اکيون ، پيٽ، ٽلها چنڊ سڀ ڏاڍا مڪروه بي ڊولا هئا. ”رنا سان“ هوٽل ۽ جرمن ڪلب ۾ سدائين هلڪي نشي ۾ مخمور هوندو هو، ۽ عورتن مٿان تمام گهڻي دولت لٽائڻ لاءِ سدائين تيار ۽ سندن ناز نخرن ۽ چالاڪين کي صبر سان پيو برداشت ڪندو هو ـ مثال طور جڏهن واندا سندس مٿي تي بير اوتي هئي ته هو رڳو مرڪيو هو ۽ هن ڏانهن آنگر لوڏي هئي . پر هاڻ ته هو سست ، وساٽيل ۽ ننڊاکڙو ٿي نظر آيو ، سندس رويو فخر وارو ۽ لهجو سرد ۽ وڏائي وارو هو، ۽ هو بي پرواهيءَ وچان وات ۾ ڪا شي چٻاڙي رهيو هو .

” ڇا ڳالهه آ ؟“ هن واندا ڏانهن ڏسڻ بنا پڇيو ، واندا نوڪرياڻيءَ جي سخت ۽ سنجيده منهن ڏانهن نهاريو ، فنڪل جي سڄيل بوٽ ڏانهن ڏٺو، جنهن ظاهريءَ طرح واندا کي ڪونه ٿي سڃاتو . ۽ هوءَ شرم وچان ڳاڙهي ٿي وئي.

” ڇا ڳالهه آهي ؟“ ڏندن ساز ڇڙ وچان ساڳيو جملو دهرايو.

”ڏندن ۾ سور“ واندا ڀڻڪيو.

”هون ... ڪهڙو ڏند، ڏيکار ڪٿي آ“.

واندا کي ياد آيو ته سندس هڪ ڏند ۾ سوراخ هو.

” هيٺ ..... ساڄي چاڙ ۾“ . هن ٻڌايو“
” هون ..... وات کول.“
فنکل منهن گهنجايو، ساهہ روڪيائين ۽ سور واري ڏند کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪيائين.
”ڇا ڪنهن بہ قسم جو سور محسوس ٿيئي ٿو ؟ “
جنبور سان سندس ڏند ڪيڏندي چيائين .
”ها سور ٿئي پيو“. وانڊا ڪوڙ ڳالهايو“ . ”ڇا مونکي ڪيس اڳيون ڳالهيون ياد ڏيارڻ کپن. هن کي پڪ ٿي پڪ ياد اچي ويندو. .... پر .... هيءَ نوڪرياڻي ..... هوءَ هتي ڇا لاءِ بيٺي آهي “.
فنکل ڪنهن ٻاڦ جي انجڻ وانگر سڏو هن جي منهن ۾ ڦوڪارو ڏنو ۽ چيو ” مان تہ ڪنهن بہ حال ۾ توکي هن ڏند کيّ پِرڻ ۽ برقرار رکڻ جي هرگز صلاح ڪونہ ڏيندس .... بهرحال، ڏند بلڪل بيڪار آهي .“
هڪ پيرو پيهر هن ڏند کي آڱرين ۾ جهليو ۽ وانڊا جا چپ ۽ مهارون پنهنجن تماڪ هاڻن آڱرين سان گندا ڪري وڌا. هڪ وار پيهر هن پنهنجو ساهہ روڪي ڇڏيو ۽ هن جي وات ۾ ڪا ٿڌي شي وجهي ڇڏيائين.
وانڊا هڪدم شديد سور جي سٽ محسوس ڪئي ۽ فنکل جي هٿن کي سوگهو جهليائين .....
” ڪا ڳالهہ ناهي “هن سندس ڪن وٽ پٽڪو ڪيو ”گهبراءِ نہ .....هي ڏند ڪنهن ڪم جو ناهي “ ۽ هُو تماڪ سان ڏيپل ۽ رت سان داغدار آڱرين ۾ اهو نڪتل ڏند سندس اکين سامهون جهليو بيٺو هو. نوڪرياڻي اڳتي وڌي آئي ۽ هڪ پيالو سندس چپن آڏو جهليو .
”گهر وڃي پنهنجو وات ٿڌي پاڻيءَسان ڌوئجانءِ“ فنکل چيو ” ائين ڪرڻ سان رت بند ٿي ويندو“هو هن جي اڳيان ڪنهن اهڙي اڻ ٿانيڪي ۽ بيچين ماٺهڻ وانگر بيٺو هو، جيڪو بي صبريءَسان چاهيندو هجي تہ ڪيس اڪيلو ڇڏيو وڃي ”الله حافظ......“هن دروازي ڏانهن مڙهندي چيو ”هونهن اِ ان ڪم لاءِ مونکي في ڪير ڏيندو .“اوه ......جي! “ وانڊا ڪجهہ سوچيو ، ۽ شرم وچان سڄي ڳاڙهي ٿي وئي ۽ ڏند ساز کي اهو روبل ڏئي ڇڏيائين جيڪو هن فيروزي جي منڊي خريدڻ لاءِ رکيو هو.
هوءَ جڏهن گهنٽيءَ ۾ پهتي تہ هن پاڻ کي اڳي کان بہ وڌيڪ پشيمان محسوس ڪيو، پر، هاڻي پنهنجي غربت تي بلڪل پشيمان ڪونہ هئي نہ ئي وري

ڪيس انهيءَ ڳالهہ جي پرواه هئي تہ وٽس دلڪش ٽوپلو ۽ جديد فيشن واري جيڪٽ ڪونہ هئي .

هوءَ گهٽيءَ ۾ رت ٽڪيندي هلندي رهي ۽ رت ڀريل ٽڪ جو هر هڪ داغ ڪيس بيوس زندگيءَ جي ياد ڏياريندو رهيو ، هڪ بيڪار ۽ ڏکن ڀري زندگي . بي عزتي ۽خواريءَ بابت جيڪا هن برداشت ڪئي هئي ۽ ڪيس اجابہ پوڙهي هئي سياڻي بہ، هڪ هفتي يا سال ڪانپوءِ ـ سندس سڄي ٻُڌمانڙ، اصل مرڻ گهڙيءَ تائين.

"افسوس ڪيڏي نہ وحشت ناڪ صورتحال آهي!" هن هوريان پڙڪيو "او منهنجا رب ڪيڏي نہ وحشتناڪ !"

پر ٻئي ڏينهن هوءَ "رنا سان" هوٽل ۾ هئي ۽ هن اتي خوب ڊانس ڪئي ۽ ڪيس پاتل هو هڪ نئون ۽ گهاٽي ڳاڙهي رنگ جو نفيس ۽ سهڻو ٽوپلو ، هڪ نئين جديد قسم جي جيڪٽ ۽ ناسي رنگ جو بوٽن جو جوڙو. ڪيس ڪازان جي هڪ نوجوان تاجر شام جي مانيءَ تي گهرايو هو.

٣- پورهيو

لیو تالستاءِ/ رفيق سومرو

هي قصو اج ڏينهن تائين ڏکڻ آمريڪا جي ريڊ انڊين وٽ گھڻو مشهور آهي ۽ هر ماڻهو ٻئي ماڻهوءَ کي ٻڌائيندو رهندو آهي.

هو چون ٿا ته، خدا سڀ کان پهرين اهڙيءَ ريت ماڻهو خلقيا جو ڪين ڪنهن به قسم جي ڪم ڪار جي ضرورت محسوس نه ٿي، هنن کي نه گھر جوڙڻ جي ضرورت هئي، نه وري ڪو لٽي ڪپڙي يا کاڌي پيتي جي گھرج هئن هو بلڪل ائين ئي رهڻ لڳا. جيستائين سندن تعداد هڪ سؤ ٿيو هو، ۽ انهن کي ڪنهن به قسم جي بيماريءَ جي ڪابه ڄاڻ ڪونه هئي، ڇو ته منجهائن ڪوبه ماڻهو ڪڏهن بيمار ٿيو ئي ڪونه هو.

گھڻي وقت کان پوءِ جڏهن خدا ڏسڻ چاهيو ته ڏسان ته ماڻهو ڪيئن پيا رهن ۽ ڪهڙي حال ۾ آهن، تڏهن هن ڏٺو ته پنهنجين حياتين مان خوش ۽ مطمئن رهڻ بدران هو هڪٻئي سان ويڙهه جهيڙ ۾ رڌل هئا ۽ خود مطلبي ۽ خود پرستي ۽ خود غرضيءَ ۾ هو ايترا ته ٻڏل هئا ۽ هنن معاملن کي هڪ اهڙي ته خطرناڪ موڙ تي آڻي ڪڙو ڪيو هو، جو بجاءِ زندگيءَ مان لطف اندوز ٿيڻ ۽ سک ماڻڻ جي، هو حياتيءَ مان تنگ ۽ بيزار ٿي پيا هئا ۽ زندگي هنن لاءِ هڪ پاراتو بڻجي چڪي هئي.

تڏهن خدا پنهنجو پاڻ کي چيو، ”هي سڀ هنن جي خود غرضي ۽ رڳو پنهنجي لاءِ جيئڻ ۽ هرڪنهن جو پنهنجي پيٽ ڏانهن گوڏا سورڻ جو نتيجو آهي“ ۽ اهڙين افسوسناڪ حالتن کي بدلڻ لاءِ خدا معاملن ۽ وهنوار کي ڪجهه اهڙيءَ ريت بدلايو، جو هاڻ ماڻهن جو ڪم ڪار ڪرڻ کان سواءِ جيئڻ محال ٿي پيو، پڪ بدحالي ۽ ڪِڳاٽيل ٿڌ کان بچڻ لاءِ هنن لاءِ ضروري ٿي پيو ته هو گھر جوڙين ۽ زمين ۾ هر ڪيڙي ان اپائن ۽ ميوا گڏ ڪن.

”پورهيو هنن کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻيندو“ خدا سوچيو ڇو ته هرڪو اڪيلي سر پنهنجي لاءِ سڀ اوزار جوڙي ڪين سگھندوءِ نه وري ڪاٺ ڪلو گڏ ڪري هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ نئي سگھندو، نه گھرگهاٽ اڏي سگھندو ۽ نڪي

ڪيتي پوکي ۽ لاٻارا ڪري سگهندو نه ڳاهه ڳاهي سگهندو، نڪو پنهنجي سر ڪپهه ڪتي تاڻي سڙهه ناهي سگهندو ۽ نه وري ڪپڙو اڻي، لٽا ڪپڙا ناهي سگهندو، ڇو ته اهي سڀ ڪم اڪيلي سر ڪرڻ هڪ ماڻهوءَ جي وت کان ٻاهر آهن.

اهڙيءَ ريت، هنن کي اها ڳالهه سمجهه ۾ ايندي ته جيترو وڌيڪ دل - جان سان هو هڪ - ٻئي جي ويجهو ايندا، اوترائي گهڻا هن لاءِ وسيلا ۽ ساز سامان پيدا ٿيندا ۽ هنن جي زندگي سهوليت ۽ آسائشن سان ڀرجي ويندي ۽ اها يڪجهتي ۽ ڳانڍاپو هنن کي هڪٻئي جي اڃا وڌيڪ ويجهو آڻيندي ۽ کين متحد ڪندي.

اهڙي ريت وقت جو ريلو وهندو رهيو ۽ خدا وري ڏسڻ آيو ته هاڻي ماڻهو ڪيئن پيا جيئن ۽ ڪهڙي حال ۾ هئا ۽ ڇا هاڻي هو خوش پيا گذارين ۽ سک - سانت ۾ هئا؟

پر افسوس ته هن کين اڳي کان به بري حالت ۾ ڏٺو، بيشڪ هاڻي هو گڏجي ڪم ته ڪري رهيا هئا، ڇاڪاڻ ته اڪيلي سر سڀ ڪم ڪرڻ هنن لاءِ محال هو، پر اڃا به سيني متحد ٿي ڪم ڪو نه ٿي ڪيو. بلڪه هو ننڍڙن ننڍڙن ٽولن ۾ ورهائجي ويا هئا ۽ هر ٽولي ٻئي ٽولي جي ڪم ۾ مداخلت ڪري سندن ڪم ۾ رخنو ٿي وڌو ۽ هڪ ٻئي کان ڪم ۽ سندن شين کسڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي. ان طرح هو پنهنجو ڪم خراب ڪري رهيا هئا ۽ اجايو وقت ۽ هڪٻئي جي سکه ضايع ڪري رهيا هئا. اهڙي ريت هنن جي حالت صفا جري لڳي پئي هئي.

مٿين حالت کي ڏسندي، جيڪا پڻ غير تسلي بخش ۽ اڻ وڻندڙ هئي. خدا حالتن جي هڪ اهڙي نموني سناءَ جو فيصلو ڪيو، جنهن تحت بندي کي سندن موت جي صحيح وقت جي خبر نه ٿي پئجي سگهي، البت هن کين ڪليل لفظن ۾ اعلان ڪيو ته هو ڪنهن به گهڙي مري سگهن ٿا ۽ کين هر حال ۾موت اچڻو آهي ۽ سندن هيءَ زندگي دائمي ناهي.

جڏهن ماڻهن کي اها خبر پوندي ته هو ڪنهن به گهڙيءَ موت جو ٻڪ ٿي سگهن ٿا. خدا سوچيو هو هن غير جٽادار شين جي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجو قيمتي وقت برباد هرگز نه ڪندا، جيڪو سندن مختصر زندگيءَ جي صورت ۾ کين عطا ڪيو ويو آهي.

پر نتيجو بلڪل ابتڙ نڪتو، جڏهن خدا ڏسڻ آيو ته ماڻهو هاڻي ڪهڙي حال ۾ هئا، هن ڏٺو ته ماڻهو اڳي واتگر هيئنئر به نهايت بري حال ۾ هئا، جيڪي سگهارا ۽ ڏاڍا هئا، انهن ان حقيقت کي نظر ۾ رکندي ته دنيا فاني آهي ۽ هو

ڪنهن به وقت مري سگهن ٿا. ڪجهه ماڻهن کي جيڪي ڪافي ڪمزور هئا، موت جي ننڊ ۾ سمهاري ۽ پين کي ڊمڪين، ڌمڪاءَ ۽ دٻڙ ڏؤنس ذريعي غلام بڻائي ڇڏيو هو ۽ مٿين ڳالهه جي نتيجي مان معلوم اهو ٿيو ته تمام گهڻا سگهارا ۽ طاقتور ماڻهو ۽ انهن جي اولاد صفا ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو ۽ لاڳيتي واندڪائي سبب بيزار ۽ ڪڪ ٿيڻ لڳا ۽ اها واندڪائي هنن لاءِ تڪائيندڙ ۽ ورچائيندڙ هئي، جڏهن ته ڪمزور ماڻهن کي سگهارن ماڻهن جي هڏ حراميءَ سبب پنهنجي وت کان وڌيڪ ڪم ڪرڻو ٿي پيو، انهيءَ گهٽي ڪم ۽بيگار کين صفا نستو، نٻل، بي حال بي آرام ۽ پريشان ڪري ڇڏيو هو. تنهن ڪري هر ٽولي جا ماڻهو پين کان ڏچڻ ڪانئڻ نفرت ڪرڻ لڳا ۽ اهڙي طرح ماڻهوءَ جي حياتي اجا وڌيڪ ڏکي ٿي پئي.

ماڻهوءَ جي بري حالت ڏسندي، خدا، سندن بهتريءَ لاءِ هڪ آخري طريقو آزمائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ هن هر قسم جي بيماري ماڻهن تي نازل ڪئي.

خدا سوچيو: جڏهن سيني ماڻهن کي بيماريءَ جو خطرو لاحق هوندو، ته ضرور هو اها ڳالهه پلي پٽ سمجهي سگهندا ته جيڪي چاق تندرست ۽ چڱا ڀلا آهن، انهنکي بيمارن تي ڪهل ۽ ساڻن همدردي ڪرڻ گهرجي ۽ سندن ٽهل ڪرڻ گهرجي، ڇو ته جڏهن هو پاڻ بيمار ٿيندا. تڏهن کين به چاق چڱن ڀلن ۽ تندرست ماڻهن جي همدردي ۽ مدد جي ضرورت پوندي ۽ بدلي ۾ ضرور هو به سندن چڱي مدد ڪندا.

۽ هڪ ڀيرو ڀيهر خدا هليو ويو. پر هو موٽي سندن خبر لهڻ آيو ته ڏسان ته هاڻ ماڻهو بيمارين نازل ٿين کان پوءِ ڪهڙي حال ۾ هئا ۽ سڌريا هئا ڪ نه، هن ڏٺو ته هنن جي زندگي هينئر اڳي کان به وڌيڪ خراب هئي، اها ساڳي بيماري جنهن مان خدا جو مقصد، سندن سڌارو ۽ کين متحد ڪرڻ هو، کين اٿلو اڳي کان به وڌيڪ بيزار ۽ هڪٻئي کان ڌار ڪري ڇڏيو هو، جيڪي ماڻهو تمام سگهارا هئا ۽ پين کان زوريءَ بيگار وٺي ٿي سگهيا، انهن پنهنجيءَ بيماري ۽ ناچاڪيءَ مهل ڪمزورن کي زور زبر، سان مجبور ڪري پنهنجي تيمار داري ۽ ٽهل ٽڪور ٿي ڪرائي، پر بدلي ۾ پاڻ انهن جي خدمت چاڪري هرگز نه ٿي ڪيئي، جڏهن اهي بيمار ٿي ٿيا ۽ اهي ماڻهو جن کان زبردستيءَ خدمت چاڪري ڪرائي ٿي وئي، ڪم ڪار ڪري ڪري اهڙا ته نستا ۽ ساڻا ٿي پيا هئا، جو هنن وٽ پنهنجن بيمار ماڻهن جي خبر چار وٺڻ لاءِ موڪو وقت ئي ڪو نه هو ڇو ته هو ويچارا ته رڳو سگهارن ٽولن جي پرگهور، تيمارداري ۽ خدمت، چاڪريءَ ۾ ئي پورا هئا ۽ نتيجي ۾ پنهنجن بيمارن کي انهن جي حال تي ڇڏي ٿي ڏنائون.

ان خيال کان تہ متان بيمارن کي ڏسي. دولتمند ۽ خوش ماڻهن جو سک چين ڦٽي نہ پئي، خوش حال ماڻهن بيمارن لاءِ انهن ماڻهن کان تمام گهڻو پري گهر اڏايا، جن جي همدردي هنن جي ڏک کي هلڪو تي ڪري سگهي ۽ جتي هنن بيمار ۽ لاچار ماڻهن، ڪن بي رحم ۽بي ترس پاڙيتن خدمتگارن جي ہانهن ۾ سڏڪي سڏڪي ساهہ تي ڏنا.

ہي ڳالهہ تي بيمارين جي وچڙڻ، ڦهلجڻ ۽ ڪين بيماري لڳڻ جي خوف کان نہ رڳو ماڻهو پاڻ بيمارن کان دور رهڻ لڳا پر جن ماڻهن بيمارن جي تيمارداري تي ڪئي، مورڳو تن کي بہ پاڻ کان پري رکڻ لڳا. اهي سڀ ڳالهيون ڏسندي، خدا پنهنجو پاڻ سان ڳالهايو، جيڪڏهن اهڙن اپائن وٽن ڪانپوءِ بہ انسان نہ ٿو سمجهي سگهي تہ سندن خوشي ۽ چڱائي ڪهڙي ڳالهہ ۾ آهي تہ پوءِ چڏين تہ پل پوڳين ۽ تڪليفن ۽ عذابن مان سبق سکن خدا انسانن کي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏنو ۽ پنهنجي انهيءَ حال ۽ ڪوجهي ڪال ۾ ڪيتريون ئي صديون گذارڻ کان پوءِ آخرڪار ماڻهن کي خيال آيو تہ هو خوشحال ۽ سکيا ستابا رهي سگهن ٿا ۽ هنن کي خوش رهڻ گهرجي.

هاڻي تمام ويجهڙي وقت ۾ تمام ٿورڙن ماڻهن ان ڳالهہ کي سمجهڻ شروع ڪيو آهي تہ ڪم يا پورهيي جو مقصد ڪجهہ ماڻهن لاءِ ”خوفائتي شَي“ ۽ ٻين لاءِ وري ”هلاڪ ڪندڙ غلامي“ هئڻ نہ گهرجي، پر پورهيي کي هڪ عام عزت ڀريو ۽ سکي رکندڙ ڏنڌو تصور ڪرڻ گهرجي، جيڪو سيني ماڻهن کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻي متحد ڪري ٿو. هاڻي ڪين اها بہ پروڙ پئي آهي تہ، موت جي ازدها جي موجودگيءَ ۾ جيڪا هر ماڻهوءَ کي ڳڙڪائڻ لاءِ پنهنجو وات ڦاڙيو بيٺي آهي، هر ماڻهو لاءِ مناسب ڪم رڳو اهو بچيو آهي تہ هو سال، ڏينهن، ڪلاڪ، منٽ ۽ سڀ ساعتون محبت اتحاد ۽ پائيچاري ۾ رهي گذاري، هنن اهو بہ سوچڻ شروع ڪيو آهي تہ، بيماري ڪي، ماڻهن کي هڪ ٻئي کان جدا ۽ ڌار ڪرڻ واري شَي سمجهڻ بدران ان کي هڪ ٻئي سان پيار ڀري ميلاپ جو هڪ بهترين موقعو سمجهڻ گهرجي.

۴ـ سمونڊ جي لهرن تي

انتون چيخوف/ رفيق سومرو

نگاهن کان اوجهل بندرگاهه جون رکو اٽڪيون، جهڪيون ۽ ڏم روشنيون مَسَ جهڙي ڪاري آسمان جي پس منظر ۾ ڏسڻ ۾ ٿي آيون.

ائين ٿي لڳو، ڄڻ آسمان تي بيٺل گهرا بادل اوهيرا ڪري وسڻ لاءِ آتا هُئا. تيز هوا ۽ سخت سرديءَ جي باوجود، ماحول ۾ گهٽ هئي.

اسين سڀ جهازي (ملاح) عملي جي رهائشي ڪوارٽرن ۾ ڳاهٽ تيو ڪٽا ڪيدي رهيا هئاسين. فضا اسان جي نشي ۾ بدمست ۽ وڏن وڏن ٽهڪن سان گونجيل هئي. اسان جو هڪ شرارتي ڪامريڊ موج ۾ اچي ڪڪڙ وانگر ٻانگ ڏئي رهيو هو. منهنجي جسم ۾ ڪنڊي ڪان ڪڙيءَ تائين هڪ هلڪي ڏڪڻي ڊوڙي وئي. ائين ٿي ڀاسيو، ڄڻ منهنجي مٿي پنيان ڪنهن سوراخ مان سيءَ جي لهر گوليءَ وانگر جهٽڪا ڏيئي منهنجي پٺيءَ اگهاڙي بدن ۾ پيهي رهي هجي.

سخت سيءَ ۽ ڪن ٻين سببن ڪري (جيڪي مان تفصيل سان بيان ڪرڻ نٿو چاهيان) مونکي ڪنبڻي وٺي وئي هئي.

منهنجي خيال ۾، عام طور تي ماڻهو گندو آهي ۽ هڪ خلاصي ته ڪڏهن ڪڏهن ڌرتيءَ جي تمام غليظ ۽ فاحش مخلوق نظر ايندو آهي. هڪ جانور کان به ڪريل، جنهن وٽ گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي جبلتن جي پوئواريءَ جو عذر ته هوندو آهي. ٿي سگهي ٿو ته آءٌ غلطيءَ تي هجان، ڇاڪاڻ ته مونکي زندگيءَ جي ڪا گهڻي ڄاڻ يا تجربو ناهي. پر مون ڏٺو آهي ته هڪ خلاصيءَ کي ٻين جي ڀيٽ ۾ پاڻ کي خوار خراب ڪرڻ ۽ حياتي وڃائڻ جا ڪجهه وڌيڪ موقعا ميسر آهن. هو هڪ اهڙو ماڻهو آهي، جيڪو ڪنهن به گهڙيءَ کوهي وٽان سِسِيءَ پر ڪري هميشه لاءِ لهرن هيٺيان گم ٿي سگهي ٿو. هڪ اهڙو انسان، جيڪو رب ٺي چاٺي ٿو، ڪنهن به وقت ٻڏي سگهي ٿو، جنهن کي ڪنهن به شَي جي ضرورت ناهي ۽ جنهن لاءِ خشڪيءَ تي رهندڙ ماڻهن جي دلين ۾ ڪنهن به قسم جو رحم، ڪو ڪهڪاءُ يا ساڻس ڪابه همدردي ڪانهي.

اسان خلاصي تمام گهڻو وڏڪا پيئندا آهيون ۽ بدڪار آهيون، ڇو تہ اسان کي پاڻ کي بہ خبر ناهي تہ ماڻهوءَ کي سمنڊ جي لهرن تي نيڪيءَ جي نيٽ ڪهڙي ضرورت آهي، پر مان پنهنجو بيان جاري رکندس.

اسين ڪٽا ڪڍي رهيا هئاسين. اسين ڪل ڀاويهہ جهازي ڊيوٽي پوري ٿيڻ تي، هيٺڙ واندا هئاسين. ڀاويهہ ڇٽن مان رڳو ٻن ڇٽن جي قسمت ۾ هڪ انوکي منظر مان لطف ۽ مزو ماڻڻ لکيل هو. انهيءَ خاص رات تي "هني مون ڪئبن" بوڪ ٿيل هئي. پر ان ڪئبن ۾ رڳو ٻہ سوراخ هئا، جنهن مان هڪ سوراخ مون پاڻ پيچ سان تنگ ڪري سٺي آريءَ سان ٺاهيو هو ۽ ٻيو منهنجي هڪ ساٿيءَ چاقوءَ سان ٺاهيو هو ۽ اهو ڪم اسان هڪ هفتي کان وڌيڪ وقت ۾ پورو ڪيو هو.

"توکي هڪ سوراخ مليو آهي."

"ڪيئن."

هُن مون ڏانهن اشارو ڪيو. "ٻيو ڪنهن کي مليو آهي؟"

"تنهنجي پيءُ کي."

منهنجو بابو هڪڙو ڪيڙو خلاصي هو، جنهن جو منهن سيڪيل صوف وانگر گهنجيل هو. هو مون وٽ آيو ۽ منهنجي پٺيءَ کي ٿپڪي ڏنائين.

"منهنجا پٽ، اڄ اسان ڏاڍا خوش قسمت آهيون." هُن چيو "پٽا! ٻڌين ٿو نہ؟ بخت اسان وٽ هڪ ئي وقت اسان ٻنهي جو در کڙڪايو آهي. اها ڳالهہ وڏي معنيٰ رکي ٿي."

هن بي صبريءَ وچان مون کان ٽائيم پڇيو. اُن وقت اڃا فقط ٻارهن وڳا هئا.

آءٌ جهاز جي ڊيڪ تي هليو ويس، پائيپ دُکايم ۽ سمنڊ ڏانهن نگاهہ ڊوڙايم، جيتوڻيڪ گهگهہ اوندهہ هئي، تہ بہ اهو اندازو ڪرڻ ڏکيو ڪونہ هو تہ منهن جي اکين مان اهو سڀ ڪجهہ جهلڪي رهيو هو، جيڪو منهنجي روح جي گهراين مان اتپن ٿي رهيو هو. جيئن جيئن مان رات جي پس منظر ۾ پنهنجي تصور ۾ انهن شين کي اُٿي رهيو هوس، جيڪي منهنجي اڃا ٽائين جوان، پر تباهہ حال جيون ۾ ڪونہ آيون هيون.

اڌ رات جو سيلون وٽان لنگهندي، مون دروازي کان اندر نظر ڊوڙائي. هڪ، سهڻو، گورو ۽ سنهري مٿي وارو، نوجوان پادري هٿن ۾ انجيل مقدس جهلي ميز وٽ ويٺو هو. هُو ڊگهي قد واري سنهڙي انگريز عورت کي ڪجهہ سمجهائي رهيو هو. نهايت خوبصورت ۽ وڻندڙ وصفن واري ڪنوار پنهنجي مڙس جي پاسي ۾ ويٺي هئي. هُن جون هلڪيون نديون اکيون سندس مڙس تي کُتل هيون.

هڪ ڊگهو، پريل جسم وارو ڪرڙوڊ انگريز، جيڪو پيشي جي لحاظ کان بينڪر ٿي لڳو ۽ جنهن جو مُنهن ڪجهہ ڳاڙهسرو هو، سيلون ۾ اچ وڃ

ڪري رهيو هو. هي ان اڌڙوٽ عمر عورت جو مڙس هو، جنهن سان پادري ڳالهائي رهيو هو.

”پادرين کي ته گهڻي ڳالهائڻ جي عادت آهي.“ مون سوچيو ”هو صبح ٿيڻ تائين بس نه ڪندو.“

هڪ لڳي منهنجو پيءُ مون وٽ آيو. منهنجي قميص جي ٻانهن کي جهليندي چيائين ”تائيم ٿي ويو آهي. هو سيلون مان هليا ويا آهن.“

آءُ ڪئبن رستي، ان چاتل سُچاتل پيت وٽ پهتس. اَن پيت ۾ جهاز جي پاسي جي وچ ۾ ٿورڙي جاءِ خالي هئي، جيڪا ڏونهين، پاڻي ۾ ڪوئڻ سان پريل هئي. سُتت ئي مونکي پنهنجي پوڙهي پيءُ جي ڳورن قدمن جو ڪڙڪو ٻڌڻ ۾ آيو. ڳوٺين ۾ گاسليٽ جي دٻن سان ٽڪرائڻ سبب هو چڙ وچان پٽ پاراتا ڏيڻ لڳو. مون ديوار ۾ سوراخ هٿ سان کوليندي، ان مان ڪاٺيءَ جو چوڪور ٽڪر ڇڪي ٻاهر ڪڍيو، جيڪو مون سخت محنت سان گهڙيو هو. آءُ سنهي ۽ شفاف ململ مان صاف ڏسي رهيو هوس، جنهن مان نرم ۽ گلابي روشنيءَ جا ڪرڻا آرپار لنگهندا نظر ٿي آيا. روشنيءَ سان گڏ منهنجي مُک کي، سمونڊ جي لوساٽيندڙ هوا سان گڏ من لبائيندڙ مهڪ چمي رهي هئي. بيشڪ اها هڪ وڏ- گهراڻي محل جي سمهڻ واري ڪمري مان ايندڙ انوکي خوشبو هئي. ڪمري اندر چنو ڏسڻ لاءِ ململ جي پردي کي آڱرين سان هڪ پاسي کسڪائڻ تمام ضروري هو ۽ مون هڪدم اهو کسڪائي ڇڏيو.

منهنجي مُنهن جي اٽڪل ڏهه فوٽ ويجهو ڇپر ڪٽ پئي هئي.

مونکي پاڻ واري جاءِ وٺان ڏسڻ ڏي.“ منهنجي پيءُ بي صبريءَ وچان مونکي ڇڪي پري ڪندي چيو ”مان هتان چڱيءَ طرح سمورو لقاءُ ڏسي سگهان ٿو.“

مون ڪيس ڪوبه جواب ڪونه ڏنو.

”ڇوڪرا تنهنجي نظر مون کان چڱي آهي، تنهن ڪري توکي اوريان يا پريان ڏسڻ سان ڪوبه فرق نه پوندو.“

”ماٺ ڪر“، مون چيو ”ڪتي هو اسان جو آواز ٻڌي نه وٺن.“

ڪنوار هڪ پاسي کان جورابن سان ڍڪيل پنهنجا پير لڙڪايو ويٺي هئي. سندس نظرون فرش تي ڄميل هيون. هن جي آڏو سندس مڙس بيٺو هو. نوجوان پادري ڪيس ڪجهه ٻڌائي رهيو هو، جيڪو مونکي ٻڌڻ ۾ نٿي آيو، ڇو ته اسٽيمر جي انجڻ جي گوڙ سبب اهو سڀ ڪجهه ٻڌڻ بلڪل محال هو. هو جذباتي انداز ۾ ڳالهائي رهيو هو ۽ هٿن سان اشارا پڻ ڪري رهيو هو. سندس اکيون چمڪي رهيون هيون. هن، سندس ڳالهه ٻڌڻ کانپوءِ انڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو.

”پيٽان شيطان“، منهنجي پيءُ پٽڪيو، ”اڙي مونکي ڪنهن ڪُميءَ چڪ پاتو آ.“

مون پنهنجي ڇاتيءَ پٽ سان ائين ڇُهتائي ڇڏي، ڄڻ خوف وچان منهنجي دل هڪ ٺي اڇل ٻان اچي ٻاهر ڪرندي هجي. ٻسُور وچان منهنجو متو ٻري رهيو هو.

ڪنوار ۾ گهوٽ ڪافي دير تائين ڳالهائيندا رهيا. آخرڪار هو ڪنڌ لڙڪائي گوڏن ڀر جُهڪي ويٺو ۽ ٻئي هٿ جوڙي ڪيس منٿون ڪرڻ لڳو. عورت وري بہ ناڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو. هو ڪاوڙ وچان، اسپرنگ جيان جهٽڪي سان اٿيو ۽ ڪٻٽ جي ٻي پاسي هليو ويو. هن جي منهن جي تاثرات ۽ ٻانهن جي لوڏ مان، مون اندازو لڳايو تہ هو ڪيس ڌيڄاري ۽ ڌمڪائي رهيو هو. جوان جماڻ وني اتي ويٺي ۽ هوريان هوريان پٽ جي ان پاسي ڏانهن آئي، جتي مان ويٺو هوس. هوءَ سوراخ جي ٻنهہ ويجهو اچي ويٺي ۽ ڪنهن خيال ۾ گم بنا ڪنهن چُرپر جي گُنگ ويٺي رهي. مون هن جي چنڊ جهڙي مُکڙي کي پنهنجي اکين ۾ سمائي ڇڏيو. مون کي ائين لڳو ڄڻ هوءَ ڪنهن زبردست اذيت مان لنگهي رهي هجي ۽ وڏي ڇڪتاڻ ۾ مبتلا هجي ۽ ڪيس ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ ايندو هجي تہ ڇا ڪجي ۽ ڇا نہ ڪجي. پر سا ڳئي وقت هن جي مُک جا تاثرات ڇتي ريت ٻڌائي رهيا هئا تہ هوءَ سخت ڪاوڙيل هئي. مون کي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ آيو ۽ ڳالهہ جي تهہ تائين پهچي نہ سگهيس.

اسان ٻئي، اتي ئي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي هڪٻئي ڏانهن مُنهن ڪيو اٽڪل پنج منٽن تائين ائين ئي ويٺا رهياسين. پوءِ هن هري هري هلندي ڪٻٽ جي وچ وٽ پهچي پادريءَ اڳيان هاڪار ۾ پنهنجو ڪنڌ ڌوڻيو، جيڪو بيشڪ رضامنديءَ جو اُهڃاڻ هو. خوشيءَ وچان پادري ٻهڪي اٿيو. مرڪندي سندس هٿ چميائين ۽ ٻاهر نڪري ويو.

اٽڪل ٽن منٽن کانپوءِ در کليو ۽ پادري وري اندر آيو. هن جي پويان اهو سا ڳيو ڊگهو ۽ پريل ٻت وارو انگريز داخل ٿيو، جنهن جو ذڪر آئون مٿي ڪري چڪو آهيان. انگريز مڙد، سيج پلنگ وٽ پهتو ۽ سُهڻي زال کان ڪو سوال پڇيائين. خوف وچان هيڊ ٿيل عورت، هن ڏانهن ڏسڻ بنا، پنهنجو ڪنڌ هاڪار ۾ لوڏيو. تنهن کانپوءِ، هن بينڪر پنهنجي ڪيسي مان هڪ ٿهي ڪڍي، جيڪا يقينن نوٽن جي دستي هئي ۽ اُها پادريءَ جي هٿ تي رکي، جنهن انهن کي چڱيءَ ريت جاچي ڏٺو، پوءِ انهن کي ڳڻيندي، ادب وچان ڪنڌ جهڪائي ٻاهر نڪُري ويو.

ڪرڙوڌ انگريز هن جي وڃڻ کانپوءِ ڪڙو چاڙهي ڇڏيو.

٥ـ اڄ جي شهزادي

جيمس ٿربر/ رفيق سومرو

ڪنهن زماني ۾، هڪ ڏوراهين ملڪ ۾ هڪڙو بادشاهه راڄ ڪندو هو، سندس شاهي شان ۽ دٻدٻو ڏورانهين ڏيهن تائين مشهور هو، ڪيس هڪ ڌيءَ هئي جا حقيقت ۾ دنيا جي هڪ تمام سهڻي شهزادي هئي. سندس اکيون سورج مکي جي گل جيان هيون، سندس وار ڏاڍا سهڻا، من موهيندڙ ۽ گلن جيان سُرها هئا. هنجي ڳچي چڻ هنج جي ڳچي هئي.

جڏهن شهزادي سال کن جي مس ٿي ته املهه سوکڙين جي پالوٽ ٿيڻ لڳي. سندس ننڍڙو باغيچو چڻ ٻارنهن دري هئي. شهزاديءَ جا سڀ رانديڪڙا، سون، ۽ قيمتي هيرن مان جڙيل هئا. ڪيس چيني گڏين، ڪاٺ جي پيتين گهوڙن يا ربڙ جي ڪتن يا ڪپڙي مان جڙيل ڪتابن سان کيڏڻ جي بنهه اجازت ڪانه هئي، جو ته اهي شيون نهايت تڇ، سستيون ۽ خسيس هيون، ۽ هڪ بادشاهه جي ڌيءَ کي هرگز نه ٿي سونهيون.

جڏهن شهزادي ستن سالن جي عمر کي رسي ته سندس شهزادي ڀاءُ جي شادي ڪرائي وئي ۽ ان شادي ۾ شهزادي کي رسم پوري ڪرڻ خاطر پنهنجي هٿن سان پنهنجي شهزادي ڀاءُ جي مٿان چانورن بدران درشهوار هيرا نڇاور ڪيا. بادشاهه جي بادشاهي ۽ سندس رعب تاب، شان شوڪت ۽ جاه وجلال اِهو هو جو فقط سوني پڃ واري بلبل کي ئي شهزاديءَ جي لاءِ ڳائڻ جي اجازت ملي هئي. ويچاري چانديءَ مان جڙيل پنسري واري ڪوئل جي کهڙي مجال جو شاهي محلات ۾ پَر هڻي يا ڳائي؟ سون چانديءَ جي زريءَ مان جڙيل جتي پائي ته شهزادي تجلا ڏيندڙ هيرن سان جڙيل غسل خاني ۾ پير پائيندي هئي ۽ سمهندي هئي وري، عاج مان جڙيل سيج پلنگ تي، جنهن مٿان ياقوتن ۽ لالن جو واهه جو جڙاءُ هو.

جنهن ويل شهزادي ارڙهن سالن جي عمر کي رسي ته بادشاهه هڪ شاهي

سفير کي پرپاسي وارن بادشاهن جي محلاتن ڏانهن موڪليو، ته جيئن هو اعلان ڪري ته بادشاهه پنهنجي شهزادي ماه لقا جو هٿ هڪ اهڙي شهزادي جي هٿ ۾ ڏيندو، جيڪو پاڻ سان هڪ اهڙي بيمثال سوکڙي آڻيندو جيڪا شهزادي کي سيني کان وڌيڪ پسند ايندي ۽ سندس من موهي وٺندي. سڀ کان پهرين جيڪو شهزادو محلات ۾ داخل ٿيو سو هڪ اعليٰ نسل جي اڇي گهوڙي تي سوار هو. هن اچڻ شرط هڪ وڏو ۽ نج سون مان ٺهيل شاندار صوف شهزاديءَ جي قدمن ۾ رکيو جيڪو هو هڪ ازدها بلا جي منهن مان ڪڍي آيو هو.جنهن صوف جي سنڀال ازدها هڪ هزار سالن کان پئي ڪندي آئي هئي. ان صوف کي هڪ عاليشان ميز تي سجايو ويو جيڪا شهزادن پاران پاڻ سان گڏ آڻيندڙ سوکڙيون سجائي رکڻ لاءِ خاص طور تي رکائي وئي هئي.

ٻيو شهزادو هڪ گهوڙي تي سوار ٿي اچي محلات وٽ ڪڙڪيو جنهن تي چڙهي بادشاهه سلامت هميشه جنگي ميدان ۾ پڙ تي پڄندو هو. هن شهزاديءَ لاءِ سوکڙي طور هڪ هزار قيمتي هيرن مان جڙيل بلبل آندي هئي. ان بلبل کي قيمتي سوني صوف جي پرسان سجائي رکيو ويو.

ٽيون شهزادو وري هڪ ڪاري شاهي گهوڙي تي سوار ٿي آيو ۽ پاڻ سان گڏ هيرن ، موتين سان جڙيل هڪ پيتي کڻي آيو، جيڪا پلاٽينيم، سافر ۽ قيمتي هيرن کي ملائي ٺاهي وئي هئي ۽ ان املهه ۽ قيمتي پيتي کي هيرن مان جڙيل بلبل جي پرسان سجائي رکيو ويو.

چوٿون شهزادو وري هڪ تمام تکي هٽڪار ڪندڙ، گجگوڙ ڪندڙ ڦڪي رنگ جي گهوڙي تي سوار ٿي اچي محلات اندر داخل ٿيو هن شهزاديءَ جي شان ۾ هڪ ديو جيڏي دل پيش ڪئي، جيڪا ياقوتن سان جڙيل هئي ۽ جنهن ۾ هڪ تير ٽنبيل هيو، جيڪو ايمرالڊ (سائي رنگ جي تجلا ڏيندڙ قيمتي هيري) مان ٺهيل هيو. ان ديو جيڏي دل کي وري قيمتي هيرن مان جڙيل پيتيءَ جي پرسان سجايو ويو.

هاڻ پنجون شهزادو به پنهنجي سوکڙي ساڻ ڪري اچي پهتو، هو سيني شهزادن کان تمام گهڻو سهڻو، قداور ۽ سگهارو جوان هو. هو هڪ غريب بادشاهه جو پٽ هو، جنهن جو راڄ ڪئن، ماڪڙ، جادوگرن ۽ ڪوتائي ڪندڙ انجنيئرن ناس ڪري ڇڏيو هو ۽ هن وٽ ڪي به ڪين بچيو هو. سو هو هڪ اهڙي گهوڙي تي سوار ٿي آيو هو جنهن جي پٺيءَ تي رکيو وهاڻي جي گدي رکيل هئي، هن شهزادي پاڻ سان گڏ هڪ ٽين جي پيتي آندي هئي، جيڪا پترن سان

ستيل هئي.پنجون شهزادو ۽ سندس تين جي پيتي ڏسي، پين شهزادن کان ٿهڪڙا نڪري ويا، پر شهزاديءَ ان پيتيءَ کي نهايت غور ۽ دلچسپيءَ سان ڏٺو، ۽ ڪائنس خوشيءَ وچان رڙ نڪري وئي، ڇاڪاڻ ته هوءَ سموري عمر قيمتي هيرن ، سون ۽ چانديءَ سان ڪيڏي هئي ، پر هن ڪڏهن به ٽين ۽ ٻيا چمڪندڙ پٿر اکين ڪونه ڏٺا هئا. اهڙي ريت ٽين جي پيتي به ياقوتن سان جڙيل قيمتي پٿرن مان ٺهيل تير تنبيل دل جي پرسان رکائي ويئي.

هاڻي بادشاهه پنهنجي ڌيءَ جي مرضي ڄاڻڻ لاءِ ڪيس چيو "شهزادي" تون پنهنجي پسند پٽاندڙ سوکڙي ڪڻ ۽ ان شهزادي سان شادي رچاءِ ، جنهن تهنجي من پسند سوکڙي آندي آهي، انهيءَ تي شهزادي مرڪي ۽ ميز ڏانهن وڌي ۽ هن کي جيڪا سوکڙي وڌيڪ پسند آئي، سا هٿن ۾ کنيائين . اها سوکڙي هئي سافر ۽ پلاٽينيم سان مڙهيل قيمتي پيتي جيڪا ٽئين نمبر شهزادي پاڻ سان گڏ آندي هئي.

شهزاديءَ چيو " مون کي جيڪا سوکڙي پسند آئي آهي سا آهي هي وڏي ۽ قيمتي هيرن سان جڙيل پيتي ، ۽ جڏهن مان ڪنوار بڻبس ته مان ڪيترن ئي مداحن سان ملندس جيڪي مون کي تمام قيمتي هيرا جواهر سوکڙي ڏيندا ۽ انهن سان هيءَ پيتي ڪنن تائين ڀري ڇڏيندس تنهن ڪري هيءَ پيتي ٻين سيني سوکڙين کان ، جيڪي شهزادن آنديون آهن ، قيمتي آهي ۽ مون کي پسند آهي. شهزاديءَ ساڳئي ڏينهن تي ٽئين نمبر شهزادي سان گهڻن شادمانن سان شادي رچائي. لکن کان به وڌيڪ در شهوار هيرا ، شهزاديءَ ڏانهن اڇلايا ويا ۽ هن کي اهي ئي پسند هئا.

نصيحت:

اهي سيئي شاگرد جن اهو پئي سمجهيو ته شهزادي ٻيون سڀ سوکڙيون ڇڏي ٽين جي پيتي پسند ڪندي ، مهرباني ڪري ڪلاس ختم ٿيڻ کانپوءِ ڪلاس ۾ ئي ترسن ۽ سزا طور بورڊ تي هڪ سؤ ڀيرا هيٺيون جملو لکن " ڊائمنڊ هيرن جي گلبيند بدران ، مون کي جست جي پنڙن ۽ پٿرن سان پويل هار پسند آهي."



٦_ The Travaler-

A Turkish Short Story

By: Necip Fazil Kisakurek
Translated by Col (R) Masqud Akhtar Shaikh.

نيسپ فاضل قصاڪرڪ/ مراد علي مرزا

هن جي گهر ۾ هڪ وڏي سوٽ ڪيس ڪانسواءِ ٻيو ڪي ٻه نه هو. ان ۾ ڪوٽ پتلون جا ٻه جوڙا، ڪي قميصون، ٽوريون گنجيون ٽي جوڙا بوٽن جا ۽ چاليهه يا پنجاهه چونڊ ڪتاب پيل هوندا هئا جن جي باري ۾ هن جو خيال هو ته هن دنيا ۾ رڳو اهي ڪتاب ئي پڙهڻ جهڙا هئا. ان سوٽ ڪيس تي يورپ، ايران، هندستان ۽ ويندي جاپان تائين ملڪن ۾ تمام سيني وڏين ۽ مهانگين هوٽلن جا ليبل لڳل هئا.

هڪ سئيز بينڪ ۾ هن جي نالي تي هڪ خاصي رقم بچت ۾ رکيل هئي. هو پنهنجي ڪيسي ۾ چيڪ بوڪ ۽ اهو هيڏو وڏو سوٽ ڪيس پاڻ سان گڏ ڪنيو هڪڙي شهر کان ٻئي شهر گهمندو رهندو هو. هن جو رڳو اهو مشغلو هو. هن ڌرتيءَ تي ڪو شهر اهڙو هو ئي ڪونه جتي هو ٻه پيرا ويو هجي. جڏهن ڪير هن کان پڇندو هو ته ڪنهن هنڌ ٽون ٻيو پيرو چو نه وئين ته هن جو جواب اهو ئي هوندو هو ته، ڪو به ماڻهو ساڳئي پاڻي ۾ ٻه پيرا وهنجي نه ٿو سگهي، اهو جملو به هن هڪ يوناني جج کان سکيو هو. هاڻي ڪيس بنه مدي خارج ٿيو لڳندو هو.

"اوپرو" لفظ پوءِ اهو ڪٿي دنيا جي ڪهڙي به ٻوليءَ جو هجي، هن کي هڪ خاص ڪشش محسوس ٿيندي هئي. پر ماڻئن دوستن چاڻ سڃاڻ وارن ۽ ٻين اهڙن ئي ماڻهن مان ڪيس اهڙو ڏپ لڳندو هو، جنهن جي وضاحت ڪرڻ سندس وَس ۾ ئي ڪين هئي.

اڻ ڏٺل شهرن ۾ رلڻ ۽ اوپرن ماڻهن سان ميل ملاقات جي ذريعي هن ڪهڙي شئي ڪي حاصل ڪرڻ ٿي گهريو...؟

هندستان ۾ هن جي اهڙي شخص سان ملاقات ٿي، جنهن جي مٿي تي پٽڪو ٻڌل هو ۽ اکين ۾ جادو ڀريل هو. ان شخص پنهنجون ڪاريون ۽ سٽيون

زيتونن جهڙيون ۽ چمڪندڙ اکيون هن ۾ ڪپائي ڇڏيون ۽ چيو:

”ڇا تون ملڪ ملڪ ان ڪري پيو ڦرين ته جيئن اها جاءِ ڳولي لهين جتي موت ڪڏهن به نه پهتو آهي؟“

هي لفظ سيلاني جي دل ۾ پيهي ويا. اَن ئي پل ۾ هن پنهنجو سمورو راز ظاهر ڪري ڇڏيو. هن خوف ۾ ڏڪندي پڇيو:

” توکي ڀلا خبر ڪيئن پئي ته آءٌ هڪ بيمار شخص آهيان ۽ ڪنهن به وقت موت ٿي سگهي ٿو؟.“

” اسين سڀئي بيمار آهيون ۽ ڪنهن به وقت مري سگهون ٿا“.

” پر منهنجي بيماري بابت تون ڇا ٿو ڄاڻين“؟

”ٻيا به ان ساڳئي بيماري جا مريض آهن رڳو گهٽ وڌ جو ٿورو گهڻو فرق هوندو آهي . پر انسان ويچارا ان فرق کي پنهنجيءَ پنهنجيءَ پسند مطابق ڪري سمجهندا آهن. تون زندگيءَ کي ڀلي ڪٿي سالن، مهينن، هفتن، ڏينهن، ڪلاڪن، منٽن يا سيڪنڊن ۾ ماپ ، پر حقيقت ۾ اها انهن ماپن مان فقط هڪ ماپو يعني هڪ اڪيلو سيڪنڊ آهي.“

سيلاني جي همت ئي هارجي وئي.

” ڊاڪٽر مون کي ٻڌايو آهي ته آءٌ ڪينسر جو مريض آهيان، ۽ فقط هڪ سال وڌيڪ جيئرو رهي سگهندس، تنهنڪري مون پنهنجو سمورو حساب ڪتاب صاف ڪري ڇڏيو آهي ۽ ملڪ ملڪ ۾ پيو ڦيريون ڏيان “.

اها ڪا خراب ڳالهه ته ڪانهي، اهو هڪڙو سال ڪٿي سؤ ڀيرا پاڻ ورجائي پر اهو ڪڏهن به ٻه سال نه ٿي سگهندو. ۽ ان جو تنهنجي روح تي جيڪو گهرو اثر ٿئي ٿو ان کي ڪوبه هزار سالن جي سخت ڪوشش ڪرڻ ڪانپوءِ به بدلائي نه ٿو سگهي. پر هڪڙو تون آهين جيڪو پنهنجي ئي گهر ۾ موت جو آرام سان انتظار ڪرڻ جي بدران ان کان ڀڄڻ جي اجائي ڪوشش ۾ لڳو پيو آهين. تو پنهنجا سڀئي رشتا ناتا ٽوڙي ڇڏيا آهن ۽ پنهنجون سموريون دلچسپيون ختم ڪري ڇڏيون آهن، ته جيئن موت تو مان گهڻو حاصل نه ڪري سگهي، تو اهو ڪونه محسوس ڪيو ته اهڙيءَ ريت تو پاڻ هن جي مدد ڪئي آهي ته تو وٽ جيڪي به آهي ان کان هو توکي محروم ڪري ڇڏي.

دنيا جي رشتن ناتن جي درين جا جيڪي طاق سيلاني بند ڪري ڇڏيا هئا، اهي ڪيس اوچتو کليل ڏسڻ ۾ آيا ۽ سندس اندر انهن روشن ڪرڻ سان پرجي ويو جيڪي پتڪو ٻڌل ۽ جادوءَ ڀريل نظرن واري هندستانيءَ شخص وٽان هن تائين

پئي آيا. ان شخص وڌيڪ چيس :

” هندستان ۾ هڪ تاريخ جيتري ڪراڙي شخص به بلڪل ائين پئي ڪيو جيئن تون پيو ڪرين، هن پنهنجي ساري چمار ان جاءِ کي ڳولي لهڻ ۾ وڃائي ڇڏي هئي، جتي موت ڪڏهن به نه آيو هو، جلد ئي هن کي خبر پئي ته هر ڳوٺ ۾ داخل ٿيڻ ۽ وري اتان ٻاهر نڪرڻ واري جاءِ تي قبرستان آهي موت ڪان ڪوبه هنڌ ڪابه جاءِ محفوظ نه هئي. هو شهر شهر ، ڳوٺ ڳوٺ، ۾ وستي وستي رلندو رهيو، نيٺ هڪڙي اهڙي ڳوٺ ۾ پهتو جتي ڪوبه قبرستان ڪونه هو هن پڇا ڪئي ته ان ڳوٺ ۾ ڪڏهن ڪو ماڻهو مري به ويو آهي يا نه؟

” مري وڃڻ ڇا آهي؟ هن کان پڇيو ويو.

هن جي خوشيءَ جو ڪو انت ئي نه هو، ڇڻ ته هن دنيا ۾ هڪ تمام وڏي کوجنا ڪئي هئي، هن وري ڳوناٺن کي چيو:

” مون کي ته هتي ڪوبه ماڻهو پوڙهو نظر نه ٿو اچي، اوهان جا ماڻهو جڏهن پوڙها ٿي ويندا آهن تڏهن هنن کي ڇا ٿيندو آهي؟

ڳوناٺن مرڪي ڏنو ۽ وراڻيو:

” اڙي ها ، هاڻي اسان تنهنجو مطلب سمجهو. پريان جيڪي جبل آهن اهي ڏسين ٿو ؟ انهن جبلن جي پٺيان وقت به وقت اسين هڪڙو آواز ٻڌندا آهيون ، ان آواز ۾ اسان جي ڳوٺ وارن مان ڪنهن به هڪ ڳوناٺي جو نالو ٻڌبو آهي، پوءِ هو ماڻهو ان طرف وڃڻ شروع ڪندو آهي ۽ پوءِ هو هميشه هميشه لاءِ الوپ ٿي ويندو آهي.

۽ بلڪل ان گهڙيءَ ، ان ماڻهوءَ، جيڪو موت ڪان محفوظ هنڌ جي ڳولا ۾ اتي آيو هو ، جبل جي پٺي پاسي ڪان آواز آيو جنهن ۾ سندس نالو وٺي ڪيس سڏيو ويو هو ...... ان ڳوٺ ۾ جنهن کي هن موت ڪان محفوظ سمجهو هو ، مائڙي ڪري پنهنجو ڪنڌ جهڪايو ۽ ڏٺي تعاليٰ جي رضا تي راضي ....

” ها تمام پراڻي ڳالهه آهي“ ، سيلاني چيو.”ان جو مطلب اهو ٿيو ته ظاهري طرح انسان ان قدرت اڳيان بنهه بيوس آهي، جيڪا باطني طرح هن کي پنهنجي چنبي ۾ تمام سوگهو جهليو بيٺي آهي “.

” پر پوءِ ان جو ڪهڙو حل آهي.“

” هن جي رضا تي راضي رهجي“ .

پتڪي واري هندستاني ۽ سندس انهن ٻولن، سيلانيءَ جي دل تي ايڏو ته ڳوڙهو اثر ڪيو جو هن کي وطن جي سخت ڪشش محسوس ٿي ۽ هو هڪدم

پنهنجي ماڳ تي موٽي ويو. وطن پهچي هن پنهنجو سوٽ ڪيس ڇت جي ويجهو هڪ شيلف تي ڪٽي اڇلايو ۽ فلسفي ۽ ادب جي موضوع تي جيڪي چاليهه يا پنجاهه ڪتاب پاڻ سان گڏ ڪنيون پيو گهمندو هو، اهي گند ڪچري جي ڊبي ۾ اڇلائي ڇڏيا. هن رڳو هڪڙو ڪتاب سوال جواب جي ذريعي تعليم حاصل ڪرڻ جي موضوع تي پاڻ وٽ رکيو جنهن کي هن پڙهڻ لائق تي سمجهو ۽ پنهنجي ڪراڙي دائيءَ سميت جيڪا هن جي زندگي ۾ هڪ اڪيلي ويجهي عورت هئي، پنهنجي گهر ۾ رهڻ لڳو.

سرءُ جي منڊ هجي . هڪڙي ڏينهن هو پاڻ کي پنهنجي ڪمري ۾ بند ڪري ويهي رهيو . ٽيهريءَ جو دري جي اڳيان هن سوال جواب جي ذريعي تعليم حاصل ڪرڻ واري ڪتاب مان ڪفن دفن جي موضوع تي مضمون پئي پڙهيو.

ساڳي فضا نراسائي ۽ نااميديءَ سان ڀري پيئي هئي ايتري ۾ هيٺئين طبق مان هن جي دائي جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو:

" ابا تون ٿورو هيٺ ايندين ؟ "

شل خير ٿئي ! هن ڪڏهن به پنهنجي دائي کي ايڏي وڏي آواز ۾ ڪيس سڏ ڪندي ڪونه ٻڌو هو ، دائي کي جڏهن به ڪي چوڻو هوندو هئس ته وٽس اچي چوندي هئي ، ڇا ڳالهه آهي ! هن کي ڏاڍو عجب لڳو.

ساڳيو آواز ٻيهر ٻڌڻ ۾ آيو:

" ابا تون ٿورو هيٺ ايندين؟

اوچتو هن کي ڀڪي واري هنستانيءَ جي آواز جو خيال آيو جيڪو اڻ ڳوٺ جي جبلن جي پڻيان ايندو هو، جتي موت ڪڏهن ويو ئي ڪونه هو . تي سگهي ٿو ته ڪيس سڏيندڙ اهو آواز سندس دائيءَ جو نه پر ڪنهن ٻئي جو هجي جيڪو دائيءَ جو نقل ڪندو هجي ! هو تپ ڏئي اٿيو ۽ دروازو کولي هن رڙ ڪئي :

" ناني، تومون کي سڏيو پئي ڇا؟"

هن جي دائيءَ ٿڪل ۽ ڪمزور آواز ۾ وراڻيو

" نه منهنجا ٻچا، مون ته ڪونه سڏيو".

هو واپس هليو ويو ۽ حيرت ۽ اچرج ۾ ڪليل دريءَ جي ڀرسان ڪرسي تي ڪري پيو.

هيٺان هڪ ڀيرو وري دائي جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو:

" ابا تون ٿورو هيٺ ايندين ؟ "

هن اٿڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي ، ڌوڪيندي پاسي واري ڪمري ۾ ويو

۽ ڏاڪڻ لهڻ لڳو . هوا ۾ جيئن ئي درييءَ جي پردي ڦڙڪڻ شروع ڪيو ته ڏاڪڻ وٽان هڪ رڙ ٻڌڻ ۾ آئي:

”مون کي ڪير پيو سڏي؟“

ان کان پوءِ هڪ ٻوائٽو ڦهڪو ٿيو.

اهو ڦهڪو انساني جسم جو هو جيڪو ڏاڪڻ تان هيٺ ڪرندو پٽ آيو ويو ....

۽ اهو شخص جيڪو ڪينسر جي خوف ۾ وڪوڙيل هوندو هو، دل جي هڪڙي ئي حملي ۾ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو.

خصوصي نوٽ

ڪارل سيگن

آمريڪي خلائي تحقيقاتي مشن جو هڪ اهم رڪن ڪارل سيگن، گذريل ڏينهن ۾ گذاري ويو. سندس شمار هن صديءَ جي نامور سائنسدانن ۾ ٿئي ٿو. هن جي انتقال سان علم طبعيات، ماهر فلڪيات ۽ خلائي پيمائشدان جو روشن ستارو وسامي ويو، جيڪو ساري انسانذات جو نقصان آهي، سائنسي تحقيقات ۾ هن جو دلپسند ۽ دقيق موضوع ڪائناتي جسمن ۾ حياتيءَ جي اهڃاڻن جي کوجنا لڳائڻ هو. ڪارل سيگن کي سَجهاءِ رس Communication جي حيثيت سان ساري دنيا اندر غير معمولي ذريعي پنهنجي تحقيق ۽ افڪار کي عام ڪيو. هن جو شهره آفاق ڪتاب ڪاسماس (ڪائنات) هو. جنهن کي سڀ کان پهرين پاڪستان ۾ متعارف ڪرائڻ ۽ ترجمي ڪرائڻ جو شرف ڊاڪٽر شمس الدين عرسانيءَ کي حاصل آهي، جنهن جا تقريباً پنج مڪمل باتصور باب عبرت ميگزين ۾ شايع ٿيا هئا.

ڪارل سيگن جي انداز بيان ۽ پيشڪش کي ان ڪري ڪمال حاصل هو جو هو دنيائي علم ادب جي هر شاخ تي عبور رکندو هو. لوڪ رس (فوڪ لور) تاريخ ۽ قبل از تاريخ بابت سلسليوار فڪري ۽ تجرباتي مطالعو، مانس پياس Anthropology آثار قديمه، ذهني ۽ سماجي ارتقا ان کان علاوه ديني ڪتابن، توهمات، رسومات ۽ رمزيات جو گهرو مطالعو رکندو هو. وڏي ڳالهه ته هو مادي سائنس جو خود مشاهده ڪار ۽ تجربيڪار هوندو هو، جنهن جي ڪسوٽي ۾ هُو هر انساني فن ۽ هنر کي آسان اسلوب ۾ سمجهائيندو هو، مگر هڪ اهڙي پرڪشش ۽ افسانوي انداز ۾ جو هرهڪ عام مطالعڪار به ان محفوظ ٿيڻ کانسواءِ رهي نه سگهندو ۽ هر ڪو سندس تحرير کي وڏي اشتياق ۽ استحجاب سان پڙهندو هو. المختصر ته هُو اهڙين خوبين جو مالڪ هو، جو هڪ شخص ۾ انهن مڙني جو يڪجاءِ ٿيڻ ڪنهن معجزه کان گهٽ نه هو!

٧ـ ٽپـو

نادائين گاردِيمر / شمس الدين عرساڻي

نادائين گاردِيمر Nadine-gordimer ادب جي نوبل انعام حاصل ڪندڙ اديبہ آهي. ڪيس تخيلي ادب ۾ امدادي Contribute ڪرڻ تي نوبل انعام سان نوازيو ويو هو. نادائين گاردِيمر ڏکڻ آفريقا جي زندگيءَ متعلق مختصر ڪهاڻيون لکيون آهن. هوءَ گهر ۾ ئي ڪهاڻين جا پلاٽ سوچي وٺندي آهي ۽ ٽپو ڪهاڻي سندس انهيءَ اعليٰ قوت جو مثالي روپ آهي. نادائين گاردِيمر ڪارن ۽ گورن بابت لکندي آهي، پر سندس لڳاتار ٽيڪ ڪندڙ اکيون منجهن سومائي رنگ تائي وڃي ٿيون، جنهن ڪي توهان انساني فطرت چٽي سگهون ٿا. هن جو حقيقي موضوع انسان آهي، جيڪو هر عظيم ليکڪ جو موضوع آهي. هن جي چونڊ ڪهاڻين جو تازو مجموعو جمپ Jump آهي جو پينگوئين بڪ طرفان 1990ع ۾ شايع ٿيو. ان ڪتاب جي پهرين ڪهاڻي بہ جمپ آهي، جنهن جو سنڌي زبان ۾ هتي ترجمو ڏنو ويو آهي.

ڪمري ۾ هو پنهنجو پڻ ڪان باخبر آهي. انهيءَ اپارٽمينٽ جي در ۽ ڪاريڊور جي پڇاڙيءَ وٽ پنهي چيزن جي وچ وارو نڪاٽو هوٽل ليفوو سڏجي ٿو. ان جاءِ جي چلڪندڙ موزيڪ واري ڪمري ۾ ڪيس آندو ويو هو. وسيع ورانڊي ۾ هڪ پلاسٽڪ صوفہ ۽ ان سان ميچ ڪندڙ آرام ڪرسيون گهيري ۾ رکيل آهن. منتظر ايليويٽر، سرنگهہ واري رستي ڪان فلور پٺيان فلور هلندو خالي هال مان گذرندو، چمڪندڙ نشان چڙي ڪانفرنس مرڪز ڪان وڏي مٿي شراب خاني وٽ رسندو هو. مرميڊ بار........ پاڻ انهن سيني ڪان آگاهہ آهي. هو هميشه انهن جاين ڪان گذري آخر ۾ نيٺ انهيءَ ساڳي هنڌ اچي پهچندو آهي، جيئن فلم جي هڪبئي پٺيان هلندڙ سين ۾ ڪئميرا پردي جي آرپار گذري ڪنهن واحد شڪل....... هيرو يا بدمعاش ۾ گم ٿي ويندي آهي. هُو پاڻ.

اوندهہ پکڙجڻ بعد رات جو پرده کوليا ويندا هئا. هو پاڻ ضبح جو اٿندو

هو تہ انهن کي بند ڪري ڇڏيندو هو، پر هن وقت تائين اُهي صبح جي تپش ۾ سڙي رهيا هئا. ڏينهن اندر گهڙڻ لاءِ شدت لائي رهيو آهي، پر هن جو پاسو ورايل هو، ڪمري ۾ بس هي ڇڻ تہ ڪنهن جو پاڇو آهي يا اهڙي تصوير جيڪا هوٽل جي خلوت گاهہ ۾ ڪڏهن ڪا ٽنگيل هئي.

ٽيليويزن جي ڪشادي اسڪرين آمهون سامهون ڪرسي پيل هئي، جيڪا ان سليقي سان تڏهن کان وٺي اتي رکيل هئي جڏهن مرضيءَ سان فيصلو ڪري اُتي رکي هوندائون. ڪرسيءَ جي مهانگي فنشنگ سان تہ مقابلو ٽي نہ ٽي سگهيو. ڪمري ۾ ننڍي ڪمائتي ٽيبل ۽ چار ڪرسيون جن جي سيٽن تي سخت پلاسٽڪ جو ڪور چڙهيل هو. پر نشستن وارا نرم بج جا صوفا، فارميڪا جي ٽاپ وارو اسٽول، ڪليل پردن جي گهير ۽ ان جا چيندڙ تڪا رنگدار داغ شمع جي لاٽ جيئان جهلملائي رهيا هئا. اهو سڀ ڪجهہ ان گراهڪ لاءِ ڪمال خوبي هجي جيڪو هوٽل ۾ دم پر جو مهمان ٿي رات گذاريندو آهي ۽ بيئر جو ڍڪ پي ڪڙيءَ هيٺيان سگريٽ وسائي رمندو رهندو آهي. ٽي وي جو آپٽيل چاندي- رنگ شيشو جنهن جي ڌنڌلي عڪس ۾ ڦوڪيل منهن نظر اچي رهيو هو. زرد ۽ پورو گول چهرو!

هن کي سڀ ڪجهہ وسري ويل هو...... هُو ڳلن ۽ ڪاڏيءَ تي هٿ گهمائڻ لڳو پر منهن تان ڏاڙهي گم هئي، آها اصلي ڏاڙهي هئي جيڪا هن شيو ڪري ڇڏي. هن ڪيس پيسا ڏنا هئا تہ ان وقت هو جيڪو لباس پاتل هو، سو پنهنجي بدن کان الڳ ڪري ڇڏي. (مٿي جي وارن جي برعڪس هن جي ڏاڙهي کهري ۽ وڪريل ۽ ڪاري هئي) ٽڪائيندڙ ڪم لاءِ پائڻ ۾ ايندڙ وڏا جوراب، جيڪي بوٽ ۾ سميٽيل هئا. جيڪي هر قدم تحڪماڻو محسوس ڪرائيندا هئا ۽ ان ڪانسواءِ مٿي تي پائڻ لاءِ چمڙي چڙهيل گول طرحدار ٽوپلو....... سيئي شيون لاهي ڪٽي ويا ۽ ڪيس سيني کان آجو ڪري ڇڏيائون. انهيءَ مقام يا حالت ۾ هر ڪنهن کي مٿس يقين آيو هوندو ۽ ڪيس بہ پاڻ تي اعتبار آيو پئي. هن جي زرد چهري ڍار، رنگ ڇڏي ويل ڪاڏيءَ تائين وري آئي هئي، جنهن ڪيس مهاندرو تہ ڏنو ٿئي پر ان منجهان سندس لڪل شخصيت ۽ پيهجي ويل وجود بہ پبلڪ اڳيان ظاهر ٿيو ٿئي! اهو سڀ ڪجهہ بي نور اسڪرين ۾ هو. جڏهن هن ان طرف نهاريو!

هن ڪيس اوچي قسم جو هڪ ڪئسٽ پليئر ميسر ڪري ڏنو هو ۽ ان سان گڏ هڪ ويڪري اسڪرين وارو ٽيليويزن سيٽ پڻ. هو ان کي ايڏي تہ وڏي آواز ۾ وڄائيندو هو، جو سارو ڪمرو گونججي ويندو هو. اهو آواز پنهنجي مخالف عمل سان ڏينهن جو سدباب ثابت ٿيندو هو، جو پردن مان زوريءَ اچڻ جي

ڪندو هو! ڪمري ۾ گونجندڙ موسيقيءَ جو رڪارڊ انهيءَ فلم جو هو جيڪا تمام گهڻو عرصو اڳي هن ڏٺي هئي. آها ته نه ڪيس چڱيءَ طرح ياد هئي ۽ نه وري ان جا سين تصور ۾ آڻي سگهيو ٿئي! آها هڪ آمريڪن سولجر بابت هئي، جنهن کي ويٽنام ۾ ظالمانه ڪارروايون ڪرڻ لاءِ زوريءَ ڏڪيو ويو هو ۽ جنهن جي ردعمل ۾ هو پاڻ وحشي ۽ بي رحم بنجي پيو هو! هُو غور ڏئي ڪونه پيو ٻڌي.......... پر آوازن جو ٽڪراءُ جهنجهنائڻ ۽ ڦهلجڻ، سازن مان نڪرندڙ آوازن جي آويزش..... تمغي ۽ اعزاز جي تقريب مهل بينڊ جون مرحبائي ڌنون! موسيقي ۽ راڳ جو موزون ميلاپ، لرزائيندڙ ۽ ڪپڪپائيندڙ بيجان ساز، هڪ بي آهنگ نغمي کي ٻه هم آهنگ بنائيندا آهن. باجي جي تار جو رقت آميز سُر، جنهن مان ياد ڏياريندڙ ملال پيدا ڪندڙ ڳالهه نڪري. موسيقيءَ ۾ نفرت ۽ بيزاريءَ واريون وچ جون ساهيون....... اهو سڀ ڪجهه چڻ ته هن جي پنهنجي اندر مان نڪري رهيو هو! اهي سُر سندس وجود لوڙهي ويا ۽ ڪيس يادگيريون وڪوڙي ويون ۽ هو ڏنڊلي عڪس سان اکيون ملائي نه سگهيو ۽ پوءِ اُتي جو اتي هن پنهنجي هٿ کي ڏٺو، جيڪو ڏاڙهي، هچيل جسم، گول طرحدار ٽوپي ۽ انهن احڪامن واري هٿ کان بلڪل مختلف لڳو ٿئي، جنهن سان هن صحيحون ڪيون هيون. اهو هڪ تمام نفيس مستند ۽ وارن کان صاف هٿ هو. ايتريقدر جو شفاف سنهڙي چمڙيءَ مان هڏا آرپار نظر پئي آيا. ائين جيئن هڪ وڏي ڪرڙيءَ جي پوت جهڙو ڊانچو اندران نظر ايندو آهي.

آڱرين جا جوڙ ڪمزوريءَ ڪان گلابي ٿي ويل آهن. صاف صاف نرم هٿ. گنل ۽ رڳڙيل........ پر ٧ سان گڏگڏ ڏسٽي ۽ وچين آڱر جي وٿيءَ ۾ هڪ لڏ جهڙو تماڪ جو زردو نشان آهي، جتي سگريٽ سڙي ختم ٿي ويندو آهي. هُو هن تي پرڏيهي ناڻو خرچ ڪرڻ لاءِ تيار هوندا هئا. هو اجا به ڪٿان نه ڪٿان سندس پسند جو درآمد ٿيل برانڊ ميسر ڪري ڏيندا آهن. ڪجهه ٿيلهين ۾ پيل دٻا سندس دسترس ۾ رکيل آهن. هن کي ڪمري ۾ مقرر سروس به موجود ڪري ڏنل آهي، جتان هُو ڊائل ڪري فلور ۾ لڳل ٽيليفون رستي اطلاع موڪلي سگهيو ٿي ۽ گهڻي انتظار کان پوءِ ڪونه ڪو ايندو هو ۽ سندس واسطي ٿڌو بيئر آڻيندو هو. شروعات ۾ ڪيس وسڪيءَ جي آڃ ڪٽي ويندي هئي ۽ پيو به جيڪي ڪجهه هو چاهيندو هو، هو ڪڏهن به مخصوص برانڊ جو عادي نه رهيو هو، پر فقط پنهنجي رعبدار پروفيشن کي نگاهه ۾ رکندي ۽ پاڻ کي هڪ باوقار ۽ مهذب ۽ دستوري ڳالهين جو ميجيندڙ شخص ثابت ڪرڻ خاطر خاص شراب جو

آرڊر ڏيندو هو تہ مٿان ماڻهو سنڌس متعلق غلط راءِ نہ قائم ڪن ۽ ڪيس هڪ خودپسند، آڪڙ باز، هڪ اڪهڙ حياتي گذاريندڙ شخص سمجهي نہ ويهن! وسڪي اچڻ بند ٿي وئي هئي، جڏهن هو بوتل لاءِ آرڊر ڪندو هو تہ جواب ۾ ڪيس ڪجهہ بہ چيو نہ ويندو هو، پر هن ڪي اها موڪلي ڪانہ ويندي هئي. آهو چڻ تہ روزمره جو دنياوي معمول هو چڻ رومزه جي معمولات ۾ ڪو رخنو پيو هجي!

موسيقيءَ جي گونج سواءِ ڪمري ۾ ماٺ جو راڄ آهي. گهر جي باري ۾ ڪابہ صاف ڳالهہ ٿيل نہ هئي. البت وهنوار ۾ گهر شامل هو. ڪيس اهوئي باور ڪرايو ويو هو، جڏهن بہ نوان آبادڪار جائدادون ڇڏي ڀڄي ويندا تہ حڪومت انهن جي ملڪيت ڪي عوام جي حوالي ڪري ڇڏيندي ۽ سنڌن بهترين جاين مان هڪ عمدو گهر هن جي حوالي ڪيو ويندو. هڪ اهڙو گهر جنهن جي اڳيان باغيچو هوندو. ذات پوشيءَ Privacy لاءِ پهريدار هوندو ۽ حفاظت لاءِ (هڙين حالتن ۾) پورو انتظام رکيل هوندو. اسڪول پڙهڻ واري زماني ۾ جڏهن هو پنهنجي گهر ڪان نڪرندو هو تہ رستي تي سنڌس گذر اهڙي گهر وٽان ضرور ٿيندو هو، جيڪو هن لاءِ قابل رشڪ هو. ان وقت هو شاگرد هو ۽ سول ملازم جو پٽ هو ۽ سفيد پوش ماڻهن جي پيٽ ۾ هڪ غريباڻي ڪوارٽر واري جاءِ ۾ رهندو هو! سنڌس قبضي ۾ گهر ۽ ڪار اچڻ وارا هئا، سي يقيناً اعليٰ درجي جا ٿي هوندا، جڏهن ڪيس ٻيهر آباد ڪيو ويندو. هن پنهنجي معلومات جي باري ۾ سوچيو هو ۽ پنهنجي تجربي جي انداز سان ماڻهن سان رابطي جي باري ۾ سوچڻ لڳو، پر اهو سڀ ڪجهہ قبل از وقت هو، پر هن ڪيس ناڪار ڪندي انڪار نہ ڪيو هو!

هن ضرورت جون شيون جيڪي چاهيون ٿي سي سڀ ڪيس انعام ۾ مليو هيون. ٽيليويزن جا ڪارندا اچڻ لڳا، رڳو آمريڪي ٽن پاڻ جا نہ بلڪ بي بي سي، سي بي ايس، ايٽليني ٽو، زيورس، ڊچز، فرنسيهين جا پڻ، پرڏيهي خاطو پنهنجي ٽيپ رڪارڊرن سميت اڏامندا آيا. هن کي مسلح فوجي ڪمانڊر جي معيت ۾ پريس ڪانفرنس ۾ پيش ڪيو ويو. وزير دفاع ۽ ان جا رعبدار ايبڊي ڪنگ بہ ساٿس گڏ هئا. ڪيس عجيب غريب رنگ ڍنگ ۾ اڳ جهڙن ڏڪاريل آبادگارن جهڙي صورت ۾آندو ويو هو. هن کي مخصوص هلڪي پتلون ۾ ملبوس قدم ڪنڌي ڏيکاريو زير ۽ مقرر جاءِ تائين آندو ويو. ڏسندڙن کي ڏسندڙ ... ماس مان ٽڪل حالت جي بخوبي خبر پئجي وئي ٿي. هن جي نرم سفيد ۽ صاف

ڪاڏي ۽ ڳلن وٽان ڏاڙهي غائب هئي، پر مٿي جي وارن جي حجامت صاف سٿري ۽ سليقي سان ٿيل هئي. پيشانيءَ وٽان به پورن رنگدار وارن جو خط ورتل هو، جيڪو ڳچيءَ جي پٺيان به ڪتريل هو........

پنهنجي جهڪيل بدن تي اخبارن ۾ هن هڪ فوٽو ڏٺو، جنهن ۾ هڪ ٻار جي سسي چپيل هئي، ان جي جاڙن ۽ اپريل پرن هيٺيان گول اکين مان خوف ٽپڪي رهيو هو! هن پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائي........ پهرين ڪجهه مهينا هو ور ور ڪري ڪهاڻي ٻڌائيندو رهيو، چڻ ته ڪنهن کيل تماشي جي تڪميل ڪارڻ. هر هڪ سندس ڪهاڻي ٻڌي.......... ۽ هاٿي چوڏاري پيل چئن ڪرسين جي وچ ۾ ميز تي پليٽ سان ڍڪيل اپاريل ٿڌو ٿي ويل ٻيڊو سندس انتظار ڪري رهيو آهي. هڪ گرم پاڻيءَ جي ڪتلي ڪنهن ڪان اٿلي رهي آهي، جنهن جي پرسان ڪافيءَ جو دٻو پيل آهي. ڪو ماڻهو اهي شيون رکي هليو ويو آهي. بلند آواز ۾ ڪمري ۾ ميوزڪ وڄي رهيو آهي، پر سُرن سان موافقو نه ٿي رهيو آهي. موسيقي منجهان آس جي تڪميل نه ٿي رهي آهي. جيئن ئي ٽيپ اختتام تي پهتي ته هن نراسائيءَ مان ٻٽڻ ڪي دٻائي روائينڊ ڪيو ۽ ٽيپ وري چالو ٿي ويو.

هن گهر يا وري ڪار متعلق ڪڏهن به ساڻڻ ذڪر نه ڪيو ۽ معلوم ته هوس ته ڪهڙي موقعي تي هو اهڙي ڳالهه ڪيڏي.......هو ساڻس ملاقات لاءِ به مشڪل سان ڪڏهن ڪو ڪٿي ايندا هئا، پر ممڪن آهي ته اهو رويو ان حالت ۾ فطري هجي. هو مطمئن هئا. ٽيليويزن جي ڪارندن ۽ پريس وارن ڪي ٻڌائڻ لاءِ وڌيڪ ڪجهه به نه بچيو هو ۽ هو پاڻ وڌيڪ ان باري ۾ سوچي به نه ٿي سگهيو، جو ماضيءَ مان ڪوٺي ڪجهه ٻڌائي سگهي ۽ گذريل زندگيءَ بابت وڌيڪ ڪو مواد بيان ڪري سگهي. هِن ڳاديءَ واري شهر ۾ گذريل سندس ننڍپڻ جي زندگيءَ جي ڳالهه ٻڌي آهي. هن ملڪ ۾ جتي هو واپس موٽيو آهي اهو سڀ ڪجهه معلوم ڪري چڪا آهن ته هو پنهنجي والدين جو معمولي ٻار هو، جيڪي هت نوان آيل آبادگار ٿي وسيا هئا. هو سٺي زندگي گهارڻ لاءِ يورپ ڪان هتي آيا. جو ته اتي زندگي متحرڪ ۽ سرگرم هئي ۽ حالت سڌارڻ جا مناسب موقعا ميسر هئا. هت سمنڊ جو خاص حصو خشڪيءَ ۾ گهيريل به آهي ته وري گرم هوائن جو ميوو به هت ٿئي ٿو. هتي سرنگهن کوٽڻ ۽ جهاز رانيءَ تي ڪارا ماڻهو مامور آهن، پر ڪيترن ماڻهن جي پاڳي ۾ آيل ڪچين نوڪرين ڪان گورن جون گهٽ درجي وارين ملازمتون به پڪي ميعاد واريون ۽ وڌيڪ شانَ مان ۽ ڏيڏيي واريون هيون! هن جا والدين سياست ۾ دلچسپي نه رکندا هئا.......

ڪڏهن به نہ. هو ڪارن جي مفاد وارين ڳالهين ۾ به دلچسپي نہ رکندا هئا. هنن ڪڏهن به ڪونہ سوچيو هو تہ ڪارا ماڻهو پنهنجي زندگيءَ ۾ اثر پيدا ڪري سگهن ٿا يا ڪارا ماڻهو ڪڏهن به سندن زندگي يا منهنجي زندگيءَ تي اثرانداز ٿي سگهن ٿا، جڏهن بينڪي جنگ لڳي تہ اُها پري اتر ۾ هئي. فوجي دستا مادر وطن کان ڪهي هت منهن ڏيڻ لاءِ ايندا هئا. ڇوڪرو شايد اڪائونٽنٽ بنجي وڃي ها. هوئڻ به مائٽ واري خوشبختيءَ جي ڏاڪڻ کان اولاد هميشه هڪ ڏاڪو مٿي چڙهندو آهي. هرڪو نسل گذريل نسل کان پاڻ کي وڌيڪ سنواري سگهندو آهي. جهڙيءَ طرح سندس خاندان ترڪ وطن ڪري هتي ديس ۾ سڪونت اختيار ڪئي ۽ ٻهرين کان آسان زندگي گذارڻ لڳو. هو هڪ خوشنما ۽ جرئتمندي واري آزاد گهمندڙ ڦرندڙ هڪ حوصلہ افزا زندگيءَ جو خواب ڪٽي جوان ٿيو هو، جنهن جو ڪارن جي زندگيءَ ۾ ڪٿي به مقام نہ هو. ڪارن جي عملي زندگي انهيءَ جدوجهد کان خالي هئي. نوجوانيءَ ۾ هن پنهنجي هم رتبي وارن ڇوڪرن سان پيرا شوٽ ڪلب ذريعي تعلق ڳنڍيو ۽ هن ٽپو ڏنو....... ۽ سنئون سڌو نوعمريءَ مان جوان مرديءَ جي گذرگاهہ ۾ ڪاهي پيو.

يورپ جو اقتدار کان دستبردار ٿيڻ جو اڃا اعلان ئي ٿيو هو، جو راتو رات ڪاميابيءَ سان انقلاب آندو ويو، جنهن لاءِ ديسي ماڻهن ورهين جا ورهيہ ٻهرآڙين ۾ جنگ وڙهي هئي. مرڪزي چوڪ تان ڪجهہ مجسما ڪيرايا ويا ۽ ڪجهہ دڪان غرضماليءَ جي انتقام ۾ لٽيا ويا. هن جا والدين پنهنجي سلامتي ۽ حفاظت جو اندازو سپ کان اول روزمره ٿيندڙ معمولات مان ڪرڻ لڳا، جيڪي اٽڪل روءِ بنان ڪنهن اٽڪ جيءَ جاري ۽ ساري هيون. هو عام رواجي ڳالهين مان تورتڪ ڪرڻ لڳا. مثلاً گند ڪچرو ساڳيءَ ريت هفتي ۾ ٻہ ڀيرا ڍويو ويندو هو ۽ مارڪيٽ ۾ مڇي به دستياب هئي. يقيناً عام دستوري زندگيءَ کي ڪارن لوڪن بلڪل نہ ڇهيو هو. هن کي نقشہ نويسي سيکارڻ لاءِ عمارت ساز وٽ ڇڏيو ويو، جيڪا ان وقت اڪاؤنٽنٽيءَ کان وڌيڪ عزتدار ليکبي هئي ۽ هن جي هفتيوار موڪل واري ڏينهن جي شوقيہ مشغوليءَ ۾ پيو به واڌارو آيو ۽ هو پاڻ آسمان تان ٽپو ڏيڻ ڪانسواءِ فوٽو گرافي به ڪرڻ لڳو هو. پيو تہ ٺهيو پر هو جانورن پکين جا من لياٺيندڙ شاٽس به وٺندو هو، جنهن جون تصويرون مقامي اخبار ۾ وڪرو ڪري ڪجهہ ٿورا پيسا به ڪمائي وٺندو هو، بعد ۾ اهو لمحو آيو جنهن ۾ يڪايڪ هليل واقعات سڀ ويڙهجي ويا، جيئن ٽي ٽيپ روائينڊ ٿيندي ڪاپي سلينڊر تي ويڙهجي وئي هجي....... ان مان ماضيءَ ۾ جيڪي ڪارگذاريون هن

ڪان ٿيون هيون سي سڀ ظاهر ڏسڻ ۾ آيون ٿي، هر اهو واقعو، جنهن جو ڪيس اقرار ڪرڻو هو ۽ هر ڳالهه جنهن جو پاڻ مٿان الزام ڏرڻو هو، هن کي پنهنجي صفائي لاءِ صحافين جي مجلس سامهون ٿيڻو هو. ان ۾ اي. ڪيو انٽرويوز جي نرتتسار Debrifing واري جاچ فوجي ڪمانڊر ۽ وزير دفاع جي مانيٽرنگ هيٺ روبعمل ٿيڻي هئي. ان لاءِ سندس ضمير ۾ ڪابه تڙپ ڪانه هئي. صرف ايترو هو ته پردي پويان بي نور تي ويڻ ڪان رهجي ويل هڪ بي ست جسم ميوزڪ سان گونجيل ماحول ۾ ٽي وي جي شعاعي اک مان نڪرندڙ روشنيءَ ۾ پاڻ کي ساهي رهيو هو!

هن هڪ سامونڊي پکيءَ جو فوٽو ڪڍيو هو، جنهن جي پس منظر ۾ هڪ قسم جي مناري نما اڏاوت جو عڪس اچي ويو هو. سولجر مٿس مشين گڻ سان گهيرو ڪري وريا. ڪيس گرفتار ڪيائون ۽ پوليس ٿاڻي تي وٺي ويا، هن کي پنجن هفتن تائين هڪ اهڙي گندي ڪوٺي ۾ حراست ۾ رکيو ويو جيڪي بيڪي راڄ اندر ڪارن ماڻهن لاءِ استعمال ٿيندڙيون هيون. هن جي مائٽن کي ٻڌايو ويو هو ته هو "سابق سلطنت شاهي جو جاسوس" آهي....... سندن معصوم ڇوڪري کي فقط ٻن سالن لاءِ اسڪول مان خارج ڪجي ٿو. بلاشڪ اهو سڀ ڪجهه آزاديءَ واري اوائلي ڏينهن جي افراتفري سبباڻ ٿيو هو. (هو پنهنجي سڻ منڊل Audience سان اهڙي وضاحت ڏي) ان ڳالهه جي توقع رکي پئي وئي ۽ هو ٿي اهو آهي جنهن سوچيو هو ته هو فوجي تنصيبات جي ڪنهن به اهم مقام جي تصوير اتاري سگهي ٿو، جيڪا نئين رياست جي دشمن لاءِ اهم هجي، اهو سفيد فام ڇوڪرو!

اها هڪڙي ڳالهه ٻڌائيندي ڪانئس زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو اهو اقرار ٿي ويو، جيڪو ڪجهه هو ڪارن متعلق سوچيندو هو....... ۽ ڪانئن نفرت ڪندو هو. هٿن سندس ڪئميرا پرزا پرزا ڪئي هئي ۽ "ڪاري قيدي" وانگر ڪيس حراست ۾ بند ڪيو هو ۽ هو هٿن ڪان ۽ سندن حڪومت ڪان نفرت ڪندو هو ۽ هٿن جي هر ڳالهه ڪان حقارت ڪندو هو ، پوءِ ڪٿي ان ۾ بچڙائي يا سنائي....... نه ڪيس تڏهن ڪڏهن به اعتبار نه هوندو هو ته هٿن ڪان ڪڏهن ڪو پنهنجي ملڪ لاءِ چڱو فعل به ٿي سگهي ٿو، جتي هو ڄائو هو! هن کي دريافت ڪيو ويو هو يا هن پاڻ کي دريافت ڪيو هو. ان ننيڙي ڳالهه جي ڪيس ڪڏهن به ڄاڻ نه پئي. سندس والدين گورن کي نهايت اثرائتي انداز سان پنهنجي فرزند کي آزاد ڪرائڻ لاءِ آماده ڪري ورتو. هٿن ڪاوڙ مٿائڻ ۽ هن جي جوان مرديءَ جو ازالو ڪرڻ واسطي ڪيس پئراشوٽ ڪلب جهڙو نئون ميدان ڳولي ڏنو. پئرا شوٽ ڪلب

ڪي ڪارن جي حفاظتي فوج بند ڪري ڇڏيو هو) جيڪا گورن جي ڳجهي تنظيم هئي، جنهن چاهيو ٿي ته فرمانبدار ڪارن جي معرفت هڪوار وري گورا شاهي جو راڄ بحال ٿئي! پر اهو سڀ ڪجهه ڪيئن عمل ۾ اَٽڪو هو، اِن جي اجا رٿابندي ڪانه ٿي سگهي هئي. پاڙيسري ملڪن ۾ جيڪي حليف اجا گرم سرد جنگين ۾ ڦاٿل هئا سي اجا تائين مدد لاءِ تيار نه هئا. بين الاقوامي مصلحت باز اجا به تيل جي پهچ ۽ معدنياتي دريافت جا منتظر هئا، جيئن زرڪمائڻ ۽ مادي ذريعا يڪجا ٿي سگهن ۽ ڪا ڳجهي بغاوتي فوج وجود ۾ اچي وڃي. جيڪا اجا تائين ٿي نه سگهي ٿئي، پر ان ڪي تيار ڪرڻو هو. هو خاموشيءَ سان پنهنجي ڊرائينگ روم واري تختي تي ليٽي پيو ۽ رات جو خفيه ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيو، هو پاڻ کي وڏو وطن پرست سمجهڻ لڳو، پنهنجو پاڻ ۾ جوان جذبو محسوس ڪرڻ لڳو، ڇاڪاڻ ته سندس والدين بدشعار وطني هئا، حو ته منجهن وطن سان سچو پيار نه هو ۽ هيءَ ديس جنهن ۾ هُو ڄاڻو هو، سو ڪارن ماڻهن پنهنجي ڪاڻ واپس ورتو هو. هن جي والدين خدا تعاليٰ جو شڪرانو بجا آندو ته هو هڪ سٺي سنگت ۾ سلامت باحفاظت هو. گورا ڪيس چاهيندا هئا پر ان ڪانسواءِ هو خوشحال به هئا ۽ ان ڳالهه کان بخوبي واقف هئا ته هن ڌرتيءَ تي ڪيئن زنده رهجي ۽ جڏهن به ٻاهر نڪرڻ لاءِ موقعو ملي وڃي ته ان واسطي سندن مشورو قابل اعتبار هوندو هو. سندس مائٽن کي جڏهن اهو ٻڌايو ويو ته هنن جي پٽ کي يورپ ۾ ”هم وطنين سان انساني هلت“ بابت علم جي مطالعي لاءِ موڪليو پيو وڃي، تڏهن هو فخر محسوس ڪرڻ لڳا ۽ هو هڪوار سيئي ترڪ وطن ڪري هليا ويا........ ۽ پوءِ هن وطن جي خدمت گذاريءَ جي خيال کان پنهنجي عملي زندگيءَ جو آغاز ڪيو ۽ هو مخالف انقلاب واري تحريڪ ۾ گهڙي ويو!

ٽيليفون فقط عمارت جي اندر استعمال لاءِ مخصوص ڪونه هو ۽ نه وري ڪو فقط خاڪي ڊريس پهريل پوڙهي ڪاري آدميءَ کي سڏائي بيئر گهرائڻ يا وري بيدو گهرائڻ لاءِ هو جيڪو هو هڪجهڙي مٿان چاڙهيل پليٽن ۾ رکي ويندو آهي. هو ڏور مفاصلي تائين به روزانو فون ڪري سگهيو پئي، ان لاءِ ڪيس پيسا ڀرڻا نه پوندا هئا. اها شرط ته اڳئي طئه ٿيل هئي ته هو هرڪا مطلوب شَي ميسر ڪري ڏيندا، تنهن ڪري هو پنهنجي والده کي هر ٽئين ڏينهن يورپي شهر ۾ فون ڪندو هو، جتي سندس والد ۽ والده تڏهن موٽي آيا هئا جڏهن ديس ۾ ساڻن گڏ رهندڙ ماڻهو حالات کان بخوبي واقف ٿيا ۽ ڄاتو ٿي ته سندن وڃڻ ئي مناسب هو. اتي هيٺر سيارو هو، هو فقط ڊائل ڪندو هو. شيشي واري ڪڙڪيءَ پويان قالين تي

ٽيليفون وڄندو هو. هن تي ظاهر ٿيو ته سندس والدين جتي به رهائش پذير آهن اُتي هو سندس غير رواجي زندگي ۽ هن جي معمولات کان اڻ ڄاڻ نه آهن. هنن اها ڳالهه يقيناً تاڙي ورتي هوندي ته هو ڪابه تعليم حاصل ڪري نه رهيو آهي. گهٽ ۾ گهٽ اها ڄاڻ هنن به رکي ٿي ته دستوري تعليم جو ڪوبه ادارو هو اٽينڊ نه ڪري رهيو هو، جتان ڪنهن پروفيشن جي ڊگري حاصل ٿيندي آهي، پر هنن کي اهو يقين ضرور هو ته هو جيڪي ڪجهه ڪري پيو سو چڱو ئي عمل آهي. خصوصاً اهي ماڻهو جيڪي سندس لياقت کان متاثر ٿيا هئا ۽ مٿس آيل هولناڪ وقت ۾ جڏهن ڪارن ڪيس جيل اچلئي ڇڏيو هو ۽ هو پنهنجو سڀ ڪجهه وڃائي چڪو هو........ سول ملازم جي پينشن، انب ۽ سوادي ميوو............ سچ جي روشني، تڏهن انهن لوڪن هڪوار وري هن کي پنهنجو مقام ڏيارڻ لاءِ مدد رسائي هئي. هو اهڙي قسم جي ماڻهن جي معاملات ۾ ئي ملوث هو. هو جنهن بين الاقوامي وهنوار سان پڌل هو سو ظاهر ڪرڻ مشڪل هو. بلڪل رازداريءَ جو معاملو هو. والدين سندس هاج ۾ دست اندازي نه ڪندا هئا. ماءُ پيءُ اهڙو قدم کڻڻ کان گريز ڪندا هئا، جنهن سان اولاد کي هڪوار مليل لوازمن جا موقعا يڪسير کسجي وڃن، جيڪي هو پاڻ به ڪڏهن اولاد کي ڏئي نه سگهيا هجن. هو هميشه ايئرپورٽ ڏانهن ايندي يا ويندي پنهنجي منزل طرف راهرو ڏسبو هو........ فرانس، جرمني ۽ سئيٽزرلينڊ ڪانسواءِ پيون به منزلون جن جي هن ڪڏهن به نشاندهي نه ڪئي هئي. هن کي پولين جو ملڪو عطا ٿيل هو، جيڪو ڳڏجي ڪم ڪرڻ وارن ۾ معاون ثابت ٿيندو هو. پروفيشنل معاملات ۾ سندس اها قطعي فوقيت هوندي هئي. هن کي رڳو هڪ اپارٽمينٽ مليل ڪانه هئي، بلڪ هڪ سڄو سارو مڪان، جيڪو عمدن ڪواٽرن مان هڪ پوشيدو ڪواٽر هو، ان ۾ اسٽڊي روم يا ضروري سامان سان سجايل آفيس هئي. دستاويزات سانَ ڳڏ جديد دؤر ۾ جا ٽيليڪميونيڪيشن جا نوان اوزار به ان ۾ فڪس ٿيل هئا. پرڏيهي مصائب به ٽيسين ترسندا هئا، ڪيس هڪ فل ٽائيم ليڊي خدمتگار به مليل هئي........ ۽ پوءِ هن جي نابالغ منهن تان ڪؤنري ۽ حساس ڪاڏي ڪم ٿي وئي ۽ سيني ڏنو ته ان جي جاءِ تي هڪ تنومند هشاش بشاش مهانڊو چمڪڻ لڳو هو ۽ پوءِ هن ڏاڙهي ڇڏائي جيڪا ڇهري تي ڪاري ۽ پنيي استوار ٿي آئي، جنهن ڪيس هڪ شهزور جو روپ ڏنو. هنن ڪڏهن به ڪيس غيرانداز وارو يا رواجي لباس پاتل نه ڏنو هو. ڳرامشقتي ڪپڙا، بوٽ ۽ طرحدار ٽوپلو. هو انهن سان عام شهري لباس ۾ ملندو هو جيڪي پاڻ کي خفيه رکڻ لاءِ ساڻس پهروپ ۾ ملندا هئا.

پهريون پيرو فلور تان رڳو تڏهن فون استعمال ڪيو هو جڏهن هن کي فون ڪيو هوائين. پنهنجي والده کي. ڪيس ٻڌايو هوائين ته هو زنده آهي ۽ هتي آهي...... ڪٿي؟ اهڙي ڳالهه ڪڏهن سوچي به نه ٿي سگهي........ ته هن ملڪ ۾ هو (سنڌسر ڀٽ) واپس پهچي ويو آهي! سچ........ انب انهيءَ ڏينهن ٽيبل تي فروٽ رکيو ويو هو. جتي هن وقت اپاريل بيدا رکيل آهن). حبس اهڙو اودو ڪري ڇڏيو هو جيئن هر ڪاري کي ڪيو هو. هن جي ماءُ سڏڪا ڀري رنو. ڇو ته هوءَ ۽ سندس پيءُ ائين سمجهي ويٺا هئا ته هو مري ويو آهي هو اڳوات به مهينا ڪنهن کي ٻڌائڻ ڪانسواءِ گهر ڇڏي ويو هو ته هو ڪو اهڙي غير ڪاروباري چڪر تي وڃي رهيو هو جتان ڪيس گهر موٽڻ ئي ڪونه هو! هو گهر ڇڏي ويو. خدمتگار.... فرسٽ ڪلاس هوائي ٽڪيٽون اهم ملاقاتي...... ٽيليڪميونيڪيشن جو ڪمرو. جتان هن ترين اڏائڻ جي رٿابندي ڪئي هئي. رستن اڪيڙڻ ۽ ستل ڳوٺائن جي قتل عام جو منصوبو رٿيو هو جتي هو چاٺو هو!

اهوئي ڏينهن ماڻس سان فون تي ڳالهائڻ جو هو، مگر ڪنهن به اخلاق جي پابندي ڪرڻ هن لاءِ مشڪل ڪان مشڪل ترين بنجي چڪو هو. ڪيس ٻڌائڻ لاءِ باقي ڪجهه به نه رهيو هو ته هيئن ٿيو يا هوئڻ ٿيو. هو ڪيئن روئڻهارڪي لهجي ۾ ٻڌائي ته هو زندهه آهي، جيئن ته ماءُ انتظار ۾ گهٽو پوڳيو هو، تنهن ڪري پڇندي ته ”هن طرح سان تو چو سزا ڏني آهي؟ تو پاڻ کي ڇو اهڙن ڪمن ۾ ملوث ڪيو، جنهن جو نتيجو خراب نڪرڻو هو؟

فون تي هن چيو ”تون هر طرح خوش ته آهين؟“ هن پنهنجي پيءُ جي صحت بابت معلوم ڪيو. ڇا هو هميشه وانگر صحتمند ڏسجي ٿو، جيئن موسم بهار ۾ ڏسبو آهي؟ جبلن تان لڳندڙ هوا اڳيئي سنڌن جي سور جي لهر آڻي ڇڏي آهي.“

”ڇا توهان کي ڪنهن شَي جي ضرورت آهي؟“ هن کي پنهنجي مائٽن کي ڏيڻ لاءِ ناڻو مهيا ڪري ڏنو ويو هو. جيڪي پينشن واري حق کان محروم ٿي چڪا هئا، اهو معاهدي جو حصّو هو).

ان بعد ڪابه ڳالهه ٻولهه نه ٿي، ماڻس اهو ڪونه چيو ته هو اتي هلندڙ گرميءَ جي لهس کان بچيو آهي؟ حالانڪه سج بند ٽيل پردن پويان اُلن ۾ خوب ٻارڻ ڏوڪي ڇڏيو هو. جيتوڻيڪ ماڻس کي بخوبي ڄاڻ هئي ته اونهاري ۾ موسم ڪيئن هوندي آهي. ست سال جيڪر ٻاهر رهي موٽي اچي ته سڃاڻپ ۾ نه اچي سگهي. پاڻ نٽي چاهيائين ته هو گرميءَ جو ذڪر ڪري ڇو ته سندس ماءُ پيءُ وري به سمجهي نه سگهن ها ته اهو سڀ ڪجهه ڄاڻي ڪري ٿيو آهي. هن جي

زندگي چو ايتريقدر ناپاڪ ۽ گمراھ رهي آهي. هن پنهنجي لاءِ عمدو گهر ڪيئن هٿ ڪيو هو؟ ٽيليڪميونيڪيشن سسٽم ۾ بين الاقوامي لاڳاپو ۾ پين سهوليتن ڪي هن نيٽ به ڇو ترڪ ڪيو؟ ماڻس تمام جهيٽي آواز ۾ مختصر طور ٽيليفون تي ڳالهايو....... پر پوءِ هن پاڻ سڀ ڪجهه لکي موڪليو. هن سندس ماءُ وٽان آيل خط دروازي جي اندر ڍڪي ڇڏيا...... مون کي ڇو خدا سزا ڏني آهي؟ تنهنجي والد ۽ مون ڪان آخر ڪهڙا گناهه ٿيا هئا؟ اڳي تو اهو سڀ ڪجهه ڪيو هو. اسين توسان تمام صاف دل هواسون. مگر پيراشوٽ واري بيجا شوق ۾ اسين توڪان خوش نه هواسون. اسان توکي ڪڏهن به انهيءَ ڪم جي اجازت نه ڏني هئي...... ته تون اهو اختيار ڪر ۽ غلط قسم جي ڇوڪرن سان ڇريائپ واري ڊوڙ ۾ شامل ٿي وڃ. اسان تڏهن ئي تازي ورتو هو ته تو غلط آغاز سان زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو آهي. اسان کي تڏهن ئي سمجهڻ کپي ها ته تون اسان جي حياتيءَ ۾ ڏوجهڙو وجهندين، مون کي خبر ناهي ته تو ائين ڇو ڪيو؟ خبر اٿئي ته توکي بلنديءَ تان ٽپو ڏيندي ڏسي آئون ڇا محسوس ڪندي هيس؟ اسان کي ائين موت جو ڊپ ڏياري تون لطف وٺندو هئين، پر تون .خوشفهميءَ ۾ پنهنجو پاڻ مارائي رهيو هئين! ڪاش! اسان کي اها خبر پئجي وڃڻ کپي ها ته ان جو انت ڪٿي هلي دنگ ڪندو؟ تو اهو سڀ ڪجهه ڇو ڪيو؟..... ڇو؟...... ڇو.......؟؟

نرتت سار (Debriefing) جي پهرين هفتي ۽ پريس ڪانفرنسن ۾ ڪيس چوٽو پيو هو. هو وري وري ڪانئس اها تقاضا ڪندا رهيا اهو هن جو حق هو.

تو پنهنجو پاڻ کي تاتارين جهڙي خونريزيءَ ۾ ڪيئن ملوث ڪيو؟

جنهن خونخوار فعل سان اسپتالون سڙي ويون. ڳوٺاڻن جا ڪن وڍيا ويا. ٻي گ ـه مزور پنهنجن جهوپڙين ڏانهن ويندڙ ريلن ۾ سوار ڳوٺاڻن کي ساڙيو ويو. مـسوم ٻارن کي ريپ ڪيو ويو ۽ زالن کي بندوق جي نالي سان پنهنجن مڙسن کي مارڻ ۽ سندن ڪچو گوشت کائڻ تي مجبور ڪيو ويو؟

هو هڻ اڳيان حاضر دماغيءَ سان وينو هو، پر ديوانگيءَ سان متصادم هو. جيئن هو اونداهي ماحول ۾ ٽيليويزن جي ڪشادي اسڪرين آڏو افسردگيءَ ۾ وينل هوندو آهي ۽ رت ڇڏي ويل آڱرين ۽ نيرن تارن مٿان چپرن جي درميان سگريٽ جو ٿلو پيو چمڪندو آهي! ڏڪٽي ٿن جي بدن ۾ ڏڪٽي هئي مگر هو ان کي ڏسي نه پئي سگهيا، پر هر لمحي گناهه جي فهرست ۾ ايندڙ نون اسمن پڌڻ سان جسم ۾ ڏڪٽي وڌندي ٿي رهي، جنهن ماڻ ڪيس معلوم ٿي رهيو هو ته ڇا ڇا ٿي چڪو هو ۽ انهن حادثات مان ڪيئن منهن مقابل ٿي ٻاهر نڪري آيا؟

دهشت آهستي آهستي ايندي آهي. آها هفتا ۽ مهينا وٺندي آهي. ٽپڪي ٽپڪي، اُيري اُيري ڦوڪجي ڦوڪجي، گهمي گهمي، پڪڙي پڪڙي، مضبوطي ۽ تيزيءَ سان آپريشن جي فيڪس ٽيل ڪوڊس مان نڪرندي آهي، هٿيارن جي ڪار نمايان جي تقسيم جو واسطو رازدارانه انهن ملڪن سان ٻڌل هوندو آهي، جيڪي دنيا اڳيان اعلانيه اهڙي سمجهوتي کي نندينداآهن. ”تختو اونڌو ڪرڻ“ جي اطلاع واري ميڪانيات جي پرزن ۾ غلط تصور شامل ٿيل هوندو آهي، جنهن ۾ ڪنهن حڪومت جي بنيادن کي لوڏي ڪيرائڻ ۽ ان جي جاءِ تي صاف سٿري حڪومت قائم ڪرڻ هوندو آهي. هن فيڪس موڪليو. مهم جوئيءَ لاءِ اڏامون ڪيون. گهڻ قومي ڪمپنيون جن تيل ۽ گيس کي هٿيڪي ڪرڻ جو مفاد رکيو ٿي تن ڪان امداد طلب ڪرڻ لاءِ ڪين قائل بنايو ويو ته ڪارا سندن مخالفن سان معاهدا ڪرڻ لاءِ پرجوش هئا. هن پرڏيهي آفيسن کي هم خيال بنائڻ جي پڻ ڪوشش ڪئي ۽ مختلف دائرن ۾ هنن کي اثر رسوخ استعمال ڪرڻ تي آماده ڪري ورتو.

هڪ عاليشان گهر ۾ ڪميونيڪيشن تعينات مٿان هڪ نادر گهڙيال رکجي رکجي نڪرندڙ جنگي خبرن کي هر پل ۾ اڏائي رهيو هو ۽ هزارين ڪلوميٽر پري پٺي ڪنڌ ۾ ڪمين گاهن مان جنرلن جو آواز پهچائي رهيو هو. يورپي مشن تي سفر ڪرڻ لاءِ نڪرندو هو، تڏهن هو پنهنجو پاڻ لڙاڪو بنجي پوندو هو. ڏاڙهي، ڊگها جوراب ۽ گول طرحدار ٽوپلو، جن ماٿهن سان ملندو هو سي ڪيس ائين سمجهندا هئا ته هينئر جو هينئر هو عالمي جنگ ميدان جي ڪاٻي ساڄي طرف ڪان سڌو سنئون هلي آيو آهي. لباس ۽ هلت خودبخود سندس ڪايا پلٽي ڇڏي هئي. ائين ڏسڻ ۾ ايندو هو ته هو قضا الاهيءَ سان فوجي نقل و حرڪت واري ميدان ۾ نازل ٿيو آهي.

”تنهنجو مطلب آهي ته توکي ڪابه خبر ناهي؟“

پر ڪنهن به نه ڳالهايو. اهو ڏکو ڪامياب ٿيو يا يورش ڪامياب نه ٿي؟

هڪڙو ننڍو جهنڊو نقشي تي چوريو ويو. ماٿهو گم ٿيا ۽ سرڪاري فوجن مٿان مڙهيل نقصان درج ڪيا ويا، پر ايا به مخالف رخ ۾ ڪجهه حالات وڃي رهيا هئا. پاڙيسري آفريڪي رياست منجهان تختي التي ڪرڻ لاءِ هوائي رستي سان سامان جي فراهمي ڪامياب وئي. ان سان باغي ٽولا سالن جا سال وڙهي سگهيا ٿي. ڳوٺ ڪان ڳوٺ، پل ڪان پل، پاور اسٽيشنون ۽ جهنگل اهميت وارا رستا، جن کي فتح ڪرڻ لاءِ نقشي ۾ نشان لڳايا ويا. نئين رخ ۾ هلڻ سان بلڪل فتح ٿيٺي هئي.

ڪنهن به نه چيو ته اهو ڪيئن سڀ ڪجهه عمل ۾ اچڻو هو. ڪارن جي حڪومت قتل عام جون رپورٽون پڪيڙي رهي هئي، ڇاڪاڻ جو آها اقتدار وڃائي رهي هئي. بلاشڪ ڪاپي ڊر ۽ آزاد پريس وارا به ان متعلق ڪهاڻيون ڳهڙي رهيا هئا. پر سراغ رسان ڪاتي اتي پنهنجي غيبي امداد سان ساعت ڪي پلٽو ڪارايو ۽ تختي اونڌي ڪرڻ وارين رپورٽن ڪي ڊس انفرميشن قرار ڏئي فائيل ڪري ڇڏيو.

انهيءَ موقعي تي هو هميشه انتظار ڪندا هئا ته پنهنجو بيان جاري رکي. هو محاورن ۾ ڳالهائيندي وچ ۾ ڳيتون ڏيندو رهندو هو ۽ جيستائين ڳالهه ڪندو رهندو هو. هو ڪيس ڳهندو ڏسندا رهندا هئا تڏو بيدو تر ڪونه ونندو هو ۽ باقي ديڳڙيءَ تي ماڪوڙين جو تهه چمي ويندو هو، جيڪي آڳند واري ڪليل ڪمري مان ڇهين منزل تي پهچي رسيپشن واري بند ٿيل خالي ڪمري مان پنهنجو رستو ڳولي ڪاڏي تي چڙهي ويندو يون هيون هن ڪي خبر آهي. ڳهٽي ۾ ڳهٽو.......... وري وري پنهنجي ضمير ڪي ٻڌائي ٿو. هاٿي ڪوبه نٿو اچي جو ڪانئس اچي وڏيڪ پيچا ڳاڇا ڪري. هو ڳهي ٿو ۽ ڪيوليون هري هري سرنديون رهڻ ٿيون.

ٻڌاءِ........... اڳتي ٻڌاءِ.

اهو تيستائين نه ٿيو هو، جيستائين آئون پاڙيسري رياست ۾ نه ويو هوس........ اها گورن جي رياست هئي ۽ تمام توقي يافته پڻ......... ان ساز سامان مهيا ڪيو. هوائي جهاز، ايجنٽن ڳجهي معلومات ڪميونيڪيشن سينٽر ۾ مهيا ڪئي، جيڪو يورپ جي گهر ۾ اسان لاءِ قائم ڪيو ويو هو. اتي انقلاب آڻڻ ۾ ڳجهو گهر تعمير ٿيل هو. اهو اسان جي ماڻهن جو سڪيا جو مرڪز هو. اهو ڳجهو هو ڪنهن ڪي به خبر نه هئي ته اهو اتي راندين واري مرڪز ۾ هو. آئون پڙ اعتماد هوس...... خوش هوس....... ان ڳالهه لاءِ مون ڪي نه رکو يورپ جي چوڌاري وچڻ لاءِ منتخب ڪيو ويو هو پر اسٽيٽ وچڻ لاءِ به مون ڪي چونڊيو ويو هو. جيئن اتي قومي سلامتي ۽ اسپيشل سروس جي ڪمانڊر سان گڏجي پنهنجو پاڻ انتهائي تعاون جي فضا ۽ باهمي اعتماد ڪي مقصد جي راه ۾ ڪم آتي سڳهان ۽ بعد ۾ جنگي حڪمت عملي ۽ جديد هٿيارن جي استعمال بابت اسان جي سڪيا ونندڙن جي حوصلي جو جائزو وٺي رپورٽ تيار ڪري سگهان.

ها؟

ٽيپ پليئر واري لڳل اسپيڪر مان لهرون آتي رهيون هيون، جن مان هڪڙو ئي وڏي آواز جنگي نغمو اچي رهيو هو، جنگ ڪٿو، پيرا اڪيڙي، پير چمايو، غير مستحڪم بنائي استحڪام آڻيو، امن ۽ انصاف جو دور دورو آڻيو.

پريس ڪانفرنس دوران انهيءَ نڪتي تي سندس چمڙيءَ ۾ گرم آلو گهمي ويندو هو ۽ هن جون تاثيل اکيون پنهنجي مٿان پوڻ وقت ايئن محسوس ڪندو هو ڄڻ تہ سارو ماس ڦوڦندڙا ٿيڻ وارو هجي ۽ پوءِ.........؟

ڪمري ۾ ڪوبہ موجود ناهي، هرهڪ لاءِ پردا بند آهن. ڳيت...... مون انهن مرد پناهگيرن کي ڏٺو جن کي بارڊر تان جهلي بکايل آندو ويندو هو. مون ڏٺو تہ هنن سان ڪيئن هلت هلي پئي وئي. هنن کي اسان جي فوجي جٿي سان شامل ٿيڻ يا وري واپس کين بارڊر ڏانهن ڌڪيو ويندو هو جيئن مري وڃن. آئون اهو ڏسي سگهيس پئي تہ هو مري رهيا آهن هنن جا ڳوٺ ساڙيا ويا هئا. هنن جي ڪٽنبن کي موت ڏانهن هڪليو ويو هو. تو هنن جي چهرن ۽ جسم کي چڪاسيو هو تہ هنن سان اصل ۾ ڇا ڪجهہ ٿيو هو؟.......... ڊس انفارميشن........ اسان سا ڳجهي مرڪز ۾ ان بابت ڪابہ ڳالهہ ٿيل نہ هئي. نہ وري اسان جا حليف جيڪي ڊنرون ڏيندا هئا. طعام ۽ شراب هر شَي بهترين قسم جي پيش ڪندا هئا ۽ اسان سان وي آءِ پي جو سلوڪ رکندا هئا........ پر اهڙن معاملن بابت نہ ڳالهائيندا هئا....... برابر مونکي آسپاس سڀ ڪجهہ ڏيکاريو ويو هو. اها ريڊيو اسٽيشن جتان اسان جي تنظيم جو آواز براڊ ڪاسٽ ٿيندو هو. نئين ڪان ان هٿيار اسان کي فراهم ڪيا ويا. بوٽ ۽ يونيفارم سندن ڪارخانن ۾ تيار ٿيندا هئا. منهنجو لباس پڻ اتان ئي آيل هوندو) جهاز رات جو اسان جي ماڻهن کي ڪٺي اڏام ڪندا هئا. هٿياربند ۽ ساز سامان سان گڏ. ان لاءِ تہ اهو ڪجهہ ڪن جنهن لاءِ کين سکيا ڏني وئي هئي. مون کي خبر آهي. هاڻي........ تہ اهو ڇا هو؟

”ها“

يقيناً اها جنگ هئي.... ..

سو ڇا؟

جنگ ڪا سئي ڳالهہ تہ نہ آهي. ٻنهي طرفن کان دهشت هوندي آهي مون ائين سمجهو هو. ڪوشش ڪئي هئم، پر هوائي جهاز راتو رات بارڊر کان موٽي ايندا هئا. خالي نہ. اهي پريل هوندا هئا، جن لاءِ آئون ائين سمجهندو هوس اهي پناهگير بار آهن، جن کي لڙائيءَ جي لپيٽ کان بچايو ويو هوندو. ٻارهن تيرهن سالن جون ڇوڪريون. ڊنل، هنن کي هڪٻئي کان الڳ ڪري رکيو ويندو هو. هو انهن مردن لاءِ آنديون ويندون هيون، جيڪي فوجي سکيا وٺندا هئا. اُهي مرد جيڪي بنان عورتن رهيل هئا، انهن جون گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ ڊنر ڪانپوءِ ڪمانڊر مون کي هڪڙي ڇوڪري آڇي. هُن هڪڙي پنهنجي لاءِ رکي. هُن هِن جا

ڪپڙا لاهي مون کي ڏيکاريو.

ها، بلڪل مون کي خبر آهي انهن ٻار ڇوڪرين سان ڇا ٿيندو هو. ها مون کي خبر هئي تہ اسان جي فوج ڪيئن ڪندي هئي...... ٿي سگهي ٿو تہ همير کان ائين هجي. ها، جيئن توهان چئو ٿا؟ هولناڪ حملو جنهن اسپتالون ساڙي ڇڏيون. ڳوناٿڻ جا ڪن وڍي ڇڏيا. ريپ ڪيائون. مزدورن سان ڀريل ٽرينون اڏائي ڇڏيائون. هن ديس کي تباهہ ڪن حالت ۾ آنڊائون جتي آئون ڇائو هوس. اهو ضمير اُتي ئي موجود آهي، رڳو ٽپندڙ چمڪيلا پردا ان کي ٻاهر ڪيندا آهن، جڏهن پردا واپس ڇڪي هيٺ لاهبا آهن. اهو اتي ئي اوندهہ ۾ موڪرين عمارتن جي جهڳٽن ۾........ ڀڳل ٽٽل.

بوليوارڊس ۽ ڊٺل اسڪايرس جي کنڊرن ۾ موجود هوندو آهي، جن جا نشان جهڪين روشنائين ۾ ظاهر منهنجا آشنا هوندا آهن. ٿئو چئي سگهان تہ آئون انهن جو واقف ناهيان. آئون نٿو چئي سگهان تہ آهي مون کي ڪونہ سڃاڻين. (هو ضمير) اتئي موجود آهي جڏهن سچ درياءَ کان اندر اچڻ تي زور لائي ٿو، تڏهن ان آدمَ لوڪ ۾ موجود آهي، جيڪو ڦقيرن سان گهٽين ۾ زندگي گذاري رهيو آهي ۽ انهن اپارٽمينٽس ۾ ديرو دمايو وينو آهي، جيڪي اسان جي سفيد فامر لوڪن جي استعمال ۾ هيون. اپارٽمينٽس، نہ بجلي، نہ ٽائلس وارين باٿ رومن ۾ پاڻي. درين ۾ شيشا بہ نہ ۽ سمنڊ کي سامهون عمدين بالڪنين ۾ جتي اسين ويهي وندرون ڪندا هئاسون اُتي هو باهہ ٻاري هنڊين ۾ ڪاڏو تيار ڪن ٿا.

۽ اهو قصي جو انجام آهي.

پر اهو وري ٻيو اچي ويچي. دهرائجي، ڪاٻہ ڀڃاڙي نہ اٿس. اها تہ رڳو ٽيپ آهي جيڪا ختم ٿي وڃي ٿي. سچ ٻيچ جيڪي ڪجهہ معلوم آهي سو ڪيئن ٻين کي سمجهائجي ۽ ڪٿان ان جو آغاز ڪجي. فيڪس ۽ سيٽ لائيٽ جي سجهاءَ ڪانسواءِ اهو ممڪن بہ ناهي.

اچو تہ وري يورپ جي اُنهيءَ پَرسَجهاءَ رَس Tele Communication لڳل ڪمري ۾ موٽي هلون، جتي ڪارن جي ايامڪاريءَ دوران نمائندن جي چرپر ۽ موجوديءَ جو سارو رڪارڊ ميسر آهي. هڪ ڏينهن هو انهن وٽ ويو هو. هڪ باغي فوجي جي لباس ۾. چهري تي ڏاڙهي لٽل. اُنهيءَ لاءِ تہ هو جيڪڏهن چاهين تہ ڪيس شوٽ ڪري ڇڏين. ان لاءِ تہ هُو احساس ڪن تہ هُو اصل ۾ ڪير آهي ۽ ڇاجي ڇاڻ رکي ٿو. ڪنهن بدديانتي يا خباثت جي خيال کان نہ. اهو سڀ ڪجهہ تہ اهي هڇاڪاريون جن کان هو باخبر آهي تن کي مليا ميٽ ڪرڻ جي آچ

ڏئي سگهي. باغي فوج بابت مڪمل معلومات، هن جي اڳواڻن، هن جي اندروني تضادن، ان جي مددگارن، سامان جي فراهمي جا ذرائع، عملڪاريءَ جي ڳجهن مرڪزن جو صحيح محل وقوع. هر شي، هر شي جيڪا هن ڪي هٿي. هن جي هٿ وس هئي. بلڪل پيرا شوٽ مان ٽپي ڏيڻ ۽ ٽاور جو فوٽو ڪيڏڻ واري وقت کان هر هڪ ٽينڊڙ واڌارو. هن نوٽ نہ ڪيو. هن ڪيس پهري هيٺ رکيو. انهيءَ لاءِ تہ ٽيليڪميونيڪيشن هيڊ ڪوارٽر جي نادر گهڙيال واري ڪمري ۾ وينل ٽيسٽائين هن کي ڪونہ مارِيندا جيسٽائين هو ڪجهہ ٻڌائي نٿو. هن ساٿس تمام خبرداريءَ وارو برتاءُ ڪيو. هن جي ڪنهن پرانهين اڻ لپ جنس وانگر سنيال ڪرڻ لڳا ۽ ڪيس اپياس لاءِ بند ڪري رکيو ويو. هو ان کان چڱيءَ ريت باخبر هئا تہ اها هن واسطي ڪيترقدر نہ ملهائتي هئي.

نرتتَ سار بہ ڪيرائڻ يا غير مستحڪم بنائڻ لاءِ استعمال ڪبو آهي. انهيءَ اصطلاح ۾ ڪو طريقہ ڪار يا تجربو واضح ٿيل نہ هوندو آهي. ڏينهون ڏينهن بوٽ، مشقت، ٽوپلو، ڏاڙهي، فرسٽ ڪلاس اڏامون، يورپ ۾ مڪان، اعزازي ڊنرون، سراغ رسائيءَ جو مستحڪم، هر ڳالهہ حتيٰ ڪہ زندگيءَ کان بہ الڳ ڪيو ويو.

انهن سيني کان تحت الثريٰ ۾ اوندهي ڪمري ۾ مرده جان جسم ڪرسيءَ تي خاموش پيل هو، جنهن جي اگهاڙي ڳچي لرزان هئي....... هن کي ان حالت ۾ دريافت ڪيو ويو هو ٽيپ جي خاتمي بعد خاموشيءَ ۾ ماڪوڙين جي سَر سَر جو آواز ٻڌجي رهيو هو، جيڪي ڪرڙ پيچري تي چڙهي رهيون هيون. هو ان جو شعور رکندا هئا تہ بنان ڪنهن فائدي جي هن کي هن جي زندگيءَ جو خاتمو نہ گهربو هو. هن باغ سان آراستو گهر بہ هن کي مهيا ڪري نہ ڏنو هو، نہ پيو ڪو حصو هو يا وري ڪار. بلاشڪ هو پاهر وڃي سگهيو ٿي. آهي پويان ڇهہ مهينا هئا، جنهن ۾ مٿس پابنديون لاڳو رهيون. هڪ پيري معلوم ٿي وڃڻ بعد هو هن تي اعتبار ڪري سگهيا ٿي. هو وڌيڪ هن لاءِ سودمند نہ رهيو هو. ڪنهن بہ حالت ۾. هاڻي هن جي ڪابہ اڳيرائي ڪري نہ ٿي سگهيو. هڪ پيري هن سڀ ڪجهہ چئي ڏنو. هن سيني سامهون ظاهر ڪيو ۽ هاڻي هن لاءِ ڪهڙي فائدي جو رهيو آهي؟ هو صحيح آهن. شايد هو وري وٽس نہ اچن.

ڇوڪري بيڊ روم مان نڪتي. هوءَ دير سان سُتي هئي. اتي ڇوڪري آهي. هن هن کي سپلاءِ ڪونہ ڪئي هئي، پر شايد هن ڪئي هئي. هوءَ ان وقت آئي هئي، جڏهن هو حراست هيٺ ڊاڪٽر وٽ ويو هو، هو تمام صبح سان ڇوڪريءَ

کي ڊاڪٽر وٽ ڏيڪارڻ لاءِ واري جو انتظار ڪندو رهيو ۽ جڏهن هوءَ اتان واپس ٻاهر آئي تہ پاڻ ۾ ڳالهائڻ لڳا.

خبر ناهي تہ ڪيتري وقت تائين انهيءَ پرهيز تي هلڻ جي مون کان توقع رکي پئي وڃي؟ هن چيو جيستائين تو وٽ پرڏيهي ناڻو ناهي تون ڇا ٿو خريدي سگهين؟........ سمجهہ ڪونہ تہ هتي گذارو ڪيئن ٿو ڪري سگهجي؟

"ها"............ ها هن پهريون ڀيرو ائين ڏنو هو. هوءَ هتي رهي پئي بشرطيڪ اهو، هن لاءِ ممڪن هجي تہ جيڪي ڪجهہ هن کي گهربل هجي سو ڪيس ميسر ٿي ملي. هن سوال نہ اٿاريا. پرڏيهي ناڻي جي رسائيءَ جو موضوع پيدا ٿيل نہ هو جنهن تي بحث ٿي ها.

ڇوڪري صبح جو سارو پهر بيڊروم ۾ ئي پئي هئي ڇڻ تہ ساڻس گڏ ڪير بہ نہ هو. ڪمري جي جهڪي روشني سندس بي ڪيفيءَ جا لمحا اڃا بہ طويل ڪري ڇڏيا. رات ۽ ڏينهن ۾ ڪوبہ وقفو نہ هو. گلابي پير ۽ ڳرن پين جو فرش تي ٺڪڪو ٿيو ۽ هن نڙيءَ مان زبان جي وسيلي آواز ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي. هن ڊگهو ساهہ کنيو ۽ هوا روڪي ٻاهر ڪڍي. ڇو تہ هن نٿي ڳالهايو.

هن پليٽ جو ڍڪ لاٿو ۽ پنهنجي ڏسٽي آڱر سان ڄمي ويل پيلي ٽڪيءَ کي ڇهيو. مٿاڇرو ڦاٽي پٽڙو ٿي ويو. هن شرٽ سان آڱر اگهي ڇڏي، جيڪو سندس نائيٽ گائون هو. ڪونڊيءَ ۾ پيل ٻوٽي مان سنهي تارڙي توڙي گلاس ۾ وڌي، جتي هيٺر گلاس رکيو آهي اتي هڪ ڏينهن تيبل هوندي هئي، جنهن جي مٿان هوءَ اهو رکندي هئي. اونداهي ڪمري ۾ ٻاقيل پاڻيءَ ۾ ٻوٽو ڪمزور پئجي ويو هو، جنهن جون سنهڙيون پاڙون تري رهيون هيو. گلاس جي ڦاڪن تي ماڪوڙيون هلي رهيون هيون. جيئن ئي هن فرش تي جهڪي ماڪوڙين جو تعاقب ڪيو تہ ڪيس پنهنجي ڇڊي ڪير جهڙي پاڻيٽ ۽ هن جي منيءَ جي هلڪي بوءِ اٿندي محسوس ٿي. جڏهن گذريل رات جو هن سان ڪم پورو ڪيو هو تڏهن اهائي بوءِ ڪيس آئي هئي.

هن چيو تہ "توکي مون سان پيار نہ آهي".

ٻارهن سالن جي ڇوڪريءَ ۽ ڪمانڊر وارو نظارو مٿانس چڙهي ڊوڙڻ لڳو هو.

پوءِ هن اهو ڪجهہ ٻڌو جنهن تي اعتبار ڪري نٿو سگهجي. مرد رنو پئي ۽ پوءِ هوءَ خوف ۽ ڪراهت وچان بستري جي هڪڙي پاسي ڪرونڊڙي ٿي وئي هئي.

اهو ڄاڻندي تہ هو ڳالهائڻ لاءِ تيار ناهي هن ڪمري کي پنهنجي پنيان بي ترتيب ڇڏي ڏنو هو.

”پاڻ سمنڊ ڪناري ڇو نہ هلون؟ اسان کي ترڻ جو مزو وٺڻ کپي. مون کي اُتي هلڻ لاءِ ڏاڍي سڌ آهي. تي هلي جهينگا کائون. اسان هتان بس ۾ وڃي سگهون ٿا. خدمت لاءِ تمام سٺي جاءِ آهي........ تمام سستي پڻ آهي. ترڻ لاءِ توکي ڇاهہ نٿو ٿئي؟ آئون پاڻيءَ ۾ گهڙڻ لاءِ ڏاڍي آتي آهيان. اڄ تہ.......“

هوءَ صبر سان انتظار ڪندي رهي.

هن پنهنجو ڪنڌ لوڏيو........ هلڪي چرپر ٿئي ٿي.

ڪمري ۾ ڪابہ اهڙي شَي نہ هئي جيڪا بهاني طور ڪيس اتي ترسائي، صرف اهو تہ هوءَ پنهنجي مشفقانہ ۽ پيار ڀري هلت جي موت جو ڀيهي انتظار ڪري. ڪجهہ پلڪن بعد هوءَ بيڊ روم ۾ واپس موٽي ۽ ڊريس متائي ٻاهر نڪتي.ائون وڃان پئي ڳالهہ کي پورو ڪندي) ترڻ لاءِ وڃان پئي.

هن ڀيري هن ڪنڌ ڦيرايو ۽ سگريٽ ڪڻڻ لاءِ جهڪيو. هن اڃا تائين بہ در نہ کوليو هو. هوءَ تذبذب ۾ هئي. ڄڻ تہ سوچ ۾ مليل اشاري تي عمل ڪرڻ لاءِ مجبور هئي. ڪيس خبر نہ هئي تہ اڳتي ڇا ٿيڻ وارو آهي. جيڪو ڪيس وارن کان ڇهي ويو!

سگريٽ جا ڪش سندس جسم ۽ ساهہ ۾ جڏهن سرايت ڪري چڪا تڏهن هو اُيو ٿي ٻينو ۽ دريءَ ڏانهن ويو. هن ڪاٺي ۽ ساڄي ڪان پردن کي سرڪايو. اهي اُسڙڪي ويل آهن ۽ رنگ اڏامي ويو اٿن. هاڻي هو رستي کان ظاهر ڏسجي رهيو آهي. شهر جو سڄو ڏيک عيان ٿي پيو آهي. اندريون شهر پوريءَ طور اجڙيل ڏسجي پيو. حياتي گذرڻ لاءِ ان ۾ ڪوبہ اجهو نہ رهيو آهي. پوڙها ماڻهو عذاب ڀريل اپوڳي حياتيءَ ۾ مرڻ لاءِ سڏڪيون ڀري رهيا آهن. ٻارڻ جا ٽولا بدبودار ڍونڍجي اردگرد ڊوڙون ڊڪون پيا پائين. ڪنن ڪُرا (ڪن وڍيل) مرد........ ۽ عورت کي ڪلهي ۾ ڪاٺ جي ڇوڏي جو پٽو چڙهيل آهي جتي ٻانهن لڪيل هوندي آهي........ هنن جو غوغا ۽ هل ڇهين منزل جي ٻلندي تي سڄ جي تپش جي باوجود ڪيس ڇهرائيندو ڇيڙائيندو محسوس ٿي رهيو آهي. هو ٻاهر وڃي نٿو سگهي، ڇاڪاڻ تہ هو سڀ هن جي چوگرد ٻيٺا اهن......... ماڻهو.

ٽپو. ڀيرا شوٽ جڏهن هيٺ رسندي آهي تڏهن ڪڙيون زمين سان لڳي لڪو ڪائينديون آهن. ان وقت ڏرتيءَ تان هوا جو اهڙو قيامت خيز هلڪورو لڳندو محسوس ٿيندو آهي جو سلڪي لباس ۾ بہ دل ٻڏندي محسوس ٿيندي آهي.

هُو اتي ڪڙو ٿئي ٿو ۽ واپس ڪمري ۾ وڃي ٿو.

هاڻي نہ.............. هينئر نہ.

٨ـ زهرباد

مظهر الاسلام/ ممتاز عباسي

آخر ڪيس چتي ڪتي ڪائي وڌو!

هرويرو ايتري اوندهہ بہ ڪونہ تي هئي. رڳو ڏينهن لڙي رهيو هو. تڏهن بہ هرڪا شَي چٽي ۽ صاف نظر اچي رهي هئي. هو ڪتن جي لوڌ ڪي هڪيئي سان وڙهندي چونڪ تي چڙي آيو هو. هاڻ تہ ڪيس گمان ۾ بہ نہ هو تہ ڪو ڪيس ڪتو ڪائي وجهندو.

ڪُتي جي چڪ مان ڪيس ايذاءُ اڌ مئو ڪري وڌو هو. سُور کان سندس روح فنا تي رهيو هو. ڪتن پنيان پچندڙ ماڻهن جا ولر. انهن جون رڙيون ۽ گاريون. ٽرئفڪ جي شور جيان هن جي ڪنن ۾ ايندا/ ويندا رهيا. ان کان پوءِ ڪيس ڪابہ خبر نہ رهي.

ڪيترن ڏينهن کان پو:

...تہ پنهنجن ڪنن ۾ ٻُرندڙ جملن کي هرهر ورجائي چاٽي ويو تہ، ڪيس چتي ڪُتي آخر کاڌو ڪيئن؟!

... ڪتو ــ پونڪيو.....

... اڙي وٺ ـــ هي تو ويئہ ـــ اصل وٺ.

... هان ـــ چتو اٿئي ـــ خبردار....

... ڏنڊو هڻ ـــ هي تو پيچي....

... پري تي ـــ پيچي وچ ـــ چتو ڪتو اٿئي....

... پر هو چِٽِي ڪتي کان بچي نہ سگهيو.

جڏهن هو بلڪل تندرست ٿي ويو تہ، اوچتو هن کي خبر پئي تہ، ڪالهہ جنهن کي جنهن چتي ڪتي کاڌو هو سو اڄ مري ويو... اُن خبر هن جي پيريل زخم تي چهڪ ڏنو ۽ پيهر گهايل ٿي ويو.

اُن کان اڳ هو بلڪل خوش ٿي ويو هو ۽ سندس گهاءُ بہ پيرجي ويو

هوس. سندس گهر وارن ۽ آفيسن جي دوستن ۽ پين متن مائٽن هن کان گهاءَ بابت پڇڻ ڇڏي ڏنو هو ۽ هي پاڻ به اُن متعلق ذڪر خير ڪو ڪندو هو... پر ... اڄ اوچتو هن خبر ڪيس ٻيهر گهايل ڪري وڌو هو. ڪيس جلدي ڊاڪٽر وٽ ڪٽي ويا.

ڊاڪٽر: ”ٺيڪ آ. سندس زخم به پرجي ويو آهي، پر .... پر سندس جسم ۾ ڇتي ڪتي جو زهر ڦهلجي رهيو اهي!“

اسان سڀ حيران ٿي ۽ وياسين ۽ هو پاڻ به پريشان ٿي ويو هو. علاج جاري هوس پر ڊاڪٽر نااميد هو. جڻ سندس ٻارن جون دعائون ڪنهن راڪاس پنهنجي مٺ ۾ بند ڪيون هجن. سندس زال جي حالت مينهن ۾ پڇندڙ ان جهرڪيءَ جهڙي هئي، جنهن جو اجهو جهرندو رهيو هو. هڪ شام جو ڪيس دؤرو پيو، ڪيس ٻيهر اسپتال داخل ڪرايو ويو.

ساعتن کان پوءِ ڪيس هوش آيو ۽ هن سيني سانُ ڳالهايو، ڊاڪٽر سندن وارثن کي ٻڌائي ڇڏيو هو تہ، هُو ايندڙ 48 ڪلاڪن جو مهمان آهي.

هن جي جسم ۾ وڌندڙ زهر کي زندگيءَ جي خواهش جي رس سان بي اثر بنائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر بي سود! ڪيس ائين محسوس پئي ٿيو ڄڻ، ڇتو ڪتو ڇاتيءَ جي رستي هن جي اندر ۾ ٽپي ويو هو. هاڻ سندس زندگيءَ جي باقي بچيل 48 ڪلاڪن جي ساعتن کي ران سمجهي ڇباڙي رهيو هو. هن اهو پڻ ڏٺو تہ موت ايندڙ ويندڙ نرسن جي پنيان ڪيس ڇتائي ڏسي رهيو آهي. هن پنهنجين اداس اکين سان دوستن کي ڏٺو ۽ پوءِ روئنهارڪو ٿي چيو:

”يارو! منهنجي جاءِ تي منهنجي پٽ کي پٽيوالو ڪري ڪٽجو. مون کي ياد ڪجو ۽ مون لاءِ دعا ڪجو.

... دوست حيران ٿي ويا تہ هي ٺيڪ آهي.

... ڊاڪٽر اچا بہ چوندا رهيا تہ ڪن گهڙين جو مهمان آهي. زهر تيزيءَ سان باقي رهيل جسم جي حصن ۾ پکڙجي رهيو آهي ۽ سندس ڪيفيت بدلجڻ واري آهي.

ڊاڪٽر ٻين کي بہ ٻڌايو تہ: هن کان پري رهو، هن جي ٿُڪ کي ڇهڻ سان بہ بيماري ٻئي کي لڳي ويندي.

... ڪيسُ گهر وٺي آيا.

هو گهر جي ٻاتين کي ڪُتي جيان ڀونڪڻ لڳو. وات مان گُف وهڻ لڳس. اصل ڇتو ٿي پيو! سندس زال جي رڙين ۽ ٻڪارن، ٻار موت جي وات ۾ وٺي پيدا ڪندي رهي. ٻاترن ڪيس ڪٽ سان ٻڌي ڇڏيو ۽ سندس مرڻ جو انتظار

ڪرڻ لڳا. جڏهن پيهر هوش ۾ آيو تہ پيهر رڙيون ڪري چوندو رهيو:

شهر وارؤ! گهر پڄي وڃو، ڇتو ڪتو، شهر ۾ ڦري رهيو آهي، لڪي وڃو، ڇڪ پائي نہ وٺي، لڪو...."

سندس زال اٺ چاڻ خوف مان رڙيون ڪندي رهي. ماڻهن ڪيس مشورو ڏنو تہ، ڪيس پاڻي ڏيکاريو، ڪيس تڪليف مان نجات ملندي، پر سندس زال ائين ڪرڻ نہ ڏنو. سندس دانهون ماڻهن جي پيرن ۾ ٻارن جيان چنبڙي پيون.

"اسمر اتوّ الله جو... ڪيس پاڻي نہ ڏيکاريوس... اڙي! پاڻي نہ .... نہ. هي ائين ئي رهي پر جيئرو رهي..."

ڪنهن ٻئي ڪين صلاح ڏني تہ، مرڻ کان اڳ ڪيس ڳوٺ ڪٽائي وڃو.

ٽرڪ آندي ويئي.

سيني گهر جي ياتين ڪيس ڪٽ سان سڪ ٻڌي ٽرڪ ۾ رکيو. هن جي آفيس وارا دوست بہ پهچي ويا، پر گهر وارن انهن کي ٻڌايو تہ حالت نهايت خراب اٿس ۽ ڏسڻ جي قابل نہ آهي! ٽرڪ سندس ڳوٺ ڏي هلڻ لڳو. هو اڪيلو هو، ڪٽ سان ٻڌل، اڳيان هن جا ٻہ ياٹر ۽ سندس زال ويٺل هئي، جيڪا هرهر ڪين چئي رهي هئي تہ: "ڏسي تہ اچوس، ڪتي مري نہ وڃي!؟"

هو تہ جلد جلد ڳوٺ پهچڻ لاءِ آتا هئا. اُن تڙ تڪڙ ۾ ڪيترا پيرا ٽرڪ مٽيءَ ۾ لهي وئي. اُن ئي هڻ هٿان ۾ هڪڙو ڪتو ان جي هينيان اچي ويو.

هن جي زال رڙ ڪري ڪين چيو: "اڙي! هن کي ڏسو تہ سهي، پويان وڃي ڏس اچوس!"

ڪنهن ۾ ايتري بہ دل نہ هئي جو پويان وڃي رڳو ڏسي اچن تہ، ڪٽ سان ٻڌل ماڻهو جيئرو بہ آهي يا نہ؟

ٽرڪ جي رفتار وڌيڪ تيز ٿي ويئي.

ٽرڪ جي اڳئين حصي ۾ زندگي ۽ پوئين حصي ۾ موت پريل هو. انهن ٻنهي جي وچ ۾ دونال بندوق آيي هئي، بلڪل ڇتي ڪتي جي پڇ جيان.

(8) جديد سائنسي فڪر

اسان جي ڪائنات جو تصور

استيفن هاڪنگ/ ضياءُ الدين عرساڻي

[ويجهي عرصي ۾ سائنسي فڪر ۽ انساني علم ۽ فن جي ارتقا بابت ساري دنيا اندر پن ڪتابن جيڪا مقبوليت حاصل ڪئي آهي، سا ڪنهن به علمي ادبي ڪتاب کي نه ملي. سڀ کان اول ڪارل سيگن جي ڪتاب ڪاسماس ۽ هاڻي وري استيفن هاڪنگ جي ڪتاب Brief History of Time کي اها شهرت حصي ۾ آئي آهي. هي ترجمو ان ڪتاب جي پهرين باب Our Picture of Universe تان ڪيو ويو آهي. مصنف ڪئمبرج يونيورسٽيءَ ۾ ميٿميٽڪس جو پروفيسر ۽ مشهور نظرياتي سائنسدان آهي. سنڊي ٽائيمس جي تبصري مطابق هي ڪتاب ٻاراڻي تجسس کي عقلي علم سان ملائي ٿو ۽ اسين هاڪنگ جي تصوراتي ڪائنات منجهه سفر ڪندي، هن جي ذهانت تي حيران ٿيون ٿا. انڊيپينڊنٽ ميگزن استيفن هاڪنگ کي هن دور جو هڪ عظيم ترين نظرياتي طبعياتدان سڏيو آهي.]

هڪ چڱو نالي وارو سائنسدان (ڪجهه چون ٿا ته هو برٽينڊ رسل هو). هڪ ڀيري فلڪيات تي ليڪچر ڏئي رهيو هو. هُن سمجهايو پئي ته ڪيئن ڌرتي سج جي چوڌاري گهمي ٿي ۽ ڪيئن سج وسيع ستارن جي جهڳٽي (جنهن کي اسين ڪهڪشان چئون ٿا) جي مرڪز جي چوڌاري ڦري ٿو. ليڪچر جي آخر ۾ پوئين سيٽ تي ويٺل هڪ اڌڙوٽ عورت اٿي بيٺي ۽ چوڻ لڳي، "جيڪي ڪجهه تو اسان کي ٻڌايو آهي اهو سڀ ڪوڙ آهي. دنيا هڪ هموار ٿالهيءَ وانگر آهي، جيڪا هڪ تمام وڏي واڳونءَ جي پٺيءَ تي بيٺل آهي." سائنسدان جواب ڏيڻ کان اڳ ۾ هڪ معنيٰ خيز مرڪ مرڪيو ۽ چوڻ لڳو، "پوءِ ڀلا واڳون ڇا تي بيٺل آهي؟" "تون تمام هوشيار آهين، نوجوان تمام هوشيار." اها عورت چوڻ لڳي. "دراصل اهو واڳون هڪ ٻئي واڳونءَ جي مٿان بيٺل آهي ۽ ٻيو واڳو ٽئين جي مٿان. اهڙي طرح اهو لاتعداد واقعن جو منارو ٺهي ويجي ٿو."

گهڻا ماڻهو ڪائنات جي اهڙي تصور جنهن ۾ واڳن جي لامحدود مناري جو

ذڪر هجي ڪي احمقاڻہ سمجهندا، پر اسين ڇو ٿا سمجهون تہ اسين بهتر ڄاڻون ٿا؟ اسين ڪائنات متعلق ڇا ڄاڻون ٿا ۽ اها معلومات اسان ڪيئن حاصل ڪئي؟ ڪائنات ڪٿان ڪان آئي ۽ ڪيڏانهن پئي وڃي؟ ڇا ڪائنات ڪي ڪا ابتدا هئي ۽ جي هئي تہ پوءِ ان ڪان پهرين ڇا ٿيو هو؟ وقت جي ماهيت ڇا آهي؟ ڇا ان جي ڪا آخرت آهي؟ طبعيات ۾ ڪجهہ تازين دريافتن، جيڪي ڪي قدر زبردست جديد ٽيڪنالاجين جي ڪري ممڪن ٿي سگهيون آهن، انهن قديم سوالن مان ڪجهہ جا جواب تجويز ڪيا آهن. ڪنهن ڏينهن اهي جواب اسان لاءِ ابتدائي واضح هوندا، جيترو ڌرتيءَ جو سج جي چوڌاري ڦرڻ آهي يا وري شايد ايترا احمقاڻہ هوندا، جيترو واڪن جو منارو صرف وقت (اهو ڪٿي ڪيترو بہ هجي) ان جو فيصلو ڪندو.

340 ق. م ۾ هڪ يوناني فلاسافر ارسطو پنهنجي ڪتاب "ڪائنات متعلق" ۾ اهڙن ٻن مضبوط مشاهدن جو ذڪر ڪيو آهي، جن سان اهو يقين ڪري سگهجي ٿو تہ ڌرتيءَ جي شڪل هڪ سڌي ٿالهيءَ جي بدران گول آهي. پهرين اهو تہ هن محسوس ڪيو تہ چنڊ گرهڻ تڏهن ٿئي ٿو، جڏهن ڌرتي سج ۽ چنڊ جي وچ ۾ اچي ٿي. چنڊ تي ڌرتيءَ جو پاڇو هميشہ گول هوندو آهي، جيڪو صرف ان صورت ۾ ممڪن آهي، جنهن صورت ۾ ڌرتي گول هجي. جيڪڏهن ڌرتي هڪ سڌي ٿالهيءَ وانگر هجي ها تہ پاڇو ڊگهو ۽ ڪنڌائتو هجي ها. گول صرف ان صورت ۾ ٿئي ها، جيڪڏهن سج سڌو سنئون ٿالهيءَ جي مرڪز هيٺ اچي ها، پر هر دفعي ائين ٿي ٿيڻ ممڪن ڪونهي. ٻيون اهو تہ يونانين کي پنهنجين مسافرين مان خبر هئي تہ اتر تارو آسمان ۾ هيٺ ڏسڻ ۾ ايندو آهي، جيڪڏهن ان جو مشاهدو ڏکڻ ڪان ڪيو وڃي، پر اترين علائقن ۾ اهو آسمان ۾ مٿيرو نظر ايندو آهي. (جيئن تہ اتر قطب تي مشاهدي نگار کي اتر تارو بلڪل پنهنجي مٿان نظر ايندو آهي پر جي ساڳيو ئي مشاهدي نگار خطِ استوا تي بيهي نظر ڪري تہ کيس ساڳيو ئي اتر تارو سامهون افق تي نظر ايندو.) مصر ۽ يونان مان نظر ايندڙ اتر تاري جي پوزيشن جي فرق مان ارسطوءَ ويندي. ڌرتيءَ جي گهيري جي ماپ جو بہ اندازو لڳايو جيڪو چار لک اسٽيڊيم هو. اسٽيڊيم جي ڊيگهہ جي اسان کي ڪا پڪي خبر ناهي، پر اها شايد تقريباً ٻہ سؤ وال آهي. جيڪڏهن اهو صحيح آهي تہ پوءِ ارسطوءَ جو اندازو موجوده مڃيل ڌرتيءَ جي گهيري جي ماپ ڪان ٻيڻو ٿي وڃي ٿو. يونانين وٽ ڌرتيءَ جي گول هجڻ بابت ٽئين بہ دعوا هئي. اها اِها هئي تہ اسان کي ڏور افق تي جهاز جا سڙهہ پهرين نظر ايندا آهن، جڏهن تہ ان جو ڍڍر پوءِ نظر ايندو آهي.

. ارسطو سمجهندو هو ته ڌرتي هڪ جاءِ تي ٽڪيل آهي، جڏهن ته سج، چنڊ، گرهه ۽ تارا گول دائرن ۾ ڌرتيءَ جي چوڌاري ڦرن ٿا. سندس ان ڳالهه تي يقين ان ڪري هو، ڇاڪاڻ ته ڪن مذهبي ۽ اعتقادي سببن ڪري هو محسوس ڪندو هو ته ڌرتي ڪائنات جو مرڪز آهي. ٻي صدي عيسويءَ ۾ ٽالمي انهيءَ نظريي جي وڌيڪ تشريح ڪندي، هڪ مڪمل ڪائناتي ڍانچو پيش ڪيو، جنهن ۾ ڌرتي مرڪز ۾ بيٺل هئي ۽ ان جي چوڌاري اٺ گول دائرا هئا. هڪ دائري ۾ چنڊ، هڪ ۾ سج ۽ هڪ ۾ تارا هئا. باقي پنجن دائرن ۾ پنج گرهه هئا. جن ۾ عطارد، زهره، مريخ، مشتري ۽ زحل اچي وڃن ٿا. باقي گرهن جي ان وقت اڃا ڄاڻ نه پئجي سگهي هئي. انهيءَ ڪائناتي ڍانچي مطابق اهي گرهه پنهنجي واضح ڪيل گول دائرن ۾ حرڪت ڪرڻ ڪان علاوه انهن گول دائرن سان ڳنڍيل ننڍڙن گولڙن ۾ پڻ پاڻ مرادو سفر ڪندا هئا. ٽالمي گرهن جي چرپر ۾ اهو وڌاءُ انهيءَ ڪري ڪيو جو مشاهدي ۾ آيل گرهن جا رستا ڪافي پيچيده هئا ۽ مڪمل طرح گول دائرن سان سهمت نه هئا. آخري دائري منجهه سمورا تارا سمايل هئا، حالانڪه اهي تارا مسلسل حرڪت ۾ هئا پر تنهن هوندي به هڪ ٻئي جي لحاظ ڪان هو بلڪل ساڪن هئا، ڇاڪاڻ جو هڪٻئي جي نسبت ۾ هنن جاءِ نه پئي مٽائي. ان آخري دائري جي پنيان ڇا آهي، اهو ڪڏهن به ڪونه سمجهايو ويو پر اهو پڪ سان انسانذات جي مشاهدي آيل ڪائنات جو حصو نه هو.

آفاق منجهه آسماني جسمن جي ٺيڪ مقام جو اندازو لڳائڻ خاطر ٽالميءَ جي ڍانچي هڪ مناسب ۽ سرشتو فراهم ڪيو، پر اهي مقام بلڪل صحيح طريقي سان حاصل ڪرڻ خاطر ٽالميءَ کي اهو فرض ڪرڻو پيو ته چنڊ اهڙو رستو اختيار ڪري ٿو، جيڪو ڪڏهن ڪڏهن ڪيس نسبتاً اڳي ڪان ڌرتيءَ جي ٻيڻو ويجهو آڻي ڇڏي ٿو. اهڙي وقت پهرين ڪان سائيز ۾ ٻيڻو نظر اچي ها. ٽالميءَ به مڃيو هو ته سندس ماڊل ۾ اهو نقص آهي. جيتوڻيڪ ان ماڊل کي ڪا عالمگير حيثيت حاصل نه ٿي سگهي پر تنهن هوندي به عموماً ان ماڊل کي تسليم ڪيو ويو هو. مسيحي چرچ به ٽالميءَ جي ان ڪائناتي ڍانچي کي انجيل ۾ ڄاڻايل ڪائناتي تصور سان سهمت سمجهندي قبول ڪيو، ڇاڪاڻ ته ان ماڊل جي لحاظ ڪان تارن جي آخري دائري ڪان ٻاهر خدا کي بهشت ۽ دوزخ جوڙڻ لاءِ ڪافي جاءِ ملي پئي وئي.

1514ع ۾ پولينڊ جي هڪ پادريءَ نڪولس ڪپرنيڪس ڪائنات جو ڪجهه سولو ڍانچو پيش ڪيو (شروع ۾ نه ڪپرنيڪس اهو ڍانچو بي نامي مشتهر ڪندو رهيو، شايد ڪيس ڊپ هو ته متان مٿس بدعتي هئڻ جو ڪلنڪ نه

هنيو ويجي). سندس نظريو اهو هو تہ سج هڪ جاءِ تي بيٺل آهي، جڏهن تہ ڌرتي ۽ ٻيا گرهہ گول دائرن ۾ ان جي چوڌاري گردش ڪن ٿا. ان نظريي تي ڪا سنجيده نظر پوڻ ۾ تقريباً هڪ صدي گذري وئي، پوءِ ٻن فلڪيات دانن، هڪ جرمن جوهنس ڪيپلر ۽ ٻيو اٽلين گيليلو گيليلي، عوامي سطح تي ان نظريي جي حمايت ڪرڻ شروع ڪئي، جيتوڻيڪ ان ڏانچي ۾ واضح ڪيل گرهن جا مدار مشاهداتي مدارن سان ٺهڪندڙ نہ هئا. 1609ع ۾ ارسطو ۽ ٽالميءَ جي نظريي لاءِ موت جو سامان اچي ويو. جو تہ ان سال گيليليو دوربيني ايجاد ڪري ورتي. جنهن سان هو رات جي وقت آسمان جو مشاهدو ڪرڻ لڳو. جڏهن هن مشتريءَ تي نظر ڪئي تہ کيس خبر پئي تہ مشتري ڪيترن ئي ننڍين سيارن يا چنڊن سان گهيريل آهي، جيڪي ان جي چوڌاري گردش ڪري رهيا آهن. ان مان گيليليو اهو نتيجو ڪڍيو تہ هر شَي جي لاءِ ضروري ناهي تہ اها ارسطو ۽ ٽالميءَ جي فڪر پٽاندر ڌرتيءَ جي چوگرد گردش ڪري. (البت اڃا بہ اهو تسليم ڪرڻ ممڪن هو تہ ڌرتي ڪائنات جي مرڪز ۾ هڪ جاءِ تي بيٺل آهي ۽ مشتريءَ جا چنڊ ان جي چوڌاري ايترن تي پيچيده مدارن ۾ گردش ڪري رهيا آهن، جو مشتريءَ جي چوگرد ڦرندي نظر اچي رهيا آهن، جيتوڻيڪ ڪپرنيڪس جو نظريو ان جي ڀيٽ ۾ تمام سولو ۽ سمجهہ ۾ ايندڙ هو.) جڏهن تہ ساڳئي وقت جوهنس ڪيپلر، ڪپرنيڪس جي نظريي ۾ ترميم ڪندي تجويز ڪيو تہ گرهن جا مدار گول نہ پر بيضوي آهن. آخر ۾ جوهنس ڪيپلر جا تيار ڪيل مدار مشاهداتي مدارن سان ٺهڪي آيا.

جيئن تہ بيضوي مدار، گول مدارن جي لحاظ کان گهٽ پختا آهن، انهيءَ ڪري انهن بيضوي مدارن کي ڪيپلر بي جوڙ ۽ بي ربط محسوس ڪندو هو ۽ پنهنجي ان نظريي کي محدود ۽ نامڪمل سمجهندو هو. ڇاڪاڻ تہ سندس اها دريافت اتفاقي هئي تہ مشاهداتي مدار، بيضوي مدارن سان ٺهڪي اچن ٿا ۽ هو پنهنجي ان دريافت کي پنهنجي ان نظريي سان جوڙي نہ سگهيو، جنهن تحت هو چوندو هو تہ گروهہ مقناطيسي قوتن جي ذريعي سج جي چوڌاري گردش ڪن ٿا. ان پيچيده مسئلي جو حل گهڻو پوءِ سن 1687ع ۾ سر آئزڪ نيوٽن ڳولهي لڌو. هُن ان سلسلي ۾ هڪ ڪتاب بہ ڇپايو، جنهن جو نالو هو "فلاسافيا نيچرالس پرنسپيا ميٿميٽيڪا". اهو ڪتاب شايد هيل تائين ڇپيل مڙني طبعي سائنس جي ڪتابن ۾ اهم ترين ڪتاب آهي. ان ڪتاب ۾ نيوٽن نہ صرف وقت ۽ خلا ۾ جسمن جي چرپر متعلق نظريو ڏنو، بلڪِ جسمن جي حرڪت جو ڇيد ڪرڻ لاءِ گهربل

پيچيده رياضي به دريافت ڪئي. ان ڪان سواءِ نيوٽن ڪائناتي ڪشش ثقل جو قانون به دريافت ڪيو، جنهن مطابق ڪائنات منجهه هرهڪ جسم، هر ٻئي جسم لاءِ ڪشش رکي ٿو. جسمن جي ويجهه ۾ مدائتي هئڻ جي صورت ۾ اها ڪشش جي قوت به وڏي وجي ٿي. اِهائي اها قوت آهي، جنهن سبب شيون پٽ تي ڪِرن ٿيون. (نيوٽن جي باري ۾ اها ڳالهه مشهور ڪيل آهي ته نيوٽن وڻ هيٺ ويٺل هو ته متائنس صوف اچي ڪِريو، جنهن مان هن تاثر وٺندي ڪشش ثقل جو قانون دريافت ڪيو، پر اِها آکاڻي غير مستند لڳي ٿي. چو ته ان باري ۾ نيوٽن صرف ايترو چيو هو ته ڪشش ثقل جو نظريو سندس ذهن ۾ تڏهن آيو، جڏهن هو مستغرق حالت ۾ ويٺل هو ۽ صوف جي ڪرڻ سان چرڪي اٿيو.) نيوٽن پنهنجي ڪشش ثقل جي قانون ذريعي ثابت ڪري ڏيکاريو ته ڪشش ثقل جي قوت چنڊ ڪي ڌرتيءَ جي چوڌاري بيضوي مدار ۾ ڦرڻ تي مجبور ڪري ٿي ۽ ساڳي قوت ڌرتي ۽ ٻين گرهن جي سج جي چوڌاري بيضوي مدارن ۾ گهمڻ جو سبب بنجي ٿي.

انهيءَ ڪشش ثقل جي قانون دريافت ٿيڻ سان ڪپرنيڪس واري ڪائناتي ڍانچي کي نه صرف ٽالميءَ جي ٻڌايل انن آفاقي دائرن کان نجات ملي وئي، بلڪ ان سان گڏوگڏ ان نظريي کان به نجات ملي وئي ته ڪائنات جو ڪو قدرتي چيڙو يا حد مقرر ٿيل آهي. جيئن ته بيٺل تارا پنهنجي جاءِ متائيندي نظر نه ايندا آهن. آسمان ۾ هو صرف ان ڪري گهمندا نظر ايندا آهن، جو ڌرتي پنهنجي محور جي چوڌاري گردش ڪندي آهي. انهيءَ ڪري اهو فرض ڪرڻ فطري عمل هو ته اهي بيٺل تارا اسان جي سج وانگر ٻرندڙ جسم آهن پر اسان کان تمام پري آهن.

نيوٽن اها ڳالهه محسوس ڪئي هئي ته سندس ڪشش ثقل جي نظريي مطابق تارن کي هڪٻئي لاءِ ڪشش هئڻ گهرجي، انهيءَ ڪري انهن جي بي حرڪت رهڻ غير اهم لڳي رهيو آهي. ڇا سيئي تارا ڪنهن هڪ ئي نقطي تي هڪٻئي سان ٽڪرائجي نه ٿي سگهيا؟ پر اهو صرف ان وقت ممڪن ٿي سگهيو ٿي، جيڪڏهن محدود تارا محدود خلا ۾ ورهايل هجن، پر ان جي برعڪس جيڪڏهن لامحدود تارا لامحدود خلا ۾ ورهايل آهن ته پوءِ اهو ناممڪن آهي، ڇو ته ان صورتحال ۾ تارن کي ٽڪرائجڻ لاءِ ڪوبه مرڪزي نقطو ملي نه ٿي سگهيو، اها دعوٰي نيوٽن 1691ع ۾ رچرڊ بينٽلي کي لکيل هڪ خط ۾ ڪئي هئي، جيڪو پڻ ان دور جو هڪ مکيه فلاسافر هو.

اهو دليل اهڙن مغالطن جو مثال آهي، جن سان لامحدوديت جي باري ۾ بحث ڪندي، اسان جو واسطو پوندو. لامحدود ڪائنات منجهه هر نقطي کي اسين

مرڪز ڪوني سگھون ٿا. چاڪاڻ تہ هر نقطي جي هر پاسي کان لامحدود تارا موجود هوندا، پر ان باري ۾ صحيح نقطہ نظر گھڻو پوءِ اپنايو ويو، جنهن مطابق هڪ محدود صورتحال فرض ڪئي وئي، جنهن منجهہ سڀئي تارا هڪ مرڪزي نقطي تي هڪ ٻئي سان ٽڪرائجي سگھيا ٿي. پوءِ اهو فرض ڪيو ويو تہ جيڪڏهن ان محدود ڪائنات ۾ وڌيڪ تارا جمع ڪيا وڃن تہ ڇا ٿيندو؟ نيوٽن جي قانون مطابق اضافي تارا اصلي تارن ۾ سراسري طور ڪوبہ فرق نہ آڻيندا، ڇو تہ اهي جلدي ئي هڪٻئي سان ٽڪرائجي ختم ٿي ويندا. اسان جيترا بہ تارا چاهيون، جمع ڪري سگھون ٿا پر اهي هميشہ هڪٻئي سان ٽڪرائجي هڪٻئي کي پسمر ڪري ڇڏيندا. اسان کي هاڻي ڄاڻ آهي تہ ڪائنات جو اهڙو لامحدود بيٺل ڍانچو ناممڪن آهي، جنهن ۾ موجود جسم هڪٻئي لاءِ هميشہ ڪشش رکندڙ هجن.

ويهين صديءَ کان اڳ واري فڪر جي عمومي لاڙي جو اهو هڪ دلچسپ عڪس آهي، جو ان وقت ڪنهن بہ اهو تجويز نہ ڪيو هو تہ ڪائنات سُسي يا ڦنڊي رهي آهي. عمومي طور تي اهو مڃيل هو تہ يا تہ ڪائنات پنهنجي اڻ بدلجندڙ حالت سان هميشہ کان موجود آهي يا وري ماضيءَ ۾ ڪنهن محدود وقت تي انهيءَ کي تقريباً ساڳي حالت ۾ پيدا ڪيو ويو آهي، جنهن حالت ۾ اڄ اسين ان کي ڏسي رهيا آهيون. اهڙي قسم جي سوچ جو هڪ سبب ابدي سچاين ۾ يقين طرف ماڻهن جو لاڙو هو ۽ ٻيو اهو تہ اهو سوچي ڪين سڪون ملندو هو تہ هُو پلي پوڙها ٿي مري بہ وڃن تہ بہ ڪائنات قائم و دائم ۽ اڻ متجندڙ رهندي.

ويندي اهي ماڻهو جن محسوس ڪيو هو تہ نيوٽن جي ڪشش ثقل جو نظريو ڏيکاري ٿو تہ ڪائنات ساڪن نہ ٿي رهي سگھي، اهو تجويز ڪرڻ جو سوچي نہ سگھيا تہ اها ڦهلجي رهي آهي. بجاءِ ان جي هُنن نظريي کي فعال بنائڻ جي ڪوشش ڪندي، ڪشش ثقل جي قوت کي تمام طويل فاصلن تي ڌڪيندڙ قوت ۾ بدلائي ڇڏيو. ائين ڪرڻ سان گرهن جي چرپر تي بہ ڪو اثر ڪونہ ٿي پيو ۽ تارن جي لامحدود ورهاست بہ توازن ۾ اچي ٿي وئي. ڇو تہ هنن پانيو ٿي تہ ويجهن تارن وچ ۾ موجود ڪشش جي قوت کي پرانهن تارن وچ ۾ موجود دافع قوت متوازن ڪريو ڇڏي. جيتوڻيڪ هاڻي اسين ڄاڻون ٿا تہ اهڙو توازن غير مستحڪم هوندو. جيڪڏهن ڪائنات جي ڪنهن حصي ۾ تارا هڪٻئي جي ٿورو بہ ويجهو ايندا تہ سندن وچ ۾ موجود ڪشش جي قوت، دافع قوت کان وڌيڪ مضبوط ٿي ويندي، جنهنڪري هو متواتر هڪٻئي ڏانهن ڇڪجندا ايندا. ان جي برعڪس جيڪڏهن تارا هڪٻئي کان ٿورو بہ پري ويندا تہ دافع قوت، ڪشش

ثقل تي غالب اچي ويندي، جنهنڪري هو متواتر هڪٻئي کان پري ڌڪجندا ويندا.

لامحدود ساڪن ڪائنات متعلق هڪ ٻيو اعتراض 1823ع ۾ هڪ جرمن فلاسافر هينرچ اولبرس پنهنجي هڪ مضمون ۾ ڪيو. حقيقت ۾ نيوٽن جي ڪيترن ئي همر عصرن پڻ اهو مسئلو کڙو ڪيو هو ۽ اولبرس جو مضمون ڪو پهريون مضمون نه هو، جنهن ۾ ان نظريي خلاف معقول دليل پيش ڪيا ويا هجن. جيتوڻيڪ اهو پهريون مضمون هو جنهن کي گهڻي پذيرائي ملي. مسئلو اهو هو ته لامحدود ساڪن ڪائنات منجهه تقريباً هر سمت ۾ حد نگاهه ڪنهن تاري جي سطح تي ختم ٿيڻ گهرجي. انهيءَ ڪري رات جو به آسمان ايترو ئي روشن هئڻ گهرجي، جيترو ڏينهن جو، پر جيڪڏهن اهو فرض ڪيو وڃي ته ڏورانهن تارن کان ايندڙ روشني، انهيءَ جي رستي ۾ ايندڙ مادو جذب ڪري ٿو وٺي، ته پوءِ خود انهيءَ مادي کي آهستي آهستي گرم ٿي هڪ روشن تاري ۾ تبديل ٿي وڃڻ گهرجي. انهيءَ ڪري رات جو به آسمان روشن هجڻ واري نتيجي کان باز رهڻ جو صرف هڪ ئي رستو اهو ٿي سگهي ٿو جو اسين فرض ڪريون ته تارا هميشه کان پرندڙ ناهن پر ماضيءَ ۾ ڪنهن محدود وقت تي اهي روشن ٿيا آهن. انهيءَ صورت ۾ روشني جذب ڪندڙ مادو اڃا گرم نه ٿيو هوندو يا وري ڏورانهن تارن جي روشني اڃا اسان تائين نه پهتي هوندي، پر اهو فرض ڪرڻ سان وري اهو سوال ايري ٿو ته سڀ کان پهريائين اچانڪ ڪهڙي سبب ڪري تارا روشن ٿي ويا.

البت ڪائنات جي ابتدا تي بحث ان کان گهڻو اڳ شروع ٿي چڪو هو، ڪيترن ئي اڳوڻن ڪائناتي علمن ۽ يهودي/ عيسائي/ اسلامي روايت مطابق ڪائنات هڪ محدود وقت ۽ ماضيءَ جي ويجهڙ ۾ شروع ٿي. ڪائنات متعلق انساني ذهن ۾ اهڙي نظريي جي پيدا ٿيڻ جو هڪ دليل منجهس موجود اهو احساس ٿي سگهي ٿو، جنهن تحت ڪائنات جي وجود کي سمجهائڻ لاءِ "بنيادي جواز" جي هجڻ کي ضروري سمجهيو ويندو هو. (ڪائنات منجهه توهان سدائين ڪنهن هڪ واقعي کي سمجهائڻ لاءِ، ان جو جواز ڪنهن اڳوڻي واقعي ۾ تلاش ڪندا آهيو، پر بذات خود ڪائنات جو وجود ان طريقي سان صرف ان صورت ۾ سمجهائي سگهجي ٿو، جيڪڏهن ان کي ڪا ابتدا هجي.) ان سلسلي ۾ هڪ ٻيو دليل سينٽ آگسٽائين پنهنجي ڪتاب "خدا جي شهر" ۾ ڏنو. هُن ان ڳالهه جي نشاندهي ڪئي ته تهذيب جي ارتقا جاري آهي ۽ اسان کي ياد آهي ته هي ڪم ڪنهن ڪيو هو ۽ اهو طريقو ڪنهن ايجاد ڪيو. تنهنڪري ماڻهو ۽ شايد ڪائنات پڻ ايتري پراڻي نه ٿي ٿي سگهي. جينسز جي ڪتاب مطابق سينٽ

آگسٽائين ڪائنات جي تخليق جي تاريخ 5000 ق. م تسليم ڪئي هئي. (دلچسپ ڳالهه اها آهي ته اها تاريخ گذريل برفاني دور جي پڇاڙيءَ تقريبا 10000 ق.م کان گهٽ پري ناهي، آثار قديمه جي ماهرن جو چوڻ آهي ته تهذيب جو آغار به حقيقت ۾ تڏهن کان ٿيو).

ان جي برعڪس ارسطو ۽ ٻين يوناني فلاسفر تخليق واري نظريي کي پسند نه ڪندا هئا، ڇاڪاڻ جو ان نظريي ۾ خدا جي تمام گهڻي دخل اندازي ٿي پئي وئي. تنهنڪري سندن يقين ان ڳالهه ۾ هو ته انسان ۽ ڪائنات جو وجود هميشه کان آهي ۽ هميشه رهندو. مٿي بيان ڪيل ارتقا جي دليل کي ته هو تسليم ڪندا هئا پر ان جي جواب ۾ هنن چيو ته ٻوڏن ۽ ٻين تباهه ڪارين ٻيهر ساڻ انسان کي واپس تهذيب جي ابتدائي مرحلي ۾ آڻي بيهاريو آهي.

ڇا ڪائنات کي وقت ۾ ڪا ابتدا آهي ۽ ڇا هوءَ خلا ۾ محدود آهي؟ انهن سوالن تي تفصيلي بحث فلاسفر امانيول ڪانٽ پنهنجي يادگار ۽ مخفي ڪتاب "بنيادي منطق تي تنقيد" ۾ ڪيو، جيڪو اڳتي هلي 1781ع ۾ ڇپيو. هن انهن سوالن کي بنيادي منطق جي متضاد سڏيو. ڇاڪاڻ جو هن محسوس ڪيو ته ٻنهي نظرين، يعني ته معتقدانه (ڪائنات جو آغاز ٿيو هو) ۽ منڪرانه (ڪائنات هميشه کان موجود آهي) کي مڃڻ لاءِ برابر معقول دليل موجود آهن. معتقدانه نظريي لاءِ سندس دليل اهو هو ته جيڪڏهن ڪائنات کي ڪوبه آغاز ڪونه هو ته پوءِ ڪنهن به واقعي کان پهرين وقت جو لامحدود دورانيو هوندو، جيڪا ڳالهه هن خلاف عقل سمجهي، منڪرانه نظريي لاءِ سندس دليل اهو هو ته جيڪڏهن ڪائنات کي ڪا ابتدا هئي، ته پوءِ ان ابتدا کان اڳ به وقت جو لامحدود دورانيو هوندو، ته پوءِ ڪائنات جي ابتدا ڪنهن مخصوص وقت تي ئي ڇو ٿيڻ گهرجي؟ حقيقت ۾ جي ڏٺو وڃي ته ٻنهي مخالف نظرين لاءِ هن ساڳيو ئي دليل ڏنو آهي. اهي ٻئي دليل سندس اِن اڻ ٻڌايل مفروضي تي ٻڌل آهن، ته وقت ماضيءَ ۾ هميشه کان موجود آهي، پوءِ ڀلي ڪائنات هميشه کان موجود هجي يا نه. جيئن ته اڳيان هلي اسين ڏسنداسين ته ڪائنات جي ابتدا کان پهرين وقت جو تصور ڪابه معنيٰ نه ٿو رکي، ان ڳالهه جي نشاندهي سڀ کان پهرين سينٽ آگسٽائين ڪئي. هُن کان پڇيو ويو ته، "ڪائنات کي تخليق ڪرڻ کان اڳ خدا ڇا ڪندو هو؟" ان جو جواب هُن اهو ته ڪونه ڏنو ته، "هو اهڙن سوالن پڇندڙن لاءِ دوزخ جوڙي رهيو هو." پر ان جي بدران هن چيو ته، "وقت ڪائنات جي جائداد آهي ۽ ڪائنات جي آغاز کان اڳ ان جو ڪوبه وجود نه هو."

جڏهن گهڻا ماڻهو ساڪن ۽ اڻ بدلجندڙ ڪائنات ۾ لازمي طور يقين رکندا هئا، تڏهن ڪائنات جي آغاز جو سوال حقيقت مابعد الطبعيات يا دينيات سان لاڳو هوندو هو. ان وقت تائين ڪيل ڪائنات جي مشاهدي جي بنياد تي هرڪو ماڻهو ٻنهي نظرين جي حمايت ۾ هڪجيترا دليل ڏئي سگهيو ٿي. هو ائين سوچڻ ۾ به صحيح هو ته ڪائنات هميشه کان موجود آهي ۽ ائين سمجهڻ ۾ به غلط نه هو ته ڪائنات کي ڪنهن محدود وقت ۾ اهڙي نموني پيدا ڪيو ويو آهي جو سندس ماضي دائمي نظر اچي رهيو آهي پر 1929ع ۾ ايڊون هبل هڪ اهڙو مشاهدو ڪيو، جنهن ڪائنات متعلق انساني سوچ جو سڄو وايومنڊل بدلائي ڇڏيو. هُن ڇيو اوهان جيڏانهن به نظر ڪريو ڏورانهيون ڪهڪشائون تيزيءَ سان اسان کان پري ويجي رهيون آهن. انهيءَ جو مقصد اهو ٿيو ته ماضيءَ ۾ جسم هڪٻئي جي بلڪل قريب هئا. حقيقت ۾ اهو ڏسڻ ۾ ٿو اچي ته ڪو اهڙو وقت به هو تقريباً ڏهه يا ويهه ارب سال اڳ اهي سڀ جسم بلڪل ساڳي جاءِ تي موجود هئا، تنهنڪري ڪائنات جي گهاٽائي لامحدود هئي. اها دريافت آخرڪار ڪائنات جي ابتدا واري سوال کي سائنس جي دائري ڪار ۾ ڪڍي آئي.

هبل جي مشاهدن تجويز ڪيو ته ڪو اهڙو به وقت هو جڏهن ڪائنات لاانتها ننڍي ۽ بي انتها گهاٽي هئي ۽ عظيم ڌماڪو ٿيڻ جو انتظار ڪري رهي هئي. اهڙين حالت هيٺ سائنس جو ڪوبه قانون قابلِ عمل نه ٿو رهي سگهي، تنهنڪري مستقبل جي اڳڪٿي ڪرڻ جو علم بيڪار ٿيو وڃي. جيڪڏهن ان وقت کان اڳ به ڪي واقعا ٿيا هئا ته پوءِ اهي موجوده وقت جي واقعي تي اثر انداز نه ٿا ٿي سگهن. انهن جو وجود نظر انداز ڪري سگهجي ٿو، ڇو ته سندن ڪوبه مشاهداتي منطق ناهي. ماڻهو ائين چئي سگهي ٿو ته وقت جي شروعات عظيم ڌماڪي کان ٿي ٿي، انهيءَ لحاظ کان ته اڳوڻن دؤرن جي وضاحت قطعي طور تي نه ٿي ڪري سگهجي. مان ان ڳالهه تي زور ڀريان ٿو ته وقت جي اِها شروعاتي اڳي تصور ڪيل وقت جي ابتدا کان بلڪل مختلف آهي. اڻ بدلجندڙ ڪائنات منجهه وقت هڪڙي اهڙي وٿ آهي، جنهن لاءِ ضروري آهي، ته ان کي ڪائنات کان ٻاهر وينل ڪنهن ذات طرفان مڙهيو وڃي، ڇاڪاڻ ته اهڙي ڪائنات منجهه وقت جي شروعات لاءِ ڪابه طبعي گهرج موجود ناهي. اهڙي صورت ۾ ڪوبه ماڻهو سچ پچ ائين چئي سگهي ٿو ته خدا ڪائنات کي ماضيءَ جي ڪنهن به دور ۾ تخليق ڪيو آهي. جڏهن ته ٻئي پاسي جيڪڏهن ڪائنات ڦهلجي رهي آهي ته پوءِ وقت جي شروعات لاءِ طبعي اسباب ٿي سگهن ٿا. ڪو ماڻهو اڃا به اهو تصور ڪري سگهي

ٿو ته خدا ڪائنات کي غلط ڏماڪي جي يا وري ان کان پوءِ اهڙي نموني تخليق ڪيو جو ائين لڳي جڻ ماضيءَ ۾ عظيم ڏماڪو ٿيو هجي، پر اهو فرض ڪرڻ بلڪل بي مقصد ٿيو وڃي ته ڪائنات کي عظيم ڏماڪي کان اڳ پيدا ڪيو ويو هو. ڀلجندڙ ڪائنات خدا کي خارج البحث ته نه ٿي ڪري پر ان سوال جي جواب لاءِ ضرور وقت جون حدون مقرر ڪري ٿي ته خدا ڪائنات ڪڏهن پيدا ڪئي؟

ڪائنات جي ساخت ۽ ان جي ابتدا يا انتها متعلق بحث ڪرڻ کان اڳ اوهان کي واضح طور تي ڄاڻ هجي ته سائنسي نظريو ڇا آهي؟ سائنسي نظريي کي آسان طريقي سان ائين سمجهائي سگهجي ٿو ته اهو ڪائنات جو هڪ اهڙو ڍانچو يا وري ان جو هڪ حصو آهي، جنهن منجهه موجود مختلف مقدارن وچ ۾ مختلف قانون ذريعي اهڙي نسبت پيدا ڪئي وڃي ٿي، جو اها اسان جي مشاهدن سان ٺهڪي اچي ٿي. انهيءَ نقطهِ نگاهه کان ڏٺو وڃي ته سائنسي نظريو ڪائنات کي سمجهڻ لاءِ انسان جو ايجاد ڪيل هڪ رستو آهي، جنهن جو وجود حقيقتاً اسان جي ذهن کان ٻاهر هرگز ڪونهي. اهو سائنسي نظريو سٺو نظريو آهي، جيڪو ٻه گهرجون پوريون ڪري ٿو. (1) صرف ڪجهه خودمختيار عنصرن تي ٻڌل ڍانچي جي بنياد تي، مشاهدن جي وسيع ترتيب جي صحتمند سمجهاڻي ڏئي سگهي. (2) مستقبل جي مشاهدن جي نتيجن بابت واضح اڳڪٿيون ڪري سگهي. مثال طور ارسطوءَ جو اهو نظريو ته هر شَي مٽي، هوا، پاڻي ۽ باهه مان ٺهيل آهي، آسانيءَ سان معياري قرار ڏئي سگهجي ٿو پر ان نظريي کي ٻه واضح اڳڪٿيون ڪونه ڪيون، جڏهن ته ٻئي پاسي نيوٽن جي ڪشش ثقل جو نظريو تمام آسان ڍانچي تي ٻڌل هو، جنهن منجهه جسمن هڪ ٻئي لاءِ ڪشش رکي ٿي ۽ اها ڪشش جي قوت سڌي نسبت رکندڙ هئي، سندن مايي جي مقدار سان ۽ ابتي نسبت رکندڙ هئي، سندن وچ ۾ موجود مفاصلي جي چور سان اهو نظريو سج، چنڊ ۽ گرهن جي چرپر جون انتهائي درجي تائين درست اڳڪٿيون ڪري ٿو.

ڪوبه طبعي نظريو سدائين عارضي هوندو آهي، ان لحاظ کان جو اهو صرف هڪ اهڙو مفروضو هوندو آهي، جنهن کي ڪڏهن به ثابت نه ٿو ڪري سگهجي. تجربن جا نتيجا ڀلي ڪيترا دفعا به ڪنهن نظريي سان ٺهڪي اچن پر توهان کي ڪڏهن به اها پڪ نه ٿي ٿي سگهي، ته آئينده به تجربن مان مختلف نتيجا سامهون نه ايندا. جڏهن ته ٻئي پاسي توهان ڪنهن نظريي کي صرف ڪنهن اهڙي واحد مشاهدي جي بنياد تي غلط قرار ڏئي سگهو ٿا، جيڪو ان جي اڳڪٿين سان سهمت نه ٿيندو هجي، جيئن سائنسي جي فلاسافر ڪارل پوپر ان ڳالهه تي زور ڀريو آهي

تہ، سنو نظريو ان حقيقت تي مدار رکي ٿو تہ اهو ڪيتريون اهڙيون اڳڪٿيون ڪري ٿو، جيڪي بنيادي طور تي مشاهدو غلط ۽ ڪوڙيون قرار ڏئي سگهي. ڀيري ساڻ نون تجربن جو اڳڪٿين سان سهمت هئڻ ڪري نظريو زنده رهي ٿو ۽ مٿس اسان جو اعتماد وڌي ٿو، پر جيڪڏهن ڪوبہ نئون مشاهدو مختلف نتيجو ڪڍي ٿو تہ پوءِ اسان کي يا تہ نظريو قبول نٿو پوي يا وري ان ۾ ترميم ڪرڻي پوي ٿي. گهٽ ۾ گهٽ اهوئي ڪجهہ آهي جيڪو اسان جي نظرين سان ٿي سگهي ٿو، پر توهان هميشہ مشاهدي نگار جي اهليت جو سوال ضرور اٿاريندا؟

حقيقت ۾ ٿئي ڇا ٿو جو نئون نظريو، اصل ۾ اڳوڻي نظريي ۾ اضافو هوندو آهي، مثال طور عطارد گرهہ جي انتهائي درستيءَ سان ورتل مشاهدن مان ان جي چرپر ۽ نيوٽن جي ڪشش ثقل جي نظرئيي جي اڳڪٿين ۾ ٿورڙو فرق نظر آيو. آئن اسٽائن جي عمومي اضافتي نظريي، نيوٽن جي نظريي کان ڪجهہ مختلف چرپر جي اڳڪٿي ڪئي هئي. حقيقت ۾ آئن اسٽائن جون اڳڪٿيون مشاهدي سان ٺهڪي آيون، جڏهن تہ نيوٽن جون نہ ٺهڪي سگهيون. انهيءَ مشاهدي نئين نظريي جي فيصلاڪن، تصديق ڪري ڇڏي. جيتوڻيڪ اسين مڙني عملي مقصدن لاءِ نيوٽن جو نظريو استعمال ڪندا آهيون، ڇاڪاڻ جو نيوٽن ۽ آئن اسٽائن جي اڳڪٿين ۾ فرق اهڙي صورتحال ۾ تمام ٿورو هوندو آهي، جنهن سان عموماً اسان جو واسطو رهي ٿو. (نيوٽن جي نظريي مان اسان کي اهو بہ فائدو آهي جو اهو آئن اسٽائن جي نظريي کان عملاً ڪم ڪرڻ ۾ تمام سولو آهي).

سائنس جو مکيہ مقصد اهڙو واحد نظريو فراهم ڪرڻ آهي، جيڪو سڄي ڪائنات جي تشريح ڪري، جيتوڻيڪ گهڻا سائنسدان انهيءَ مسئلي کي ٻن حصن ۾ تقسيم ڪن ٿا. پهرين حصي ۾ اسان کي اهڙا قانون ملن ٿا، جيڪي اسان کي ٻڌائن ٿا تہ ڪيئن ڪائنات وقت سان گڏ تبديل ٿيندي رهي ٿي. جيڪڏهن اسان کي خبر آهي تہ ڪائنات ڪنهن مخصوص وقت تي ڪيئن هلي رهي آهي تہ پوءِ طبعي قانون اسان کي ٻڌائن ٿا تہ ايندڙ زمانن ۾ اها ڪيئن لڳندي. مسئلي جي ٻئي حصي جو تعلق ڪائنات جي ابتدائي حالت سان آهي. ڪجهہ ماڻهو محسوس ڪن ٿا تہ سائنس جو واسطو صرف پهرين حصي سان ئي هجي. ڇو تہ ڪائنات جي ابتدائي حالت جي سوال کي هو مابعدالطبعيات يا دينيات جو مسئلو قرار ڏين ٿا. هو چون ٿا تہ جيئن تہ خدا قادرِ مطلق آهي، انهيءَ ڪري ڪائنات کي هو جنهن طريقي سان چاهي ها شروع ڪري سگهيو ٿي. اهو ممڪن ٿي سگهي ٿو پر اهڙي صورت ۾ هو ڪائنات کي بلڪل بي قائده بہ بڻائي سگهيو ٿي پر هيسٽائين ڏسڻ

۾ ائين آيو آهي تہ هِن ڪائنات کي تمام باقائده طريقي سان ڪجهہ مخصوص قانونن تحت اُياريو آهي، تنهنڪري اهو بہ برابر مناسب لڳي ٿو، جو اسين اهو فرض ڪريون تہ ڪائنات جي ابتدائي حالت ۾ بہ قانونن جو اطلاق ٿيو ٿي.

اهو تمام ڏکيو نظر اچي رهيو آهي جو اهڙو نظريو تيار ڪيو وڃي، جيڪو يڪمشت ڪائنات جي تشريح ڪري سگهي. انهيءَ ڪري اسين مسئلي کي ننڍن ننڍن حصن ۾ ورهايون ٿا ۽ مختلف جزوي نظريا ايجاد ڪريون ٿا، هر جزوي نظريو مشاهدن جي ڪنهن محدود ترتيب جي اڳڪٿي ڪري ٿو ۽ انهن جي تشريح ڪري ٿو، جڏهن تہ باقي مقدارن جي اثرن کي يا تہ نظر انداز ڪري ٿو يا وري ڪين صرف سادن انگن ذريعي ظاهر ڪري ٿو، اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ اسان جي اها ڪوشش بلڪل غلط هجي، جيڪڏهن ڪائنات منجهہ هر شَي جو ڪنهن ٻي شَي مٿان بنيادي طرح سان دارومدار آهي تہ پوءِ اهڙي صورتحال ۾ مسئلي جي مختلف حصن جي جانچ بلڪل علحده علحده ڪرڻ سان مڪمل حل جي ويجهو پهچڻ ناممڪن بہ ٿي سگهي ٿو، پر تنهن هوندي بہ پڪ اهوئي طريقو آهي، جنهن سان اسان ماضيءَ ۾ ترقي ڪندا آيا آهيون، ان لاءِ مستند مثال وري بہ نيوٽن جي ڪشش ثقل جو نظريو آهي، جيڪو اسان کي ٻڌائي ٿو تہ ٻن جسمن جي وچ ۾ ڪشش جي قوت جو دارومدار ٻنهي جسمن سان لاڳاپيل صرف انگ سان آهي، جيڪو انهن مايو آهي، پر ڪشش جي قوت جو ان ڳالهہ سان ڪوبہ واسطو ناهي تہ اهي جسم ڇا جا ٺهيل آهن، انهيءَ ڪري سج ۽ گرهن جا رستا ماپڻ لاءِ ڪنهن کي بہ انهن جي بناوت ۽ ساخت معلوم ڪرڻ جي ڪابہ ضرورت ڪونهي.

اڄ سائنسدان ڪائنات کي ٻن بنيادي جزوي نظرين ذريعي تشريح ڏين ٿا، هڪ آهي اضافت جو عمومي نظريو ۽ ٻيو آهي ڪوانٽم ميڪنڪس. اهي نظريا هن صديءَ جي پهرين اڌ جا عظيم عقلي حاصلات آهن. اضافت جو نظريو ڪشش جي قوت ۽ وڏي پيماني تي ڪائنات جي ساخت (چند ميلن کان وٺي 1024 ميلن تائين، جيڪو مشاهدي ۾ آيل ڪائنات جو قد آهي) جي تشريح ڪري ٿو. جڏهن تہ ٻئي پاسي ڪوانٽم ميڪنڪس تمام ننڍي پيماني جي مظهرن (انچ جو اربون حصو) سان واسطو رکي ٿو. بدقسمتيءَ سان جيتوڻيڪ اهي ٻئي نظريا هڪٻئي جي منافي ڪن ٿا. اهي ٻئي ساڳي وقت درست ڪونہ ٿا ٿي سگهن. اڄ طبعيات جي مکيہ مسئلن مان هڪ مسئلو اهڙي نئين نظريي جي ڳولا آهي، جيڪو انهن ٻنهي نظرين کي هڪٻئي ۾ ضم ڪري، ان نظريي کي اسان ڪشش ثقل جو ڪوانٽم

نظريو ڇٺي سگهون ٿا. هن ڪتاب جو مکيہ موضوع پڻ اهوئي نظريو آهي، اسان کي اجا تائين اهو نظريو ملي نہ سگهيو آهي ۽ ان کي ملڻ ۾ اجا گهڻو وقت درڪار آهي، پر ان جون ڪيتريون ئي خاصيتون اسان کي اڳئي خبر آهن ۽ ايندڙ بابن ۾ اسين ڏسنداسين تہ اسان اتي ڪيترين ئي اهڙين اڳڪٿين جي باري ۾ ڇاٿون ٿا، جيڪي ڪشش ثقل ڪوانٽم نظريي جون اڳڪٿيون ڇٺي سگهجن ٿيون.

هاڻي جيڪڏهن توهان يقين رکو ٿا تہ ڪائنات بي قائده ناهي ۽ واضح قانونن تحت هلي رهي آهي، پوءِ توهان کي آخرڪار جزوي نظرين کي ملائي، هڪ اهڙو مڪمل متحده نظريو تيار ڪرڻو پوندو، جيڪو ڪائنات منجهہ موجود هر شَي جي تشريح ڪري سگهي، پر اهڙي مڪمل متحده نظريي جي ڳولا ۾ هڪ بنيادي تنازعو موجود آهي. مٿي ڀڌايل سائنسي نظرين متعلق اسان جي ويچارن مان سمجهجي ٿو تہ اسين اهڙي صاحب عقل مخلوق آهيون، جيڪا ڪائنات جي مشاهدي ۽ ان مان منطقي نتيجا ڪيڻ ۾ بلڪل آزاد آهيون. اهڙي ترڪيب منجهہ اهو فرض ڪرڻ مناسب آهي تہ اسين ضرور ترقي ڪري انهن قانون جي قريب تر ٿيندا وينداسين، جيڪي اسان جي ڪائنات کي تابع رکيو اچن، پر تڏهن بہ جيڪڏهن حقيقتاً مڪمل متحده نظريو موجود آهي تہ پوءِ خود اسان جا پنهنجا عمل بہ ضرور ان جي ئي تابع هوندا، تنهنڪري اهو نظريو پاڻ مرادو سندس لاءِ اسان جي ڳولا جي نتيجي جو تعين ڪيو وينو هوندو تہ پوءِ اهو ضروري ڇو آهي تہ ان نظريي اهوئي تعين ڪيو هجي تہ اسين مشاهدي منجهان صحيح نتيجا اخذ ڪريٰ سگهنداسين؟ ڇا اهو بہ برابر نہ ٿو ٿي سگهي تہ ان نظريي جو تعين اهو هجي تہ اسين غلط نتيجي تي پهچنداسين يا مرڳوئي ڪنهن بہ نتيجي تي پهچي نہ سگهنداسين؟

انهيءَ مسئلي جو آئون هڪڙو ئي جواب ڏئي سگهان ٿو، جنهن جو بنياد ڊارون جي قدرتي چونڊ واري قانون تي آهي. اهو قانون چوي ٿو تہ ڪنهن بہ خود ڇٽيندڙ جسمن جي آبادي منجهہ هر ڪارڪن جو جنسي مادو ۽ ٻئي کان مختلف هوندو آهي، جنهنڪري سندس اهليت بہ جداگانہ هوندي آهي. انهيءَ فرق مان اهو مطلب ڪيي سگهجي ٿو تہ ڪجهہ ڪارڪن سندن چوگرد موجود دنيا متعلق صحيح نتيجا ڪيڻ ۽ ان مطابق عمل ڪرڻ ٻين جي بنسبت وڌيڪ لائق هوندا، تہ پوءِ ظاهر آهي تہ اهي ئي ڪارڪن زياده زندهہ رهي سگهندا ۽ پنهنجو نسل وڌائي سگهندا. جنهنڪري وقت سان گڏ سندن رويي ۽ سوچ جو انداز ساري آباديءَ تي غالب اچي ويندو. ماضيءَ ۾ يقيني طور تي اها حقيقت رهي آهي تہ جنهن کي اسين

ذهانت ۾ سائنسي دريافت چئون ٿا. ٻين فائدن سان گڏوگڏ پاڻ سان بقا جو فائدو به ڪٿي آئي آهي، پر حال ۾ اها ڳالهه ڪجهه مبهم ٿي وئي آهي. اسان جون سائنسي دريافتون اسان کي تباهه به ڪري سگهن ٿيون ۽ جي انهن ائين نه به ڪيو ته پوءِ به ٿي سگهي ٿو ته مڪمل متحده نظريو اسان جي بقا جي امڪانن سان تميز نه ڪري سگهي. جيتوڻيڪ جيئن ته ڪائنات هڪ باقائده طريقي سان ارتقا ڪئي آهي، اسان اها اميد رکي سگهون ٿا ته منطقي لياقتون جيڪي اسان کي قدرتي چونڊ ڏنيون آهن، مڪمل متحده نظريي جي ڳولا ۾ به اسان لاءِ معقول ثابت ٿينديون ۽ اسان کي ڪن به غلط نتيجن تي نه پهچائينديون.

ڇاڪاڻ جو جزوي نظريا، جيڪي اسان وٽ اڳئي موجود آهن، تمام انتهائي حالتن ۾ به درست اڳڪٿيون ڪري سگهن ٿا، جنهنڪري ڪائنات جي مڪمل نظريي جي ڳولا کي عملي بنيادن تي صحيح ثابت ڪرڻ تمام ڏکيو نظر اچي رهيو آهي. (اها ڳالهه قابلِ غور آهي، ته جيتوڻيڪ اضافت ۽ ڪوانٽم مڪينڪس خلاف هڪجهڙا دليل ڏئي سگهجن ٿا، تنهن هوندي به انهن نظرين اسان کي نيوڪلائي توانائي ۽ خرد برقياتي انقلاب سان نوازيو آهي.) تنهنڪري ٿي سگهي ٿو ته مڪمل متحده نظريي جي دريافت اسان جي نسل جي بقا لاءِ ڪابه امداد نه ڪري سگهي. اهو پڻ ٿي سگهي ٿو ته اهو اسان جي زندگي گذارڻ جي طور طريقي تي به اثر انداز نه ٿي سگهي، پر تهذيب جي آغاز کان وٺي واقعن کي اڻ ڳنڍيل ۽ ناقابل تشريح سمجهڻ جي ماڻهن ۾ عادت نه رهي آهي. هو دنيا جي مظهر پنيان لڪل ڪارڪردگيءَ کي معلوم ڪرڻ جا آرزومند رهيا آهن. اڄ به اسين اهو معلوم ڪرڻ لاءِ بيقرار آهيون ته اسين هتي ڇو آهيون ۽ ڪٿان ڪان آيا آهيون؟ انسانذات جي علم لاءِ گهري چاهت، اسان جي جدوجهد لاءِ ڪافي معقول سبب فراهم ڪري ٿي ۽ اسان جو مقصد ان کان ذرو به گهٽ ناهي، ته جنهن ڪائنات ۾ اسين رهون ٿا، ان جي مڪمل تشريح ڪريون.

(9) متفقه مطالبو (ادارو)

يارهين جماعت لاءِ 'سليس' سنڌي جي نفاذ ۾ دير ڇو؟

يارهين جماعت ۾ زير تعليم اردو مادري زبان وارن شاگردن لاءِ، گهڻي عرصي کان غير مادري سنڌي زبان جي تعليم لازمي قرار ڏنل آهي، جنهن لاءِ هنن کي 'سليس سنڌي' جو مضمون پاڙهڻو آهي ۽ ڪين تعليمي سال جي آخر ۾ 'سليس سنڌي' جو پيپر سالياني امتحان ۾ اهڙيءَ طرح ڏيڻو آهي، جيئن سنڌي مادري زبان وارا شاگرد 'سليس' اردو جو پيپر ڏيندا آهن. ياد رهڻ گهرجي ته اردو شاگرد اڳيئي سليس سنڌي جو پيپر پڙهي رهيا آهن ۽ مئٽرڪ جي امتحان ۾ اهو لازمي پيپر گهڻن سالن کان شامل آهي، ان بعد ٽيڻو ائين هو ته هڪ سال ڇڏي ٻئي سال کان هڪدم يارهين جماعت ۾ سليس سنڌي جو پيپر رائج ٿيڻو هو، جنهن کي اڃا سوڌو معطل رکيو ويو آهي.

دراصل 1971ع جي لساني هنگامن دوران سنڌ جي ٻنهي طبقن جي دانشورن ۽ ماهر تعليمات غور غوض بعد اهو متفقه حل ۽ لائحه عمل تجويز ڪيو هو جنهن کي قابل عمل ۽ مفيد سمجهي هر طبقهءِ فڪر جي انسانن ساراهيو هو. ان پاليسيءَ جو سنڌ جي مستقبل جي پائيداري، خوشحالي ۽ خير سگالي جو دارومدار هو.

اعليٰ ثانوي تعليم ۾ سليس سنڌي جو پيپر جيڪو نصاب ۾ اڄ کان 15 سال اڳ ۾ داخل ٿيڻو هو، سو صرف اختياري وارن جي اغماض باعث اڃا تائين رائج نه ٿي سگهيو آهي، جنهن جي باعث سنڌي شاگرد ته سليس اردو جو پيپر ڏيندا رهن ٿا، پر اردو شاگرد سليس سنڌي جي بدران اردو پيپر I ڏين ٿا. انڪري امتحاني آزمائش جو توازن به يڪسان نه ٿو رهي سگهي. سليس سنڌي جي نفاذ نه ٿيڻ جو عام طرح سان اهوئي سبب ڏنو وڃي ٿو ته ٽيڪسٽ بڪ بورڊ طرفان اڃا مطلوب ڪتاب سردست مارڪيٽ ۾ نه آندو آهي، جيستائين اهو ڇپائي دستياب نه ڪيو ويندو، تيستائين اردو شاگرد بدستور ساڳيو اردو I جو پيپر ڏيندا رهندا.

انٽر ميڊيئيٽ ڪورس جو نفاذ ۽ امتحان کي قاعدن پٽاندر هلائڻ جي سنئين

سنڌي ذميواري جتي ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊ تي عائد ٿئي ٿي، اُتي وري ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، تعليم کاتو ۽ خود ڪاليجن جي سربراهن کي به اهڙي جوابداريءَ کان مبرا رکي نٿو سگهجي، متعلقه ڪلاس لاءِ وقت سر ڪورس جو ڪتاب ميسر ڇو نه ڪيو ويو آهي؟ آيا ان جي پويان سنڌي جي ڪورس کي ڄاڻي واڻي خارج ڪري رکيو ويو آهي يا غفلت ٿي آهي يا ٻي ڪا بدخواهان سازش درپرده سٽي وئي آهي؟ ڇا به هجي مگر جنهن به خلقي يا جن به فردن کان اهڙي ڪوتاهي ٿي آهي يا سليس سنڌي جي نصاب کي اهم نه ڄاڻي ڍر ڏني آهي، تن کان سنگين قومي گناهه سرزد ٿيو آهي ۽ انهن ڄاڻي ٻجهي ناقابل تلافي نقصان ڪيو آهي؟ ڇاڪاڻ ته اهو اهڙو نازڪ سماجي مسئلو آهي، جنهن سان نون سنڌين ۽ پراڻن سنڌين يعني ته اردو ۽ سنڌي ڳالهائيندڙن جي يڪجهتيءَ جو سنئون سڌو معاملو ڳنڍيل آهي، جيڪا ملڪ جي ڀلائي ۽ سلامتيءَ لاءِ سڀ کان وڏي ضرورت سمجهي وڃي ٿي. اردو دانن جو سنڌي ڳالهائڻ ۽ سمجهڻ به قومي مفاهمت، فڪر و عمل جي يڪسانيت ۽ پائيداري لاءِ هڪجيترو ضروري آهي.

اوسر جا ڪارندا متعلقه ادارن جي عملدارن کي پارهين ڪلاس جي اردو شاگردن لاءِ سليس سنڌي ڪتاب ڇپائڻ ۽ نافذالعمل ڪرائڻ لاءِ بار بار استدا ڪندا رهيا آهن، ليڪن هو ان سلسلي ۾ ڪوبه مثبت جواب ڏيڻ کان قاصر آهن. اسان سنڌ جي تعليمي ۽ ادبي تنظيمن کي به ان سلسلي ۾ ياداشتون پيش ڪري چڪا آهيون. اسين هڪوار وري به سنڌي ادبي سنگت، سگا، سنڌ سرونٽس سوسائٽي، سنڌ ايڊيوڪيشنل ٽرسٽ ۽ سپلا جي ڪارپردازن کي اپيل ڪريون ٿا ته هو متعلقه حڪام سان لهه وچڙ ۾ اچي، صوبائي ۽ مرڪزي سرڪار کان ان فيصلي تي جلد از جلد درعمل ڪرائين، جيڪا قوم ۽ وقت جي اهم ضرورت آهي.

(10) ادبي خبرنامو ادارو

جَونما گندمر فروش

سنڌ ايڊيوڪيشنل ٽرسٽ طرفان تعليمات سنڌ جو هڪ تدريسي پروگرام شروع ڪيو ويو هو، جنهن جو بنيادي مقصد سنڌي قوم ۽ ٻوليءَ جي اڏيندڙن بابت سلسليوار چاڻ ڏيڻ هو. ان حوالي سان پهريون سيمينار سيپٽمبر 1996ع ۾ منعقد ڪيو ويو ۽ سڀ کان اول ڊاڪٽر شمس الدين عرسانيءَ کي مرزا قليچ بيگ جي شخصيت تي "سنڌ جو قومي عالم ۽ اديب" جي عنوان سان ريسرچ پيپر پڙهڻ لاءِ مدعو ڪيو ويو. اهو سنڌ ايڊيوڪيشن ٽرسٽ جو پهريون فنڪشن هو، جو جنهن ۾ پروفيسر عرساڻي مرزا قليچ بيگ جي شخصيت جي مڙني پهلن تي جامع انداز سان روشني وڌي، جنهن کي سڀني ويڙلن ساراهيو ۽ سنڌ جي پريس به ان کي ساراهيو.

هاڻي وري تازو 3 مئي 1997ع تي مرزا قليچ بيگ مرحوم جي 68 ساله ورسيءَ جي موقعي تي مرزا قليچ بيگ جي ياد ۾ پريس ڪلب ۾ ڏهاڙو ملهايو ويو، جنهن جا مهتمم ڪن ادارن جا ڪارندا هئا، جن حسن انتظام سان ڪم ڪي نڀايو. ليڪن افسوس رڳو ان ڳالهه جو آهي جو ان موقعي تي ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي جهڙي عالم ۽ نقاد کي مدعو نه ڪيو ويو، جنهن ڪري وڏي کوٽ محسوس ٿي رهي هئي. موصوف تازو ئي مرزا قليچ بيگ جي فن تي هڪ نادر مقالو پڙهيو هو ۽ ان کان سواءِ ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي مرزا قليچ جي فڪشن، ڊراما، ٻولي ۽ تنقيد وارن بابن تي الڳ الڳ طور بي مثال مقالا لکي چڪو آهي، جيڪي مختلف وقتن تي رسالن ۾ شايع ٿي داد وصول ڪري چڪا آهن.

هن ورسيءَ جي موقعي تي نثار حسيني، نصير مرزا ڪجهه مرزا صاحبان ۽ ڪجهه ٻين دوستن به ڳالهايو. ان جي صدارت سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو عزتماب چيئرمين جناب حميد ميمڻ ڪري رهيو هو، معروف ليڪڪن ۾ ڊاڪٽر قاسم ٻگهئي به موقعي سان ڳالهايو، جنهن جو به هڪ مقالو مرزا صاحب تي اڳئي

تازو شايع ٿيل اٿس. محترم قمر واحد حقيقت بيانيءَ کان ڪم وٺندي پنهنجي تقرير ۾ صحيح طور فرمايو ته، ”قاسم ٻگهڙي جو مقالو ٻڌڻ کانپوءِ لڳي ٿو ته اسان قليچ جي محفل ۾ نه ويٺا آهيون، پر ڪنهن اهڙي تقريب ۾ ويٺا آهيون، جنهن ۾ اهو مناظرو هلي رهيو آهي ته وڏو عالم ڪير آهي. حميد سنڌي چيو ته اسان اڳي ٽپڙ وڪٽي به سنڌي ادب جي خدمت ڪئي، (شايد آها وڪالت واري آفيس جي ٽيبل ۽ ڪرسي جيڪا وڪالت نه هلڻ سبب بيڪار پئي هوندي هئي) پر هينئر ماٺهو پنهنجو بخار به نٽا ڏين، (صرف صاحب موصوف وي سي وارو بخار ڇڏي تازو اثارٽيءَ تي براجمان ٿيا آهن) اسان طرفان دلي گهراين سان مبارڪباد قبول ڪندا. حميد صاحب لئنگويج اثارٽيءَ پاران فيسٽيول ملهائڻ ۽ ڪتاب ڇپائڻ جو خوش آئينده اعلان به ڪيو، پر چيئرمين صاحب اها ڳالهه ٻڌائڻ وساري ويو ته اثارٽيءَ جو اصل پروگرام فقط پراڻا ڪتاب ڇپائڻ نه آهي (جيڪو ڪم سنڌي ادبي بورڊ احسن طريقي سان ڪنهن حد تائين ڪيو آهي) پر بااختيار اداري جو اصل ڪم سنڌي ٻوليءَ کي نون قدرن مطابق متحرڪ ۽ مستعمل ٻولي بنائڻ لاءِ اهتمام ۽ انتظام ڪرڻو آهي، جيئن ايڪهين صديءَ ۾ اها زنده ٻوليءَ وانگر قائم ۽ دائم رهي سگهي. شايد موصوف کي اها اهم ڳالهه ورجائڻ دل تان لهي وئي! پر اهڙين محفلن ۾ ائين ڪڏهن ٿي ويندو آهي. انشاءَ الله حميد صاحب پنهنجي ماهرانه چاڻ مطابق جلدي اهڙو پروگرام ظاهر ڪندو!

(11) تنقيدون

١ـ سنڌي تنقيد جا نوان ماڻ اهڃاڻ ۽ عڪس

ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي

ويهين صديءَ جي پڇاڙي ٿيڻ تي آهي ۽ اسان جو ادب به مخالف ۽ متضاد حالتن سان مقابل ٿيندو لاهيون چاڙهيون اُڪرندو اڳتي وڌي رهيو آهي، پر شايد اجا سنُوت نه مليا اٿس، جنهن تان هلي هو پنهنجي منزل لهي سگهي. جيڪڏهن اسين معيار ڪانءَ اک بچايون، ته ٻولي ۽ ادب جي ترقيءَ بابت اسان کي اطميناڻ بخش تاثر ملندو. اهو ان ڪري به ته علمي ادبي ميدان ۾ مختلف موضوعن تي ٿڪ نوان ڪتاب ظاهر ٿيندا رهن ٿا. جيتوڻيڪ اها حقيقت به آهي ته سنڌي ادب کي بلند مقام تي رسڻ لاءِ اجا گهڻو ڪجهه درڪار آهي. هتي اسان کي صرف اهو معلوم ڪرڻو آهي ته اُهي ڪهڙا نوان تنقيدي نقطه نظر آهن، جن سان ادب يا شاعريءَ کي پرکڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ۽ ادب کي عموماً ڪهڙن خيالن جو ترجمان سڏيو ويو آهي؟

اسان وٽ هر دؤر قومي ۽ تهذيبي قدرن کي اجاگر ڪرڻ جو دؤر رهيو آهي. اجا سوڌو به اهوئي ادب اتساهه جو باعث بڻجي ٿو، جنهن مان تهذيبي قدرن جي ساڃهه ٿئي ۽ قومي جذبي ۽ امنگ کي پاڻي ملي. هاڻوڪن نظرياتي بحثن ۾ ادبي روين کي انهيءَ خاص فڪر و عمل جي روشنيءَ ۾ ڏٺو ويو آهي. سالن کان سنڌي قوم پنهنجي جهد وَ بقا جي جنگ ۾ رهندي اچي، جنهن پڙهيل لکيل طبقي کي هڪ پرڪشيا ۾ وجهي ڇڏيو آهي. اجتماعي ۽ قومي مسئلن ۽ مونجهارن جي عڪاسيءَ کي ضمير جو آواز سمجهيو وڃي ٿو. انهيءَ تحريڪ مان نثر ۽ شاعريءَ ۾ اهڙو اعليٰ ادب سرجيو آهي جنهن ۾ روح ۽ مادي جون ضرورتون هڪ همه گير ڪائناتي تصور اختيار ڪري ٻيهن ٽيون ۽ خالص وطني احساس هڪ سهڻي انسانيت پرور احساس ۾ مٽجو وڃي. اپٽار بدران فقط رمز کي اپنايو وڃي ٿو. انهيءَ روش خاص ڪري موجوده دؤر جي شاعريءَ ۾ لفظي تصويرن ياعڪس نما

اشاريت کي نمايان ڪري بيهاريو آهي؛ اڄوڪي شاعريءَ ۾ عصري زماني جي احساسيت کي تمام خوبصورتيءَ سان پلٽيو وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح جو اها پڙهندڙ جي احساس تي تيزيءَ سان اثر انداز ٿيو وڃي؛ سنڌي ادب ۾ نثر ڪا وڌيڪ شاعريءَ ۾ ان جا سهڻا مثال ملن ٿا. خاص ڪري غزل مختصر نظم ۽ هائيڪو وغيره، جن ۾ سٽ يا صرف چند لفظن ۾ هڪ مڪمل جذبي يا عميق خيال کي لفظي تصوير ۾ منتقل ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح ٿورا ٻول يا اخفا اظهار هڪ قابل پڙهندڙ تي هڪ جهان کوليو ڇڏين؛ اهي مفڪر ۽ نقاد ئي هوندا آهن جيڪي نون لاڙن جي اثرانگيزيءَ کان متاثر ٿي انهن کي تحريڪ جي صورت ۾ پيش ڪندا آهن، جيئن ادب ۽ فن فعال بڻجي سگهي، پر سنڌيءَ ۾ تجربي ۽ مطالعي لاءِ يا ته بلڪل ئي ڪتاب نه لکيا ويا آهن يا ته اهي بلڪل ناڪافي آهن. اهوئي سبب آهي جو اسان جا نوان لکندڙ ادبي تحريرن ۾ تبديليون ته ڏسن ٿا ۽ انهن کي اختيار ڪرڻ جي ڪوشش به ڪن ٿا پر هو اها ڳالهه سمجهڻ کان قاصر آهن ته اهي تبديليون ڇو ۽ ڪيئن آيون آهن، اسان وٽ جديد لاڙن ۽ فني قدرن ۽ معيارن تي نه هئڻ برابر لکيو ويو آهي، جنهن مان سنڌي ادب ۾ تنقيد جي ڪمي ظاهر ٿئي ٿي. ڊاڪٽر الهداد ٻوهئي سڀ کان پهرين ادب ۾ اهڃاڻن ۽ عڪسن جي ڪارسازيءَ جو ذڪر لسانيات جي حوالي سان پنهنجي مضمونن ۾ ڪيو هو ۽ جنهن بعد هن پنهنجي ڪتاب "شعر جي اڀياس جا نوان طريقا" ۾ انهن تي وڌيڪ تفصيل سان لکڻ ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن سبب سنڌي تنقيد ۾ هڪ نئين بحث جو آغاز ٿيو. تاهم ادبي مطالع ڪندڙن جي فهم ۾ عڪسي شاعريءَ جي ڪابه چٽي صورت پيدا ٿي نه سگهي. شايد اهو به هڪڙو سبب هو جو "تنوير عباسي" جديد ادبي قدرن بابت تجزياتي مطالعو لکڻ جو ارادو ڪيو، جنهن لاءِ سندس ناقدانه نگاهه وري به "شاهه لطيف جي ڪلام" کي منتخب ڪيو.

عڪسيت جو نظريو هڪ باقاعدي تحريڪ جي صورت ۾ 1915ع ڌاري يورپ ۾ اُسريو؛ جنهن کي مقبول بنائڻ لاءِ باقاعدي رسالن ۽ ڪتابن جو اجراءُ ٿيڻ لڳو. ان زماني ۾ شعر و ادب جي حوالي سان ڊاڊازم (DADALISM) سرئيلزم (SUREALISM) جي به گهڻي چوپچو ٿيڻ لڳي. دراصل انهن ٽنهي تحريڪن ۾ مروج قدرن کان بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو ويو هو. مغرب جهڙي ذهين ۽ علمي ادبي طور ترقي يافته معاشري ۾ اها ڪا نئين يا عجيب ڳالهه به ڪانه هئي. زندگيءَ جي باري ۾ نظريا وقت سان گڏ بدلجندا رهن ٿا. ڪوبه نظريو محض شخصي پسند يا ناپسند تحت قائم ڪونه رهي سگهندو آهي. علائقي جي تهذيب ۽

روايت سان گڏ معاشرتي حالتن جو به "ادب" تي اثر پوندو رهندو آهي ۽ اديب پڻ انهن حالتن کان اثر وٺي ٿو. اهڙين مخصوص حالتن ۾ ئي ادب ۾ استعارا، ڪنايا، اشارا ۽ ترڪيبون تخليق ٿين ٿيون، جيڪي علائقي قوم ۽ ماحول جي ٻولينڊڙ تصوير ٿين ٿا ۽ جن جي مدد سان اسين قوم جي فڪري اپروچ جو اندازو لڳائي سگهون ٿا. عڪسيت واري تحريڪ جي نمائنده شاعرن ۾ ٽي.ايس.ايليٽ. ازرا پائونڊ، ميرين مور، ڊي اي لارينس ۽ هيوم ۽ ٻيا به ڪجهه مشهور شاعر شامل آهن، جن جا بنيادي اصول هي هئا.

1- عڪسيت جي ادبي مفڪرن جو بنيادي اصرار اهو هو ته احساس کي چٽائيءَ سان تصوير ۾ پيش ڪيو وڃي.

2- احساس کي روحانيت جي ڏنڊ کان بچايو وڃي.

3- شعر کي ڪنهن به ٺوس فڪر ۽ خيال کان بلڪل خالي رکيو وڃي.

4- ڪيفيتن جي اظهار لاءِ نوان شعري آهنگ تخليق ڪيا وڃن.

5- صاف ۽ کرن لفظن ۾ اظهار ڪيو وڃي، اهڙيءَ طرح جو سوچڻ بنان انهن مان "خيال" ظاهر ٿي وڃي.

6- ابهام ۽ تصنع کان شعر پاڪ هجي ۽ صاف ٻولي شاعريءَ لاءِ سارام جوڳي آهي.

لاڪ Locke جو خيال هو ته "احساس" ئي شين جي اوائلي صفت آهي. خارجي ۽ داخلي حقيقت محض حسي تاثرات جو هڪ سلسلو آهي.

ويهين صديءَ ۾ يورپ ۾ زندگي مادياتي اسباب جي نذر ٿي وئي هئي. ميڪانيڪي طوز ۾ انسان جا احساس مري کپي رهيا هئا. معاشري جا فرد عقليت پرستيءَ جا پرستار ٿي رهجي ويا هئا. استدلال زندگيءَ جو محور بنجي ويو هو، جنهن ڪري انساني جذبا ۽ احساس چڻ ته "خارجيت" جي بار هيٺيان دٻجي ويا هئا. اهو ئي ڪارڻ هو جو عڪسيت پرست چوڻ لڳا ته شعر جو بنياد عقل، منطق ۽ استدلال کان بالاتر هئڻ کپي. ٽي ايس ايليٽ جو چوڻ آهي ته شاعري جذبات جي سيلاب جو نالو ناهي، بلڪه ان کان بچڻ ۽ ان کان گريز جي هڪڙي صورت آهي. دراصل ڏنو وڃي ته خاص ڪري عڪسيت جي شعري تحريڪ ۾ شاعري جذبات جو وسيلو نه هئي، بلڪه ايرنڊڙ جذبي کان فرار هئي ۽ ذات جي اظهار بدران فرار ذات جي هڪ ڪوشش هئي. فرار ڇو؟ ڇاڪاڻ ته تڪميل آرزو قدم قدم تي انسان کي تنگ ڪري ٿي. جيئن لطيف به متعدد بيتن ۾ اظهار ڪيو آهي.

"ڏوريان ڏوريان شال مَ ملان هوت!" يا وري "الله ڏاهي مَ ٿيان ڏاهيون ڏک ڏسن!" آن ۾ ڪامليت کان اجتناب آهي. عڪسيت جي ڇاهڪ شاعرن به

عقلپسندي يا استدلالي موقف کان پنهنجي ذهن کي آزاد رکڻ تي گهريو. هڪ نقاد جو چوڻ آهي ته يورپ جيترو پابندين کان جان آزاد ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي، اوتريون ئي وڌيڪ پابنديون ان جي پاڳي ۾ آيون. عڪسيت سان منسلڪ شاعرن به درحقيقت انهيءَ تحريڪ جو آغاز ڪري ماحول جي گهٽ ۽ بي چينيءَ کان نجات حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن نئين سوسائٽي ۽ نئين معاشري جي قيام لاءِ نوان فڪري آهنگ دريافت ڪيا، انهن نون تجربن ۽ دريافتن ۾ ڊي ايچ لارينس ۽ ايليٽ جو نالو نمايان آهي. جيتوڻيڪ يورپ ۾ به اها تحريڪ تمام ٿورو عرصو هلي تاهم ان جو اثر دنيا جي زنده زبانن جي ”ادب“ تي ديرپا رهيو.

ڇاڪاڻ جو انسان جو تمدن روزبروز ترقي مائل آهي، تنهن ڪري اصل ۾ آهي آشيائي حقيقتون (Objective Realities) ئي آهن جيڪي سماج تي اثر انداز ٿي وقت به وقت ان کي بدلائين ٿيون. ادب ۽ فن پڻ ساڳين حالتن کان متاثر ٿئي ٿو. فعال زندگي گذارڻ لاءِ نيون سوچون انسان کي راغب ڪن ٿيون، جنهن مان نيون سوچون اڀرڻ لڳن ٿيون. خاص صورتحال ۾ نوان ادبي رجحان جنم وٺن ٿا. اهو سلسلو دراصل تڏهن کان جاري آهي جڏهن کان انسان ترقي ڪرڻ ۽ حالت بدلائڻ لاءِ آماده ٿيو. سنڌي ادب ۾ عڪسيت جي فني تحريڪ ڪنهن به دؤر ۾ ڪانه هلي آهي، تهن هوندي سنڌيءَ شعر ۾ عڪس نما نظم آڳاٽي زماني کان رائج آهي! قاضي قاضن جي هڪ عڪس نما سٽ آهي ته:

”منڊي ماڪوڙي ڪوهه ۾ پئي ڪچي آب!“

انساني نارسائي جي ڪيفيت جو ان کان وڌيڪ ڀيو ڪهڙو سهڻو عڪس ٿي سگهي ٿو! مغربي شاعريءَ جي مزاج موافق ان مان ڪنهن به مجرد خيال جو واضح اظهار ڪونه ٿو ملي، نه وري ڪنهن فڪر جو سنگ مغز ۾ اچي لڳي ٿو، نه وري جذبي جو ريلو! صرف لفظن جو عڪس آهي! هاڻي شاهه لطيف جو عڪس پڙهو:

”ڪلهي ڪاتو ڪنجرو متو اڳهاڙو،
پيئر ڪڇاڙو، منهنجو هن پنيور ۾“.

اصل ۾ پهرين سٽ هڪ مڪمل عڪس آهي ۽ ٻي سٽ ۾ ان ۾ خيال پريو ويو آهي. اها محض رنگ يا ڏسڻ جي نسبت سان عڪسي تصوير ناهي بلڪ مڪمل شاعرانه عڪس آهي. هاڻي هرڪو پنهنجي ذوق طبع مطابق ان مان خيال بيان ڪندو. ڪو انسان ان کي زندگيءَ کان فراريت وارو خيال چوندو ڪو وري معاشري جي بدحال فرد جي مايوسيت پريو اظهار ان کي چوندو. زندگيءَ جي

ايمائيت يا بي معنويت تي اهو عڪس شاهد تي سگهي ٿو يا ماڳهين ڪو ان مان معرفت يا تصوف جو انوکو نڪتو بيان ڪري. هڪ پيو بيت آهي تہ:

"ڪنول پاڙون پاتال ۾، پنئور پري آڪاس!"

اهو عڪس عالم فطرت يا عالم محويت جي تصوير آهي يا ان مان ڪو نفسيات جو عجيب گونو بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪيل آهي. دراصل شاهہ لطيف وٽ نہ تہ مجرد تصوف جاتز فلسفو آهي ۽ نہ وري منطق آهي نہ وري سطحي رومانيت. البت زندگيءَ جو روح يا تحريڪ ڪلام مان ضرور بکي رهيو آهي. فنا کي بقا جو رنگ ڏنو ويو آهي يا بقا کي فنائيت ۾ حل ڪيو ويو آهي.

اسان جي نقادن جو چوڻ آهي تہ موسيقيت عڪسي ۽ اهڃاڻي پهلن ئي لطيفي شاعريءَ کي اثر انگيز بنايو آهي. بهرحال اها ڳالهہ مڃڻ جوڳي آهي تہ ادب آڳاٽو هجي يا نئون پر طرز فڪر يا اسلوب ۾ هميشه کان تشبيهون، استعارا ۽ علامتون تخليق جو زيور ڪري سمجهيا ويا آهن، جي حقيقت ۾ شاعريءَ ۾ حسن ۽ ڪيفيت جو سبب بنجندا آهن، پر شاعريءَ جو اثر ان صورتيِم ظاهر ٿيندو، جڏهن معلوم ٿي تہ اهڃائي لباس ڪهڙي جدت خيال لاءِ استعمال ٿيو آهي يا لفظي سينگار ڪهڙي معنويت تي غمار آهن؟ انهن جي پويان شاعر جي نفسياتي ڪيفيت ڪهڙي آهي. لفظي تصوير جو لاڳاپو يا رشتو ڪهڙي انوکي خيال سان جڙيل آهي؟ جيستائين اهو معنوي تعلق معدوم هوندو تيستائين ڪابہ لفظي جڙت يا عڪس چلڪڻي شَي کان وڌيڪ ڪابہ وقعت نٿو رکي. فارسي شاعريءَ جي تقليد ۾ سنڌي شاعرن بہ انڌا ڌنڌ صنعتن جو استعمال ڪيو هو پر فڪري روَ بغير اهڙي ڪابہ ڪوشش فن ۾ جذب وڪيف کان خالي رهي ٿي. يقيناً اسان جي شاعريءَ ۾ عڪس يا اهڃاڻ جو استعال معنيٰ خيزيءَ کان خالي ناهي، پر نقادن ان کي چٽائيءَ سان نہ لکيو آهي. بهرحال ڊاڪٽر الهداد ۽ تنوير عباسي جي تنقيدي انداز کي ڏسندي نوجوان لکنهارن بنان سوچ سمجهہ جي عڪسن ۽ اهڃاڻ جي نشاندهي ۾ گهڻا پنا ڪارا ڪيا آهن، ليڪن ڪنهن معنوي رمز جي پذيرائيءَ کانسواءِ عڪس جي سکڻن نالن ڳڻائڻ وارن مضمونن کي ڪيتريقدر لائق چئي سگهبو؟ مغرب جا شاعر جيڪي عڪسيت جا پڻ پيروڪار هئا تن مان ڪن پنهنجي شاعريءَ کي "فڪر" کان خالي هئڻ جي دعويٰ ضرور ڪئي آهي، پر انهن جي دعويٰ جي باوجود بہ سندن ترسيل ۾ رمزيت لکل آهي، جنهن کانسواءِ ادب يا تخليق جو گهٽ يا وڌ ڪيف جو اندازو ڪرڻ يا فقط حظ يا لطف وٺڻ بہ ناممڪن بنجي پوي ٿو!

سنڌي سماج ۾ تصوف يا وحدت الوجود جو فڪر ڊگهي عرصي تائين

چانيل رهيو آهي. ان ڳالھ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ هر شاعر ان کي خوب کان خوبتر پيرائي ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر تنهن هوندي بہ گهٽ وٽ شاعري گهٽ وڌ فقط نوس افڪار جو اظهار بنجي وئي يا اهو صرف جذبات انگيز تبليغي ڪلام بنجي رهجي ويو، پر شاهہ لطيف پهريون شاعر هو، جنهن پنهنجي اظهار لاءِ فنڪارانہ طور هڪ مڪمل ”تمثيلي اسلوب“ اختيار ڪيو، جنهن ۾ اهڃاڻ ۽ عڪس بہ ظاهر ظهور رخ يا وصفون نظر اچن ٿيون.

لطيفي ڪلام ۾ اهڃاڻي لباس عوام ۾ مقبول عام لوڪ قصن ۽ ڪاويہ ڪٿائن (Epics) جي تاڃي پيٽي مان اڻيل آهي ۽ عڪس تصويرون وري جيئري جاڳندي زندگيءَ جي فوڪس ۾ نڪتل آهن. اهڙيءَ طرح شاعر ماحول ۽ حقيقي شين جي اتصال مان شاعرانہ مفهوم پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ياد رهڻ گهرجي تہ شاهہ لطيف جي زماني ۾ ادب يا فن جي نالي سان ڪوبہ بحث ڪونہ هو ۽ نہ وري عڪسيت جي ڪا تحريڪ موجود هئي، تاهم سنڌس شاعري هڪ شيش محل وانگيان ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جنهن ۾ لفظي تصويرن جو انعڪاس ضرور آهي. دراصل اهڙو فني رچاءُ سنڌس شعور ۽ مزاج ۾ گهر ڪري ويو هو، جيڪو عصري احساسيت جي دٻاءُ Compulsion باعث منجهس پيدا ٿيل ڏسجي ٿو. بعضي علامت نگار شاعرن جي اهڃاڻن ۽ عڪسيت پسند شاعرن جي لفظي تصويرن ۾ اهڙي ڪيفيت ملندي آهي جو سندن ڳالهيون عجيب ۽ بي جوڙ لڳنديون آهن، پر ڪانہ ڪا انوکي ڳالھ انهن ۾ پنهان هوندي آهي. لطيف جي شاعري ۽ مغربي شاعريءَ ۾ ڪيتريون ئي ڳالهيون هڪجهڙيون نظر اچن ٿيون. ان ڳالھ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ لطيف پنهنجي دور جو بابصيرت مفڪر هئڻ سان گڏ هڪ حساس ۽ فنڪارانہ مزاج رکندڙ فرد هو. سندس مطالعي مان بعض ائين بہ محسوس ٿئي ٿو تہ هو هر قسم جي گهٽ يا پابنديءَ کان آزاد معاشري جو قائل هو.

مثلاً

(1) اڪ التي ڏار ونُ التو عام سين،

(2) جيڏيون چڏي جاڙ سڀ ننگيون ٿي نڪرو!

3) توکي ويس وڃائيو، ويس وڃائيو تو!

هڪڙو ٻيو بيت آهي تہ:

نہ ڪتا نہ ڪوڪار، نہ سي سڌ شڪارين،
پٽيو ڪٽي پار جهنگل آهيڙين کي!.

لطيف جي ڪلام ۾ معمول خلاف روش يا پابندين کان انڪاريت

(Nihilism) جو اظهار ملي ٿو ۽ اهوئي مغربي عڪسيت واري شاعريءَ جو پڻ تاثر آهي، لطيف جي ڪلام ۾ ڪنهن به نوس فڪر جي نوائي نہ ڪئي وئي آهي، جيڪي ڪجهہ آهي سو سندس باطن جو اظهار آهي.

جيتوڻيڪ عصري ذهانت ۾ شاهہ لطيف جي فني تجربي جو سجهاءُ چڱيءَ ريت ٿيو ۽ اڳتي هلي اها هڪ مقبول ادبي روايت بہ بنجي وئي. تاهم اها "ادبي تحريڪ" ۾ بدلجي نہ سگهي. جديد سنڌي ادب ۾ شاعريءَ يا نثر ۾ عڪسيت جا جيڪي تجربا ڏسون ٿا سي هاڻوڪي دؤر جا آهن. اُهي شروعءَ ۾ مغربي اثر هيٺ اردوءَ جي تقليدي انداز تي عمل پيرا رهندي اهڙي شاعري وجود ۾ آئي، ليڪن ان بعد، سنڌي شاعر خالص پنهنجي تجربي ۽ آزمودي جي آڌار تي لکڻ لڳا ۽ نتيجي طور عڪس ۽ اهڃاڻ هڪ بامعنيٰ وصف طور سنڌي شاعريءَ ۾ اُڀري آيا ۽ واشگاف انداز بدران اشاري ۾ زندگيءَ ۽ روح جون گهرايون ظاهر ٿيڻ لڳيون۱.

پاڪستان
ڪيميڪل انڊسٽريز
(سائيٽ) حيدرآباد سنڌ

ڪاٺ، پلاءِ ووڊ، هارڊ بورڊ، چپ بورڊ لاءِ قابل اعتماد ۽ سنو سوليوشن ۽ رنگن لاءِ استعمال ٿيندڙ بهترين ٿنر واسطي هميشہ اسان جي ڪمپنيءَ تي ڀروسو ڪريو ۽

پاڪستان ڪيميڪل انڊسٽريز

جو نالو ياد رکو.

٢ـ ڪهاڻيءَ جو فن
سليم چنا جي ڪهاڻين جو جائزو

رفيق سومرو

My mother bore me in the Southen wild
and I am black, but oh! my soul is white.
White as an angel is the english child
But I am black, as if bereaved of light.

مٿيون گيت دنيا جي عظيم شاعر وليم بليڪ يقينن سليم چنا جهڙن ماڻهن جي نندڻ بابت ئي لکيو هوندو، جن جو رنگ ته سانورو آهي، پر سندن من اجرو آهي، ڪنهن فرشتي وانگر، جيئن ڪارا ٻار انگريز ٻار کي فرشتو سمجهندا آهن.

سليم چنا، هڪ سادو سباجهو شخص آهي، چا سينئر، چا جونيئر سيئي اديب کيس سادي سياءَ ۽ سچي رويي سبب گهڻو پائيندا آهن. اهڙا نصيب ڪن ٿورڙن اديبن جي حصي ۾ ايندا آهن. هو سيني جي عزت ڪري چاٽي. ڪنهن جي گلا ڪرڻ بدران توهان کي ان شخص جا سلام ڏيندو، سليم، هڪ اهڙي کاتي ۾ ملازم آهي، جنهن جا پٽيوالا به سوني چٻن واري واچ پائيندا آهن.

پر هي همراهه پنهنجي ڏن ۾ مست هوندو آهي، سندس جاءِ تي ڪو ٻيو ڪسٽم انسپيڪٽر هجي ها ته سندس سامونڊي جهاز جيڏو وڏو گهر هجي ها، پر هي شخص ڪتابن جي سنگت ۾ مست آهي.

سليم، هڪ جاڪوڙي جيؤ آهي، ادبي ميڙن جو شوقين، هر ادبي ميڙ ۾ توهان کي حاضر ملندو، گهمندي ڦرندي، شهر ۾، چوواٽي تي بس ۽ سوزوڪي جي اسٽاپ تي، يا رستي تي، جيڪڏهن اوهان کي ڪو اديب ملي ته پڪ اهو سليم چنا ئي هوندو.

کيس جڏهن به گهر فون ڪبو، ته سليم اڻ لپ، مان اڪثر کيس فون ڪندو هوس، ته سندس مرحوم والد صاحب فون کڻندو هو. پڇبو هو، "سائين

سليم آهي؟" "نہ بابا"، "اي سائين ڪيڏانهن ويو؟"

"بابا رول آهي. گهر ۾ ڪيس آرام ئي ڪونہ اچي."

حساس وري اهڙو آهي، جو ڏک جو منظر تہ نهيو، پر ڪنهن جي ڏک جي خبر بہ ڪيس جهوري وجهندي آهي. اصل صفا سڏڪن ۾ پئجي ويندو آهي.

سليم پنهنجي ناڪامين کان گهبرائي نٿو. هو نهايت سادگيءَ سان پنهنجي ناڪامين جو سچو رڪارڊ اوهان اڳيان رکي چئي ٿو:

"مقابلہ تـو دلِ ناتـو ان نـے خـوب کيـا،
پر شکستہ دل هے کسي نہ ليا، ليا نہ ليا."

سليم جي آتم ڪٿا مان مونکي تہ گهٽ ۾ گهٽ ائين ٿو لڳي، تہ سندس ادبي ڪاميابين ۾ پيشہ ورانہ ناڪامين ۾ سندس مائٽن ۾ جگري دوستن جو وڏو هٿ آهي.

سليم ڏيڍ سَوَ کن ڪهاڻيون لکيون آهن.

"روشني" سندس ڪهاڻين جو ٽيون مجموعو آهي.

آفاقي ادب جذباتيت جو، نہ پر سچن جذبن جو عڪاسي هوندو آهي. اعليٰ ادب جو اظهار پرپور ۾ اثرائتو هوندو آهي، ادبي شاهپارن جي طنز تذي ۾ ذهانت پري ٿيندي آهي ۾ نياپو يا مقصد پڻ واضح ۾ چٽو هوندو آهي، رڳو پڙهندڙ جي ذهن جو پردو ۾ دل جي آرسي اعليٰ قسم جا تخليقي تجربا ۾ اجرا عڪس جهٽڻ لاءِ صاف ۾ شفاف هئڻ گهرجي، ڇو تہ جيئن ڊش جو رسيور خراب يا ناقص هوندو تہ تصوير ڏنڌلي نظر ايندي ۾ سُجهاءُ رس اٿپورو هوندو.

اهڙي ادب جو مثال، ٽالسٽاءِ جو ناول اينا ڪيرينينا، هيمنگوي جو ناول اولڊمين اينڊ سي (ڪراڙو ۾ سمنڊ)، چيخوف جي ڪهاڻي وارڊ نمبر 6، بالزاڪ جو اولڊ گوريو، وڪٽرهيوگوجو ناول هنچ بئڪ آف نارٽريڊم (ڪبڙو عاشق) ۾ دکي انسان، اسٽائن بڪ جو "دي پرل" ۾ وليم ميڪپيس ٺيڪري جو عظيم ناول "وينٽي فيئر" آهن. آخري ليکڪ جي مذڪوره ناول جو هڪڙو طنزيہ جملو مثال طور هت ڏجي ٿو، جيڪو اعليٰ درجي جي ذهانت ۾ طنز جو بهترين مثال آهي.

Ameila was as loyal to her husband, as were the troops to napolean.

نہ ٿي اميليا پنهنجي مڙس سان وفادار هئي ۾ نہ ٿي وري نيپولين جا فوجي.

هي جملو ان پس منظر ۾ اچا بہ وڌيڪ معنيٰ خيز ٿي وڃي ٿو، جڏهن نيپولين سان پيش آيل هي واقعو مٿين جملي پڙهڻ سان ذهن تي تري اچي ٿو:

نيپولين جي فوج جو هڪ آفيسر عين ان وقت، سندس گهر ۾ گهڙيو هو، جنهن وقت هو ملڪ بچائڻ لاءِ جنگ جي ميدان ۾ جنگ جوٽي رهيو هو.

مختصر ڪهاڻي افسانوي ادب جي مختلف گهاڙيتن (Forms) مان هڪ آهي، پر سيني ڪان مشڪل ۽ گهري شَي آهي. افسانوي نثر جي ٻين گهاڙيتن سان ڪافي حد تائين نهڪندڙ هوندي بہ هيءَ صنف ڪافي حد تائين مختلف آهي. مختصر افسانو، ناول ۽ ناولٽ وانگر، جيڪي افسانوي گهاڙيتا آهن، ڪن عنصرن (Elements) جي گڏيل رابطي ۽ باهمي ميل سبب، جن جو دارومدار هڪٻئي تي ٿئي ٿو، جنم وٺي ٿو.

انهن مان اهم جزا آهن.

(1) موضوع يا خيال جيڪو ڪهاڻيءَ جو مرڪزي حصو ٿئي ٿو.

(2) پلاٽ يا منصوبي مطابق ترتيب وار عمل.

(3) ڪردار يا فرد جيڪي ڪهاڻيءَ ۾ (ايڪشن) عمل جي تڪميل ڪن ٿا.

(4) منظر نگاري.

(5) ڪهاڻيءَ جو سٽاءَ ۽ بيهڪ، ماحول ۽ زمان مڪان، ٻين لفظن ۾ افسانو ڪن خاص واقعن يا خيالن کي ڪردار جي گڏيل عمل ذريعي ڪنهن خاص وقت ۽ جاءِ تي ظاهر ڪري ٿو. ڪردارن جي پاڻ ۾ ٽڪراءَ يا حالتن پٽاندڙ تصادم (Conflect) جي صورت ۾ ظاهر ٿيڻ سبب، ڪهاڻي هڪ نئون رُخ اختيار ڪري ٿي. جنهن سبب پڙهندڙ جي ذهن ۾ اڻ تڻ يا تجسس پيدا ٿئي ٿو، تہ اڳتي ڇا ٿيندو ۽ ڪهاڻي ڪهڙي نتيجي تي پهچندي، انهيءَ ڪشمڪش جي نتيجي ۾ هڪ فڪري جذبو پڙهندڙ جي ذهن ۾ پيدا ٿيندو آهي ۽ اها ڇڪتاڻ ڪهاڻيءَ کي ڪلائيمڪس يا نقطہءِ عروج تي پهچائيندي آهي.

اوچتو ڪنهن اڻ وسرندڙ ڪردار جو ظهور، ليکڪ جي نظرن سان ڪائنات جو خيالي نظارو حقيقت جو جلوو پسڻ، ڪنهن ساعت يا لمحي کي لفظن جي تصوير ۾ قيد ڪرڻ. انهن سيني ڳالهين کي بهترين انداز ۾ پيش ڪرڻ جي صلاحيت مختصر افساني ڪهاڻيءَ ۾ بدرجہ اتم آهي. مختصر ڪهاڻي ڪن اتفاقي لفظن يا عملن ذريعي زندگيءَ جي گوناگون معنائن جو انڪشاف ڪري ٿي. ڪهاڻي هڪ صفحي ۾ اهو سڀ ڪجهہ سمائي ۽ سمجهائي سگهي ٿي، جيڪي هوند ٻي صورت ۾ هزار صفحن ۾ بہ نہ سمجهائي سگهجي.

دراصل ڪو حادثو ۽ واردات نئي ڪهاڻيءَ کي جنم ڏئي ٿي ۽ اهڙيءَ طرح ڪنهن واقعي يا حادثي کي مختصر پر، اثرائتي انداز ۾ بيان ڪرڻ يا پنهنجي

تجربي ۽ مشاهدي کي ادبي ٻوليءَ ۽ افسانوي انداز ۾ ٻين ذهنن ڏانهن منتقل ڪرڻ جو نالو ئي ڪهاڻي آهي، سچ پچ ته ڪهاڻي زندگيءَ جي عڪاسي آهي ۽ اديب/ ڪهاڻيڪار زندگيءَ جي واقعن کان متاثر ٿي، انهن واقعن کي هوبهو ساڳيءَ ريت يا پنهنجي ذهن جي پروجيڪٽر ذريعي، جيئن ڪهاڻيڪار چاهي ٿو، ساڳيو واقعو هڪ نئين واقعي، تجربي جي صورت ۾ پڙهندڙ تائين پهچائي ٿو. جيڪڏهن اثرائتي انداز ۾ ڪو شخص لکي ته بوسنيا ۾ هڪ لک ماڻهو مارجي ويا، ته اها لکڻي پڙهندڙ کي بنهه متاثر ڪونه ڪندي، ڇاڪاڻ ته اها ڳالهه رڳو رکي ۽ صحافتي انداز ۾ لکيل هڪ خبر ته ٿي سگهي ٿي پر ڪهاڻي بنهه نه. ڇو ته اها ڳالهه هر قسم جي اثرائتي سُجهاءَ رس (ڪميونيڪشن) کان وانجهيل آهي، ان جي ابتڙ جيڪڏهن هڪ ڪهاڻيڪار هڪ ڪتي جو موت اثرائتي ۽ فني لحاظ کان مضبوط ۽ متاثر انداز ۾ ڏيکاري ته هوند ڪيترن ئي ماڻهن جون دليون ڪهل يا صدمي وچان، اَچلون ڪائي اٿن ۽ گهڻن ئي ڪنور ماڻهن کان تڏا شوڪارا نڪري وڃن ۽ پيو نه ته گهٽ ۾ گهٽ ۾ ان واقعي کي پڙهندڙ سڀ ماڻهو، ڪار جي ڦيٿن هيٺان اچي چيچرجندڙ ڪتي جون ڪيڪڙاٽيون ۽ سندس ٿينڊيون ڪري وهندڙ رت جا سڙڪ ۽ پر واري ڪار تي پوندڙ لينگها ۽ آنڊن مان نڪرندڙ گند ڏسي، گهٽ ۾ گهٽ ڪرڀ وچان پڙهندڙ ٺڪ ضرور اچلائيندا ۽ ڪين دل ۾ ضرور قياس ايندو.

اهو سڀ ڪجهه ڪهاڻيڪار جو واقعي کي اثرائتي انداز ۾ بيان ڪرڻ ۽ فنڪارانه منظر نگاريءَ جو نتيجو آهي ۽ انهيءَ جو ئي نالو ڪهاڻي آهي.

ڪهاڻي رڳو واقعن جي بيان جو نالو ناهي، پر انهن واقعن کي ڪنهن انجام تائين پهچائڻ جو نالو ڪهاڻي آهي، جيڪو پڙهندڙ جي ذهن تي هڪ ڀرپور تاثر ڇڏين ۽ ڪيس انهن واقعن جي اڳ پٺ بابت سوچڻ تي مجبور ڪن؛ ۽ اهي پڙهندڙ جي ذهن ۾ مختلف سوال پڻ پيدا ڪن ۽ ان تي غور فڪر ڪرڻ لاءِ ڪيس آماده ڪن، دراصل ان جو نالو ڪهاڻي آهي.

ڪهاڻي نه رڳو مختصر لفظن ۾ زندگيءَ جي عڪاسي آهي، پر ليکڪ جي زندگيءَ متعلق نظرين جو مثبت اظهار پڻ آهي. حقيقت ۾ ڪهاڻيءَ جو ڪارج پڙهندڙ جي محسوساتي حس کي تيز ڪرڻ آهي، ان جو بنيادي واسطو پڙهندڙن جي جذبن سان آهي ۽ ڪهاڻي تجربن ۽ واقعن کي محسوس ڪرائڻ جو نالو آهي. اهو سچ آهي ته فن جو معجزو تڏهن ظاهر ٿيندو، جڏهن ليکڪ پنهنجي خون جگر سان ان جي آبياري ڪندو. مختصر ڪهاڻي جو ڦهلاءُ ڪيترو هجي، ان لاءِ ڪي خاص اصول يا پيمانا مقرر ناهن. مختصر ڪهاڻي پنج سوَ لفظن کان وٺي

ويندي، چار هزار لفظن تي مشتمل ٿي سگهي ٿي، ڪيترائي مختصر ناول دراصل طويل مختصر ڪهاڻيون هونديون آهن.

هڪ هزار کان پندرنهن سؤ لفظنِ تي مشتمل ڪهاڻين کي اڪثر ليکڪن ترجيح ڏني آهي، جن ۾ چيخوف، هينري، موپسان ۽ ٻيا ڪيترائي مشهور ڪهاڻيڪار شامل آهن، پر اڪثر ڪهاڻيڪارن جي ڪهاڻين جي ڊيگهه پنج هزار لفظن تي ٻڌل آهي ۽ اها ڊيگهه عام طور تي گهٽين ڪهاڻين ۾ ڏني ويئي آهي، ۽ مروج آهي، پر ڪوشش ڪري ڪهاڻيءَ ۾ اجائي ڊيگهه ۽ لباڙ کان پاسو ڪرڻ گهرجي، مختصر نموني رکو ڪهاڻيءَ سان ٺهڪي ايندڙ تشبيهون ۽ محاورا ڪتب آڻڻ گهرجن ۽ غير ضروري واقعن، گفتگو ۽ بيان کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

مثال طور عظيم ڪهاڻيڪار موپسان جو واقعو هيٺ ڏجي ٿو: هڪ ڀيري موپسان پنهنجي مربي ۽ استاد ۽ فرانس جي مشهور ڪهاڻيڪار ناول نگارِ ۽ دنيا جي شاهڪار ناول مادام بووري جي خالق "گستاوَ فلابير" وٽ ويو، جيڪو ان وقت پنهنجي مشهور ناول لکڻ ۾ مصروف هو، ڪيس لڳو ته فلابير چڻ ته ڪجهه لکڻ بدران لفظن سان وڙهي رهيو هجي. هن ڪانئس ان ماجرا بابت پڇيو، ته ان تي فلابير ٻڌايس ته گهٽائي غير ضروري جملا سندس ناول ۾ زبردستي آيا هُئا ۽ هُن انهن کي هڪالي ڪيڻ ٿي چاهيو.

عظيم ناول نگار هيمنگوي پنهنجي ناولن جا ٻه سؤ ڪن صفحا لکي، پوءِ ايڊٽ ڪرڻ وقت سؤ صفحا ڪن خارج ڪري ڇڏيندو هو، جنهن جو بهترين مثال جڳ مشهور ناول "The Old man and the Sea" ۽ ٻين عظيم اعليٰ درجي جي ناولن جهڙوڪ

(i) For Whom the bell tolls.

(ii) A Fare well to Arms.

(iii) Death in the Afternoon.

جي ٻيٽ ۾ ڪيس نوبل پرائز مليو.

سليم چنا، اعليٰ ادب جي منزل واري واٽ جو پانڌيئڙو آهي ۽ ان قطار ۾ صفا پويان نه پر وچ ۾ آهي ۽ اڳتي وڌي رهيو آهي. وٽس ڪهاڻي هڪ اسٽائيل يا اسلوب جي پابند ناهي، سندس فن متحرڪ آهي. ڪهاڻي ڪيس ميڄ ۽ وانگر وڌي پاڻيءَ ۾ ڇڪي وڃي ٿي، هو ڪڏهن ڪڏهن ڍل ته ڏئي ٿو، پر ڏور پنهنجي هٿ ۾ مضبوط ٿو رکي ۽ نتيجو " ڪڏهن نندي مڇي ته ڪڏهن وڏي ۽ مثالي مڇي." هو جيڪڏهن ڪهاڻيءَ جي فن جو اولڊ مين (هيمنگوي) ناهي، ته به ڪراڙي جو پيارو دوست ننڍڙو سانتياگو ضرور آهي.

سليم چنا سوَ ڪهاڻيون تخليق ڪري چڪو آهي ۽ هيءَ سندس ڪهاڻين جو ٽيون مجموعو "روشني" آهي. هو ڏيڍ سال اڳ، 25 ڊسمبر 1995ع تائين هڪ سوَ ڪهاڻيون لکي چڪو هو، جنهن جو اعلان ڪينجهر جي ساليانى جشن واري

فنڪشن ۾ ڪيو ويو هو. لڳي ٿو ته نقاد سڳورا رڳو گل ڪونڊر جو پيچو ڪندا رهيا آهن ۽ هي همراهه سندن نظرن تان ترڪي ويو آهي، نه ته سندس خير خيريت ضرور پڇن ها ۽ ڪيس سندس ڪهاڻين جي پلاٽينم جوبلي ۽ پوءِ وري ٽرپل گولڊن جوبليءَ تي سچن موتين جي سوغات (رت جا ڳوڙها) ضرور پلئه پائن ها، ان سلسلي ۾ هڪ انگريز ليکڪا سان پيش آيل واردات هت پيش ڪجي ٿي، جيڪا دلچسپيءَ کان خالي ناهي ۽ ويچارن اسان جهڙن اديبن جي حالتن تي روشني وجهي ٿي:

شارلٽ براتني ۽ سندس ڀيڻ پنهنجي يونيورسٽيءَ واري زماني ۾ ٻه پنهنجا مشهور انگريزي ناول "جين آئر" ۽ "ودرنگ هائٽس" لکي پورا ڪيا، ۽ ڪين ڪٿيءَ ڪنيو جو پنهنجي دور جي هڪ مشهور نقاد کي وجي "جين آئر" ناول پڙهڻ ۽ تنقيد لاءِ ڏنائون. فاضل نقاد سڳورو پهرين ته ناول پڙهي صفا وائڙو ٿي ويو ۽ ڪيس يقين ئي نٿي آيو ته اهو ناول هن وات ڳاڙهي اندر گريجوئيٽ ڇوڪريءَ لکيو هو، پوءِ ڪيس ڏاڍي ڇينپ ڪيائين ۽ چڙبون ڏيندي چيائين، "اوهان اڄڪلهه جون ڇوڪريون آخر پاڻ کي سمجهو ڇا ٿيون. ناول ڪا معمولي شَي ناهي، جو توهان جهڙيون ڇوڪريون جڏهن چاهين بنا ڪنهن استاد کان پڇڻ ۽ اصلاح وٺڻ جي لکي وٺن. اديب ٿيڻ تمام ڏکي ڳالهه آهي. ان لاءِ وڏي عمر ۽ تجربي جي ضرورت آهي."

ان هچا نقاد جي غير ادبي رويي ۽ ڌمڪين ويچاري شارلٽ کي ايترو ته مايوس ڪيو، جو هوءَ نه رڳو ناول ڇپرائڻ تان هٿ ڪڻي وئي، پر مورڳو ناول ساڙڻ لاءِ تيار ٿي وئي.

سخت جدوجهد ۽ مشڪلاتن کان پوءِ سندس ڀيڻ (ودرنگ هائيٽس جي خالق) ڪيس ان مايوسيءَ مان ٻاهر ڪڍي آئي ۽ ڪيس ان نام نهاد نقاد جي پرواهه نه ڪرڻ ۽ ناول ڇپائڻ لاءِ راضي ڪيو. ناول ڇپجڻ شرط سڄي دنيا ۾ مشهور ٿيو ۽ سڄاڻ نقادن نه رڳو يورپ ۾، پر سڄي هند - پاڪ، ۾ ان ناول کي ڊگريءَ ليول تي انگريزي نصاب ۾ شامل ڪرايو.

اڄڪلهه هر نئون ڪهاڻيڪار مظهر الاسلام جي اسٽائيل ۾ لکڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي ۽ تقريباً ڇيچندڙ هر ڪهاڻي ۽ مضمون جو عنوان مظهر الاسلام جي عنوان جهڙو هوندو آهي، ان کي ادبي فيشن جو نالو ته ڏيئي سگهجي ٿو، پر فن جو هرگز نه. فن هر گهڙيءَ ترقي ڪندڙ شَي جو نالو آهي. وقت ۽ حالتن سان گڏ ان ۾ ترقي ٿيندي رهي آهي. درحقيقت، هر فنڪار سخت محنت ۽ گهري مشاهدي ۽ گهڻي مشق کان پوءِ پنهنجي منفرد اظهار جو هڪ ذريعو ڳولي لهندو آهي. اهوئي سبب آهي ته هر اديب ۽ ڪهاڻيڪار جو اسلوب پنهجو هوندو آهي. سني ٻولي لکڻ يا رڳو تشبيهون ڪم آڻڻ ئي افسانه نگار ڪونهي.

ڪهاڻيءَ ۾ شاعري شروع ڪري ڇڏيندا آهن. ڪهاڻيءَ ۾ شاعري ڪرڻ ڪهاڻيءَ جي روح کي مجروح ڪرڻ آهي، ڇو ته اِها مڃيل حقيقت آهي ته ڪهاڻي نظم ۾ نه پر نثر ۾ لکي ويندي آهي. سمرسيٽ ماهم پڻ ان نظريي جو حامي آهي، ته هرويرو هٿرادو ٻولي استعمال نه ڪرڻ گهرجي، ڇو ته هر مواد پاڻ سان پنهنجي ٻولي ۽ لهجو آڻيندو آهي. اڪثر ڪهاڻيڪار هڪ جملو لکي پوءِ ٽڙيون (ڊيش) ڏيئي ڇڏيندا آهن. ياد رکڻ گهرجي ته اڄڪلهه جي اسپيس ايج ۾ ايتري اسپيس ڇڏڻ جي ضرورت هرگز ناهي.

اسان وٽ نئين ڪهاڻيءَ جا ڪهاڻيڪار نه ئي ڪنهن فڪري سلسلي سان تعلق رکن ٿا ۽ نه ئي وري اجتماعي يا انفرادي فڪر جو ڪُوَ سلسلو ڏيئي سگهيا آهن، هو رڳو بس ڪهاڻين جي انگن ۾ اضافو ڪري رهيا آهن. اهوئي سبب آهي ته اسان وٽ ڪهاڻين جي تعداد ۾ ته چڱو اضافو ٿيو آهي، پر ڪي ٿورا ڪهاڻيڪار ان ميدان ۾ نالو ڪڍي سگهيا آهن.

جيئن هيمنگوي جذبن (Passions) جو ڪهاڻيڪار آهي ۽ ڪردارن جي جذبن کي سهٽي گفتگوءَ جي ذريعي ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪندو آهي. جيئن موپسان انسان جي ڪمزورين کي نهايت فنڪاريءَ سان پنهنجي ڪهاڻين جو مواد بڻائيندو آهي، جيئن اوهينري تجسس واري پڇاڙيءَ جي ذريعي، پنهنجين ڪهاڻين جي ڪردارن کي پڙهندڙن سان متعارف ڪرائيندو آهي. سندن چهرن تان ماسڪ لاهي، سندن اصلي روپ ڏيکاريندو آهي.

جيئن ٽالسٽاءِ انساني اخلاقي ڪمزورين ۽ لالچن کي پنهنجي آفاقي انداز ۾ ڪهاڻين ۾ ظاهر ڪيو آهي، جيئن ترگنيف پنهنجي لازوال ناولن/ ڪهاڻين ۾ ويڇوڙي ذريعي محبت جي جذبي کي امر ڪري ڇڏيو آهي ۽ جيئن خليل جبران پنهنجي دردن، ويڇڙي ويل محبوبن ۽ اڻ پورين خواهشن ۽ خوابن کي لفظن جو روپ ڏنو آهي؛ اهڙي ريت ئي سليم چنا پنهنجي ڪهاڻين ۾ اڻ پورين خواهشن ۽ خوابن کي سچائي ۽ خلوص سان بيان ڪيو آهي. اهڙو احساس هِن جي ڪهاڻين "عشق جو آواز" ۽ "شڪ جا پاڇا" مان ظاهر آهي.

عشق جو آواز جو جنم هڪ اتفاقي فون بدڻ ۽ان، جيڪو ڪنهن ڇوڪريءَ جو آهي. شروع ٿئي ٿو، جيتوڻيڪ مهناز نالي ڇوڪريءَ کي هو (نائيڪ) ڪونه سڃاڻي، پر ليکڪ جي مَن ۾ وينٽل مونااليزا، جيڪا صدين جو سوداءُ بڻجي، سندن مَن تڙپائيندي رهي آهي، اُها هن ڪهاڻيءَ ذريعي ليکڪ جي خوابن جي دنيا مان نڪري، جڻ ته هن ڪهاڻيءَ جو ويس ڍڪي آئي آهي، دراصل

جنهن "مونالیزا" جو امیج لیکک پنهنجي ذهن ۽ خوابن ۾ ناهیو آهي، فون تي پڌندڙ منڙو آواز ان کري ئي کیس پیارو لڳي ٿو: ڇاڪاڻ ته اهو آواز سندس من مندر ۾ پرندڙ لاٽ جو پرتوو آهي، اِها ڳالهه ڪهاڻین جي هن پیرا مان ظاهر آهي.

(1) "چوکریون پاڻ پڏائڻ کان وٺي پاڻ وڻائڻ تائین، لفظن جي جادو ۽ سنهڙي زناني آواز جي سحر سان ٻئي کي متاثر ڪرڻ جي هر ممکن ڪوششون ڪندیون رهن ٿیون، پر هيءَ ڪا آسماني اپسرا ته نه هُئي؟ هي ڪا بهشت جي حور ته نه هُئي؟ ڪنهن ڪوهه ڪاف جي پري ته نه هُئي؟ یا هن زمین جي باغ عدن جي ڪا بیچین ۽ بیقرار بلبل هئي؟ یا ڪنهن مَئي خاني ۾ ساقي گیري ڪندڙ حسینه هُئي؟ جنهن جي حُسن جا سيئي جلوا جلترنگ هُئا. جنهن جي اکین ۾ انداز محبت بي پناهه هو، جنهن جي آواز ۽ انداز ۾ رڳو انگوري شراب جو نشو ئي نشو هو؟

هن جي ڳالهائڻ ۾ ڪلال جي ساقي گیري جا، مڌ جي مستيءَ جا، بي انداز نشان ته نه هُئا؟ هن جي لفظن ۾ مصري ماکي ۽ کنڊ جا منياج پریا اثوات ته نه هُئا؟"

(2) جیستائین روح هن خاکي جسم مان ۽ نفس جي قید مان آزاد ٿي، نکوي ۽ نروار نه ٿو ٿئي، ۽ نینهن نکورو تڏهن ٿیندو آهي، مهنازا جڏهن روح ڪندا روحن سان رهاٺیون، باقي ته آهن رڳو جسمن جي میلاپ جون ڪهاٺیون، یا نه ملندڙ دلین، جي درد جون سدا حیات ڪهاٺیون، ویڇوڙي جستجو، یا ناکام آرزوئن ۽ ارمانن جون پیڙا ڏیندڙ ڪهاٺیون... مهنازا مان پیار جي پنڌ جون انیک پیڙائون پوڳي پوڳي، هاڻ صفا ڀڃي ۽ ڀري ڪڏهن کو، پنهنجو هيءَ وجود وڃائي چڪو آهیان ۽ هاڻ مون وٽ رڳو روح جي اها رڙ وڃي رهي آهي، جیڪا پڙاڏو بڻجي منهنجي تن ۽ مَن ۾ گونجي رهي آهي ته.

"ڳولیا ڳولیا مَ لهان، شال مَ ملان هوت،
من اندر جا لوچ، مڇڻ ملڻ سان ماٺي ٿئي."

لیکک پنهنجي اڻ پورین خواهشن کي پنهنجین ڪهاٺین ۾ ئي پورو ڪري ٿو ۽ سندس من ۾ سرجندڙ ۽ اُتپن ٿیندڙ نازک، نفیس ۽ ملائم احساس، محبت جا لطیف جذبا ۽ محرومین جو اظهار پنهنجي ڪهاٺین ۾ ڪري ٿو، ڇو ته حقیقي زندگيءَ جون تلخیون، انسان جون خود غرضیون، مطلب پرستیون ۽ رڳو پاڻ کي چاهڻ واري جذبي ۽ عورتن جي مصنوعي ۽ منڙي انداز ۾ نڳري ڪرڻ ۽ ڊوُنگ رچائڻ وارن روین، معاشي افراتفري، سماجي پریشانیون، دولت جون حرفتون ۽ چمک، غربت جي ناسور ۽ انسان جي حسد واري جذبي، دراصل انسان جي اعليٰ

آدرشن، لطيف جذبن ۽ محبت جو قدر وڃائي ڇڏيو آهي.

هڪ فنڪار پنهنجي سچي محبت ۽ پوتر جذبن کي ڪنهن هڪ اهڙي ڇوڪريءَ جي حوالي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو، جيڪا هڪ حساس من کي ڇهي سگهي؛ جيڪا روحاني جذبن ۽ وارداتن کي مجازي لباس پارائي سگهي؛ جيڪا هڪ آدرشي فنڪار سان هٿ هٿ ۾ ڏيئي، خيالن جي هم آهنگي ۽ دمسازيءَ سان سندس روحاني پيڙا کي گهٽائي سگهي؛ سندس زندگيءَ کي آسان بڻائي سگهي ۽ کيس اهڙي دنيا ۾ وٺي وڃي، جتي سُونهن، سندرتا، سڳنڌ، سرهاڻ ۽ نوان رنگ روپ سروپ هجن. جتي مايوسين ۽ حسد جو ڪو دخل نه هجي، جتي شڪ جي ٻاٻري ڪنڊن بدران، گلن جي ٻهڪار، هڳاءُ ۽ سرهاڻ هجي ۽ رنگن جي ڇٽسالي هجي. اکين کي فرحت اچي، روح کي راحت اچي، جتي شڪ جي ڇمڙن بدران سهڻا پکي، ڇهڪندا نظر اچن ۽ مڌر گيت آلاپن. پر، جڏهن انسان جي اک کلي ٿي ته سندس زندگي شڪ جي ٿوهر سان ڀريل آهي. اهڙيون ئي ڪيفيتون آهن، جيڪي سليم چنا پنهنجي هر ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪرڻ چاهي ٿو ۽ جيڪا ڳالهه هن سندس فني طور تي رچيل ڪهاڻي ”شڪ جا ٻاچا“ ۾ نهايت ئي سهڻي پيرائي ۾ پيش ڪئي آهي.

انسان پنهنجي جذبن جي تسڪين ۽ محرومين جي پورائيءَ لاءِ هر دم ڪوشان رهي ٿو ۽ روح جي راتيءَ تائين رسائيءَ لاءِ ڪيترائي جتن ڪري ٿو، پر گهڻيءَ جدوجهد کان پوءِ جڏهن ڪنهن جي ويجهڙائي ۽ قرب جا لمحا حاصل ڪري ٿو، ته هڪدم ڪانئس اهي موقعا حاسد سماج ۽ دولت جي روشنيءَ جو چمڪو، هڪ ڏڪ سان کسي وٺي ٿو ۽ کيس خوشيءَ کان محروم ڪريو ڇڏي. اهڙين حالتن جو ذڪر سليم جي ڪهاڻي ”شاعري، عورت ۽ ايڊيٽر“ ۾ به ملي ٿو، جنهن ۾ هڪ اهڙي ايڊيٽر جي واردات آهي، جيڪو پنهنجي مئگزين لاءِ شاعري وٺڻ لاءِ مشڪل سان ان شاعر عورت تائين رسائي حاصل ڪري ٿو. فنڪاره پنهنجي شاعريءَ جو ڀڏي سرهي ٿئي ٿي ۽ شعر سان گڏ مخزن ۽ رنگين تصوير هلرائڻ لاءِ به چئي ٿي. ايڊيٽر سندس تصويرون ڏسي ڏاڍو سرهو ٿئي ٿو ۽ کيس فن جي ديوي سڏي ٿو ۽ سندس ڪجهه وڌيڪ تصويرون شوبزنس وارن صفحن تي ڇاپڻ جي اڄ به ڪري ٿو، پر فون تي اوچتي نياپي ٻڌڻ کان پوءِ فنڪاره شاعري ۽ تصويرون ڏيڻ وارو ڪم ملتوي ڪري ٿي ڇڏي ۽ ڪانئس معذرت ڪندي، موڪلائي ٿي؛ ڇو ته آيل فون هڪ ٽي. وي پروڊيوسر جو هو، جنهن کيس ڊرامي ۾ ڪم ڪرڻ ۽ سندس شاعريءَ ٽي. وي تي ڳارائڻ جي آفر ڪئي هئي.

ڏنو ويجي تہ سماجي اڻ برابريون ۽ چانديءَ جو چمڪو ماڻهن جون چالاڪيون ۽ ٺوڳي رويو، هڪ حساس من کي سدائين آن ٽانيڪو ڪري مايوسين جي سوغات ڏئي ٿو. چاڪاڻ تہ هن سماج ۾ سخت چٽاڀيٽي، ظالم روايتن ۽ ٻيائيءَ سبب هڪ حساس من کي سدائين ڀوڳڻو پوي ٿو ۽ اها ئي سليم جي ڪهاڻيءَ جي ڪهاڻي آهي.

انساني زندگيءَ ۾ هڪ اهڙا واقعا پيش اچن ٿا، جن تہ پهرين تہ ماڻهوءَ کي يقين ئي نہ ايندو آهي، يا وري هو پاڻ کي ان خوش قسمتيءَ جي لائق ئي نہ سمجهندو آهي، پر اهي واقعا اهڙا تہ نقش انساني من تي چٽين ٿا، ۽ اهڙو تہ گهرو اثر انساني دلين تي ڇڏين ٿا، جو جن جا نشان انسان سان مرڻ گهڙيءَ تائين گڏ رهن ٿا، بلڪہ روح جي جسم کان ڌار ٿيڻ وقت اهي روح سان گڏ سلامت رهن ٿا. جيستائين انسان جيئرو رهي ٿو، انهن نشانن، خوابن ۽ لطيف جذبن جي آسري، زندگيءَ جي تلخيءَ کي مٽائيندو رهي ٿو، ماضيءَ جون خوشگوار گهڙيون سندس سهارو بڻجن ٿيون. عظيم ڪهاڻيڪار چيخوف جي ڪهاڻي ”چمي“ بہ هڪ اهڙي واقعي جي عڪاسي آهي، جنهن ۾ فوجي پلٽون هڪ نواب جي گهر ۾ رات جي طعام جي دعوت لاءِ ڪجهہ گهڙيون ترسي ٿي، انهن فوجين ۾ هڪ عام سپاهي جڏهن هال مان ورانڊي ۾ اچي ٿو ۽ ٻاهر نڪرڻ لڳي ٿو، تہ اوچتو هڪ خوبصورت عورت اچي کيس ڀاڪر ۾ ڀڪوڙي پنهنجي نازڪ چپن سان چمي ڏيئي ٿي ۽ پيار ڀريا ڪجهہ لفظ چئي ٿي، دراصل اها چمي ڪنهن ٻئي انسان جي انتظار ۾ هئي پر اوندهہ ۽ غلط فهمي ۽ سپاهيءَ جي خوشقسمتيءَ سبب اها کيس نصيب ٿي ۽ ان سپاهيءَ جي دل ڪنهن نازڪ مکڙيءَ وانگر ٽڙي سدا بهار ٿي پئي ۽ سڄو سال هو، ان لطيف ڪيفيت کي ذهن جي پردي تي هلائيندو رهيو ۽ ٻئي سال جو بيچينيءَ سان انتظار ڪندو رهيو، جڏهن وري کيس ان علائقي ۾ وڃڻو هو، هيءُ منظر جي ورجاءُ جو انتظار ڪندو رهيو، پر اهڙا واقعا تہ اتفاقي هوندا آهن ۽ روز روز تہ پيش نہ ايندا آهن ۽ ٿيو بہ ائين. ٻئي ڀيري اهو سپاهي چاٽي واٽي ان ساڳئي هال کان ٿيندو ڀر واري ڪمري مان لنگهندي، ورانڊي کان ٻاهر ويندڙ ڪمري ڏانهن ويو، پر اتي تہ ڪاريءَ وارا ڪک هئا، ان سپاهي جي دل جو سربستو احوال توهان کي سليم چنا هِن ڪهاڻيءَ مان ملندو، جنهن جو نالو ”روشني“ آهي.

دراصل حُسن جي نازن ۽ چلولائين جي اظهار سان عشق جي من تي چا گذرندي، اها ڳالهہ جي کيس معلوم ٿي وڃي، تہ هوند، هو ڪڏهن بہ اهڙي ٻاهہ

پارڻ جي ڪوشش ئي نہ ڪري، اهي گهڙي ڪن جون قربتون ۽ اتفاقي ويڇڙائپ واريون ڳالهيون ئي حساس مَن تي پنهنجا گهرا نقش ڇڏي وينديون آهن، جن جا چاڪ ساري عمر ڇڪندا رهندا آهن ۽ انسان چاهيندي بہ انهن ڦٽن جي ڇٽڻ جي دعا ۽ دوا نہ ڪندو آهي ۽ انهن ڦٽن سان تيل روشن واٽ تي سچي زندگي گهاري ڇڏيندو آهي.

اصل ۾ اهي سمورا ڦٽ ۽ چاڪ ئي آهن، محروميون ۽ مجبوريون ئي آهن، حالتون ۽ زماني جون گردشون آهن، نفسا نفسي ۽ پيٽ جي باھ ئي سماجي حد بنديون آهن، جيڪي انسان کي ڪڏهن ديوداس تہ ڪڏهن مهاتما بنائي ڇڏينديون آهن ۽ انسان پنهنجي من جي چند وديا ۽ ٻين دلين سان دل لڳائڻ جو شيوا ڪندو رهي ٿو تہ پوءِ آخر ڇو ڪيس مايوسيون پلئہ پون ٿيون، جهڙي حال ۾ هو آهي، قبوليو نٿو وڃي. ان ۾ آخر سندس ڪهڙو ڏوھ آهي. خالق جي تخليق ۾ ڪو نقص بہ ناهي، پوءِ ڇو انسان دکي آهي، انسان پوڄي ٿو. هُن لاءِ ٿڌي ڇانوَ ميسر نہ آهي. ڪيس درد جي صحرا ۾ ڇا لاءِ ڌڪيو ويو آهي. مٿس سڀ دروازا ڇو بند ڪيا ويا آهن. آخر سندس ڪهڙو ڏوھ آهي، هن جو من تہ اُجرو آهي، وٽس پيار جو بيڪران سمنڊ ڇوليون هڻي رهيو آهي، پر هي ڪهڙي دنيا آهي، جنهن ۾ سچن جذبن جو ڪو قدر ناهي، سادگيءَ کي ڌڪاريو ويو آهي. مڪاري، چالاڪي، مصنوعيت ۽ ڍونگ کي پيار، اخلاق ۽ تهذيب جا نالا ڏنا ويا اهن. اهي سيئي سوال.سليم جي ڪهاڻين ۾ ڪَرَ ڪنيو بيٺا آهن ۽ پڙهندڙ جي مُنهن ۾ ڇتائي ڪانئس جواب طلبي رهيا آهن.

سليم انهن سيني ڳالهين کي پنهنجي ذاتي احساساتي انداز سان پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ هو وڏي واڪ چئي رهيو آهي تہ:

"منهنجي دنيا سڀ رنگ سانول،
مون وٽ روپ نہ ڪو بهروپ آلا."

سليم جو اسلوب سادو ۽ سنئون سپاٽو آهي، سندس مَن ۾ جيڪي جذبا اڇن ٿا، هو ڪين ڪهاڻيءَ جو روپ ڏيندو رهي ٿو، هن ڪٿي بہ اجائي چرڪائيندڙ پڄاڻي ڏيئي پڙهندڙ کي امپريس ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي، پر سندس ڪهاڻين جي سڌي ۽ سادي پڄاڻي هڪ ڀرپور اثر پڙهندڙ تي ڇڏي ٿي، هو پنهنجن جذبن کي سندن گهربل گهاڙيٽن ۾ بيان ڪندو آهي، جيتوڻيڪ سندس ڪهاڻي "مهان ڪهاڻيڪار" هڪ رپورتاژ لڳي ٿي، جيڪا پنهنجي جاءِ تي هڪ

سٺي شَي آهي، سليم ادب کي پنهنجي عبادت سمجهي ٿو ۽ پنهنجي فن جي تڪميل لاءِ، ڏينهن رات سرتوڙ ڪوشش ۾ آهي. ان ڳالهه جو مثال سندس ڪهاڻي ”جدوجهد“ مان ملي ٿو، جيڪا سندس اُتم ڪهاڻي آهي. فنڪار پنهنجي پيٽ جي باهه اوجهائڻ لاءِ دنياوي معاملن ۽ وهنوارن ۾ پاڻ کي نہ چاهيندي بہ اَلجهائي رکي ٿو، ڪيس روحاني سڪون ۽ تسڪين انهن ئي ڪمن مان ملي ٿي، جنهن سان سندس من جو پيچ پاتل آهي، ان ڳالهه جو ثبوت سندس ڪهاڻي ”جدوجهد“ جي هيٺين سٽن مان لڳائي سگهجي ٿو.

”هو هڪ ادبي اداري ۾ پهچي ٿو، جتان ڪارڊ ورهائڻ لاءِ ملنس ٿا.. وري هن لاءِ فيصلي جو مسئلو ڪارڊ ٿو ورهائي تہ نہ ادبي ڪلاس نہ ئي دوست جي چانهہ پارٽي...! پوءِ هو آخري فيصلو ڪندي پڻ شين کي اهميت ڏيئي ٿو. هڪ ادبي ڪلاس، ٻيو ادبي پروگرام جا ڪارڊ ورهائڻ، هو سج لهڻ ڪان پهرئين ادبي ڪلاس ۾ پهچي وڃي ٿو. پندرنهن منٽن ڪان پوءِ دستوري ادبي ڳڏجاڻي شروع ٿئي ٿي. هي ٻين جا اسم ٻڌي ٿو، رايا ٻڌي ٿو. پنهنجا رايا ڏئي ٿو، واري اچڻ تي پنهنجو ”تاثر“ پڙهي ٿو، جيڪو پسند ڪيو وڃي ٿو. هن کي سڪون ملي ٿو ۽ منجهند آفيس واري ڊيوٽي جي تڪليف وسري ٿي وڃيس.“ سندس ”وڃائجي ويل ڪهاڻي بہ هڪ اهڙي ڪهاڻيڪار جي ڪهاڻي آهي، جنهن کي نہ رڳو ڪهاڻي لکڻ سان عشق آهي، پر ڇپجڻ ۽ ڪهاڻي ٻڌائڻ جو پڻ جنون آهي، هي عشق ۾ ملامت سهڻ لاءِ بہ تيار رهي ٿو، ايڊيٽر حضرات هن ڪهاڻيڪار سان اهڙي تعدي ٿا ڪن، جيڪا يورپ ۾ سمرسٽ ماهم ۽ آمريڪا ۾ ارسڪن ڪالڊويل سان ٿي، جن کي پورا اٺ سال نظر انداز ڪيو ويو. سندن لکڻين کي ٽيستائين ملڪي رسالن ۾ جاءِ نہ ملي سگهي، جيستائين ڪين پرڏيهي رسالن نہ ڇپيو.

هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ڪهاڻيڪار سان جيڪي ڪجهہ وهي واپري ٿو يا ڪيس ڪهاڻي ڇپرائڻ ۽ ٻڌائڻ لاءِ ڪيترا پاپڙ ويلڻا پون ٿا، ان جو تفصيل سان بيان آهي، ڪهاڻي ڇپائڻ لاءِ هڪ حساس ڪهاڻيڪار نہ رڳو ايڊيٽر جي اڳيان پويان هلي ٿو ۽ خوشامد ڪري ٿو، پر ان ڪهاڻيءَ ۾ ايڊيٽر جو چڱو خاصو ۽ اهم ڪردار بہ تخليق ڪري ٿو، ايتري خوشامد ڪان پوءِ، ان رسالي جي ٽيندڙ جشن لاءِ ڊڪ ڊوڙ بہ ڪري ٿو. ايتري قدر جو ڪيس گهر جي ماني بہ نصيب ڪانہ ٿي ٿئي، پر تڏهن بہ حالت اُها آهي، تہ سندس ڪهاڻي نہ فقط رسالي ۾ نٿي ڇپجي، بلڪ ايڊيٽر جي فائيل ۽ ذهن مان بہ گم ٿي وڃي ٿي، پر اُهي سڀ ڳالهيون ڪهاڻيڪار کي مايوس نہ ٿيون ڪري سگهن، ڇو تہ ڪيس ڪهاڻي لکڻ

سان عشق آهي ۽ ڪهاڻيڪار اهو خفت ٻين ڪهاڻيڪارن کي پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائي پورو ڪري ٿو، توڙي جو وٽس ٻڌائڻ لاءِ ڪا ڪهاڻي ڪانهي، پر هو اُتي ئي ويهي پني تڪري تي هڪ نئين ڪهاڻي منتقل ڪري ٿو ۽ ادبي ڪَڏجاڻيءَ ۾ پيش ڪري ٿو.

ان ڪهاڻيءَ ۾ سليم ڪهاڻي ڇپرائڻ جي مسئلي کي طنزيہ انداز ۾ چڱيءَ ريت پيش ڪيو آهي ۽ ايڊيٽرن ۽ چيف ايڊيٽرن جي من مانين کي ظاهر ڪيو آهي ۽ هڪ ڪهاڻيڪار جي بي وسيءَ جي عڪاسي ڪئي آهي، جڏهن تہ هزارين ڪچيون ڦڪيون شيون بنا ايڊٽ ڪرڻ جي، ايڊيٽر حضرات پنهنجي رسالن ۽ اخبارن ۾ عام جام پيا ڇپين.

سليم جي اڪثر ڪهاڻين ۾ مضمون، ڊائري، تاثر يا رپورتاز جو رنگ آهي، حالانڪہ ڊائري يا خط کي ڪهاڻيءَ جو حصو بنائي سگهجي ٿو، پر ڪهاڻيءَ تي رپوتاز ۽ تاثر جو لبادو پارائڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجيس. ڪهاڻين کي فني رچنائن يا شاهپارن ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ ڪيس علامتن ۽ اشارن کان ڪم ڪڍڻ گهرجي، جو تہ ڊائريڪٽ ڳالهہ ڪرڻ جو پرهندڙ تي اهو امپيڪٽ نٿو وِهي، جيڪا ڪهاڻي جي گهرج آهي، سليم چنا جون هن مجموعي ”روشني“ ۾ موجود سڀ ڪهاڻيون پڙهڻ کان پوءِ محسوس ٿئي ٿو تہ آهي ڪهاڻيون هڪبئي جي ڪيڊ مختصر وقفي کان پوءِ لکيون ويون آهن، تنهنڪري ڪنهن ڪنهن ڪهاڻيءَ کي مقرر معياد يا مدي کان اڳ جنم ڏنو ويو آهي. جيئن ڪو سترڙو ٻار جنم وٺي. هيمنگوي ان متعلق ڏاڍي سني ڳالهہ ڪئي آهي، تہ توهان ڪهاڻيءَ متعلق هرپرو گهٽو نہ سوچيو ۽ تيستائين لکڻ واري ٽيبل تي نہ وڃو، جيستائين اها توهان جي ذهن ۾ پچي راس نہ ٿئي، ان جو بهترين مثال اهو آهي، جو هن ذهن ۾ مڪمل ٽيل ٻن ٽن ڪهاڻين کي هڪ ئي سٽنگ ۾ ويهي شاهڪار تخليق جو روپ ڏنو آهي.

سليم، موهن ڪلپنا وانگر رومانس نگار آهي ۽ انهيءَ جو وڏو سبب، شايد موهن ۽ شرت چندر جي ديوداس وانگر سندس گهڻي عرصي تائين غير شادي شده رهڻ آهي. (سليم خير سان 43 سالن جو ٿي ويو آهي ۽ اجا اڪيلو آهي.)

ادب پنهنجي جهول ۾ ڪيترائي عالمگير جذبا ۽ موضوع سمائي ڇڏيا آهن، جهڙوڪ: نيڪي، بدي، پيار ۽ نفرت، محرومي، آس، نراس، جبر، استحصال، ميلاپ ۽ وڇوڙو، غم ۽ خوشي، خواهشون ۽ حسرتون، بيروزگاري ۽ بيماري، موت ۽ حيات، اوچ، نيچ، هٿ ٺوڪيا اخلاقي قدر، پاپ ۽ پچ، دوڪا ۽ دولاب، خود فريبي ۽ انا جو انڌ وغيره.

بنيادي طرح ادب جا ٻارنهن موضوع آهن، جيڪي اڪثر ڪهاڻين ۾ ڏٺا

ويا آهن، اهي بنيادي موضوع هي آهن:

1. ٻن پيار ڪندڙ دلين جي ڪامياب محبت جي ڪهاڻي.
2. ماءُ جي محبت عظيم آهي ۽ ٻين سڀني جذبن کان سگهاري آهي.
3. وطن جي حُب ۽ وطن لاءِ سر ۽ مال سڀ قربان ڪرڻ.
4. گهر ۽ خاندان جي عزت ۽ لڄ بچائڻ لاءِ سڀ ڪجهه قربان ڪرڻو پئي، ته به نه ڪيٻائجي.
5. حسن ۽ عشق جو مڪمل وصال ٻين سڀني شين کان قيمتي آهي.
6. بلند همت، حوصلي، عزم ۽ استقلال ۽ تيز فهمي ۽ ڏاهپ کان ڪم وٺندي ماڻهو، غربت کي نه رڳو قابل برداشت ۽ خوشگوار بڻائي سگهي ٿو، پر دنيا لاءِ مثال به قائم ڪري سگهي ٿو.
7. ڪنهن اعليٰ آدرش ۽ نظريي تان ماڻهو پنهنجو پيار، دوستي، گهر، ٻار، مڏيون مال، سڀ ڪجهه قربان ڪري سگهي ٿو، ڇو ته آدرش ۽ اعليٰ خيال ٻين سڀني شين کان گهڻو مٿانهان آهن.
8. هڪ ننڍڙو ٻار به وڏن جي رهنمائي ڪندڙ ۽ ڪين راهِ ڏيکاريندڙ ٿي سگهي ٿو، ڇو ته ٻار پنهنجي پيدائش ڏاهپ سبب، نه رڳو پنهنجن وڏڙن کي مونجهاري کان بچائيندا آهن، پر سندن مسئلن ۽ مونجهارن جو حل به ڏئائيندا آهن.
9. دنيا ۾ سڀ ڪجهه وڃائڻ کان پوءِ، فقط مذهب ئي زندگيءَ جي ٽريجڊي مان نڪرڻ جي واٽ آهي.
10. جرئتمندانه طور تي ذاتي خواهشون قربان ڪرڻ وارو جذبو، امر ۽ لازوال آهي. انسان کي ان جو اجر زندگيءَ ۾ ضرور ملندو آهي.
11. خوشنصيبي، ڪاميابيون ۽ ڪامرانيون آخرڪار انهن ماڻهن جا قدم چمنديون آهن، جيڪي ڌيرج، عقل ۽ فهم، استقامت، همت ۽ جرئت کان ڪم وٺندا آهن، بشرطيڪ انهن صاف ستري ۽ بي عيب زندگي گذاري هجي ۽ عدل ۽ انصاف کان ڪم ورتو هجي.
12. پيرسني ۽ وڏي عمر زندگيءَ جي چاڻ ۽ دنياوي ڏاهپ لاءِ تمام قيمتي شَي آهي، جيڪا اڪثر چوڻين ۽ پهاڪن مان ظاهر آهي.

سليم تمام گهڻو ۽ تڪڙو لکيو آهي، هو بنيادي طور هڪ سماجي رڪن ۽ ادبي ڪارڪن هجڻ جي ناتي سدائي سڙڪن تي ڏٺو ويو آهي، تنهن ڪري نه رڳو مان پر سڀ دوست حيران آهن ته هو لکندو ڪهڙي وقت آهي ۽ ايترو جلد ڪيئن ٿو لکي، جڏهن ته هڪ سٽ لکڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن هڏن جي سڄي مِک

کپائٽي پوندي آهي، تڏهن وڃي هڪ سٺ سرجندي آهي. سندس گهٽيون ڪهاڻيون تڙ تڪڙ ۾ لکيل لڳن ٿيون ۽ انهن ۾ يڪسانيت نمايان آهي. اهو شايد هڪ ئي وقت گهڻيون ڪهاڻيون لکڻ جو نتيجو هجي، لڳي ٿو ته سليم هڪ وار ڪهاڻي لکي، پيهر ان کي ڏسڻ ۽ پڙهڻ جي تڪليف نه ڪندو آهي، ان جو مکيه سبب شايد ڪهاڻين جي تڪڙي سينچري پوري ڪرڻ لاءِ سندس چڪا هڻڻ آهي، بهرحال هيءَ هڪ مڃيل حقيقت آهي ته ٿورڙيون پر معياري لکڻيون ادب جي آسمان تي وهائو تاري وانگر سدائين جهرمر جهرمر چمڪنديون آهن.

چيخوف جي سوانح حيات پڙهندي معلوم ٿئي ٿو، ته هو پنهنجين ڇپيل ڪهاڻين کي به ورائي ورائي لکندو هو ۽ انهن ۾ ضروري ردوبدل ڪندو رهندو هو ۽ انهن کي پنهنجن ٻچن/ اولاد وانگر مکمل ڏسڻ چاهيندو هو ۽ انهن جون ڪچايون دور ڪندو رهندو هو. جيتوڻيڪ، هو پيشي جي لحاظ کان ته ڊاڪٽر هو، پر هن پنهنجو سمورو وقت ڪهاڻين کي ارپي ڇڏيو هو. اهو ئي سبب آهي جو سندس ڪهاڻيون سڄي دنيا ۾ مڃتا ماڻي چڪيون آهن ۽ مختصر ڪهاڻي لکندڙن لاءِ نشان راهه آهن ۽ هو مختصر ڪهاڻي جو سڀ کان وڏو ڪهاڻيڪار تصور ڪيو وڃي ٿو.

سليم جي ڪجهه ڪهاڻين ۾Sence of humour به ملي ٿو. سندس ڪهاڻين جا اڪثر موضوع روماني آهن ۽ گهڻين ڪهاڻين جو نائڪ هو خود پاڻ آهي ۽ اڪثر ڪهاڻيون سندس آتم ڪٿا آهن.

هن جي ڪهاڻين ۾ طنز ليکڪ پاران ڪٿي نٿي وڃي، پر ڪهاڻي خود طنز بنجي وڃي ٿي، جهڙوڪ ”وڃائجي ويل ڪهاڻي“، ”شاعري، عورت ۽ ايڊيٽر“.

سليم جي اڪثر ڪهاڻين جو موضوع پيار جي محرومي، غربت ۽ انسان جي معصوم جذبن جو بي دردانه قتل آهي، هو سماج کان محبت، شفقت ۽ مهربانيءَ جو طلبگار آهي، پر ڪيس موٽ ۾ مليون آهن، مايوسيون ۽ محروميون، ڌڪا ۽ ٿيلها، مڪاريون، منافقتون ۽ ڪُوڙيون تعريفون، جن کي هن نهايت سادگيءَ، تحمل ۽ بردباريءَ سان پنهنجي جهول ۾ جهليو آهي ۽ اهي ئي محروميون ۽ ناڪاميون هُن، سماج کي سهٽي اخلاق ۽ بنا احتجاج جي موٽائي ڏنيون آهن، هو انهن جو ذڪر ته ڪري ٿو، پر شڪايت نٿو ڪري ڇڻ ته چوندو هجي:

دشمنن جا ته وار سهبا پر،
دوستن جو خلوص ماري ٿو.

هو جنهن سان به پيار ڪري ٿو ۽ موٽ ۾ ڪيس مايوسي پلئه پوڻ تي، هو

ان جي بيوفائي جو واقعاتي اظهار تہ ڪري ٿو، پر نہ ساڻس شڪايت ڪري ٿو ۽ نہ وري ڪيس رسوا ڪري ٿو، جيئن اسان وٽ اڪثر ڪهاڻين ۾ ڪيو ويندو آهي.

سليم جو اسلوب ٿڌو نرمائي وارو ۽ بيانيہ آهي. سندس ڪهاڻي لکڻ جو هڪ پنهنجو انداز آهي، هو رواجي انداز ۾ جتان ڪيس وڻي ٿو، ڪهاڻي شروع ڪري ٿو ۽ جتي سندس مرضي ٿئي ٿي، ڪهاڻي ختم ڪريو ڇڏي، جنهن ڪري ڪهاڻيءَ ۾ ڪهاڻي يا مرڪزي نقطو ڪڏهن ڪڏهن پڙهندڙ کي ڳولڻو پوي ٿو.

هو ڪٿي ڪٿي، ڪهاڻيءَ جي فن جي بنيادي عنصرن ۽ موضوع جي بنيادي نقطي کي نظر انداز ڪيو ڇڏي ۽ ڪهاڻيءَ جي ڊمانڊ ڪان اڪيون ٻوتيو ڇڏي، اهو ان ڪري تہ شايد ڪيس ڪهاڻي هڪ ئي ويهڪ ۾ پوري ڪرڻي آهي ۽ باقي وقت سندس سوشل ورڪ لاءِ وقف آهي. (ڏسو ڪهاڻي "جدوجهد" ۽ "مهان ڪهاڻيڪار") دراصل سوشل ورڪ سنگت سان ڪچهريون ۽ ادبي ميڙ ئي سندس مشغلو ۽ سندس ڪهاڻين جو موضوع ۽ مواد آهي.

سليم هڪ Tough Mindeds Hard Headed Optimist آهي.

هن جو انسانيت ۾ ايمان آهي. اهو سندس پختو ايمان آهي تہ پينڊورا باڪس (پيٽي) ۾ هاڻي رڳو اميد ئي باقي رهي آهي، جو تہ سماج جي ارڏاين، لالچن ۽ طمع سبب پينڊورا باڪس کلي چڪي آهي ۽ ان ۾ موجود نانگ بلائون ٻاهر نڪري ماڻهوءَ جي من ۾ گهري ڪري ويون آهن، پر سليم ان پيٽيءَ کي بند ڪيو آهي ۽ ڪيس پڪو يقين آهي تہ ان پيٽيءَ ۾ هاڻ "اُميد" ئي باقي رهي آهي. زندگيءَ ڏانهن سندس رويو مثبت آهي ۽ اها ئي خوبي سندس شخصيت مان ليئا پائيندي نظر ايندي آهي.

رفيق سومرو
نديم جو گهر
بي 63، فيز I، قاسم آباد، حيدرآباد

٣ـ يادن جا بادل

رمضان نول جي نظمي ڪتاب "جهيٽي روشنيءَ جا نظم" جو اڀياس

وسيم سومرو

هڪ ڏينهن مان ڪراچي پئي آيس، مون ڪوچ جي هلڪي ناسي گلاس مان آڪاس ۾ اڏامندڙ بادلن کي پئي ڏٺو، جيڪي ڪنهن سمي پکين وانگر لڳي رهيا هئا ۽ ڪنهن سمي منهنجي دوست رمضان نول جي انهن نثري نظمن وانگر لڳي رهيا هئا: جيڪي مون تازو هن جي تازي شاعريءَ جي ڇپيل ڪتاب "جهيٽي روشني جا نظم" ۾ پڙهيا هئا. جهيٽي روشني جا نظم، جن بابت مون هڪ راءِ لکي هئي ته، "نثري نظم، سنڌي شاعري جي پٽ تي، هڪ نئون رستو آهي، جنهن بودليئر کان بادل تائين هڪ لمبو سفر ڪيو آهي، ان سفر ۾ نوجوان شاعر رمضان نول جو نانءُ به هڪ تازي وک جيان آهي، هن 1979ع کان پنهنجي نظم "ڦاسي" کان شروعات ڪئي ۽ پنهنجي نظم "تخليق" تائين ڪافي نظم سرڇيا آهن، جن ۾ ڪي نظم ته پرينءَ جي ڇمي جهڙا آهن، جن کي پڙهي سمهڻ ڪانپوءِ ماڻهو خوابن جي شهر ۾ داخل ٿيڻ کان رهي نٿو سگهي. رمضان نول جي سڄاٽپ نثري نظم آهي، جنهن ۾ هن خوشبوءِ جهڙو محسوس ٿيندڙ اظهار ڪيو اهي ۽ اجائي اوٽ کان پاسو ڪيو آهي، اهوئي ڪارڻ آهي ته هن پنهنجي شاعري کي شعوري ڪوشش جو پابند نه بنايو آهي. جنهن سبب هن جا ڪيترا نظم صرف تن، چئن سٽن تي پنهنجو ساهه کڻن ٿا ۽ ڪٿي انهن ۾ لفظن جو ڦهلاءُ ڪنهن گلن جي ٻاريءَ جيان ٿي وڃي ٿو. شال هن جي نثري نظمن کي پڙهندڙ ائين محسوس ڪري سگهن، جيئن هن اهي يوڳي لکيا آهن.

اڄ جڏهن انهن نثري نظمن جي لوءِ جهڙي جلندڙ محسوسات تي مان ڪجهه پنهنجا ويچار ڦهلائي رهيو آهيان، ته پهرين اها پوڳنا مون کي ئي بيان ڪرڻي پئجي وئي آهي، جا رمضان نول سچ پچ يوڳي پنهنجا هي نثر نظم تخليق ڪيا آهن، هن جي نظمن ۾ هن جو پنهنجو سانورو سياءُ آهي، جنهن کي ڏسي

اکيون ڪڏهن سوال ته ڪڏهن جواب بنجي پونديون آهن، هن جا نظم ماچيس جي اها تيلي آهي، جا ٻيلن کي ٻاري ڇڏيندي آهي، هن جا نظم زندگيءَ جو احساس آهن، هو پاڻ لکي ٿو ته، ”شاعر جي دل ۾ محبت جا خالي خانا ناهن هوندا، هو هر موسم جي رنگن جيان تحرير ۾ نوان رنگ پريندو آهي، شاعر اکرن کي زندگي بخشيندو آهي.“ خود رمضان نول به اهڙن شاعرن منجهان آهي، جنهن راتين جي اوجاڳن ۾ جهيڻي روشنيءَ جي احساس سان، اکرن کي زندگي بخش ڇڏي آهي.

هن،
مون ڏانهن،
ائين نهاريو،
سمجهيم مان ڏوهي آهيان. (نثر نظم نِهارَ)

يا هي پڙهو،

مون کي،
تون اجرڪ ۾،
ائين لڳندي آهين،
جيئن چنڊ ڪهڪشان ۾ (نثري نظم - تون)

يا اجا به هي مختصر نظم پڙهو،

چنل گل تي،
ڀنور،
ڪڏهن به ناهي ايندو. (نثر نظم - نظم)

نثري نظم جي هڪڙي خوبي هن جو مختصر پڻو اهي، جيئن مٿين نظمن ۾ آهي، ان ۾ شاعري جي شعوري ڪوشش جو قطعي دخل نه آهي، جيئن ماٺهوءَ جي مرضيءَ جو پنهنجي ساهه کڻڻ تي دخل نه هوندو آهي، بس اها ته خيال جي مرضي هوندي آهي ته ڪو ڪيترن لفظن کي ڇهي آخري ڪنهن لفظ تي ائين ويهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، جيئن پوپٽ نيٺ ڪنهن هڪ گل تي ساهه پٽڻ لاءِ وسرام ڪندو آهي، معنيٰ لفظن ۾ پريبي ڪانهي، بلڪ اها ته لفظن جي بدن مان اِزخود ڦٽندي اهي، جيئن ڪاوڙيل گهور مان، رمضان نول کي ڏوهي هجڻ جو احساس جاڳي ٿو، يا هن کي اجرڪ ۾ ويڙهيل ڇوڪري ڪهڪشان ۾ چنڊ جيان لڳي ٿو، يا وري هن کي چنل گل ڏسي بي وطني جو احساس جاڳي ٿو، جنهن کان پونئيرن جو رشتو ڇڇي ويندو آهي، اهڙو ئي هڪ لاثاني مختصر نثر نظم مون کي اهڙو ڪاش، جو ياد اچي ٿو، جيڪو هن ريت آهي ته:

مثل ماڻهو ڳالهائيندو ناهي،
مثل ماڻهو سوچيندو ناهي،
نہ ڳالهائڻ سان،
نہ سوچڻ سان،
ماڻهو مري ويندو آهي.

مختصر پڻي ڪانڀ پوءِ نثري نظم جي اهم خوبي موسيقي جو اندروني يا داخلي آهنگ ڪري بيهاري ٿو، موسيقي جو هي اندريون آهنگ عام ڪن رس ڪان تمام متاثهون هوندو آهي، ان جي محسوسات لاءِ پڙهندڙ کي پنهنجي عام ۽ مروج ڪن پڌڻي کي الوداع ڪرڻو پوندو آهي، بلڪہ هن کي ٻڌڻ لاءِ پنهنجي ڪن رس کي نئين سر تخليق ڪرڻو پوندو آهي، جيئن تحريري آرٽ کي محسوس ڪرڻ لاءِ ڏسندڙ کي نيون اکيون تخليق ڪرڻيون پونديون آهن. رمضان نول جي نثري نظم جو اندريون سنگيت آهنگ ڪجهہ هيئن بہ آهي:

* ... تخليق پنهنجا گس ائين ٺاهيندي آهي، جيئن مينهن
پهاڙن ۾ رستا ٺاهيندو آهي. (نثري نظم -تخليق)
* صبح جا ڪرڻا،
ماڪ کي چهن ٿا،
هوا جي هنج ۾،
سپنا ستل آهن... (نثر نظم – تو لاءِ هڪ نظم)
* مون کي توکي ڏسڻ ۾ ي ڏنو آهي،
..... من جي سپنن وانگر.
تنهنجو عڪس ڏنڌلو ٿي ويو آهي... (نثري نظم – نظم)
* ...... لڙڪن جي لباس ۾ پيار جا پل آهن،
سندر گهڙيون سپنن جيان،
تنڊ ۾ درد جاڳن ٿا،
اپ ۾ ڪو ڪکر پنڪي پيو.... (نثري نظم (تنڊ ۾ درد جاڳو ٿا)

۽ هي نظم پرهو.

يادن جا بادل مڙن ٿا،
خوشين جا ڳوڙها وسن ٿا،
تنهنجي ڇاتيءَ جي ڳج ۾ لڪي پون ٿا،
۽ تنهنجي ڌڙڪندڙ دل واري سيني کي،

هنن مثالن ۾ سنگيت جو نئون احساس آهي، جيڪو صرف پڙهڻ سان محسوس نٿو ٿئي، بلڪ پڙهڻ کان بعد سوچڻ سان پڌرو ٿئي ٿو، مينهن جو پهاڙن ۾ رستا ناهڻ، صبح جي ڪرڻن جو ماڪ کي ڇهڻ، هوا جي هنج ۾ خوابن جو سمهڻ، سپڻن جو ڏنڊلائجڻ، ننڊ ۾ دردن جو جاڳڻ، اُپ ۾ ڪکر جو پٽڪڻ يا آخري نظم جو احساس صرف احساس ئي نہ آهي، بلڪ سنگيت احساس آهي. جيڪو پيچرن جيان ڪن - رس کي اڳتي وٺي وڃي ٿو ۽ پڙهندڙ هڪ نئين مظهر جي دَرشن تائين پڄي وڃي ٿو، رمضان نول جي شاعري صرف سنگيت احساس ئي نہ پر اها اهڙو سجاڳ احساس بہ آهي، جنهن جي پڙهڻ کان پوءِ اکين جي ڪلڻ، دل جي ڌڙڪڻ يا پيرن جي ڪجڻ جو احساس جاڳي ٿو. جيئن،

* .... باک بينر کڻي احتجاج ڪري رهي آهي،

۽ صبح

نعرا هڻي رهيو آهي. (نثري نظم (- صبح نوان نعرا هڻي رهيو آهي)

يا، ان ڏس ۾ نظم (مون کي احساس اهي)

نظم (امن جي ديوي) نظم (چتائون)

پڙهي سگهجن ٿا، رمضان نول شاعريءَ جي عام مروج لهجي کي منڌيئڙو ڏيئي پنهنجو نئون شاعراڻو لهجو تخليق ڪيو اهي.

* .... ديوارن تي جيڪي بہ نشان آهن،
سي منهنجا زخم آهن.

* .... پکين جي پيرن ۾ سنيها ٻڌي،
سوچن ۾ اڏائڻ لڳندو آهيان،
او پرين!
يادن کي رابيل ۾ سموئي ڇڏجانءِ،
جيئن خوشبو وڌي وڃي،
يا هي مڪمل نظم پڙهو.
سج ۾ ڪرڻا،
ڪرڻن ۾ روشني،
روشني ۾ زندگي آهي،
زندگيءَ ۾ پيار آهي،
پيار ۾ تون آهين،
تو ۾ روشني آهين،
روشنيءَ ۾ زندگي آهي،
۽ زندگي حسين آهي.

نظم چڻ ته اس ۾ چانوَ جي راند آهي، جا سانوڻ رت ۾ ڪڪر ڪيڏندا آهن، رمضان نول پنهنجي نالي جي سادگي جيان پنهنجي شاعراڻي اظهار ۾ به بنهه سادو ۽ سباجهو آهي. هن جو شاعراڻو سفر پنهنجي جنم شهر موري کان نوڪريءَ جي شهر ڪراچيءَ تائين پکيڙيو پيو آهي، ان وچ ۾ هو پنهنجي نثري نظماڻي اظهار ۾ ڪٿي ڪٿي اڏري وڃي نڪتو آهي، ان جو وستار هت مشڪل آهي.

رمضان نول رستي تي اڳتي وڃي رهيو آهي، هي سندس شعري ڪتاب ”جهيٽي روشنيءَ جا نظم“ ته هن جي هڪ ساهي آهي، جا چانوري ۾ مسافر ٿڪ لاٿڻ لاءِ ڪٽندو آهي، هو پاڻ به پنهنجي هڪ نظمائي (مون کي احساس آهي) ۾ اظهاري ٿو ته

* .... مون کي احساس آهي،
انهن سپنن جو،
جن کي ساپيائون ملي نه سگهيون،
مون کي احساس آهي،
انهن اڻپورن نظمن جون،
جيڪي تنهنجي وڇوڙي کان پوءِ،
پورا ٿي نه سگهيا.

(عوامي آواز جي ٿورن سان)

(12) لسانيات

سنڌيءَ ۾ سائنسي اصطلاح سازي

احسان احمد عرساڻي (ليڪچرار مهراڻ يونيورسٽي)

ننڍپڻ کان ئي ماهوار ”سائنس“ پڙهڻ جو شوقين رهيو آهيان. وچ ۾ هي رسالو ڪيترو وقت بند رهيو، ان جي وري شروع ٿيڻ تي خوشي ٿي، پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته رسالي جو مواد معيار توڙي مقدار پنهي جي لحاظ کان اهو نه رهيو آهي، جيڪو اڳي هو. سائنس جو شاگرد هئڻ جي حيثيت سان مونکي سنڌيءَ ۾ سائنسي ادب جي کوٽ شدت سان محسوس ٿئي ٿي، انهيءَ کوٽ جا سبب سنڌي شاگردن جو سائنس ڏانهن گهٽ توجهه، عام ماڻهن ۾ لکڻ پڙهڻ جو شوق نه هئڻ، تعليم جو ڪرندڙ معيار ۽ ٻيا ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا. بهرحال منهنجو مقصد ان بحث ۾ پوڻ نه بلڪه اهو آهي ته اهڙين حالتن ۾ ماهوار ”سائنس“ جيڪو پنهنجي نوعيت جو واحد رسالو آهي، چڱو مواد مهيا ڪري رهيو آهي.

سنڌيءَ ۾ سائنسي مواد کي معيار توڙي مقدار ۾ وڌائڻ لاءِ ”سنڌي سائنسي ٻولي“ جوڙڻ لازم آهي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر ممتاز قاضي، ڊاڪٽر محبت ٻرڙي ۽ ڊاڪٽر شمس الدين تنبي جن جون ڪاوشون ڏسي تمام گهڻي خوشي ٿي ۽ پهريون ڀيرو محسوس ٿيو ته سنڌيءَ ۾ سائنسي اصطلاح سازيءَ جهڙي پيچيده ڪم ۾ نه صرف ڪجهه ماڻهو سنجيدگيءَ سان رڌل آهن، بلڪه ان تي غور ۽ تنقيد ڪرڻ وارا به موجود آهن. يقيناً جيتري اهميت سائنسي ادب جو ڇپجڻ رکي ٿو، اوتري ئي ان تي صحتمند ۽ مثبت تنقيد به ضروري آهي.

ڊاڪٽر ممتاز قاضي صاحب جن جون سنڌيءَ ۾ سائنسي اصطلاح سازيءَ واريون ڪوششون ڪارائتيون آهن، جيڪڏهن اسان جا ڪجهه ٻيا محقق ۽ سائنسدان اهڙي ئي جذبي سان ان ڏس ۾ اڳيان وڌيا ته اهو ڏينهن پري نه هوندو، جڏهن سنڌيءَ ۾ سائنس ڪاميابيءَ سان لکي ۽ پڙهي سگهبي. اپريل 1994ع جي رسالي ۾ ڊاڪٽر محبت ٻرڙي صاحب جن ڊاڪٽر ممتاز قاضي [illegible] ي مضمون جو هڪ جائزو پيش ڪيو، جنهن ۾ پاڻ 50-60 کان وڌيڪ سائنسي

اصطلاح جوڙي پيش ڪيا اٿئون. اٿون ڪين سندن ان بهترين ڪم تي مبارڪباد ٿو پيش ڪريان. داصل مثبت ۽ صحتمند تنقيد جو اهوئي مطلب آهي ته تنقيد نگار نه صرف ليکڪ جي نقطہ نظر تي بحث ڪري بلڪہ يڪراءِ نہ هئڻ جي صورت ۾ پنهنجو خيال واضح انداز ۾ پيش ڪري. ان لحاظ کان ڊاڪٽر ٻرڙي صاحب جو ڪيل تجزيو نه صرف مڪمل ۽ بامقصد آهي، بلڪہ اصطلاح سازيءَ ڏانهن هڪ روشن واٽ به آهي. مڪمل طور سنڌي سائنسي ٻولي ناهي ونڻ جي دعويٰ ڪوبہ هڪ ماڻهو نٿو ڪري سگهي ۽ نہ ئي ڪو پنهنجن گهڙيل لفظن کي ڪامل (Perfect) چئي سگهي ٿو. ڪنهن هڪ ليکڪ جي وس صرف 'پنهنجي راءِ پيش ڪرڻ آهي. ڊاڪٽر ٻرڙي جا گهڙيل اصطلاح ذاتي طور مون کي گهڻي قدر بامقصد، سولا ۽ سائنسي يا ٽيڪنيڪي محسوس ٿيا.

ڊاڪٽر تنبي پنهنجي مئي جون 1994ع واري مضمون ۾ فرمايو آهي تہ ڊاڪٽر ٻرڙي پنهنجا اصطلاح گهڙيا آهن ۽ ان ڪري عقل و فهم کان ٻاهر آهن. ان تي ڪجهہ آءٌ عرض ڪرڻ چاهيندس. اهو اِهو تہ ٻرڙي صاحب پنهنجا اصطلاح گهڙيا آهن پر لفظ نہ. مطلب اهو تہ ڊاڪٽر ٻرڙي اڳي ئي موجود لفظن کي بنياد رکي اصطلاح تشڪيل ڏنا آهن، جيڪي گهڻو ڪري عام فهم ۾ بہ اچي وڃن ٿا ۽ اِهي بنيادي لفظ عام طور سنڌي ٻوليءَ ۾ مروج بہ آهن. باقي ڳالهہ رهي عقل ۾ نہ اچڻ واري تہ اِها هر ڪنهن جي پنهنجي عقل ۽ ذهني سوچ جي پهچ تي دارومدار رکي ٿي.

عام ٻوليءَ جي لفظن کي جيئن جو تيئن 'سائنسي اصطلاح طور استعمال ۾ نٿو آڻي سگهجي، ڇو تہ ائين ڪرڻ سان اڳتي هلي مڪمل سنڌي سائنسي ٻولي ناهڻ ۾ رنڊڪ پيدا ٿيندي ۽ پڙهندڙ لاءِ بہ منجهارو پيدا ٿيندو. ان ڳالهہ جو ثبوت انگريزي سائنسي ٻولي آهي، جنهن ۾ دنيا جو گهڻي کان گهڻو سائنسي ادب لکيو ۽ پڙهيو وڃي ٿو. ان جا اصطلاح عام انگريزي ٻوليءَ کان بلڪل مختلف آهن. ايتري قدر جو هن جي سائنسي ادب ۾ ڪيئي مختلف ٻوليون پنهنجي ڌار حيثيت سان قائم ٿي چڪيون آهن. مثلاً باٽنيڪل لينگويج، ميٿميٽيڪل لينگويج، ڪمپيوٽر لينگويج وغيره وغيره. انهن مان هر هڪ جون باقاعدي ڊڪشنريون بہ عام استعمال ۾ آهن.

اسانجا ڪجهہ ليکڪ عربي ۽ فارسي لفظن جي استعمال تي اعتراض ٿا ڪن تہ ڪي وري هندي يا سنسڪرت لفظن جي استعمال کي غلط ٿا سمجهن. سوچڻ جهڙي ڳالهہ آهي تہ جيڪڏهن انهن سيني لفظن کان پاسو ڪريون تہ پوءِ وڃون ڪيڏانهن؟ نج سنڌي لفظن سان سچي سائنسي ٻولي ناهڻ ناممڪن آهي. بلڪہ سنڌي

تہ چا دنيا جي ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ اهو ڪارنامو سرانجام نٿو ڏئي سگهجي. پنهنجي جاءِ تي اها بہ ڳالهہ صحيح آهي تہ عربي فارسي، هندي يا ڪن ٻين ٻولين جا لفظ جيئن جو تيئن سائنسي اصطلاحن طور مڙهڻ نقصانڪار آهي. اهڙيون نقصانڪار ڪوششون ماضيءَ ۾ ڪيون بہ ويون آهن. مثال طور علم حياتيات، خط استوا، نظام شمسي، چقمق، درجہ حرارت، ڪشش ثقل، علم فلڪيات، بجلي، جاگرافي، ائٽم، علم ڪيميا وغيره.

اهي سيئي لفظ سنڌي گرامر کان هٽيل آهن ۽ ڪنهن بہ صورت ۾ سنڌي سائنسي ٻوليءَ جو حصو بڻجي نٿا سگهن. دراصل صحيح رستو اهو آهي، جيڪو انگريزي سائنسي ٻولي ٺاهڻ ۾ اختيار ڪيو ويو آهي. مطلب تہ اسان کي ڌارين ٻولين جا لفظ ڪٽي انهن جو سنڌي استعمال ڪرڻو پوندو. هيٺ ڪجهہ اصطلاح پيش ڪريان ٿو، جيڪي آهن تہ ڌارين ٻولين مان ورتل پر جنهن صورت ۾ استعمال ڪيا ويا آهن، سا سنڌي گرامر موجب آهي.

متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح	متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح
چارج	Charge (noun)	مقنائي گردواري طاقت	Magnetic field strength
چارجڻ	Charge (verb)	برق مقناطيس	Electromagnet
چارجڪاري	Charging	دائمي مقناطيس	Permanent magnet
چارجڪار	Charger	نعل مقناطيس	Horshoe magnet
چارجائتو	Chargeable	مقنائي دورو	Magnetic circuit
چارجڪار	Charger	رد مقناءُ، نرمقناءُ	Demagnetise
وِرچارجڻ	Recharge (verb)	مقنايل (مقنائجي ويل)	Magntized (adj)
وِرچارجڪاري	Recharging	نَهہ مقنائي، اڻ مقنائي	Non magnetic
رَدچارجڪاري، بِرچاجڪاري	Discharging	برقياتي	Electronic
رَد چارڻ، نرچارجڻ	Discharge	برقيائي	Electrical
ورچارجائتو	Rechargeable	(برقياتي طور) برقيتاً	Electronically
مقناطيس	Magnet	برقيات	Electronics
مقنائي	Magnetic	برقي دورو	Electric circit
مقنايات	Magnetics	برقياتي پٽويڪ	Electron microscope
مقنايت	Magnetism	برق قلبليڪ	Electrocardiograph
مقناءُ	Magnetization	برق قلبنامو	Electrocardiogram
مقنائڻ	Magnetize (verb)	نهہ برقيائي	Non electical
مقنائي گِرد	Magnetic field	نقشو	Map (noun)

متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح	متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح
نقشڻ	Map (verb)	ميڪانيات	Mechanics
نقشبندي	Mapping	ميڪانساز	Mechanic
آيون	Ion (noun)	ميڪانيت	Mechanism
آيونڻ	Ionize (verb)	ميڪانڪي	Mechanical
آيونائي	Ionization	مشين	Machine
آيونڪ	Ionic	قطبيت	Polarity
آيوني	Iono	برقيو	Electron
آيوني گولو	Ionosphere	برقي	Electric
قطب	Pole	برقيائي طور، برقي طور	Electrically
قطبي	Polar	برقيت	Electricity
قطبڻ	Polarise (verb)	برقي ڏار	Electric current
قطبڪار	Polarizer	برقي گرد	Electric field
قطبڪاري	Polarization	برقي گرد واري طاقت	Electric field strenght
قطبائتو	Polarizable	برقي ساز	Electrician
قطبيل	Polarized (adj)	برق سازي، برق بندي	Electrification
ڏور قطب، پَرقطب	Tele pole	برقڻ	Electify

مٿي ڏنل اصطلاحن مان ڪن جو بنيادي لفظ عربي آهي ۽ ڪن جو ته ساڳيو انگريزي ئي رکيو ويو آهي، پر انهن جو استعمال بلڪل سنڌي گرامر موجب آهي. مٿي ڏنل سڀ اصطلاح ۽ ان کان علاوه ٻيا گهڻائي اصطلاح، جن سين لاءِ هي مضمون ناڪافي آهي، مون والد بذرگوار ڊاڪٽر شمس الدين عرسائيءَ جي مدد سان جوڙيا آهن. ان جي ضرورت مون کي تڏهن پيش آئي، جڏهن ٻه سال پهرين مان هڪ ٻارن جو ڪتاب مقنايات (Magnetics) جي موضوع تي لکڻ وينو هوس، جيڪو هن وقت مڪمل پر اڻ ڇپيل آهي. ان کان سواءِ والد محترم ٻيا ڪيترائي اصطلاح ان وقت جوڙيا جڏهن پاڻ انگريزي سائنسي ڪتاب آفاق (Cosmos) ترجمو ڪري رهيا هئا. ان جا ڪجهه باب هفتيوار رسالي عبرت ۾ قسطوار ڇپيا. آفاق جهڙا انگريزيءَ ۾ ٻه گهٽ ڪتاب هوندا، جنهن ۾ سائنس جي هر شعبي متعلق مختلف موضوعن تي بحث ڪيل آهي. ان جو مڪمل اصطلاحن سميت سنڌي ترجمو يقيناً ڪو آسان ڪم ڪونه هو. اهو سنڌيءَ ۾ پنهنجي نوعيت جو پهريون ۽ واحد ڪتاب آهي، البت اڃا ڪتابي صورت ۾ شايع نه ٿي سگهيو آهي.

سنڌيءَ ۾ سائنس لکڻ پڙهڻ تي زور ڏيندي ڊاڪٽر پرڙو فرمائي ٿو،

”جيئن تہ اسين سنڌي آهيون، تنهنڪري لازمي آهي تہ سمورو علم سنڌيءَ ۾ ميسر هجي.“ آئون اِها ڳالهہ وڏيڪ واضح ڪرڻ چاهيندس. دنياوي صورتحال تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو تہ ترقي صرف اُهي ئي قومون ڪري سگهيون آهن، جيڪي سمورو علم پنهنجي مادري ٻولي ذريعي حاصل ڪن ٿيون. ترقيءَ واڌارو بہ اُهي ئي ٻوليون ڪن ٿيون، جن ۾ سائنس لکي پڙهي وڃي ٿي. ترقيءَ واڌارو زنده هئڻ جون نشانيون آهن ۽ ڪنهن ٻوليءَ ۾ انهن جي غير موجودگي ان جي زوال شده هئڻ جو ثبوت آهي.

ڊاڪٽر ٻرڙي جيڪي اصطلاح ڏرءِ پٺ اڳياڙين سان ڏنا آهن، سي بهترين آهن. البت Tele لاءِ ”پر“ کان علاوه ”ڏور“ تي بہ غور ڪرڻ گهرجي. ڪن اصطلاحن ۾ اها اڳياڙي وڏيڪ ٺي سونهي. ڊاڪٽر ٻرڙي Vision جو متبادل ڏناڪ ۽ فعل Vise جو ڏناڪڻ ڏنو آهي، پر Vision مان گهڻ ئي اصطلاحن جو بنيادي لفظ آهي مثلاً Visual يا Visionary, Visible, Visiblity وغيره. انهن سڀني جو متبادل ڏناڪ ڪي بنيادي لفظ رکندي ٺتو ٺاهي سگهجي. مان انهن مختلف لفظن جا متبادل هيٺينءَ ريت تجويز ٿو ڪريان.

متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح	متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح
ڏيک	Vision	پَرڏيکايل	Televised
ڏيکدار	Visionary يا Visula	اَڏيکائي	Invisiblity
ڏيکائيندڙ	Visible	ڏور ڏيک، پَر ڏيک	Television
ڏيکائي	Visibility	ڏور ڏيکائڻ، پَر ڏيکائڻ	Televise (verb)
اَڏيکائيندڙ	Invisible	ڏور ڏيکائڪ، پر ڏيکاڪ، ڏور ڏيکايل، پَر ڏيکايل	Televised (adj)

ڊاڪٽر ٻرڙي هيٺين اصطلاحن جا متبادل نہ ڏنا آهن، جيڪي هيٺينءَ ريت ٿي سگهن ٿا.

متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح	متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح
ڏور پياس، پَرپياس	Teleology	پرپياسي، ڏورپياسي	Teleological
ڏوردان، پَردان	Teleologist		

لفظ Scientist جو عام سنڌي متبادل سائنسدان آهي. اهڙا ٻيا بہ ڪجهہ مثال ملي سگهن ٿا، جن ۾ Ist جي جاءِ تي سنڌيءَ ۾ ”دان“ پڇاڙي استعمال ڪيل آهي. تنهنڪري مون مٿي ”ڏوردان“ يا ”پردان“ متعارف ڪرايو آهي. ساڳئي ئي طرح سان اهڙا ڪجهہ ٻيا اصطلاح ڏجن ٿا.

متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح	متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح
جيادان	Biologist	نجومدان	Astrologist
جيوڙدان	Bacteriologist	ڌردان، پوِدان	Geologist
پتو جيادان	Microbiologist	ڏورچتدان، پَرچتدان	Telepathist
ڪيميادان	Chemist		

سنڌي لغت ۾ ”ورک“ جي معنيٰ پتو يا پن ڄاڻايل آهي. ڊاڪٽر محبت جي تجويز ڪيل ”وٿوت“ لفظ تي ڪوبہ اعتراض ڪري نٿو سگهجي، پر بنيادي لفظ (Botane) جو متبادل ”ورک“ رکڻ بهتر ثابت ٿي سگهي ٿو.

متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح	متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح
ورک	Botane	ورکڻ	Botanize
ورکيپاس	Botany	ورکيپاسي نانءُ، ورکيپاسي نالو	Botanical name
ورکدان	Botanist	ورکيپاسي باغ	Botinical garden
ورکيپاسي	Botanical		

ڊاڪٽر پرڙي Microphone جو متبادل پٽ ٻولڪ ڏنو آهي، جڏهن تہ Telephone جو پر ڳالڪ يعني هڪ جاءِ تي Phone لاءِ ٻولڪ استعمال ڪئي آ تہ ٻي جاءِ تي ڳالہ، ان مان ظاهر آهي تہ ڊاڪٽر صاحب پاڻ بہ انهن مان متفق نہ آهن. ٻيو تہ Phone گهڻن ئي اصطلاحن جو بنيادي لفظ بڻيل آهي. تنهنڪري اسان کي ڪو اهڙو متبادل رکڻو پوندو، جيڪو تمام اصطلاحن ۾ ٺهڪي اچي. پراڻي سنڌيءَ ۾ آواز يا ٻوليءَ لاءِ هڪ لفظ ”وائي“ استعمال ٿيندو هو. اڳي اهي لغتون جن ۾ ٿي ٻوليون ڪتب ٿينديون هيون، تن کي توايو چيو ويندو هو. آئون ”وائي“ کي بنيادي لفظ تجويز ڪندي هيٺيان اصطلاح پيش ڪريان ٿو.

متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح	متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح
وايو	Phone	وايوڪڻ	Phonate
وايوڪ	Phono	وايو خودليک	Phono autograph
وايوپياس	Phonology	وايو ڏَرويک	Phono endoscope
وايودان	Phonologist	وايوڪي	Phonetic
وايوڪيات	Phonetics	وايوڪساز	Phonetician
وايوليک	Phonograph	وايوڪيت	Phonetism
وايوڪنامو	Phonogram	وايوگزار	Phonopor
وايوليکڪاري(وايوڪاري)	Phonography	وايو ڪماپو (وايوڪ + ماپو)	Phonometer

متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح	متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح
وايوپياسي	Phonoloogical	ڏور وايو، پَروايو	Telephone (noun)
(وايوپياسي طور) وايوپياسا	Phonologically	پروائڪ، ڏوروائڪ، ڏوروايل، پَروايل	
وايوليکي	Phonographic		Telephone
وايوليکڪار (وايو ليکار)	Phonographer	ڏور وائڻ، پروائڻ	Telephone (verb)
واء (وايون)	Phon (s)	ڏور وائي، پروائي	Telephony
پٽ وايو	Microphone		

ڊاڪٽر پرڙي Radio Telescope جو متبادل ريڊيو پرويڪ ڏنو آهي. يعني پاڻ Radio جي جاء تي ريڊيو ئي رکيو اٿائون. Radio ٻه تمام گهڻن سائنسي اصطلاحن جو بنيادي لفظ آهي. خوش قسمتيءَ سان آئون انهن مان گهڻن جو ترجمو ڪجهه وقت اڳي ڪري چڪو هوس، جيڪي هيٺ ڏجن ٿا.

Radiation، ڪرڻن Rays جي وسڻ ڪي يا خارج ٿيڻ کي چئبو آهي.

متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح	متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح
ڪرڻا/ڪرڻو	Ray (s)	ڪرڻڪاري	Radio activity
ڪرڻباري	Radiation	ڪرڻِ، ڪرڻڪارڻ	Radiate (verb)
(اڳياڙي) ڪرڻ	Radio	برق مقناطي ڪرڻباري	Electromagnetic radiation
ڪرڻپياس	Radiology	ڪرڻڪ	Radiant
ڪرڻپياسڪ، ڪرڻدان	Radiologist	ڪرڻڪ توانائي	Radiant energy
ڪرڻڪار	Radio active	ڪرڻ پرويڪ، ڪرڻويڪ	Radio telescope

اهو هڪ عام اعتراض ڪيو ٿو وڃي ته، جيڪڏهن سنڌيءَ ۾ سائنس لکي ٻه وڃي ته اصطلاحن جو ترجمو ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. ان لاءِ اهو عرض ڪندس ته جيڪڏهن اصطلاح سنڌيءَ ۾ نه هوندا ته سنڌيءَ ۾ سائنس لکڻ بي فائدي ٿيندي. ڇو ته انگريزيءَ ۾ سائنس سمجهڻ ۾ نه اچڻ جو سبب گهڻي قدر انگريزي سائنسي اصطلاح سمجهه ۾ نه اچڻ آهي. هڪ طالب علم اهو فرمايو ته اليڪٽرڪسٽي (Electicity) جو متبادل ”برقيت“ ڇو رکجي، جڏهن ته ان جو سنڌي لفظ ”بجلي“ موجود آهي. مان ان بحث ۾ نه پوندس ته لفظ ”بجلي“ ڪيترو سنڌي آهي ۽ ڪيترو غير سنڌي، پر ڪين ايترو ضرور ياد ڏياريندس ته:

اليڪٽرڪسٽي (Electicity) لاءِ ”بجلي“ گهڻي وقت کان نصابي توڙي غيّر نصابي ڪتابن ۾ لکبو پيو اچي، جڏهن ته ساڳيءَ جاء تي اليڪٽران (Electon) لاءِ ”اليڪٽران“ ۽ وري اليڪٽرڪ (Electric) لاءِ ”برقي“ استعمال ٿيندو رهيو آهي، اهو

غير مناسب طريقو آهي. ڇو ته سائنسي اصطلاح سازيءَ جا ڪجهه اصول آهن. سائنسي ٻوليءَ جو به هڪ گرامر ۽ بنياد آهي. توهان محسوس ڪري سگهو ٿا ته Electricity, Electronics, Electric, Electron انهن سڀني اصطلاحن جو هڪ ئي بنياد آهي ۽ بنيادي لفظ انگريزيءَ ٻوليءَ جو آهي يا نه، ان تي به بحث جي ضرورت ڪونهي، پر ان ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته اهي سڀ انگريزي ٻوليءَ جي گرامر موجب جُڙيل آهن، تنهنڪري ئي انگريزي سائنسي ٻوليءَ جو حصو بڻيل آهن. مون جيڪي اصطلاح پيش ڪيا آهن، سي بہ ئي شرط پورا ڪن ٿا، يعني انهن سڀني جو بنيادي لفظ هڪ ئي (برق) آهي، پيو ته اِهي سڀ سنڌي گرامر تي پورا لهن ٿا.

جيڪڏهن توهان اليڪٽرڪستي لاءِ لفظ "بجلي" وڌيڪ مناسب ٿا سمجهو ۽ ان کي ئي اصطلاح طور استعمال ڪرڻ ٿا چاهيو ته پوءِ توهان کي "بجلي" جي بنيادي تي Electronics, Electric, Electron ۽ ان سان لاڳاپيل ٻين سڀني لفظن جا به متبادل ناهڻا پوندا. اِها به ڪوشش ڪري ڏسو.

هڪ ٻئي صاحب ساڳيو ئي سوال چارج (Charge) لاءِ ڪيو ۽ فرمايو، "توهان Charge لاءِ ساڳيو "چارج" ئي رکي ڇڏيو آهي، باقي سنڌيءَ ۾ اصطلاحسازي وري ڪهڙي ٿي؟ چارجڻ، چارجيل ۽ چارجڪاري وغيره منجهائيندڙ آهن. تنهنڪري Charged, Charge ۽ Charging لکڻ ئي بهتر ٿيندو. مطلب ته اصطلاحن کي سنڌيءَ ۾ ڪرڻ جي ڪابه ضرورت ڪونهي." ڪين جواب ۾ آئون هيٺيان دليل ڏئي سگهان ٿو.

هيٺ ڪجهه اهڙا جملا ڏجن ٿا، جيڪي عام استعمال ٿيندا رهن ٿا.

(i) To charge a capacitor means to store charge in it.
(ii) After the charge is stored, the capacitor is said to charged capacitor.
(iii) The process of storing charge is known as charging.

جيڪڏهن اصطلاح ساڳيا انگريزي ئي رکجن ته مٿين جملن جا ترجما هيٺينءَ ريت ٿيندا.

(i) ڪيپيسٽر کي چارج ڪرڻ مان مراد، اُن ۾ چارج گڏ ڪرڻ آهي.
(ii) چارج گڏ ٿي وڃڻ کان پوءِ ڪيپيسٽر کي "چارجڊ ڪيپيسٽر" چئبو آهي.
(iii) چارج گڏ ڪرڻ جي عمل کي چارجنگ چئجي ٿو.

جڏهن ته سنڌي اصطلاح استعمال ڪرڻ سان ترجمو ڪجهه هيئن ٿيندو.

(i) ڪيپيسٽر کي چارجڻ مان مراد، ان ۾ چارج گڏ ڪرڻ آهي.
(ii) چارج گڏ ٿي وڃڻ کان پوءِ ڪيپيسٽر کي "چارجيل ڪيپيسٽر" چئبو آهي.

(iii) چارج گڏ ڪرڻ جي عمل کي "چارجڪاري" چئجي ٿو.

مٿين مثالن مان ئي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ سنڌي اصطلاح استعمال ڪرڻ سان جملا ڪيترا نہ بافهم ٿين ٿا.

هاڻي آئون ڪجهہ نوان اصطلاح پيش ڪرڻ چاهيندس.

سنڌي اصطلاح گهڙڻ ۾ جيڪي ڏکيايون پيش اچن ٿيون، تن مان هڪڙي مشڪلات، انگريزيءَ جي انهن سائنسي اصطلاحن جا بدل جوڙڻ ۾ اچي ٿي، جيڪي "Ally" پڇاڙيءَ سان ختم ٿين ٿا. سنڌيءَ ۾ گرامر جي اهڙي ترڪيب موجود ناهي. اهڙي بناوت واري اصطلاح جو مفهوم ظاهر ڪرڻ لاءِ اسين اڪثر لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ "طور" استعمال ڪندا آهيون، پر سائنسي ٻوليءَ ۾ ان سان صحيح مفهوم پيدا ڪري نٿو سگهجي. البت عربيءَ جي هڪ نحوي ترڪيب سنڌي ٻوليءَ ۾ مانوس آهي، جيئن "مثال طور" کي اسين اڪثر "مثلاً" لکندا ۽ "مثلن" پڙهندا آهيون، اِهو "اً" يا "اَن" وارو اُچار، انگريزي اصطلاحن جي ٺُز معنيٰ ادا ڪرڻ ۾ مددگار ٿيندو. ان جا ڪجهہ مثال هيٺ ڏجن ٿا.

متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح	متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح
بَرقياً، بَرقيتاً، برقيائي طور، برقياتي طور	Electrically,Electronically	رِتاً، رتاڪاً، رِتا مطابق	Schematically
		منطقاً، منطقي طور	Logically
ڪيمياً، ڪيميائي طور	Chemically	خودڪاراً، خودڪاري طور	Automatically
طباً، طبي طرح سان، طبي طور	Physically	ميڪانيڪاً، ميڪانيڪي طور	Mechanically
ٽيڪنيڪاً، ٽيڪنيڪي طور	Technically	سائنساً، سائنسي طور	Scientifically

Motion لاءِ عام طور لفظ "حرڪت" استعمال ڪيو ويندو آهي. اهو هڪ مناسب متبادل آهي. حرڪت جا بہ ڪيترائي قسم آهن، جن جا سنڌي بدل ڏيڻ چاهيان ٿو. Time لاءِ سائنسي توڙي عام ٻوليءَ ۾ لفظ "وقت" ڳالهايو ويندو آهي، پر سائنسي ادب ۾ هڪ ٻيو بہ اصطلاح Period يا Time Period استعمال ٿيندو آهي. جنهن لاءِ پراڻي سنڌيءَ جو لفظ "ٽاٽو" مناسب متبادل رهندو. ٽاٽو دراصل "وقت" جي معنيٰ ۾ ئي استعمال ٿيندو هو. Line جو متبادل "ليڪ" عام آهي.

متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح	متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح
ليڪوَر حرڪت	Linear motion	پَلٽ حرڪت	Retrograde motion
اڻ ليڪوَر حرڪت	Non linear motion	گول حرڪت، گولائين حرڪت، گولور حرڪت	Circular motion
ٽاٽوي حرڪت	Periodic motion		
اٽاٽوي حرڪت	Aperiodic motion	آٽانگ حرڪت	Random motion

هيٺ ڪجهه اهڙا لفظ ڏجن ٿا، جن کي اڪثر ڪنهن بئي لفظ سان رکي بنا لفظ جوڙيا ويندا آهن.

متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح	متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح
نيڪال	Sink	اُتم	Supper
نيڪاس	Source	سٽوار	Audio
موڪر	Size	ڏيکوار	Video
ڍول	Shape	ننڍ	Mini
ڍولو	Shaped	ڏيم (ڏيمو)	Low
اُپر	Extra	بُلند	High

Automatic جو ترجمو اڪثر "خودڪار" ڪيو ويندو آهي. ان سان متناسب ٻيا لفظ هيٺ ڏجن ٿا.

متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح	متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح
خودڪارڻ	Automate (verb)	گرم نيڪاس	Heat source
خودڪار	Automatic (adj)	گرم نيڪال	Heat sink
خودڪاري	Automation	ڪچو جسد	Raw material
خودڪاراً	Automatically	اُتم ڪمپيوٽر	Supper computer
خودڪاريل	Automated	ننڍ ڪمپيوٽر	Mini computer
خودڪاريت	Automaticity	ڇَٽَل بَرقيو	Free electron
ڪجهه ٻيا لفظ:		لهري ڍول	Wave shape
روشن نيڪاس	Light source	لهرنامو	Wave form

مٿي "روشني" ۽ "گرمي" مان "ي" ڪڍي انهن کي اڳياڙيءَ طور استعمال ڪيو ويو آهي، ساڳيءَ ريت،

متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح	متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح
روشن توانائي	Light energy	گرمڪار	Heater
گرم توانائي	Heat energy	1. گرمائش 2. گرمڪاري	Heating
روشن لهرون	Light waves	روشنائڻ	Lighten (verb)
Heat ۽ Light سان متناسب ڪجهه ٻيا لفظ:		روشنيڪار، روشنڪار	Lighter
گرمائڻ	Heat (verb)		

انگريزيءَ جي ڪجهه لفظن سان "Co" اڳياڙي ٿيندي آهي. مثال طور Co-Ordination, Co-Operation, Co-Relation, Co-Existance وغيره وغيره.

Co- operation لاءِ سنڌي لفظ "سهڪار" رائج آهي.

سهڪار = سهه + ڪار

دراصل، "سهه" هڪ اڳياڙي آهي، جڏهن ته "ڪار" جي معنيٰ ڪم (Operation) آهي. ساڳيءَ طرح سان هڪ ٻيو لفظ:

سهمت = سهه + مت

اهڙي قسم جا ٻيا ڪيترائي مثال قديم سنڌيءَ ۾ ملي ويندا. مطلب ته "Co" جي مناسب سنڌي متبادل اڳياڙي "سهه" آهي. Co-operation هڪ اهڙو لفظ آهي جيڪو طبعيات، ڪيميات توڙي سماجي سائنسن ۾ به استعمال ٿيندو رهي ٿو.

متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح	متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح
سَهبندي (سَهبنديون)	Co-ordinate (noun) (s)	سَهبند مُرڪب	Co-ordination compound
سهبندڻ	Co-ordinate (verb)	سَهباند، سَهبند ڪار	Co-ordinator
سهبند ڪاري	Co-ordination	سهبند	Co-ordinative
سهبنديل	Co-ordinated	سهبنداً	Co-ordinately

Manage ۽ Programme به اهڙا لفظ آهن، جيڪي سائنسي توڙي غير سائنسي علم ۾ زيرِ استعمال آهن.

متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح	متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح
سٽاءُ (سٽاءَ)	Programme (s) (noun)	آڪارسازڻ، ڪڪارسازڻ	Mismanage (verb)
سِٽائڻ، سَٽڻ	Programme (verb)	اڪارسازي، ڪڪارسازي	Missmanagement
سِٽاڪار	Programmer	اڪارسازي، ڪڪارسازي	Mismanaged
سٽاڪاري	Programming	صنعت	Industry
سٽايل، سٽيل	Programmed	ڪم، ڪار	Work
ڪارسازڻ	Manage (verb)	ڪارخانو	Workshop
ڪارسازي	Management	ڪارائتو	Workable
ڪارساز	Manager	اڪارث	Scrap
ڪارساز، ڪارڪسازائي	Managing	اڪارثخانو	Scrapyard
ڪارسازيل	Managed	درجڻ	Record (verb)
ڪارسازائتو	Manageable	دَرجَ (دَرجَ)	Record (s) (noun)
ڪارسازيت	Manageablity	درجڪار	Recorder
ڪارسازاً	Manageably	درجڪاري	Recording
ڪارسازيت	Manageableness	دَرجيَل	Recorded

هڪ ٻئي سان ڪنهن شَي جي اَدلي بَدلي ڪرڻ لاءِ انگريزيءَ ۾ "Exchange" ۽ سنڌيءَ ۾ "مٽاسٽا" يا "مٽ سٽ" لفظ استعمال ٿين ٿا.

متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح
مَٽسا	Exchange (noun)
مَٽسڻ	Exchange (verb)
پَروايَڪ مَٽسا	Telephone exchange

قديم سنڌيءَ ۾ "ري" اڳياڙيءَ طور رائج هئي، جنهن جي معنيٰ "ڪانسواءِ" آهي:

متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح	متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح
تار	Wire	هَضمڻ	Digest
ري تار	Wireless	هاضمو	Digestion
ڪجهه ميڊيڪل سائنس جا اصطلاح:		هاضماڻو	Digestable
جراحت	Surgery	غير هاضملڻو	Non digestable
جراحي	Surgical	ڦوڙ	Fracture
جراحاً	Surgically		

"ڦوڙ" هڪ ٻئي لفظ "ٽوڙ ڦوڙ" مان ورتل آهي.

ٽي لفظ "Sign"، "Symbol" ۽ "Symptom" تقريباً هڪجهڙي معنيٰ رکن ٿا. انهن جا واضح متبادل هيٺينءَ ريت تجويز ڪجن ٿا.

متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح	متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح
نشاني	Sign	اَهڃاڻاً	Symbolically
نشانيل	Signed	اَهڃاڻيت، اَهڃاڻيت	Symbolism
اڻ نشانِيل، انشانيل	Unsigned	اَهڃاڻدان	Symbolism
نشاڪار (نشانڪار)	Signal (s) (noun)	اَهڃاڻڻ	Symbolise
نشانڪاري	Signalling	اهڃاڻڪاري	Symbolosation
نشانڪارڻ	Signal (verb)	اَهڃاڻڪار	Symboliser
اَهڃاڻ (اَهڃاڻ)	Symbol (s) (noun)	اَهڃاڻيياس	Symbology
اهڃاڻوي	Symbolic, Symbocial	علامت	Symptom

هاڻي آئون ڪجهه اصطلاح، خالص برقيات متعلق ڏيڻ چاهيندس.

متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح	متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح
آٽو (آٽا)	Atom (s)	آٽوي	Atomic
آٽڻ	Atomize (verb)	آٽوي توانائي	Atomic energy
اٽڪاري	Atomization		

آٽي (Atom) جي وچواري يا مرڪزي حصي کي نيوڪليئس (Nucleus) چئجي ٿو. پُراڻي سنڌيءَ ۾ هڪ لفظ "ناپ" ساڳي ئي معنيٰ ۾ رائج هو.

متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح	متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح
ناپُ (ناپَ)	Nucleus	پسرائيندڙ	Conducting
ناپوَر	Nuclear	اڻ پسرائيندڙ	Non conducting
ناپيو (ناپيا)	Nucleon (s)	پسراوو	Conductor
ناپيات	Nucleonics	اڻ پسراوو، نهہ پسراوَر	Non conductor
ناپسازي	Nucleation	نيم پَسراوو	Semi conductor
ناپوي، ناپي، ناپير، ناپڪ	Nucleic	جهلور	Resistor
ناپدان	Nucleat physist (scientist)	جهلائپ	Resistance
ناپوَر توانائي	Nuclear energy	جهلوي	Resistive
اُپر ناپي علائقو	Extra nucleic region	جهلائي	Resistivity
پَسراءُ	Conduction	جهلوآ	Resistvely
پسرائپ	Conductance	نيوس	Neutral
پسرائي	Conductivity	نيوسيو	Neutron

ڪيپيسيٽر (Capacitor) عام انگريزي ٻوليءَ جي لفظ Capacity مان نڪتل آهي. دراصل Capacitor مان مراد آهي، "گنجائش رکندڙ" ۽ لفظ Capacitance جي معنيٰ ساڳي گنجائش آهي پر اهو خاص طور Capacitor جي چارج گڏ ڪرڻ واري صلاحيت لاءِ هڪ اصطلاح طور استعمال ڪيو ويندو آهي. Capacitor هڪ برقياتي پرزو آهي، جيڪو گهٽو ڪري ٻن پليٽن (Plates) جو ٺهيل هوندو آهي. پر Capacitor ٻن کان وڌيڪ پليٽن جا بہ ٿيندا آهن.

متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح	متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح
گنجائشوَر	Capacitor	گنجائشوي	Capacitive
گنجائشپَ	Capacitance	گنجائشوآ	Capacitively
ٻہ رکيبي گنجائشور	Two-plate capacitor	اُپاوَر	Inductor
گهڻ رکيبي گنجائشور	Multi plate capacitor	اُپائپ	Inductance

پليٽ جو اصل سنڌي لفظ "رڪيب" آهي، جيڪو هاڻي تمام گهٽ ڳالهايو ويندو آهي.

متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح	متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح
آپاوي	Inductive	چرخشماري ضربيندڙ	Frequency muliplicrs
اپاوآ	Inductively	ريشو (ريشا)	Fiber (s)
اپايت	Induction	چشمي	Optic
اپائڻ، اپاوڻ	Induce (verb)	چشماتي	Optical
متسر ڌار	Alternatving current	چَشماً	Optically
يڪسر ڌار	direct current	چشمساز	Optician
جسد	Material	چشميات	Optics
علاقو	Region	چَشمياتي ريشو	Optical fiber
علاقوي	Regional	ريش چشميات	Fibre optics
(اسم خاص) وولٽ	Volt	انگَ (انگ)	number (s)
وولٽماپو	Voltmeter	عدد (عَدَدَ)	Digit (s)
وولٽيج	Voltage	ٻہ عَددي	Biniary
وولٽي، وولٽيڪ	Voltaic	ٻہ عددي انگ	Binary numbers
وولٽيج ورڇيندڙ	Voltage divider	عَدَدي	Digital
وولٽيج ٻيٽوار	Voltage doubler	عَدَداً	Digitally
وولٽيج ٽيٽوار	Voltage trippler	عَدَدي برقيات	Digital electronics
چڪر، ڦيرو	Cycle (noun)	عَدَدڻ	Digitalize
چرخشماري، ڦيراوري	Frequency	عدد ڪاري	Digitalization
چرخشماري، ورڇيندڙ	Frequency divider	عددڪار	Digitizer

Amplitude کي سولي سنڌيءَ ۾ "وِٿي" چئبو آهي. سائنسي اصطلاح طور ڪم آڻڻ لاءِ هڪ ٻيو هم معنيٰ لفظ "ڪَٿ" بهتر رهندو.

متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح	متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح
ڪَٿ	Amplitude	ڪَٿڪار	Amplifier
ڪَٿڻ	Amplify	ڪَٿيندڙ	Amplifying
ڪَٿيل	Amplified	ڍيم چرخشماري	Low frequency
ڪَٿڪاري	Amplification	بلند چرخشماري	High frequency

هڪ ڏيرَ چَرخشماري نشانڪار (Low frequency Signal) کي بلند چرخشماري نشانڪار (High frequency Singnal) مَٿان چاڙهڻ جي عمل کي تُوس (Modulation) چئجي ٿو.

متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح	متبادل معنيٰ	سائنسي اصطلاح
تُوسڻ	Modulate (verb)	ڪَڻ تُوسايل لهرون	Ampitud emodulated waves
تُوسايل	Modulated	چرخشاري تُوسايل لهرون	Frequency modulates waves
تُوسيل	Modulating	تُوسيل نشانڪار	Modulating signal
تُوس	Modulation	تُوسايل نشانڪار	Modulated signal
تُوسڪار، تُوسار	Modulator		
ڪَڻ تُوس	Ampitude modulation		
چرخشماري تُوس	Frequency modulation		

(آئون والد محترم ڊاڪٽر شمس الدين عُرسائيءَ جو شڪر گذار آهيان، جن منهنجي هر قدم تي رهنمائي فرمائي. سندن مدد ۽ رهنمائيءَ کان سواءِ منهنجي لاءِ هيءُ مضمون لکڻ ممڪن نہ هو.)

(13) شعر و شاعري (اصلوڪي شاعري)

١ـ پنجڪڙا

سعيد ميمڻ

(١)

سڄي عمر بس آئينا ئي ڏٺاسين،
ڪڏهن عڪس ڪنهنجو، ڪڏهن عڪس ڪنهنجو،
نہ ڪو چهرو پنهنجو، نہ ڪو شخص پنهنجو،
آئين جي اڳيان اولڙا ئي پياسين،
سڄي عمر بس، آئينا ئي ڏٺاسين!

(٢)

او جوڳي! غلط فهمين ڪي ڇڏي ڏي!
سرابن جي پويان نہ پَڻُ ائين ڪاهي،
رڳو عڪس پنهنجو آ، هيو عشق ڇاهي؟
تون ڏس پاڻ کي، آرسين کي ڇڏي ڏي،
او جوڳي! غلط فهمين کي ڇڏي ڏي!

(٣)

اڙي سعيد عينڪ جا شيشا تہ اگهہ هيِ،
انهن تي صدين جي چڙهي دز وئي آ،
نظر تنهنجي ڪنهن تي ڇتي پئي آ،
چوين ٿو اکين جي اڳيان آهہ ڪڪهہ هي!
اڙي سعيد عينڪ جا شيشا تہ اگهہ هي!

(٤)

اسان جي هاڻ ڦٽ پاڻن سان ياري آ،
هي سارا روڊ پنهنجا همسفر آهن،
جي تنهنجا سرمئي منظر سندر آهن،
تہ بلبلن جي بہ جهيٽي جوت پياري آ،
اسان جي هاڻ ڦٽ پاڻن سان ياري آ!

(٥)

وڇايل اکين جا اسين خواب آهيون،
اکيون جيڪي، رڻ جي تتل ريت جهڙيون،
ءِ گهريون پيتائيءَ جي بيت جهڙيون،
ڪنهن جي نظر جا اسين ماڳ ناهيون،
وڇايل اکين جا اسين خواب آهيون!

(٦)

وري تنهنجي آڪاش ڏي ڪين آڏبو،
هوائن ۾ تربو نہ ڪنهن باز وانگر،
هنئين ۾ ئي رهنداسون ڪنهن راز وانگر،
نہ هاڻي ڪڏهن پِي، هي آڪيرو ڇڏبو،
وري تنهنجي آڪاش ڏي ڪين اڏبو.

(٧)

اسان جي ڪهاڻي جا صفحا ٻسيئي،
دريائن جي ڇولين ۾ اڇليا ويا،
ڪي بي درد پيرن ۾ ڪچليا ويا،
خدا جي هٿن مان ها ڪريا سيئي،
اسان جي ڪهاڻيءَ جا صفحا سيئي.

(٨)

اسان جي هنئين جي پهاڙين مٿان،
پئي درد جي برف آهي ڄمي،
الائي ڪٿي سج پيو آ سمهي،
نظر ئي نہ ٿو ڪا وجهي هُو ڪٿان،
اسان جي هنئين جي پهاڙين مٿان.

(٩)

اجا پنڌ ڪرٿو آ، آسي زميني!
پري ماڳ آ اجا ڪاپڙين جو،
اجا دور آواز آ، چڙين جو،
نہ رستي ۾ سونهين ٿي گوشہءِ نشيني،
اجا پنڌ ڪرٿو آ، آسي زميني!

(١٠)

اسان سمنڊ مان جيڪي نڪتا هئاسين،
انهن ڪي رڻن ۾ ئي ماريو ويو آ،
سفر تي آماڻي وساريو ويو آ،
سڄي عمر پياسا ئي پئي ساريا هئاسين،
اسان سمنڊ مان جيڪي نڪتا هئاسين!

(ڪينجهر تان ورتل)

٢ـ پنهنجي سڄاڻپ (آزاد نظم)

عطيه دائود

جنهن ڌرتيءَ جو قسم کائي
نينهن نڀائڻ جا تو سان واعدا ڪيا هئا
اُن ڌرتيءَ کي اسان جي قبر بڻايو ويو آهي
ديس جا سمورا گل پٽي
بارود پوکيو ويو آهي
سرهاڻ ٽارچر ڪيمپ ۾ آخري پساهه پٽي ڪٽي
جن گهٽين ۾ تنهنجو هٿ پڪڙي
امن جي تال تي مون صدين کان رقص ڪيو هو،
اُتي موت جي سوداگر پَر ڦهلائي ويهي رهيو آهي
گربيءَ جي سٽڻ، ٽِڪَ تي چولو ۽ کهنيو رئو
مون صندوق ۾ لڪائي ڇڏيا آهن
پنهنجي سڃاڻپ کي ڳيت ڏئي اسان ڳهي ڇڏيو آهي
رستي تي هلندي آسمان تي ڪڙيل چوڏهين جو چنڊ ڏسي
مان توکي پتائي جو بيت ٻڌائي نه ٿي سگهان
ڪلاشنڪوف جي ٺڪائن تي منهنجو ٻالڪ ڇرڪ ڀري
ننڊ مان اٿي ٻوي ٿو
مان لولي ڏيڻ لاءِ چپ ڪوليان ٿي ته
گهر جا ڀاتي وات تي آڱر رکي
خاموش رهڻ لاءِ چون ٿا!
اخبارون ڏائڻ جا ننهن ٻڌجي
روز منهنجو ماس ٿيون روڙين
۽ سياستدانن جا بيان
طوطي جيان پاسن ٿا
مان خوف جي ڏٻڻ ۾ ٿاڦوڙا هڻڻ نه ٿي چاهيان
اي منهنجي ديس جا سرجڻهار
اهڙو ته امر گيت لک
جو سڀ زنجير جبر جا ٽوڙي
ماڻ چم چم ناچ نحڻ اڳيان!

(صبح ٿيندو تان ورتل)

پنهنجو پاڻ (نثري نظم)

رفيق سومرو

ننڍڙي معصوم ٻار
ٽڙندي ٽاهڙندي
ڊوڙندي، ڪرندي.
پنهنجي پتڪڙن هٿن سان
اچي ماءُ جي مُرجهايل ڳلن تان
ڳوڙها اگهندي ۽ چمي ڏيندي
چيو ڏس امان تون نه روءِ
نه ته آئون به روئي پوندس
ويڳاڻي ۽ وياڪل ماءُ
ٻارڙي کي ڳراٽڙي پائيندي
۽ کوڙ ۾ کلندي
چيو، ته ڳل تون نه روءِ
تون بس رڳو کل
جو ته توکي کلندو ۽ ٽڙندو ڏسي
مون کان منهنجو روئڻ

[illegible]

٣ـ شاعري ۽ زندگي (نظم)

ادل سومرو

اي فاعلاتن جا فقير!
تون ڪيئي هڪڙي لڪير
روز پيو ان کي ڪٽين
ڪين تو اڳتي پسين
سابہ ڪهڙي شاعري!
تو ڪڏهن آهي ڏٺي
پونر جي گل کي چُمي
وارَ ڪولي، جا هوا
وڻ آهي ڳالهہ ڪئي
تو ڪڏهن آهي ٻڌي
مينهن ڪئين مُرڪي مٽي سان
جا ملي سُرهاڻ ڪئي
تو ڪڏهن محسوس ڪئي
سمنڊ جو سڏ ڪا پري تو
اَڄ ڪنارن کان پُڇي
تو ڪڏهن هِن چنڊ سان
آ ڏنو تنها رلي
درد جي تون آجيان لئہ
ڪول ڪا دل جي دري
نيرين اکين جي ڏنڊ ۾
هڪڙو پيرو ڏِسَ ٻڌي
پوءِ پوي توکي پتو
ڇا ٿيندي آ شاعري
ڇا ٿيندي آ زندگي
اي فاعلاتن جا فقير!

٤ـ پنهنجو پاڻ

رفيق سومرو

ننڍڙي معصوم ٻار
ٿڙندي، ٿاٻڙندي
ڊوڙندي، ڪرندي
پنهنجي پتڪڙن هٿن سان
اچي ماءُ جي مَرجها گلن تان
ڳوڙها اگهندي ۽ چمي ڏيندي
چيو، ڏس امان تون نہ روءُ
نہ تہ آئون بہ روئي پوندس
ويڳاڻي وياڪل ساءُ
ٻارڙي کي ڳراٽڙي پائيندي
۽ ڪوڙ ۾ ڪلندي
چيو، تہ ڳل تون نہ روءُ
تون بس رڳو ڪل
ڇو تہ توکي ڪندو ٿڙندو ڏسي
مون ڪان منهنجو روئڻ
وسري ويندو پنهنجو پاڻ.

٥ـ غزل

وسيم سومرو

ياد تنهنجي ڇانوَ ٿي مون تي لٿي،
مَرڪ جا ڪي ڏانوَ ٿِي مون تي لٿي.

مون پڙهيون تاريخ کي اجايو اوچتو،
هاءِ ڪيڏا ڪانوَ ٿِي مون تي لٿي.

مينهن جي مان سوچ ۾ گم ٿيس،
ڏات ٿَر جا ٿانوَ ٿِي مون تي لٿي.

مون ولين جيئن واسطن تي سوچيو،
منهنجي نگري نانوَ ٿي مون تي لٿي.

آءُ اڻ تڻ جون اکيون پوئي ستس،
رات هيسيل هانوَ ٿي مون تي لٿي!

(ياد جي نيري ندي تان ورتل)

٦ــ غزل
آثم ناٿن شاهي

تنهنجا راز سيئي تو کولي، ڇنڪو تنهنجي چوڙين جو،
سنگم جو سنديش ڏئي ٿو، ڀنڪو تنهنجي چوڙين جو.

اونداهيءَ ۾ روشن ڏيئو، منڊي تنهنجي آڱر جي،
چوڏهن طبقا چمڪائي ٿو، چلڪو تنهنجي چوڙين جو.

صبح سويري، سج جي آڏو، ٻيهي ٿي ڪَر موڙين تون،
اولڙا ٿو، مون تي اڇلي، تِڙڪو تنهنجي چوڙين جو.

جوين - واچوڙي جي ٻويان، ڪيڏو نڪري ڊوڙي آن،
تنهنجي سهڪي سان آشامل، سهڪو تنهنجي چوڙين جو.

عمر سڄيءَ لاءِ رهي شل پيار سلامت تنهنجو ڙي،
مان نہ ٻڌان ڪونندي ڪڏهين نڙڪو تنهنجي چوڙين جو.

آثم ڪي ڪو اونو ناهي، پاڻ ٻَري يا ٻَور ٿئي،
دل کي پيو ڦٽڪائيندو آ، اڊڪو تنهنجي چوڙين جو!

٧ــ غزل
شمس الدين عرساڻي

صبح شام ڇانيل ڪڪر ڪٿي ڀاڄو نہ هو،
ساوڻ ڪڏهن مينهن ائين وسايو نہ هو.

ڳاڙيو سيڏايل اکين خوشيءَ مان قطرو،
زندگي ائين ٻہ ڪڏهن سڪايو نہ هو!

اٿاهہ خاموشي ۾ بي حس ڪَڙڪو.
زندگي ايڏو ڪڏهن سڪون پاتو نہ هو!

گهر جي ڇتن ڪنڊن سان اوريان پيو،
حال محرم ٿي هميشہ رنجايو تہ هو!

گهٽَ لٿي مَس جَهڪ وسڻ تي شروع
هاڻي جو منظر آ، سو اڳي آيو نہ هو!

خوشبو جي ڪمي ڇو آ ماحول ۾،
گلشن ۾ تہ ڪو گل شمس مرجهايو نہ هو!

تو تہ يري يري ڪونہ پيتو هو،
محفل ۾ ڇو پٺي آتڙايو هو.

حيدرآباد سنڌ جي مشهور

بمبئي بيڪري

(1910ع کان قائم)

جيڪا ڪيڪ، بسڪوٽس، پيسٽريز ۽ بيڪنگ جي چيزن ۾ تازگي، خالصيت، غذائيت ۽ لذت کان سڄي پاڪستان اندر مشهور آهي. اهوئي سبب آهي جو حيدرآباد کان ڪراچي يا لاهور، اسلام آباد يا پاڪستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جيڏانهن به ڪو ويندو آهي ته عزيزن، دوستن، مهربانن لاءِ بيڪنگ جي سوکڙي هميشه بمبئي بيڪري وٽان خريد ڪندو آهي.

اسان جون اسپيشل چيزون

جن جو ذائقو هميشه زبان تي رهڻ وارو

1. ڪريم ڪيڪ 2. چاڪليٽ ڪيڪ
3. ڪافي ڪيڪ 4. آلمانڊ ميڪرو ڪيڪ
5. فروٽ ڪيڪ وغيره.

اسان آرڊر تي به مال بڪ ڪندا آهيون

بمبئي بيڪري

حيدرآباد ، سنڌ (صدر)

(14) پرهندي شاعري

١- ڊائنوسارن سان سمهڻ
(شيخ اياز ڏانهن)

سنڌيڪار: شمس الدين عرساڻي

سياهه پوش ٽڪرين ۾ ازبس
هزارها سال کان تَر مِٽي جو هو دائما
واڄ ۽ مينهن جو ٿيو ان تي سَتڪار
درمانده ڌرتيءَ کي سفر تي ڪيو لاچار
زمان ماضي ۾ وڃي هليو پيرو
ڊائنوسار ڪيو هو جت ديرو!
ڪنهن وقت طوفان کان پوءِ
ٽڪريءَ جي چرڙ پرڙ مان
پنجهٺ ملين سالن کان غلطان
ننڊ ۾ پيل ڊائنوسار يڪايڪ ٿيو نروار
ڪچڙن مڙيل هڏن جي باقيات
آئي نظر تنهن ساعت
موت مان پُنر جنم وٺڻ لاءِ تيار!
جشن ولادت جو سامان ٿيو ميسر دَنار
سڀئي سڀڪي سان ليس آيا پِنڊ پياسي(١)
آثار قديم جا جڳ واسي
وري جنمائڻ لاءِ آيا شوق مان ڪهي
نه ڪيائون آرام ڪا گهڙي!
ڪِٻن، ڏارن، وَنن کي،
چنگهن ۽ پلڪارن سان سلجهايو جوڙيو
ڌوتو صاف ڪيو سَنڌن وٽان وري پُويو
پيار جي پورهئي سان تي ويو راس
حيرت جو هو ڪو اعجاز
پن پهرن کان بعد، پوئين پهر روشنيءَ ۾
هڪ شخص پيار جي چاهڪ وانگر ليٽيو،
هيڪل بلا واري پنجر جي بلڪل قريب
هوريان خاڪي جانور هيٺان کوٽي پٽي زمين
ائين پئي لڳو هُو ڪو ستل هجي
مون کي ياد ڏياريندو هجي
وقت ۾ اها ڪا ٿيڻي دور ناهي
اسين سڀ ڊائنوسارن سان سمهنداسون.

Sandra - J- Lindow

Sleeping with the Dinosaurs

(To Jack Horner)

In the Black Hills .
Soil Millenia built
Wind and Rain have taken
To walk that Starved Earth to go
Where dinosaur's have gone
Some times after a Storm
The ravaged body of Gulch or Mesa
Will reveal a Dinosaur's
Sixtyfive million year sleep
Bones fetally curved
As if in death, nativity returned
At the site, denim, Clad
Attend the rebirthing, Paleonologists
Pass Forceps and Callipers
A loving labor to lift and wash
Each precious shaft and knob
that the bones to nit again
In late afternoon light
A man, like a lover, lies down
Next to the Giant's ribcage
And Gently cuts placental
Earth from beneath
It is as if he, Too sleeps
and I am reminded
that in the time not too distant .
we'll all be sleeping with the denosaurs.

Science fiction رسالي
تان جنوري 1996ع واري شماري تان ورتل.
(١) پنڊپهڻ = Paleonologists
Fossils جا ماهر (پنڊ پياسي)

٢- تنهنجي عمر گهٽي آهي؟

ايچ. ايس فرنسڪ/ رسول بخش پليجو

غم ۽ ذهن جي خاصيت آهي
جيئن ڪڏهن تون پنهنجا خواب،
پوريا نه ڇڏي آيو آهين،
جيئن ڪڏهن اميد ٽٽي تي ويئي آهي
جي تون هاڻي اڄ تي ڏانهن نٿو نهارين
جي تنهنجي تمنائن جا تاندا
وسامي چڪا آهن
ته پوءِ ڪٿي تون ڳيرو ڇو نه هجين
تون پوڙهو ٿي ويو آهين
پر جيڪڏهن زندگيءَ وٽ
جيڪي بهترين شيون ۽ ڳالهيون آهن
سي تون ڪائنس وٺين ٿو
جيڪڏهن تون زندگيءَ ۾
پنهنجي خوش طبعي سلامت رکين ٿو
جيڪڏهن تون پنهنجي پيار کي
سلامت رکيو ويٺو آهين
ته پوءِ ان ڳالهه جي پرواهه ناهي
ته ڪل ڪيترا سال لنگهي ويا
۽ ڪيترا جنم ڏينهن پر ڪري اڏامي ويا
تون پوڙهو ناهين، تون جوان آهين.

٣- وقت ڪڍو

شاعر نامعلوم/سنڌيڪار: رسول بخش پليجو

وقت ڪڍو ڪم لاءِ،
اها ڪاميابيءَ جي قيمت آهي،
وقت ڪڍو سوچڻ لاءِ،
اهو طاقت جو ذريعو آهي.
وقت ڪڍو راند لاءِ،
اهو راز آهي سدائين جوان رهڻ جو.
وقت ڪڍو پڙهڻ لاءِ،
اهو سرچشمو آهي ڏاهپ جو.
وقت ڪڍو دوستي ڪرڻ لاءِ،
اهو رستو آهي خوشيءَ جو.
وقت ڪڍو خوابن لهڻ لاءِ،
اهو ائين آهي جڻ توهان پنهنجي
گاڏيءَ کي ڪنهن ستاري سان ٻڌي ڇڏيو،
جيڪو ستارو توهان کي
سڄي ڪائنات گهمائيندو هلندو
وقت ڪڍو ڪنهن کي پيار ڪرڻ لاءِ
۽ ڪنهن جي پياري ٿيڻ لاءِ
اهو خاص اعزاز آهي ديوتائن ۽ ملائڪن جو
وقت ڪڍو چوطرف سيني جي نهار ڪرڻ لاءِ
زندگيءَ جو ڏينهن ايڏو ننڍڙو آهي،
جو ان ۾ رکو پنهنجو پاڻ ڏانهن ڏسندي رهڻ،
جي گنجائش ئي ڪانهي،
وقت ڪڍو ٽهڪ ڏيڻ لاءِ،
اها موسيقي آهي روح جي.

۴_ آس - نراس

(لولي)

وليم بليڪ/ رفيق سومرو

سندر سهڻا سپنا
پاڇي جو ويس ڍڪي،
منهنجي منڙي ٻچڙي کي
اوانگهن تا،
منڙا منڙا سپنا.
خوشين سان ٽمٽار
سانتيڪا
چانڊوڪيءَ ۾ وهندڙ
جهڙوڪر پيار جي چشمي جو
وهڪرو
تنهنجون نازڪ ڪومل پرون
ايام لاءِ هڪ تاج اڻيندڙ،
(جو تہ ڪنڊن جو تاج پيش ڪيو ويو هو ابهم عيسيٰ کي)
منڙي ننڊڙي
فرشتي وانگر
منهنجي نيڻن ٺار مٿان
ڦڙڪا ڏيندڙ
منڙي مرڪ
ماءُ جي مرڪ
چڻ رات جي سانت ۾
هرڻاءَ جي گونج
ڪنجهڻ ڪرڪڻ منڙو اهڙو
تڏڙو ساهہ ڪڻڻ ڳيري جو،
اونگهہ ۾ اون آوان ڪرڻ تنهنجو
چٽڪو جهونگارڻ ڳيري جو،
رات جو هن پيانڪ وکڙي
خوف سمورو پر ڪري تو
آڏري وچي تو
پسندي تنهنجي سبحاني صورت
سمهہ تون سمهہ
(غمن جي پاڇي ۾ ليٽندڙ)
اي خوشنصيب ٻار!
ڪائنات سموري هتي ستل
مرڪ سندس مک تي ڇانيل

سمهہ سمهہ
تون منڙي ننڊڙي
جيجل ڏٺي تي
توکہ لولي
آب اکين ۾ آئي،
(منهنجو حال، منهنجا ڳوڙها تنهنجو مستقبل)
منڙا پٽڙا
تنهنجي مک ۾
ابهم عيسيٰ
پسي سگهان ٿي
جو تہ چٽيو آ
مون ٿي عيسيٰ،
منهنجا منڙا
تو جيان ڪڏهن
ليٽي پيٽي
اٺين رنو هو
تنهنجو مالڪ
منهنجي ڪارڻ
تنهنجي لاءِ
سڀ جڳ ڪارڻ
هو بہ جڏهن هو
ابهم ٻالڪ
تون هن جو مک
سدائين پسندين
تو مٿان مرڪندڙ
مرڪندڙ تنهنجي مٿان
منهنجي مٿان
سڀ جي مٿان
جو تہ آهي هُو
ايام ٻالڪ.
معصوم ٻار جي مرڪ
پوتر مُرڪ
امن جي مُرڪ
جنهن جي مرڪڻ سان
ڌرتي - امبر
جنت - دوزخ
گونجي اٿي ٿي
سانتيڪي شرناءِ

(روزانہ هلال پاڪستان ، 17 فيبروري 1979ع جي ٿورن سان)

(13) لکندڙن جا رايا

اداري جون گذارشون

١ـ ٿماهي رسالي ”اوسر“ بابت

(ڊاڪٽر عبدالرحمان قريشي)

ڊاڪٽر پروفيسر شمس الدين عرساڻي جي زير ادارت ۾ ڇپجندڙ ٽماهي رسالي ”اوسر“ جو سيپٽمبر 1995ع جو پرچو گذريل ٻن هفتن کان منهنجي مطالعي هيٺ رهيو آهي.

سرڪاري يا نيم سرڪاري ادارن جي سرپرستيءَ کان سواءِ، مذهبي ۽ سياسي تحريڪن ۽ لاڙن کان بلڪل آزاد هن قسم جا خالص ادبي جريده جيڪي علم و ادب فن ۽ فڪر جي دائمي قدرن جي ترجماني ۽ پنپرائيءَ لاءِ جاري ڪيا وڃن ٿا، تن ڪي سنڀالڻ ۽ هلائڻ ڪو چرچو نه آهي.

ڊاڪٽر شمس الدين هڪ چاتل سڃاتل تعليمدان آهي، تعليم ۾ جديد ۽ سائنسي قدرن جو پر زور حامي، افسانه نگار، مصنف، نقاد، محقق، شاعر، مترجم، ڪالم نويس ۽ ايڊيٽر آهي. مطلب ته هڪ گهڻ رُخي ادبي شخصيت آهي. تازو سنڌ ايڊيوڪيشن ٽرسٽ حيدرآباد جي پهرين ادبي گڏجاڻيءَ ۾ 1997ع جي اوائل ۾ ”شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ“ جي زندگيءَ ۽ علمي ادبي ڪارنامن تي هڪ طويل تحقيقي مقالو پڙهندي ٻڌو. هن بيٺڪ ۾ شريڪ سڀني مهمانن ۽ نقادن عرساڻي صاحب جي تحقيقي ڏانوَ ۽ ذات ۽ منفرد نثر نگاريءَ کي سڀني ويٺلن تمام گهڻو ساراهيو...“

٢ـ خـط

(ممتاز عباسي، لاڙڪاڻو)

سائين، اوسر کي ڏسي مون کي والٽيئر جي هڪ سٽ ياد اچي وئي. ”چا ٿيو جو مون وٽ لٺ ڪانهي.... مون وٽ قلم جو آهي.“ اِهو آن ڪري لکيو اٿم

تہ اوسر نواڻ ۾ جدت سان تمتار هڪ ادبي چاڻ آهي، جنهن ۾ هڪ ئي وقت ۾ ڪيترن موضوعات کي هڪ اعليٰ Sense ۾ ترتيب ڏنو ويو آهيءِ اوهان تہ سُڄاڻ ماڻهو آهيو ۽ پليءَ پت چاڻو ٿا تہ اسان وٽ تنقيد ڇڻ ڇائي ڪانہ آهي! جيڪڏهن ڪٿي زري پرزي آهي بہ تہ ڪٿي رڳو مِن ترا حاجي بگويم وارو قصو يا وري نسورو...

اوهان بہ هن طرف ڌيان ڏيو ها۔

اوسر جو سمورو مواد گهٽ ۾ گهٽ مون کي تہ هڪ جرنل وانگر لڳو. سالن کان پوءِ هڪ خالص ادبي ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ اوهان جي ڪوشش کي جس هجي...."

جواب: محترم عباسي صاحب

اوهان جي همت افزائي لاءِ ادارو ٿورائتو آهي. توهان رسالي ۾ صرف هڪڙي ڪميءَ بابت اشارو ڪيو آهي جو 'تنقيد' بابت آهي، اها ڳالهہ اسان جي سمجهڻ کان قاصر آهي، ڇو تہ تنقيد جي شعبي ۾ سڄا سارا ڇهہ مضمون ڏنا ويا آهن. باقي جيڪڏهن تنقيد مان اوهان جو مقصد ٻيو ڪجهہ آهي تہ اها جدا ڳالهہ ٿيندي، شايد "تنقيد جو فن ڇا ٿيندو آهي؟" اوهان اهڙو درسي مضمون پڙهڻ ۽ سمجهڻ چاهيو ٿا. بهرحال جيڪڏهن اوهانُ ئي ان باري ۾ تنقيد تي فني يا عملي جامع مقالو لکي موڪليندا تہ ادب ۾ اضافي سان گڏ پڙهندڙن جي بہ رهنمائي ٿيندي.

٣۔ خط

محترم ذوالفقار ڪانڌاڙا صاحب

توهان جو خلوص ڀريو خط پهتو. توهان جي هيءَ ڪهاڻي "تڪل زندگيءَ جا اُگهاڙا عڪس" بعض سببن ڪري شايع ڪرڻ کان معذرت خواه آهيان. ڪهاڻيءَ جو آئيڊيا ڪجهہ جاندار ضرور آهي، پر شايد ساڳيو موضوع ۽ خيال اڳي ڪٿي پڙهيل بہ آهي يا شايد ڪهاڻي ٻيو ٻيرو موڪلي آهي. ٻيو تہ پيشڪش ڪهاڻيءَ جي ٽيڪنڪ سان مماثلت نٿي رکي. ڪنهن بہ جملي جي ڳنڍيپ مقصد جي صحيح ادائگيءَ سان نهڪي نٿي اچي. واقعي کي Develop ڪري ان کي ڪنهن نتيجي تي پهچائڻ کان قاصر رهيا آهيو. بقول عنوان اُگهاڙا عڪس بہ ٿيندا آهن، ليڪن انهن پويان محرڪات ۽ واردات جي چٽائي ناپيد آهي. بلڪ بلا جواز. بي جوڙ لفظن جو ميڙ آهي، جنهن ۾ ڪو جس تہ ناهي، پر زبان جي ٿلهي صفائي جوَ بہ خيال تہ رکيو ويو آهي نہ جذبي کي پيش ڪرڻ جو سليقو آهي ۽ نہ ڏاڻ،

رڳو ٻي سمت لفاظي سان پنا ڪارا ڪيل آهن. آئون سمجهان ٿو ته ايڊيٽر جي حيثيت ۾ منهنجي فرض ۾ اها ڳالهه شامل آهي ته يقيناً واري سان وقت مليو ته اصلاح بعد توهان جي ڪهاڻي ضرور ضايع ڪريان. مگر اُها ڪهاڻي جي هڪ بلڪل نئين صورت هوندي. جيڪا توهان جو ذهن قبول ڪري الاهجي نه. چست ٻولي نگارن جو مطالعو ڪيو ۽ انمول فڪشن ليکڪن کي دل جي حضور سان پڙهندا رهندا ته فني شعور سان ضرور بهرمنده ٿيندا، ڇو ته اوهان ۾ اهي ڪواليٽيز ضرور آهن.

المخلص عرساڻي

۴ـ خط

طرفان رام پنجواڻي ايڊووڪيٽ هاءِ ڪورٽ آف دهلي (انڊيا)

جواب: سچڻ سائين توهان جو قرب نامو پهتو، پڙهي احوال معلوم ٿيو. سنڌي ادب لاءِ اوهان جو پيار ۽ چاهت تعريف لائق آهي. قانوندان جي حيثيت ۾ اوهان انساني حقن جي تحفظات جو احساس رکو ٿا، سو فطرت کان بعيد ناهي. سنڌ ۾ ڪارو ڪاري جي نالي ۾ سنڌي عورت تي ٿيندڙ وحشياڻه ظلم ۽ عورتن جي حقن جي ٿيندڙ پائماليءَ لاءِ اوهان جي واتان پرسوز جذبات ٻڌي، اهو احساس ٿيو ته قانوندان هڻڻ سان گڏ انسانيت جو سچو درد ته رکو ٿا ۽ ڪجهه ڪري رهڻ لاءِ آمادگي به رکو ٿا.

اوهان کي ٻڌي ڏک ٿيندو ته اسان وٽ سنڌ ۾ ”ڪارو ڪاري“ جي ظالمانه رسم کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪابه تحريڪ جوڙي نه وئي آهي. صرف نالي پيدا ڪرڻ، تماشي اڏائڻ ۽ شخصي پذيرائي لاءِ رسمي ميڙ ۽ فنڪشن ڪيا وڃن ٿا. حد اها آهي ته ڊراما ۽ ٽيبلا به ڪيا وڃن ٿا. اخبارن ۾ فيچر ۽ رپورٽون شايع ڪيون وڃن ٿيون جن جو درپرده مقصد جنسي لطف پيدا ڪرڻ ۽ سنسني ڦهلائڻ هوندو آهي، انهن کي ڏسڻ ۽ پڙهڻ مان اهو احساس ٿيندو ته ظالم رسم کي ختم ڪرائڻ لاءِ ڪابه جدوجهد يا نفرت پيدا ڪرڻ ته درڪنار ماڳهين اهڙن ميڙن مان شو بزنس جو شائبو ٿيندو آهي. ونڊر جو سامان هوندو آهي، جشن جو اهتمام هوندو آهي. ڪاروڪاري ڪو آسمان مان لٿل رسم نه آهي، جنهن کي ختم ڪرائڻ لاءِ سرڪار قانون نتي جوڙي سگهي. هر سال سَون جي تعداد ۾ فطري حق ماڻڻ جي پاداش ۾ سوين عورتون قتل ٿين ٿيون. انساني حقن ۽ حرمت کي ظاهر ظهور چيپاٽيو وڃي ٿو، پر عالمي ضمير ان سفاڪيءَ تي خاموش آهي. سنڌ جا

ڏاها، پاڪستان ۾ سارڪ ملڪن جي دانشورن جي مٿي تي ڪڏهن جُون بہ ڪانہ ٿي سُري تہ آيا ان ڪلئي ڪلائي قتل جي اجازت چو برقرار رکيُ وئي آهي؟ انگريزي دور ۾ مصلحتن باعث قائم رکيل جاهلانہ قبائلي قانون کي هن مهذب زماني ۾ ڇو اجازت ڏني وئي آهي؟ سنڌ ۾ هر ڏوهہ لاءِ ديواني ۽ سول قانون قائم آهن؟ ليڪن ڪاري ڪاري ڪندڙ کي صرف برائي نام سزا آهي. اسان جا وڪيل، قانوندان، باضمير اديب ميمبر، دانشور ان قبائلي قانون خلاف ڇو تحريڪ هلائي ختم نٿا ڪرائين؟ ڪڏهن بہ سنڌ جي ميمبرن صوبائي يا قومي اسيمبليءَ ۾ ان خلاف نہ آواز اٿاريو آهي ۽ نہ وري اُن کي مجرمانہ قتل جي دفعي ۾ شامل ڪرائڻ جي ڪوشش ورتي آهي، جيئن ڪارو ڪاري لاءِ موت جي سزا جو قانون ٺهي سگهي. اسان وٽ نمائشي همدردي گهڻي آهي، پر ڪابہ مثبت جستجو ناهي.

توهان جو مضمون ڪارو ڪاري يقيناً صحيح حقائق سان ڀرپور آهي، پر اهڙا لاتعداد واقعا هت روز اخبارن ۾ ڇپجي رهيا آهن. اوهان جو ليک هڪ اخباري رپورٽنگ وانگر آهي، جيئن تہ اهو ادبي وشئہ ۾ درج نٿو ٿئي، تنهنڪري ڇپڻ کان لاچار آهيون. البت ادب جي سلسلي ۾ ڪو ڪارآمد مضمون موڪليندا تہ اسان کي ڇپيندي خوشي ٿيندي. اوسر رسالي جي خريداريءَ لاءِ ڪجهہ وضاحت سان لکندا تہ ڪاپيون ضرور موڪليندا سون.

نياز مند شمس الدين عرساڻي

رتيءَ جي رهاڻ

سراج

ماضيءَ کي ياد ڪرڻ ٻين لاءِ عذاب هجي تہ هجي، منهنجي لاءِ بنهہ ڪونهي. پاڻ مستقبل جو سوچي عذاب ۽ اذيتون ڪرَ ڪٽي بيهنديون آهن. آءُ بنيادي طرح قنوطيت جو دشمن آهيان، هميشہ ڪڪرن جي هن پار ڪا سونهري تند (Silver Line) ڏسڻ وارن مان آهيان، پر سنڌ جي حوالي سان ڪڏهن ڪڏهن آئيندي جي تصور ڪرڻ کان ڏڇندو آهيان. سنڌ جو ماضي هر ٻئي ملڪ جي تاريخي وانگيان اٿلن پٿلن جو داستان آهي پر هر اٿل پٿل ۾ سنڌي ماڻهو مون کي جيئرو، جاڳندو ۽ سنڌ سان وچڙيل نظر اچي ٿو. پر حال ۾ اهو رابطو، اهو تسلسل ٽٽندو، ڇڄندو ٿو ڀانيان ۽ ان ئي حوالي سان ايندڙ وقت ۾ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهوءَ جي جياپي جي ڏور بنهہ ڪمزور ٿيندي نظر ٿي اچي. ان ڇڄندڙ ڏور کي ڳنڍيءَ وانگر سنڌ جا اديب اُميري وجهندا نظر اچن ٿا، پر ڇا ڪو ملڪ ۽ معاشرو

فقط پنهنجي ادب ۽ ادبين جي ڪري جيئرو رهڻ جي ضمانت حاصل ڪري سگهندو. اهو تصور هڪ وڏي سوالي نشاني بڻجي ويندو آهي، پر ذاتي حوالي سان جڏهن ماضيءَ جون يادگيريون سامهون ايندون آهن ۽ هڪڙو عجيب اُمنگ پيدا ٿيندو آهي.

سنڌ جي هڪڙي ڪهاڻي نويس رفيق سومري صاحب پنهنجي ڪهاڻين جو مجموعو "مٽيءَ سندو مامرو" مهرباني ڪري موڪليو آهي. رفيق سومرو سنڌ جي سٺن ڪهاڻيڪارن منجهان آهي، پر جنهن ڳالهه ماضيءَ کي اٿلائي وڌو، سا اها آهي ته هو هڪ انڪم ٽيڪس آفيسر آهي ۽ منهنجي زندگيءَ جا ٽيرنهن سال ان ساڳي چسي نوڪريءَ ۾ ڏاڍي آب تاب سان گذريا. انڪم ٽيڪس ڪاتو ڪٽي ڪيترو به بدنام ڇو نه هجي، اها عجيب روايت رهندي آهي ته ان ۾ مختلف ٻولين جي ادبين کي پڻ پناهه ملندي رهي آهي. ذهن تي ڪيترائي نالا تري تا اچن، جڏهن آئون هت ڪراچيءَ ۾ نوڪريءَ ۾ هوس ته 1964ع ۾ رائيٽرس گلڊ طرفان بڪ تي انعام ڪراچيءَ جي ٽن انڪم ٽيڪس آفيسرن کٽيا هئا. جن ۾ آئون به شامل هوس. مون کي اهو صدارتي انعام منهنجي ڪتاب "سنڌي ٻولي" تي مليو هو. هڪڙو انعام منهنجي دوست ۽ ساٿي جميل جالبيءَ کي اردو لاءِ مليو هو. جميل جالبي پوءِ ڪراچي يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر به ٿيو ته اردو زبان جي بااختيار اداري "مقتدره" جو چيئرمين به ڪجھ سال رهيو. هاڻ رٽائر ڪيو اٿس. هو اردوءَ جو وڏو نقاد ۽ مورخ آهي. سندس اردو ادب جي تاريخ ڪيترن جلدن تي ڦهليل آهي. سندس اردو لغت به مقتدره جي حوالي سان ڪجهه سال ٿيا، ڇپي هئي. هن ان ئي زماني ۾ ڪتاب "پاڪستان ڪلچر" لکيو هو، جنهن ۾ هن پاڪستان جي ڪلچر کي فقط هزار سالن جو مسلم ڪلچر ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اڄ اردو ڳالهائيندڙن جو جيڪو نقطهءِ نظر پاڪستاني سياست ۾ آهي، ان جي خالقن منجهان جميل جالبي به آهي!

ٽيون انعام عبدالعزيز خالد کي اردو شاعريءَ تي مليو هو. هن عربي ۽ سنسڪرت جي ادب جي بنياد تي اردو شاعري شروع ڪئي، جنهن کي جيتوڻيڪ عام اردو پڙهندڙ سمجهي به ڪونه سگهندو هو، پر هن جيڪا روايت عربي ۽ سنسڪرت جي ترجمن ڪرڻ سان اردو شاعريءَ ۾ داخل ڪئي، ان تي هن کي انعام مليو هو. هاڻ هو به رٽائر ڪري چڪو آهي.

ان ساڳئي وقت ۾ اردوءَ جو مشهور ڪالم نويس ۽ اديب جميل الدين عالي به انڪم ٽيڪس آفيسر هو. اردوءَ کي ٻين سمورن زبانن جي مقابلي ۾ وڏي

حيثيت ڏيارڻ ۾ هن وڏو ڪم ڪيو. قدرت الله شهاب جي ذريعي هو ايوب خان کي ڪافي ويجهو ٿي ويو ۽ هن پنهي گڏجي رائيٽرس گلڊ ٺهرائي، جنهن جو بنيادي مقصد بنگالي ۽ سنڌي زبانن جي مقابلي ۾ اردوءَ کي ارفع ۽ اعليٰ حيثيت ڏيارڻ هو. ”اردو ڪلچر“ جيڪو هن وقت اسان جي ڳچيءَ ۾ ڦاهي طور سوڙهو پوندو وڃي، ان ميدان ۾ جميل الدين عالي ۽ جميل جالبي جهرن وڏو ڪم ڪيو.

ادن دور ۾ بنگالي زبان جا به سنا اديب انڪم ٽيڪس کاتي ۾ هئا. اسان جي بئچ ۾ شمس الزمان بنگاليءَ جو تمام سنو شاعر هو ۽ ان ئي حوالي سان منهنجي هن سان ياري هئي. بنگلاديش ٺهڻ کان پوءِ 1974ع ۾ جڏهن مرحوم ڀٽي سان گڏ بنگلاديش وڃڻ ٿيو، تڏهن ذري گهٽ حياتيءَ جو جوکم کڻي آئون شمس الزمان ۽ ٻين بنگالي دوستن سان مليو هوس!

سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان هڪڙو ٻيو اديب عبدالغفور جوڻيجو انڪم ٽيڪس ۾ ويٺو آهي ۽ اڄڪلهه ڪمشنر آهي. سندس ٻن شاعريءَ جي مجموعن تي مون پيش لفظ لکيا آهن. هڪڙو ٻيو اديب ۽ ڪهاڻيڪار سليم چنو به انڪم ٽيڪس ۾ ايڊيشنل ڪمشنر آهي، پر سندس اصل نالو تيسين ڪونه کٽندس جيسين هن کان اجازت نه ملي آهي، ڇاڪاڻ ته خود سندس ادبي نالي ”سليم چنا“ به هڪڙو تنازعو پيدا ڪري وڌو آهي! ۽ هاڻ رفيق سومري جو هي پهريون ڪتاب ”مٽي سنڌو مامرو“ مليم ته اهي يادگيريون ذهن تي حملي آور ٿي آيون.

اڄڪلهه وري انڪم ٽيڪس تي ڊاڪٽرن ۽ انجنيئرن چڙهائي ڪئي ٿي ڏسجي، جن منجهان گهڻائي سنڌين جي آهي، ايم. بي. بي. ايس (M.B.B.S) يا بي. اي (B.A) ڪرڻ کان پوءِ سي. ايس. ايس (C.S.S) کي ترجيح ڏيڻ ۽ انڪم ٽيڪس يا ڪسٽمس ۾ نوڪري ڪرڻ خالص اهو پاڪستاني ڪلچر آهي، جنهن پاڪستان کي اڄوڪي منزل تي پهچايو آهي ۽ جنهن لاءِ هڪ آمريڪي اخبار نويس جا هي لفظ ڏاڍا معنيٰ خيز آهن ته:

PAKISTAN HAS A SIMUTANEOUS
YES AND NO CULTURE

يعني پاڪستان ۾ هن وقت هڪ ئي وقت هاڪاري ۽ ناڪاري ڪلچر آهي!

(16) ايمنسٽي انٽرنيشنل جي رپورٽ

روزاني جاڳو جي آئيني ۾

هن جو ڪنڌ ڀڳل هو، هن جي ڀڃيءَ کي چڻ ته تاندن تي روسٽ ڪيو ويو هو. هن جي ساڄي ٻانهن ڀڳل هئي ۽ ان تي ڏنين جا نشان هئا. هن جي هيٺين ڌڙ جي لڪل عضون تي به سگريٽن جي ڏنين جا نشان هئا. ايئن ٿي لڳو ڄڻ ڪنهن هن جا ننهن ڇڪي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. هن جي ناسن مان رت ٿي ٽميو....

هي ڪنهن ناول يا افساني مان ورتل ٽڪرو نه آهي ۽ نه ئي اها حالت دشمن ملڪ ۾ گرفتار ٿيل ڪنهن جاسوس يا جنگي قيديءَ جي آهي، جنهن کان راز اوڳاڇرائڻ لاءِ دشمن ملڪ مٿس اهڙو تشدد ڪيو هجي... پر هيءَ حالت هڪڙي پاڪستاني شهريءَ جي آهي، جنهن تي حڪومتي ايجنسين تشدد ڪيو هو ۽ سندس اهڙي حالت ڪري ڇڏي هئي. عجيب ڳالهه آهي ته پاڪستاني شهريءَ جي حڪومتي ايجنسيءَ هٿان ٿيل اهڙي حالت پاڪستان جي ڪنهن اخبار بيان نه ڪئي، پر ايمنسٽي انٽرنيشنل پاڪستان ۾ انساني حقن جي صورتحال جي باري ۾ پنهنجي جيڪا رپورٽ شايع ڪئي آهي، ان ۾ سندس اها حالت بيان ڪئي آهي. جون جي ڏهين تاريخ تي اها رپورٽ پڌري ٿي، جنهن جو تت، خبر جي صورت ۾ اخبارن ۾ ڇپيو پر نه حڪومت ان جو نوٽيس ورتو ۽ نه ڪنهن انسان پرست ڪا دانهن ڪئي ته هي ڇا پيو ٿئي، ڇو پيو ٿئي ۽ اهو سارو ظلم، ڏاڍ ۽ ڌمڪاءُ بند ٿيڻ گهرجي.

يوسف جکراڻي ڪنهن زماني ۾ سنڌ جو مشهور قومپرست ليڊر هو. هن تي الائجي ڪهڙن ڏوهن جا الزام هئا. فوج هن کي 1992ع ۾ گرفتار ڪيو ۽ پورا ڇهه ڏينهن هن تي تشدد ڪندي رهي ۽ اهڙو تشدد، جنهن جو ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي، سهي سهي نيٺ هو مري ويو. اخبارن ۾ خبر ڇپي پر ڪنهن به هن جي اهڙي ظالماڻي ۽ بي رحماڻي موت لاءِ آواز نه اٿاريو. جڏهن ته ڪراچيءَ ۾ دهشتگرديءَ جي الزام ۾ ايم ڪيو ايم جو ڪو هڪ ڪارڪن مرندو هو ته ڪراچيءَ جي ساري شهر جو ساهه مٺ ۾ اچي ويندو هو. پر يوسف جکراڻيءَ جي اهڙي موت لاءِ ڪنهن ڪونه ڪڇيو ۽ هاڻي جڏهن انساني حقن جي هڪڙي اداري هن جي اهڙي موت جي خلاف آواز اٿاريو آهي، تڏهن به ڪير ڪونه ٿو ڪڇي.

هي دور انساني حقن جي دور آهي ۽ ڪنهن به ملڪ ۾ انساني حقن جو معاملو رڳو ان ملڪ جو نه پر ساري دنيا جو معاملو ٿي ويو آهي. جيڪڏهن ڪنهن ملڪ ۾ انساني حقن جي پائمالي ڪئي ٿي وڃي ته ساري دنيا ان جي خلاف آواز ٿي

آٿاري. پاڪستان ۾ انساني حقن جي اهڙي پائماليءَ جي خلاف ايمنسٽي انٽرنيشنل آواز اٿاريو آهي ۽ پنهنجي 43 صفحن تي ٻڌل رپورٽ ۾ يوسف جکراڻيءَ تي ٿيل تشدد ۽ سندس موت جو مثال ڏيندي ٻڌايو آهي ته حڪومتي ايجنسيون پاڪستاني شهرين سان کهڙا ظلم ٿيون ڪن، پر حڪومت انهن جي خلاف ڪو قدم نٿي کڻي...

رپورٽ ۾ ٻڌايل آهي ته پوليس يوسف جکراڻيءَ جو ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ تيار نه هئي. يوسف جکراڻيءَ جو والد 1992ع کان نواز شريف ۽ پوءِ بينظير صاحبه جي حڪومتن ۾ 1996ع تائين پنهنجي پٽ جو ڪيس وڙهندو رهيو، پر ڪجهه ڪونه ويو ۽ نيٺ هو ماٺ ڪري ويهي رهيو. هن جي وڪيل ٻڌايو ته اهو ڪو هڪڙو اهڙو واقعو ڪونهي. اهڙا واقعا سدائين ٿيندا رهندا آهن.

ايمنسٽي انٽرنيشنل جي رپورٽ اهڙو آئينو آهي، جنهن ۾ اسان جي خوفناڪ ۽ بدصورت سوسائٽيءَ جو پورو عڪس ٿو نظر اچي ۽ خبر ٿي پوي ته انساني حقن جي هن دور ۾ پاڪستان جي شهرين سان ڇا پيو وهي واپري ۽ جيڪي وهي واپري پيو، ان جي خلاف ڪير ڪونه ٿو ڪڇي. اها رپورٽ هن ملڪ، حڪومت، سول ۽ فوجي قوتن، انصاف جي اداري ۽ ان سڄاڳ طبقي جي خلاف داخل ڪرايل آهي، جيڪو بي حس ۽ بي ضمير ٿي چڪو آهي.

رپورٽ ۾ ٻڌايل آهي ته پاڪستاني عوام جي وڏي حصي کي آزاديءَ جا پنجاهه سال ملهائڻ لاءِ ڪي به سبب نه هٿ ڳهرجن. ڇاڪاڻ جو اڄ (جمهوري حڪومتن ۾) به هو آئين ۾ مليل حقن کان محروم آهن... ملڪ ۾ دهشتگرديءَ جو ڪلچر آهي. مارشل لا ماڻهن کي جيڪو نقصان رسايو آهي، چونڊيل حڪومتون ان نقصان جي تلافي ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيون آهن. مارشل لا ۾ ماڻهن کي سياسي ۽ سول حقن کان محروم ڪيو ويو. سياسي ادارا تباهه ڪيا ويا ۽ آئين کي مسخ ڪيو ويو. ملڪ ۾ تشدد ۽ زوريءَ زنا عام آهي. ملڪ جا سياسي ليڊر پبلڪ ۾ بيان ڏين ته ملزمن کي وچ بازار ۾ ڦاهي ڏني ويندي. سياسي ليڊرن جي اهڙن بيانن سان ملڪ جو ٻاهرين ملڪن ۾ سٺو تاثر قائم نه ٿو ٿئي. پوليس حراست ۾ ورتل قيديءَ تي تشدد ٿي ڪري، سندن توهين ٿي ڪري، کين مار ڪُٽ ٿي ڪري، لتون ۽ بجليءَ جا ڪرنٽ ٿي هڻي، ابتو ٿي لٽڪائي، بکون ٿي ڏئي ۽ ڪيس سمهڻ نه ٿي ڏئي. هر سال ڏوهارين جو عدالت کان ٻاهر قتل ٿيندو ٿو رهي، پر چيو اهو ٿو وڃي ته پوليس کين پنهنجي بچاءَ ۾ ماريو هو، جڏهن ته بچاءَ ۾ مارجڻ وارن کي هٿڪڙيون پيل هونديون آهن.

عام پاڪستاني پوليس کان به ڊڄي ٿو ته قانون کان به ڊڄي ٿو. دنيا ۾ موت جي سزا کي ختم ڪرڻ جو رجحان وڌيو آهي، پر پاڪستان ۾ ڪيترا اهڙا ڏوهه آهن، جن جي سزا موت آهي.... ملڪ ۾ جيڪا به معاشي ترقي ٿي ٿي ان مان 131 ملين ماڻهن کي حصو نٿو ملي، 35 ملين ماڻهو ذلت آميز غربت ۾ ٿا جيئن ۽ 60 ملين ماڻهن کي علاج جون سهولتون نه آهن....

افسوس ان ڳالهه جو نه آهي ته ائين ڇو ٿو ٿئي، افسوس ان ڳالهه جو آهي ته اهو سڀ ڪجهه ٿي ٿو ۽ اسين اهو سڀ سهون ٿا ۽ ڪجهه ڪونه ٿا ڪيون.

ڇا اسين پنهنجا ئي ڏوهاري نه آهيون....؟

(روزانه جاڳو جي ٿورن سان)

سياستدان ۽ نڪته انداز

ڊاڪٽر قادر مگسيءَ جو ممتاز پتي ڏانهن کُليل خط

مهربان ممتاز علي خان پتو

توهان جو نائين جون 1997ع تي منهنجي ۽ منهنجي پارٽي بابت اڻاريل اعتراض ۽ الزامن وارو خط 12 جون تي مليو. اسان اهو بهتر ڄاتو ته ان خط جو جواب توهان کي ذاتي طور موڪلجي ۽ يو. اين. اي جي اينڊز ڪنوينشن ۾ ان ڳالهه کي سامهون آڻجي. هي اسان ان ڪري ڪرڻ پئي چاهيو ته اسان يو. اين. اي جي قومپرست اتحاد کي اخبارن ۾ الزام ۽ جوابي الزامن جي بوڇاڙ ۾ ڦنا ڪرڻ بجاءِ آمهون سامهون ڊائلاگ وسيلي سمورن اختلافن کي نبيري قومپرست اتحاد کي وڌيڪ منظم ۽ سگهارو بنائڻ پئي چاهيو. پر توهان ۽ توهان جي پارٽي اڳواڻن طرفان سموريون اخلاقي حد ٻنديون اورانگهي جوابي خط جي انتظار ڪرڻ کان سواءِ ترقي پسند پارٽي ۽ ان جي قيادت خلاف ڪوڙن بهتانن ۽ الزام تراشين جي مهم شروع ڪئي وئي آهي. ان لاءِ آئون هاڻي مناسب سمجهان ٿو ته توهان جي خط ۽ ان ۾ ذڪر ڪيل الزامن بابت اخبارن کي کليل خط لکي سڄي سنڌي قوم کي پنهنجي موقف کان آگاهي ڏجي. ان کان پوءِ ڪنهن به بيان بازي ۽ ڪوڙي الزامن جو جواب نه ڏنو ويندو، ان جو فيصلو اسين سنڌي عوام تي ڇڏيون ٿا ته ڪنهن سنڌ سان ٽن مهينن جي مختصر اقتدار جي خاطر ويساهه گهاتي ڪندي ايوب کهڙي وارو ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ ڪير سنڌي ماڻهن لاءِ دهشتگردن کان وٺي غير جمهوري آپيشاهن خلاف سينا سپر رهيو آهي. اوهان جي خط ۾ اڻاريل اعتراضن تي نمبروار جواب ڏيڻ کان اڳ سنڌي قوم جي آڏو هي وضاحت ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو. ترقي پسند پارٽي خلاف اخلاق کان ڪِريل ۽ ڪوڙن الزامن جي هي مهم نه اتفاقي آهي ۽ نه ئي اوچتو ٿي آهي، پر سمجهدار ۽ سنڌ دوست

حلقا پنهنجو لنڊن دورو مختصر ڪري فوري صدر فاروق لغاري ۽ پنجاب جي وزيراعليٰ ميان شهباز شريف سان ملاقات سان گڏ سنڌ اندر حڪومت جي تبديلي ۽ گورنر راڄ نافذ ڪرڻ وارن افواهن جي پس منظر ۾ ڏسي رهيا آهن. هڪ طرف يو. اين. اي جهڙي قومپرست اتحاد کي تباهه ڪرڻ واري پيش قدمي ۽ ٻئي طرف خاص طور ترقي پسند پارٽي ۽ ان جي قيادت خلاف مهم درحقيقت سگهارن ادارن آڏو پنهنجي وفاداري ثابت ڪرڻ واري ڪوشش آهي، جنهن جو اڻ سڌي طرح اعتراف توهان خود پنهنجي ٿي موڪليل خط ۾ ڪيو آهي، جيئن ته توهان يو. اين. اي جي سپريم ڪائونسل جي آخري اجلاس ۾ سڄي سنڌي قوم کي گاريون ڏيندي يو. اين. اي جي چيئرمين شپ سان گڏ سياست تان رٽائرڊ ڪرڻ ۽ پنهنجي ڪاروبار سنڀالڻ جو اعلان ڪيو هو ۽ انهيءَ سپريم ڪائونسل ۾ مون کي قائم مقام چيئرمين بنائي ڪنوينشن گهرائي نئين قيادت چونڊڻ جو اختيار ڏنو ويو هو.

سپريم ڪائونسل کان مليل انهن ئي اختيارن تحت حيدرآباد ۾ يو. اين. اي جو ڪنوينشن ڪوٺايو ويو هو پر بدقسمتيءَ سان توهان جي پارٽي جي ڊيليگيٽس جي منفي روين سبب ائين نه ٿي سگهيو ۽ سنڌ جي صدين جي ڏاهپ مان چيل اها چوٽي سچ ثابت ٿي ته، ”وڏيرو سڀ ڪجهه برداشت ڪري سگهي ٿو پر پنهنجي برابر ڪنهن غريب کي ڪنهن به حالت ۾ ڏسڻ نه چاهيندو آهي.“ جيئن ته توهان کان سواءِ باقي يو. اين. اي جي قيادت هيٺين وچولي طبقي سان تعلق رکي ٿي، ان ڪري توهان جي ظاهري اعلانن جي ابتڙ اوهان جهڙو جاگيردار ڪنهن هيٺين طبقي سان تعلق رکندڙ اڳواڻ جي قيادت هيٺ هلڻ لاءِ ذهني ۽ روحاني طور ڪڏهن به تيار نه ٿيندو. جنهن جي تصديق اوهان جو موجوده قول ۽ فعل ڪري رهيا آهن. اوهان آڏو ته مالڪن طرفان يو. اين. اي جهڙي قومپرست اتحاد کي تباهه ڪرڻ جو ٽارگيٽ آهي، جنهن کي توهان بخوبي سرانجام ڏئي رهيا آهيو. ڪنوينشن کي ناڪام بنائڻ لاءِ توهان جي پارٽيءَ جي شريڪ ڊيليگيٽس ۾ چار اڳوٽا وزير به شامل هئا. ترقي پسند پارٽي خلاف هيٺين سطح جي الزام تراشي جي پاڻ شروعات ڪئي ۽ ان جو جواب اسان جي ڪجهه جذباتي نوجوانن ڏنو پر ٻين پارٽين جي اڳواڻ ۽ سڄڻ ۽ منهنجي ذاتي ڪوشش بهتر ۽ سازگار ماحول جوڙيو. جنهنجو اظهار ڪنوينشن کان پوءِ منهنجي طرفان يو. اين. اي جي قائم مقام چيئرمين طور صحافين کي ڪيل پريس بريفنگ ۾ پڻ ڪيو ويو، اخباري رڪارڊ ان جي شاهدي ڏيندو ۽ گڏيل راءِ سان اهو طئه ٿيو ته 6 جولاءِ تي ملتان ۾ ڪنوينشن گهرائي يو. اين. اي جي چونڊ ڪرڻ سان گڏ اتحا[illegible]

منظم ۽ فعال بنايو ويندو. جيڪا ڳالهه توهان ۽ توهان جي سگهارن ادارن کي پسند نہ آئي ۽ هن سچي اتحاد کي ناڪام ۽ نامراد بنائڻ لاءِ توهان ساڳي پگهار تي ڪم ڪرڻ جي آسري تي پنهنجو جاگيردارانہ رول ادا ڪري رهيا آهيو. توهان جي خط ۾ پاڻ پڌائڻ واري حصي کي ڇڏي الزامن جا نمبروار جواب هن ريت آهن.

توهان جي خط جو پهريون الزام اسان لاءِ الزام نہ پر سنڌ دوست هجڻ جو سرٽيفڪيٽ ۽ فخرمند هجڻ جو سبب آهي. توهان الزام هنيو آهي تہ يو. اين. اي توهان لاءِ هڪ وڏي سياسي رڪاوٽ رهيو ۽ ڪيترن موقعن تي توهان ڪي اڻ گهربل ماڻهن سان اتحاد ڪرڻ جو مورد الزام ٺهرايو ويو. توهان وڌيڪ لکيو آهي تہ صدر فاروق لغاري توهان کي وزرات اعليٰ آڇڻ وقت يو. اين. اي کان پنهنجا تعلقات منقطع ڪرڻ لاءِ چيو، ڇو تہ اها ڳالهہ سگهارن ادارن جي لاءِ قابل قبول نہ هئي، اهو اڻ سڌو اعتراف آهي تہ يو. اين. اي کي تباهہ ڪرڻ ۽ ترقي پسند پارٽي خلاف توهان جي هلايل موجوده مهم کي سگهارن ادارن جو آشيرواد حاصل آهي. هن ملڪ جي اندر حقيقت محب وطن جمهوريت پسند ۽ سنڌ دوست قومپرست ڌريون ۽ ماڻهو سگهارن ادارن سامهون هميشہ ناپسنديده رهيا آهن. توهان جي خط ۾ ضياءَ طرفان مختلف سرڪاري عهدن لاءِ آڇن جي ذڪر کي هاڻي سنڌي ماڻهو صحيح نہ ٿا سمجهن، ڇاڪاڻ تہ ٽن مهينن جي مختصر مدي لاءِ نگران وزارت اعليٰ کي ئي اوهان تاج شاهي تصور ڪري ورتو، جيڪڏهن ضياءَ جي دور ۾ توهان کي واقع ئي ڪنهن عهدي جي آڇ ٿئي ها تہ توهان هليا وڃو ها. توهان آواري ٽاورس ۾ وفاق جي ناڪامي متعلق منعقد ڪيل ڪانفرنس تي دنيا جهان جون دعوائون ڪندي وڏي ڪيپ ڪٽڻ جي هام هنئي آهي. حالانڪ اقتدار ڏي ويڃڻ لاءِ اوهان جي هيءَ پهرين وک هئي، جيڪا يو. اين. اي جي ڪنڌ تي پير رکي توهان کنئي. توهان خط ۾ ائين لکيو آهي تہ اهڙي ڪانفرنس رڳو مان ئي منعقد ڪري سگهان ٿو! حالانڪہ ان ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيندڙن ۾ يو. اين. اي پارٽين جا وفد هڪ اڌ بلوچ قومپرست ڪانسواءِ باقي جيڪي ڌريون شريڪ ٿيون، ان مان معراج محمد خان هميشہ ۽ هر وقت الطاف حسين ۽ ايم ڪيو ايم جي دهشتگرديءَ جي وڪالت ڪندو رهيو آهي ۽ انهن جو غير سرڪاري نمائندو سمجهيو ويندو آهي. ٻيو فخر امام ۽ سندس زال عابده حسين شريڪ ٿيا، جيڪي پنجابي شائونسٽ ۽ اقتداري ڌرين جا نمائندا سمجهيا وڃن ٿا. بيگم عابده حسين جا سنڌي ماڻهن لاءِ جيڪي جذبا آهن، ان جو اظهار ذلت آميز نموني سان تازو پريس ۾ ڪري چڪي آهي. هنن ٻنهي ڌرين جي ڪانفرنس ۾ شرڪت ان ڳالهہ

جو ڪُليل ثبوت آهي تہ توهان سگهارن ادارن آڏو پنجاب استيلشمينٽ جي مفادن جو پورائو ڪندي سنڌ اندر ملندڙ ڪنهن بہ عهدي جي صورت ۾ ايم ڪيو ايم جي دهشتگردن کي سنڌ جي سياست ۾ مانو ڪرڻ جي صلاحيت رکڻ جو ڏيک ڏنو هو.

توهان چٽر ڪندي پنهنجي خط ۾ وڏيرڪي ذهنيت جو مظاهرو ڪندي هيئنئن لکيو آهي، تہ اسان مان يو. اين. اي جي ڪنهن بہ ميمبر چيف منسٽر هائوس نہ ڏٺو هو. اها فقط توهان جي مهربانيءَ سان اسين ڏسي سگهياسين. ان لاءِ منهنجو توهان کي نماڻو عرض آهي تہ توهان مهرباني ڪري ماضيءَ جون اخبارون رڪارڊ اٿلائي ڏسو ۽ ان جي شاهدي سنڌ جا ماڻهو ۽ جيل اختياريون ڏينديون تہ منهنجي لانڍي جيل ۾ گرفتاريءَ دوران ڄام صادق علي جا نمائندا عرفان مروت ۽ ان وقت جو چيف سيڪريٽري ڪانسواءِ وزير ۽ مشير ڪيترا دفعا لانڍي جيل ۾ مون کي آزاد ڪرڻ جي آفر ڏيڻ سان گڏ پلاٽ، پرمٽون، وزارتون ۽ مشاورتون ۽ بي حساب مالي فائدن جون آڇون ڪندا رهيا. منهنجي جاءِ تي 30 سيپٽمبر جو سنگين ترين ڪيس جنهن ۾ هر وقت ماڻهو ٻاڻ کي ڦاسي جي ڇانو هيٺيان محسوس ٿي ڪيو. توهان ٻارو سنڌ جو ڪوبہ وڏيرو هجي ها تہ هٿ پير جوڙي معافيون وٺي سر جو جيئندان حاصل ڪري ٻاهر نڪري ها. جيئن ڏادا ٻيائي اغوا ڪيس ۾ امير بخش ڀٽو کي بچائڻ لاءِ توهان ڄام صادق کان معافيون وٺي جان ڇڏائي، پر مون ڄام صادق علي جي سڀني نمائندن کي هر دفعي ڪليل لفظن ۾ چيو تہ ڄام صادق علي سنڌ جو غدار آهي، مون کي پلي ڦاسي ڏيو پر غدار سان ناهہ ڪنهن بہ قيمت تي قبول ناهي، ان ڳالهہ جو سڀ کان وڏو ثبوت ڄام صادق جي دور ۾ ڄام جي خلاف سنڌ ۾ تہ ماهي جدوجهد ڪري جلسا جلوس مظاهرن کان وٺي نشتر پارڪ ۾ سنڌي ماڻهن جي وڏي ۾ وڏي ميڙ آڏو منهنجي هدايتن تي ٻاهرين پارٽي قيادت واضح اعلان ڪيو تہ ڄام صادق تون غدار آهين! تو سان ڪنهن بہ قيمت تي ناهہ نہ ٿيندو، درحقيقت 50 سالن کان چيف منسٽر هائوس غدارن جو ڳُڙهہ بڻيل آهي ۽ ان کي هميشہ سنڌ جا محب وطن ماڻهو خراب سوجهندا رهيا آهن. اسان توهان جي ماضيءَ جي غلطين جي باوجود وفاق پرست سياست کان علحده ٿي، سنڌ جي قومپرست سياست ڪرڻ واري اعلان جي پيش نظر توهان تي ڀروسو ڪري نہ رڳو توهان سان يو. اين. اي جو اتحاد ڪيوسين، بلڪ توهان جو چيئرمين بنجڻ قبوليوسين. اسان کي اهو اندازو نہ هو تہ توهان ان حد تائين ڪِرندو، جو سنڌ جي گورنري جي آسري تي سنڌ جي ناٽي کي بي درديءَ سان پنجاب ۽ اسلام آباد وچي جهوليءَ ۾ اڇلائي وجهندو.

توهان پنهنجي خط ۾ چوٿون الزام هنيو آهي ته اسان جي طرفان جيڪي بدلين لاءِ درخواستون ڪيل هيون، ان مان بدعنواني ۽ بدانتظامي جو تاثر جڙي پيو، جنهن ڪري توهان جي خط موجب توهان به دفعا اپيل ڪئي، ته ڪيس بدلين لاءِ نه چيو وڃي، پيو ته توهان ساڳئي نقطي ۾ الزام هڻندي چيو آهي ته اسان پاران سنگين ڏوهن ۾ ملوث ماڻهن کي آزاد ڪرڻ يا انهن جا ڪيس واپس ڪرڻ جي گهر ڪئي. توهان جي الزامن جو جواب ڏيندي، اسين واضح ڪريون ته ترقي پسند پارٽي جي مرڪزي سيڪريٽري ترقي پسند هائوس سڄي سنڌ ۾ واحد جڳهه آهي، جتي هر سنڌي ماڻهوءَ کي سنڌي سياسي بيهڪ سماجي رتبي يا سفارش ۽ ڏوڪڙ پيسي کان سواءِ بنا ڪنهن فرق جي خدمت ٿيندي رهي آهي. ٽن سالن اندر هزارين سنڌي ماڻهن کي سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن ۾ نوڪريون وٺي ڏنيون ويون، هر سال سڄي سنڌ ۾ حڪومت توڙي انفرادي سطح تي ٿيندڙ ظلم ۽ ناانصافي جو شڪار ٿيندڙ هزارين ماڻهن جي داد رسي ٿيندي رهي آهي، هزارين مسڪين ماڻهو جيڪي سفارش نه هجڻ يا پين سببن جي ڪري پنهنجن بالا عملدارن جي ڏاڍ جو شڪار ٿي بدلي پئي ٿيا ته انهن جو هر حڪومتي دور ۾ اقتدار ۾ نه هوندي به پنهنجي اثر رسوخ، عوامي پريشر ۽ جدوجهد وسيلي بنا غرض ۽ لالچ جي مدد ٿيندي رهي آهي، ان تسلسل ۾ توهان کي يو. اين. اي جو چيئرمين ۽ سنڌ جو قومپرست وزيراعليٰ سمجهي، اسان جيڪڏهن هيٺين سطح جي ڪن ماڻهن سان ٿيندڙ ناانصافين ڏانهن توهان جو ڌيان ڇڪايو ته توهان پنهنجي خط جي لکئي موجب بدعنواني جي دائري ۾ ڪيئن تصور ڪري ورتو؟ پر هڪڙي منٽ لاءِ توهان جي اها ڳالهه قبول ڪندي بدلين ۾ توهان جي ۽ توهان جي خليفن جي لڳندڙ الزامن کي ميجي وٺجي ته بدلين مان بدعنواني جي بوءِ ٿي اچي، ته پوءِ سنڌي ماڻهو جو توهان ۽ توهان جي وزيرن تي هي الزام درست ٿي وڃي ٿو ته توهان جي نگران وزارت جي دوران هزارين بدلين ۽ احتساب جي نالي ۾ بيورو ڪريسي ۽ سياستدانن کان ڪروڙين نه پر اربين رپيا وصول ڪيا ويا آهن، جنهن جي ڪري ئي اهو ممڪن ٿي سگهيو آهي ته رڪشا پاڙي تي ڪري وزيراعليٰ هائوس ۾ وزارت اعليٰ جو قسم کڻڻ لاءِ اوهان جو وزير اڄ هندا ڪارڊ ۾ لسٽون وٺي رهيا آهن، اسين احتسابي سيل کان گهر ٿا ڪريون توهان جي سڄي دور حڪومت جي فرنٽ جي وزيرن، مشيرن ۽ پين عهديدارن ۽ ان جي ويجهن رشتيدارن جي حڪومت کان اڳ ۽ پوءِ جي ملڪيتن جي مڪمل ڇنڊڇاڻ ڪئي وڃي. اسان پنهنجي پاڻ کي سمورن اثاثن ۽ وسيلن سميت هر ڪميشن آڏو پيش

ٽيڻ لاءِ تيار آهيون، اسين توهان جي هر اهڙي الزام کي رد ڪندي ڪوڙو ٿا سمجهون، توهان اسان تي الزام هنيو آهي ته اسان ڏوهاري ماڻهن جي آزاديءَ لاءِ درخواستون ڏنيون، ان لاءِ توهان جو چوڻ هو ته ان لاءِ ڪيس واپس وٺڻ قانون ۽ حڪمراني جي سخت ڀڃڪڙي هئي، اڃو ته پاڻ ليکو چوکو ڪيون ته قانون ۽ حڪمراني جي ڪنهن ڀڃڪڙي ڪئي. اسان طرفان پيش ٿيندڙ لسٽ به هوم ڊپارٽمينٽ جي ڪنهن خاني ۾ اوهان جي لڳايل نوٽ سميت بند هوندي، جنهن ۾:

(الف) ڊاڪٽر دودو مهيري سنڌ جو دلير پٽ جيڪو آپيشاهي دور خلاف عوامي جدوجهد ۾ سڀ کان اڳين مورچن تي وڙهندو رهيو، سنڌ جو هيُ واحد سياسي رهنما جنهن کي مارشل لا ئي دور ۾ 30 ڪوڙا هنيا ويا. اسان توهان کي رڳو هي گذارش ڪئي هئي ته جيئن ته ڊاڪٽر دودي مهيريءَ جي ضمانت جو ڪيسُ سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ جلدي سماعت ۾ اچڻ وارو آهي، توهان پنهنجي مقرر ڪيل ايڊووڪيٽ جنرل کي هدايت ڪيو ته ڊاڪٽر دودو مهيري جي ضمانت ۾ ڪي به غير ضروري اعتراض اٿاري رڪاوٽ پيش نه ڪري، توهان جي زباني ها ڪرڻ جي باوجود ڊاڪٽر دودو مهيري جا ڪيس جي سماعت دوران سرڪاري وڪيل سنڌ حڪومت طرفان ضمانت شديد اختلاف اٿاريا ويا. هي ته 20 مارچ 1996ع جي سپريم ڪورٽ جي مشهور فيصلي جو نتيجو هو، جنهن ملڪ اندر عدالتي نظام کي وقار بخشيو ۽ ان حد تائين آزادي ڏني، جنهن تحت ڊاڪٽر دودوي مهيري جي ضمانت خالص ميرٽ جي بنياد تي ڏني وئي، ان جي ساک ڊاڪٽر دودي مهيري جو وڪيل ۽ سنڌ هارٽ ڪورٽ جو اڳوڻو ايڊووڪيٽ جنرل حليم پيرزادو ڏئي سگهي ٿو.

(ب) ڊاڪٽر رحيم سولنگي ۽ پنهل ساريو سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سوين ڪارڪنن سان گڏ آصف زرداري ۽ عبدالله شاهه جي عتاب جو شڪار ٿيندي بينگاهه گرفتار ڪيا ويا، ترقي پسند پارٽي تي 9 دفعا ڇاپا لڳا، اسان توهان کي لکت ۾ گذارش ڪئي ته جيئن ته ڊاڪٽر رحيم سولنگي ۽ پنهل ساريو بينگاهه گرفتار ٿيا هئا، سنڌ جي ڇئن ضلعن حيدرآباد، دادو، بدين ۽ ٺٽي جي 19 ٿاڻن تي گمنام ايف آر آرن ۾ ريمانڊ وٺي يا مهينن جا مهينا بنا رمانڊ وٺڻ جي گرفتار ڪري رکيو ويو هو. سنڌ هاءِ ڪورٽ حيدرآباد سرڪٽ بئنچ جي حڪم هيٺ سنڌ ’هاءِ ڪورٽ جي ڊپٽي رجسٽرار انساني

حقن جي ڪميشن جي ڪوآرڊينيٽر شڪيل پٺاڻ ۽ حيدرآباد ڊان بيورو چيف جناب عزيز ملڪ ۽ فوٽو گرافر يوسف ناگوري سميت جڏهن ٽنڊوالهيار ٽاڻي تي ڇاپو هنيو تہ اتي باندي بنايل 25 بيگناهہ قيدين سان گڏ بنا ڪنهن ڪيس ۽ رمانڊ جي ڊاڪٽر رحيم سولنگي ۽ پنهل ساريو کي موجود ڏٺو ويو ۽ ان ڏينهن جي ڊان جو هڪ سڄو صفحو ان قانون جي رکوالن جي غير قانوني نظربندي خلاف هو. انهن ئي اڳواڻن لاءِ ايمنسٽي انٽرنيشنل لنڊن ڪان اينجليڪا پاٽڪ حيدرآباد تي اچي ڊاڪٽر رحيم سولنگي ۽ پنهل ساريو متعلق حقيقتون معلوم ڪيون. اسان توهان کي سمورن دستاويزي ثبوتن انساني حقن جي ڪميشن جي رپورٽ سميت سمورو فائيل پيش ڪندي گذارش ڪئي هئي تہ جيئن ڊاڪٽر رحيم سولنگي ۽ پنهل ساريو پ پ جي سياسي عتاب جو شڪار ٿيا هئا. 19 ٿاڻن تان رلائي ٿتي جي اٺوهين لاڏيون ٿاڻي تي پستول رکڻ جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو ويو. ان ڪري انهن کي آزاد ڪيو وڃي، جيڪڏهن توهان جي لاءِ ممڪن نہ هجي تہ اسپيشل ڪورٽون جيڪي هيون، ئي هوم سيڪريٽريءَ جي ماتحت، انهن مان ضمانت ڪٽڻ جي حڪم جاري ڪيو وڃي، جيڪو توهان جي حڪم ڪان سواءِ ممڪن نہ هو، حيرت جي ڳالهہ آهي تہ توهان جي حڪم هيٺ نہ رڳو اسپيشل ڪورٽ جي جج توهان تان بغاوت جو ڪيس ختم ڪيو پر ساڳئي تاريخ تي ڊاڪٽر رحيم سولنگي ۽ پنهل ساريو جي ضمانت رد ڪئي. انهيءَ ڪان وڌيڪ قانون ۽ حڪمراني جي' شرمناڪ طريقي سان کهڙي لتاڙ ٿيندي، توهان جيڪي ڏوهاري ڇڏيا تن جو ذڪر اسين اڳيان ڪنداسين.

(ٿ) محبوب ابڙو ترقي پسند پارٽي جو نوجوان ۽ غيرتمند اڳواڻ جيڪو سڄي سنڌ مان کهي آيل غريبن ۽ مسڪينن لاءِ هميشہ ڏچ جو سبب رهيو آهي. سرڪاري ادارن ۽ پوليس ٿاڻن ڪان وٺي قبضہ گيرن ۽ منشيات فروشن خلاف هميشہ اڳين صفن ۾ جدوجهد ڪندو رهيو آهي، جيڪو پ پ ڪان وٺي اڄ تائين سرڪاري ۽ غير سرڪاري عتاب جو شڪار ٿيو آهي، اسان توهان سان ملي توهان کي فائيل ڏنوسين تہ محبوب ابڙو پ پ جي جيالن جي ڪوڙي ڪيس هيٺ سوين ماڻهن جي موجودگي ۾ نسيم اپارٽمينٽ مان گرفتار ٿيو هو، جنهنجي رپورٽ اخبارن ۾ بہ آئي هئي پر ڪيس ۾ پوليس کي پنج ڏينهن پوءِ ميرن جي قبن وٽان پستول سميت گرفتار ڏيکاريو هو. پوليس جي هن غير قانوني ڪان توهان کي آگاهہ ڪيوسين پر افسوس جو

توهان محبوب ابڙو کي آزاد نہ ڪيو پر پوليس جي جمعدار جاڙي خان واري ساڳي ٻولي ڳالهائيندي توهان هڪ بيگناهہ ماڻهو کي گناهگار ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيو. جيڪا توهان جهڙن سينئر سياستدان پراڻي پارليامينٽرين ۽ بار ايٽ لاڪي نٿي جڳائي.

(ث) نذير خاصخيلي درزڪو ڪم ڪندڙ 18 سالن جو نوجوان آهي. هن جو وڏو ڏوهہ فقط هي هو جو هو جيئي سنڌ قومي محاذ جي ڪارڪن بشير خاصخيلي جو ڀاءُ هو، جيڪو پوليس کي مختلف ڏوهن ۾ گهربل هو، پوليس بشير خاصخيلي عيوض نذير خاصخيلي کي پنهنجي درزڪي دڪان تان سوين ماڻهن جي موجودگيءَ ۾ گرفتار ڪري وٺي وئي ۽ ان کي سنگين ڪوڙن ڪيسن ۾ ملوث ڄاڻائي، ان جي زندگي تباهہ ڪري ڇڏي، اسان اوهان کي گذارش ڪئي تہ ان جي بي ريا جاچ ڪرائي وڃي ۽ بي ڏوهي هجي تہ ڪيس آزاد ڪيو وڃي، بشير خاصخيلي معصوم نوجوان ڪراچي پوليس جي ڏاڍ مڙسيءَ جو بيگناهہ شڪار ٿيو آهي.

(ج) اسان ۽ اسان جي دوستن ۽ ٻين ماڻهن کي جڏهن 30 سيپٽمبر جي ڪيس ۾ بيگناهہ اڙايو ويو تہ انهن ۾ غلام رسول ڪورائي ۽ هدايت الله ڪوسو بہ هئا، هو جڏهن سرڪار طرفان جوڙيل مختلف ڪيسن مان ضمانتن تي آزاد ٿيا تہ ڪراچي سينٽرل ضلعي جي ايس پي دين محمد بلوچ طرفان جيل دروازي تان ئي گرفتار ڪري ڪين گم ڪيو ويو، مائٽن طرفان جڏهن سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪئي وئي تہ ايس پي بلوچ طرفان رابطي ڪان پوءِ چيو ويو تہ ڪيس تان هٿ ڪڻو تہ آئون ٻنهي ڇڏڻ کي ڇڏيان ٿو پر بعد ۾ انهن کي آزاد ڪرڻ ڪان انڪار ڪيائين. مائٽن جي رڙين تي لنڊن مان آيل انساني حقن جي لاءِ جدوجهد ڪندڙ ٻن انگريزن ڪان سواءِ ڪميشن جي اٺن نون وڪيلن طرفان جڏهن اجمير نگري پوليس اسٽيشن تي ڇاپو هنيو ويو تہ مٿي ڄاڻايل ٻنهي باندين کي بنا ڪنهن رمانڊ ۽ بنا ڪنهن ڪيس جي گرفتار ڏٺو ويو. انساني حقن جي سمورن ماڻهن کي قسم نامن جي آڌار تي ڪراچيءَ جي مشهور وڪيل الياس خان ناحق بند ناحق روڪ خلاف پٽيسن داخل ڪندي خدشو ڏيکاريو تہ مٿي ڄاڻايل ايس پي ڪٿي پوليس مقابلو ڏيکاري ٻنهين باندين کي ماري سگهي ٿو، جنهن آڌار تي چيف جسٽس سان جڙيل سنڌ هاءِ ڪورٽ جي ڊويزن بئنچ انٰ آئيني پٽيشن تي ايس ايس پي سميٽ پوليس اختياري وارن کي سخت تنبيهہ ڪئي تہ هو

مذڪوره باندين کي ٻئي ڏينهن هاءِ ڪورٽ ۾ پيش ڪن، جنهن تي ان رات ٺي سنڌ پوليس ٻنهين باندين کي ڪراچي مان منتقل ڪري روهڙي ۾ روڊ تان مقابلو ڏيکاري ڪوڙي ڪيس ۾ گرفتار ڪري چالان ڪري ڇڏيو. ان سلسلي ۾ جڏهن غلام رسول جو پيءُ جيڪو هڪ رٽائرڊ پرائمري ماستر آهي، پنهنجي پٽ جي ڪنهن ڪوڙي پوليس مقابلي ۾ مارڻ کان بچائڻ لاءِ قرآن الله ۽ رسول جو واسطو وڌو. ان وقت انساني همدردي جي بنياد تي مون توهان آڏو مٿي ڄاڻايل سمورن دستاويزن سميت ٻنهي باندين جو ڪيس رکندي ان خيال سان گذارش رکي هئي ته جيئن توهان خود بار ايٽ لا ۽ وڪيل آهيو ۽ قانون جا چڱي ريت پارکو آهي ۽ قانون جي ان بنيادي اصول کان ضرور واقف هوندو ته هر ماڻهو بي ڏوهي آهي، جيستائين هو ڏوهي ثابت نٿو ٿئي، مٿان ٻئي باندي جڏهن ڪورٽن معرفت ڪيس مان ضمانتون حاصل ڪري چڪا هئا ته پوءِ ڪين باندي رکڻ ۽ ڪوڙن پوليس مقابلن ۾ مارڻ کهڙي قانون جي پاسداري ۽ ڪٿي جي حڪمراني جو اصول آهي.

مٿي ڄاڻايل سموري لسٽ ۾ ڪنهن به ڪورٽ جي طرفان سزا ڏنل ڪوبه ڏوهاري ڪونهي بلڪ پوليس جي ڏاڍ ۽ ڏمر جو شڪار ٿيل ماڻهو آهن. ان جي بجاءِ اسان وٽ ثبوت آهن ته اوهان سپريم ڪورٽ کان سزا ڪاٽل ماڻهن کي پنهنجن سياسي ۽ اقتداري مفادن تحت نه رڳو آزاد ڪيو پر سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان سنگين ويساهه گهاتي ڪندي قومپرستي جي پيٽ ۾ ڇرو هنيو آهي. توهان سنڌين جي قاتلن ۽ ايم ڪيو ايم دهشتگردن کي آزاد ڪيو، جنهن سبب اڄ ڪراچيءَ ۾ جيڪو ڪجهه ٿئي پيو، ان ۾ توهان پنهنجو پاڻ کي ذميواري کان آجو قرار ڏيئي نه ٿا سگهو، سنڌ جي مٿان رت ٻڪاڙيندڙ اڄ هر دهشتگرديءَ ۾ سنڌ جي مٿان رت ٻڪاڙيندڙ اڄ هر دهشتگردي ۾ توهان جو به حصو آهي. ايم ڪيو ايم ڪانسواءِ توهان ٻيا به ڏوهاري ڇڏيا آهن، جنهن جا دستاويزي ثبوت وقت اچڻ تي سنڌي قوم آڏو پيش ڪيا ويندا. انهن ۾ هڪڙي سياسي پارٽي جي اڳواڻ تي داخل ڪيل ايف آءِ آر ۽ عدالتي فيصلي موجب گلشن اقبال نمبر 11 مان ڪسٽم آفيسر طارق ٽلهو جي صغير پٽ جي اغوا جي ڏوهه هڪ بنگلي مان ٻين ڏوهارين سان گڏ ڇوڪري سميت گرفتار ڪيو ويو. اسپيشل ڪورٽ صغير ڇوڪري کي اغوا ڪرڻ جي ڏوهه ۾ ان کي موت جي سزا ڏني، اسپيشل ڪورٽ جي ان فيصلي خلاف اپيل تي سنڌ هاءِ ڪورٽ اغوا ڪندڙ سياسي اڳواڻ جي موت جي سزا کي 25 سال عمر قيد جي سزا ۾ تبديل ڪيو ۽ سپريم ڪورٽ ۾ هاءِ

ڪورٽ جي جنرل ٽيپ ڏيڻ واري فيصلي کي برقرار رکيو. وڪيل جي حيثيت سان توهان کي اها ڄاڻ هجڻ گهرجي تہ جنهن مجرم کي ملڪ جون اعليٰ ترين عدالتون سزا ڏئي چڪيون هجن ۽ قانون مطابق اهو ڏوهاري آهي، هيءَ ڳالهہ انهيءَ حالت ۾ وڌيڪ اهم بنجي وڃي ٿي، جڏهن اعليٰ عدالتن ۾ جسٽس سجاد علي شاهہ جهڙا ايماندار ۽ قانون پسند جج اعليٰ عدالتن جا سربراهہ هجن، نگران وزيراعليٰ طور قسم نامي جي هڪڙي شق ۾ ملڪي قانون ۽ آئين جي پاسداري جو تقدس رکڻ بہ شامل آهي، توهان آئين ۽ قانون جي انحرافي ڪندي پنهنجي پٽ کي سيٽ ڪٽائڻ لاءِ ان ڏوهاري ماڻهو کي ڪرمنل پروسيجر ڪوڊ جي قلم 401 هيٺ پنهنجون قانوني ۽ اخلاقي حدون اورانگهيندي باقي ويهہ سال سزا معاف ڪئي، ڏوهاري اسان نہ ڇڏايا آهن، پر اسان پنهنجي سياسي ڪارڪنن يا پوليس جي عتاب هيٺ آيل ماڻهن جي جائز ۽ قانوني مدد لاءِ گذارش ڪئي سين پر توهان پنهنجي خسيس مفادن ڪاڻ پاڻ خود ڏوهاري ڇڏيا آهن، ڏوهاري ڇڏڻ ۽ ڇڏائڻ جا ڏوهاري توهان پاڻ آهيو، ترقي پسند پارٽي ناهي!!

توهان الزام هنيو آهي تہ توهان کي سنڌي ماڻهن جي زخمن تي مرهم رکڻ لاءِ ڪنهن بہ قومپرست ڪابہ درخواست نہ ڏني پر توهان جي در تي درخواستن ۽ ذاتي غرضن سان ايندا رهيا، ان لاءِ منهنجي گذارش آهي تہ توهان حقيقتن کي لڪايو ۽ سچ کي لوئيو ٿا، پهرين ڳالهہ تہ اسين توهان جا سرڙيا هاري نہ هئاسين جو ڪنهن وڏيري ممتاز علي ڀٽي جي در تي پنهنجا ذاتي غرض کڻي آياسين، پر سڄي سنڌ ۾ ٿيندڙ ناانصافين ۽ سماجي ناهموارين جي ڪري سنڌي ماڻهن جا جيڪي بيشمار مسئلا پيدا ٿيا آهن، انهن جي حل واسطي سمجهي توهان سان انهن مسئلن تي ڳالهايوسين ٿي، جنهن ۾ عوامي نوعيت ۽ سنڌ جي محروم طبقن جي ڀلائيءَ جا بہ مسئلا هئا، جهڙوڪ ڀٽي مرحوم جي دور ۾ سڄي سنڌ جي مهاڻن کي لائسنس سسٽم هيٺ عام مڇي مارڻ جي اجازت هئي، جنهن کي عبدالله شاهہ ختم ڪيو ۽ اوهان جي فيصلي کي برقرار رکندي ٺيڪيدار سسٽم جي بدترين برائيءَ کي ائين نافذ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن کي توهان جي پارٽي جي وزيرن مشيرن طرفان ڳرين ڪميشنن جي ڪري مڪمل پنيرائي حاصل هئي. اسان توهان سان ڪراچيءَ جي ڳوٺن کي ريگيولر ڪرڻ، سنڌي ماڻهن کي هٿيارن جا لائسنس ڏيڻ ۽ ڌارين کي سنڌ مان نيڪالي ڏيڻ جا مطالبا ڪندا رهياسين، ان بجاءِ توهان ايم ڪيو ايم جي دهشتگردن کي آزاد ڪري سنڌي ماڻهن مٿان مڙهي ڇڏيو.

اسان توهان کي سڄي سنڌ جي پاڻي تي ملاحن کي مڪمل آزاديءَ سان

مڇي مارڻ ۾ لائسنس سسٽم لاءِ بار بار چوندا رهياسين. ان لاءِ هڪڙي ملاقات تہ اسان جي توهان سان سرڪٽ هائوس حيدرآباد ۾ ڪيترن وفدن ۾ بيورو ڪريسي جي اعليٰ نمائندن جي سامهون ٿي، جنهن ۾ اسان توهان کي ڪينجهر ڍنڍ جي ٺيڪن رد ڪرڻ ۾ ملاحن کي لائسنس ڏيڻ جي گذارش ڪئي هئي، پر توهان اسان جي ڳالهہ کي رد ڪندي، سنڌ سرڪار جي خزاني خالي هجڻ جو روئڻ رنو هو، جڏهن نتي ۾ بدين مهاڻن طرفان عوامي جلسا ۾ جلوس ڪيا. جنهن بعد عوامي پريشر جي ڊپ کان اوهان ڪينجهر ڍنڍ جو ٺيڪو معطل ڪري ڇڏيو. باقي مهاڻن کي مڇي مارڻ جو لائسنس ڏيڻ جو ڪوبہ فيصلو توهان پنهنجي دور ۾ نہ ڪري سگهيا. توهان درياءَ سنڌ تي مڇي مارڻ جو ٺيڪو بااثر ماڻهن کي ڏنو جيڪي اڄڪلهہ روزانو پوليس معرفت مهاڻن کي ذليل ۾ دربدر ڪندا رهندا آهن. هن ڪان اڳ درياءَ تي لائسنس سسٽم تحت مڇي مارجندي رهي آهي. ان ڪان پوءِ يو. اين. اي جي چارٽر هيٺ توهان آڏو گذريل پنجن سالن کان بار بار سنڌي ماڻهن جي مسئلن جي نشاندهي ٿيندي رهي آهي، جنهن جو رڪارڊ شاهد آهي تہ اقتدار کان اڳي توهان سنڌي ماڻهن جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ڪابہ ڪوشش نہ ورتي، بلڪ جڏهن بہ اسان انهن مسئلن کي حل ڪرائڻ لاءِ پارٽي پليٽ فارم تان جدوجهدون ڪيون، پ پ جي آپيشاهي خلاف بک هڙتالون ۾ عوامي رابطن جي ڪري عبدالله شاهہ ۾ آصف زرداري جي عتاب هيٺ رهياسين. توهان وڏيرڪيون ٺوڪون ۾ چٽرون ڪندا رهيا. توهان جيڪا سڄي سنڌ ۾ ترقياتي ڪمن جي حامي هنئين آهي، اها رڳو نبي بخش پرڳڙي ۾ امير بخش ڀٽو جي تڪ ۾ ماڻهن کي لاچائڻ ۾ ووٽ حاصل ڪرڻ لاءِ نلهو ڏيک هو، جنهن جي نشاندهي سنڌي اخبارون ڪنديون رهيون آهن.

توهان الزام هڻندي غلط بياني ڪئي آهي تہ فرنٽ ۾ شهيد ڀٽو جو انتخابي اتحاد اسان جي رضامندي کان پوءِ ٿيو هو. حيرت آهي تہ اوهان جهڙي شخصيت ان قسم جي ٻاراڻي ڳالهہ ڪري! اسان آڏو اليڪشن وڙهڻ جون بہ صورتون هيون، هڪ اڪيلي سر اليڪشن وڙهجي ٻيو قومپرست اتحاد يو. اين. اي کي وڏيڪ فعال بنائي سنڌي ماڻهن ۾ اتساهہ ۾ ويساهہ پيدا ڪجي، اسان سنڌ جي وسيع تر مفاد ۾ پوئين ڳالهہ کي ترجيح ڏني، پر افسوس آهي تہ توهان پنهنجي وڏيرڪي ذهنيت سبب سڄي سنڌي قوم جو قومپرستيءَ تان ارواح ئي ڪٿائي ڇڏيو آهي، جيئن تہ توهان يو. اين. اي جا چيئرمين هئا، انتخابي قانونن تحت ڪنهن بہ اتحاد جي سربراهہ جي صحيح سان اميدوارن کي نشان الاٽ ٿيو ٿي، ان لحاظ کان اسان

کي يو. اين. اي جي قومپرست اتحاد جي حصي طور توهان طرفان چيئرمين جي حيثيت سان ٽڪيٽ جي الاٽمينٽ جا ليٽر مليا، جنهن تحت اسان اليڪشن ۾ حصو ورتو، هاڻي اسان خود جڏهن اميدوار هجون ۽ مختلف جاين تي شهيد ڀٽو گروپ سان سڌا سنوان مقابلا هجن، اتي اسين پنهنجي خلاف شهيد ڀٽو جي حمايت ڪرڻ جي اوهان کي ڪيئن اجازت ڏينداسين، بلڪ اخلاقي قانوني ۽ مذهبي طور اهو پنهنجن دوستن ۽ همر رفيقن سان بدعهدي جي برابر عمل هو، جنهن کي سڄي سنڌ ڏٺو ۽ محسوس ڪيو. توهان جي هن اعلان کان پوءِ منهنجي پارٽيءَ طرفان مون تي سخت دٻاءُ هو ته انهيءَ ويساهه گهاتي سبب يو. اين. اي کان الڳ ٿيڻ جو اعلان ڪيو وڃي. اسان ان وقت پڪي پت چاتو ٿي ته قومپرستيءَ کي توهان جنهن سطح تي نقصان پهچائي رهيا هئا، ان ۾ اجا وڌيڪ اضافو ٿئي ها. جيڪڏهن اسين اليڪشن دوران يو. اين. اي کي نڪرڻ جو اعلان ڪيون ها، جيتوڻيڪ اسان پنهنجي پارٽي رپورٽن تحت اهو ليکو چوکو ڪري ورتو هو ته سنڌ اندر ڪابه قومپرست ڌر مختلف سببن ڪري هڪڙي سيٽ به نه کٽي سگهندي، ان حالت ۾ جيڪڏهن اسان نڪرڻ جو اعلان ڪيون ها ته اج توهان ۽ توهان جا همر نوا اهمر پڻين ها ته قومپرست سو سيڪڙو سيٽون کٽي وڃن ها، پر ترقي پسند پارٽي جي جدا ٿي وڃڻ واري عمل جي ڪري اهو نقصان پهتو، اسان ذاتي طور نقصان کٽي به قومپرستي جي ساک کي بچائڻ لاءِ ش پ ۽ فرنٽ جي غير اخلاقي اتحاد تي چپ رهياسين. اوهان چيئرمين ها يو. اين. اي جا، اسان کي ٽڪيٽ ڏنل هئي، اوهان جي صحيح سان ۽ اوهان ڦري اتحادي ٿيا، اسان جي مخالفن جا ۽ توهان جي حڪومت ۽ توهان جي پارٽي بظاهر اسان جي اتحاديءَ جو ڏيک ڏيندي رهي پر اليڪشن مهمر ۾ مدد اسان جي مخالفن جي ڪندي رهي. ان سلسلي ۾ اوهان الزامر هڻندي چيو آهي ته پليجو ايجنسين جو ماڻهو آهي، جنهن جا توهان وٽ ناقابل ترديد ثبوت آهن، ان ڪري اسان جو اهڙي ماڻهو سان اتحاد يو. اين. اي لاءِ فرنٽ ۽ شهيد ڀٽو جي عارضي اتحاد کان وڌيڪ نقصانڪار آهي، ان لاءِ توهان کي گذارش آهي ته اوهين گهٽ ۾ گهٽ چاتل سڃاتل حقيقتن کان منهن موڙ نه ڪيو يا سچ کي وڌيڪ نه لڪايو.

(١) پليجي بابت جيڪڏهن توهان وٽ ايجنسين جو ماڻهو هجڻ جا ناقابل ترديد ثبوت آهن ته اج تائين سنڌي قومر آڏو ظاهر نه ڪري توهان پاڻ کي خود ايجنسين جو ماڻهو ثابت ڪريو ٿا ۽ اوهان جو اڄڪلهه جو رول ان ڳالهه جي تصديق ڪري ٿو. يو. اين. اي جيستائين غير فعال قومپرست اتحاد هو،

تيستائين ايجنسيون خاموش هيون، پر جڏهن يو. اين. اي سنڌ اندر مختلف مسئلن تي تحريڪ وڻڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن ۾ اسان جو رول هميشه ڪليدي رهيو، اتي ايجنسين توهان جي معرفت يو. اين. اي جي قومپرست اتحاد کي ٽن مهينن جي عارضي وزارت اعليٰ عيوض تباهه ۽ برباد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ايستائين جو هاڻي قومپرست خود ماڻهن آڏو نفرت جو سبب بڻجي ويا آهن. جيئن ته پليجي جي پارٽي سان اتحاد جو تعلق آهي ته اسان جو اهڙو ڪوبه اتحاد نه هو ۽ نه آهي. گهٽ ۾ گهٽ جيئن ش پ ۽ فرنٽ اتحاد ترقي پسند پارٽيءَ خلاف جڙيو، تيئن اسان فرنٽ خلاف ڪنهن به اتحاد ۾ شامل نه هئاسين، نه رهيا آهيون، اسين ته سنڌ جي مسئلن تي جنهن به ۽ جڏهن به سڏ ڏنو، ان سان بنا ڪنهن شرط ۽ شروط جي شامل ٿياسين، اسان ۽ اسان جي پارٽي تي تشدد تنقيد ڪندڙ يوسف لغاري، ابرار قاضي کان وٺي ابراهيم جويي ۽ رسول بخش پليجي سميت هر ماڻهوءَ ڪي سنڌ جو سچڻ سمجهي ورڪنگ رليشن شپ رکي، انهن مان ڪابه رليشن شپ توهان ۽ توهان جي پارٽيءَ خلاف نه هئي، پليجي طرفان ڪالا باغ ڊيم، بهارين، مسلم ليگ، ايم ڪيو ايم ناهه ۽ ٻين مسئلن تي سنڌ جي سياستدانن، صحافين ۽ دانشورن کي دعوت ڏني وئي هئي، ان ۾ اسين شريڪ ٿياسين، ان مسئلي تي ڪارو ڏينهن ملهائڻ کان وٺي قاسم آباد جي جلسي تائين اسان ڀرپور شرڪت ڪئي. توهان جو حافظو شايد ڪمزور ٿو ڏسجي، توهان جي پارٽي ويجهڙائي ۾ خود بهاري روڪيو ڪميٽي ۾ شامل هئي، جنهن جو سربراهه پليجو هو، اسين سمجهون ٿا ته هڪ ٻئي جي خلاف بهتان بازي ۽ الزام تراشي ختم ٿيڻ گهرجي. توهان الزام هنيو آهي ته يو. اين. اي جي طرفان ٿيندڙ جلسن ۾ رڳو توهان جا ماڻهو هئا، اسان ۽ اسان جي پارٽيءَ طرفان هاءِ جيڪ ڪرڻ لاءِ توهان جي پارٽيءَ جي ماڻهن کي ترقي پسند پارٽي جي شرڪت ۽ منهنجي تقرير دوران عوامي اتساهه جي شاهدي ڏينديون، بلڪ اوهان کي چڙ ئي ان ڳالهه جي آهي ته منهنجي تقرير کان پوءِ توهان جي تقرير مهل سڄو جلسي گاهه خالي ٿي ٿي ويو. اسان يو. اين. اي جي هر فنڪشن جا حصي پٽي موجب پنهنجا پئسا توهان ۽ توهان جي پارٽيءَ کي ڏيندا رهيا آهيون، بلڪ اسان جي طرفان نوابشاهه ۾ ڪيل يو. اين. اي جي جلسي جا پئسا اڄ ڏينهن تائين نه اسان کي مليا آهن ۽ نه ئي وري يو. اين. اي جي اڪائونٽ جو اوهان آڊٽ ڪرائي سگهيا آهيو. اها توهان جي وڏيرڪي ٻٽاڪ آهي ته ڄڻ سڄي دنيا کي

توهين هلايو ٿا!

يو. اين. اي غير فعال هجڻ جو الزام تہ توهان تي اڇي ٿو، گذريل پنجن سالن دوران سپريم ڪائونسل جو رڪارڊ گواهي ڏيندو تہ منهنجي جيل دوران يا ان کان پوءِ سپريم ڪائونسل ۾ ترقي پسند پارٽي جي نمائنده جدوجهد لاءِ يو. اين. اي کي فعال بڻائڻ جي جڏهن بہ تجويز پيش ڪئي تہ توهان ۽ توهان جي پارٽيءَ طرفان بهاني بازي ڪندي لنوائيندا رهيا. توهان جي پارٽيءَ جي غير فعال هجڻ جو سڀ کان وڏو ثبوت منهنجي قائم مقام چيئرميني جي دوران سنڌ جي تقسيم ۽ سنڌ جي ٻين ٻرندڙ مسئلن تي جڏهن احتجاج جو سڏ ڏنو ويو تہ ڪراچي پريس ڪلب آڏو ٿيندڙ عوامي مظاهري ۾ يو. اين. اي جي ٻين ميمبر پارٽين جي نمائندگي هئي پر واحد توهان جي پارٽيءَ جو ڪوبہ نمائندو شريڪ نہ ٿيو، هي پنجن سالن ۾ مجموعي وڏيرڪو رويو هو توهان ۽ توهان جي پارٽيءَ جو، جنهن ۾ پاڻ کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي بہ تسليم ڪرڻ واري پوتارڪي روش جو اظهار ٿيندو رهيو. ترقي پسند پارٽي پنجن سالن ۾ سڄي سنڌ ۾ جلسا جلوس مظاهرا عوامي جدوجهد جا سمورا پرامن طريقا استعمال ڪندي رهي آهي، ايتري تائين جو حيدرآباد جهڙي شهر ۾ سنڌي ماڻهن جي مسئلن تي منهنجي طرفان بک هڙتال ڪئي وئي. مهنگائي ۽ رياستي دهشتگرديءَ خلاف 9 جولاءِ 1996ع تي هزارين عورتن، ٻارن ۽ ٻڍن طرفان شديد گرمي ۾ سٽي گيٽ کان حيدرآباد پريس ڪلب تائين پيدل مارچ ڪندي، پيپلز پارٽي جي آپيشاهي ۽ عوام دشمني خلاف شاندار مظاهرو ڪيو ويو. توهان ۽ توهان جي پارٽيءَ طرفان ڪنهن بہ اخلاقي ۽ سياسي مدد کان سواءِ هميشہ ڇترون ۽ ٺوڪون پلئہ پونديون رهيون، ان جي باوجود اسان ۽ اسان جي پارٽيءَ طرفان وڏي سهپ ۽ ظرف جو مظاهرو ٿيندو رهيو، توهان جي چيئرمين هيٺ يو. اين. اي جي اتحاد ۾ هلندا رهياسين، اسين توهان جي اڳواڻيءَ هيٺ آخري حد تائين هلندا رهون ها، جيڪڏهن توهان طرفان سگهارن ادارن جي اشاري تي سيوهڻ کي گادي جو هنڌ بڻائڻ وارو اعلان ۽ ناٿي جي ناهہ جهڙو سنڌ دشمن معاهدو نہ ٿئي ها. ناٿي اهي ڳالهيون لکل ڇپيل ناهن تہ توهان فاروق لغاري طرفان گورنري جي لالچ ملڻ کان پوءِ ناٿي واري ناهہ تي صحيح ڪرڻ لاءِ لاهور واري اجلاس ۾ شريڪ نہ ٿيندڙ نبي بخش پرڳڙيءَ کي اسلام آباد مان ناٿي جي ناهہ جو دستاويز ڪٽي ايندڙ ٽيم سان سهڪار ڪرڻ ۽ صحيح ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو. جيڪو نبي بخش پرڳڙي بدين ريسٽ هائوس ۾ صحيح ڪري ڏنو. جنهنجو اقرار هن ترقي پسند هائوس ۾ ٿيندڙ يو. اين. اي جي

ڪنوينشن ۾ ڪيو هو. هن صاحب گول مول وضاحت ڪندي چيو تہ بدين ريسٽ هائوس ۾ دستاويز تي صحيح مون برابر ڪئي هئي، پر ان سان گڏ مون اختلافي نوٽ لکيو هو، جيڪا ڳالهہ بعد ۾ غلط ثابت ٿي ۽ ڪجهہ سنڌي اخبارون دستاويز تي صحيحن واري حصي جو فوٽو شايع ڪيو، جنهن تي ڪوبہ اختلافي نوٽ ڪونہ هو، هاڻي ويجهڙائيءَ ۾ توهان جي نگران وزير خزانہ ڪنور ادريس طرفان ڊان ۾ ڇپيل پنهنجي مضمون ۾ ناٿي جي ناهہ جي حمايت ڪندي ان تي صحيح ڪرڻ کي جائز قرار ڏيڻ واري ڳالهہ واضح ڪري ڇڏيو آهي تہ توهان گورنري جي لالچ ۾ سنڌ سان نائو مل ۽ ايوب کهڙي وارو ڪردار ادا ڪيو آهي، فرق صرف هي آهي تہ توهان ۽ نبي بخش پرڳڙي جي پيٽ ۾ گهٽ قادياني ڪنور ادريس وڏيڪ ايماندار آهي، جنهن ناٿي جي ناهہ کي قبول ڪيو آهي، اسين توهان جي هن ڳالهہ کي رد ٿا ڪريون تہ جڏهن توهان وزيراعليٰ هئا، تہ ان دوران اسان مٿين ڳالهين تي اعتراض ڇو نہ ڪيو؟ اخباري رڪارڊ شاهد آهي تہ سيوهڻ جي گاديءَ واري توهان جي اعلان جي سڀ کان وڏيڪ مخالفت اسان ڪئي، جيڪا سيني اخبارن ۾ نمايان ڇپي ۽ ناٿي جي ناهہ جي ٿئي ڏينهن سڀ کان شديد رد عمل اسان جو ڇپيو هو. توهان کي سگهارن ادارن ۽ فاروق لغاري طرفان سنڌ اندر پ پ جي ممڪن صوبائي اسيمبلي ۾ اڪثريت ڪٽڻ جي پيش نظر گورنري جي لالچ نہ ڏني وئي تہ جيئن توهان پ پ خلاف حڪمران طبقن جي غير جمهوري راند جو حصو بڻجي سگهو، پر جڏهن ناٿي جي ناهہ جو اعلان اليڪشن کان پوءِ ٿيو ۽ پ پ چونڊن ۾ اڪثريت حاصل ڪري نہ سگهي، ان ڪري گورنري جي آسري مان نااميد ٿي ناٿي ناهہ خلاف سنڌ جي ممڪنہ عوامي رد عمل کان بچڻ خاطر آڏا ابتا بيان ڏيئي، پنهنجو دفاع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ڪري رهيا آهيو. جيڪڏهن ناٿي جي ناهہ جو ذوهاري صدر فاروق لغاري هو تہ سنڌ جي وسيع تر مفادن ۾ توهان کي ان جي خلاف ٿيڻ گهرجي ها پر صورتحال ان جي ابتڙ ۽ انتهائي ڊرامائي آهي. توهان جو خط ان ڳالهہ جو اظهار ٿو ڪري تہ چونڊن دوران ترقي پسند پارٽي خلاف ش پ سان اتحاد سگهارن اِدارن جي اشاري تي ٿيو هو، جيئن يو. اين. اي جهڙي قومپرست اتحاد کي تباهہ ڪري سگهجي ۽ ترقي پسند پارٽيءَ جو اسيمبلين ۾ پهچڻ جي ڪنهن ننڍي کان ننڍي امڪان کي بہ ختم ڪري ڇڏجي، توهان تہ ترقي پسند پارٽيءَ خلاف ڪوشش ۾ خود پنهنجي پارٽيءَ جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو. توهان پنهنجي تباهي تہ برداشت ڪئي پر توهان جهڙي جاگيردار آڏو ڪنهن مسڪين طبقن مان اسيمبلين ۾ پهچڻ

برداشت نہ ٿي سگهيو، اڃو تہ پاڻ سيئي پنهنجا فيصلا سنڌي قوم ۽ تاريخ جي حوالي ڪريون، پاڻ ہئي تاريخ جي ڪٽهڙي ۾ بيٺا آهيون ۽ وقت جو جج پاڻ پنهين بابت پنهنجو فيصلو ڪنهن بہ روء رعايت، ڪنهن جاگيرداري ڪلنگي يا تخت ۽ بخت جي سفارشن ڪان سواءِ ڏيندو، اڄ ڪان پوءِ توهان ۽ توهان جي پارٽيءَ جي ڪنهن علو، ولو ۽ گلو جو جواب نہ ڏبو. چاڪاڻ تہ اسان ۽ سمورن ساڃاهہ وند سنڌ واسين کي اها چڱي ريت چاڻ آهي تہ اوهان پنهنجو سياسي جيئاپو مختلف ڏرين ۽ انهن جي فردن سان اخباري جنگ ۾ ڳولي ورتو آهي. اوهان هن ڪان اڳ رسول بخش پليجو، عبدالله شاهہ، نثار کهڙو ۽ نادر مگسي سان لفظي جنگ وسيلي اخبارن ۾ زندهہ رهيا، انهن هٿان شڪست کاڌي، هاڻي سچي سنڌ طرفان اوهان ۽ ڪڏي سياسي ڪردار تي ٿيندڙ ملازمت کان جان آجي ڪرائڻ لاءِ اوهان محترمِ ڊاڪٽر قادر مگسي کي بي بنياد الزامن وسيلي نشانو بڻائي سياسي جيئاپي جي جنگ وڙهڻ گهرو ٿا، پر ان جو اوهان کي موقعو نہ ڏبو. اسان جو ايمان آهي تہ سنڌ ۾ صرف اها ڌر اڳتي وڌندي پنهنجو تاريخي ڪردار ادا ڪري سگهندي، جنهن وٽ سنڌ سان محبت ڪندڙ سرفروش ڪارڪن هجن، انقلابي ڪيڊر انقلابي دانشور هجن، مزاحمت جي سگهہ ۽ مسلسل جدوجهد جو اندر هجي، اوهان انهن سمورين شين ڪان محروم آهيو، تنهن ڪري هڪ ڏينهن تاريخ جي ڪباڙخاني جو حصو بڻجڻا آهيو. اسان کي جنگ وسيلي چار ڏينهن جيئڻ جي مهلت ڏيڻ نہ ٿا گهرون.

(عوامي آواز تان ورتل)



فتح

جي زوردار صنعتي سرگرمي هميشه کان روان دوان آهي.

صنعتي پيداوار ۽ مارڪيٽڪاريءَ درميان
"طلب ۽ رسد" جي عالمي نسبت آهي.

پنهنجين معياري مصنوعاتن جي وسيع ملڪي ۽ غير ملڪي
طلب جو پورائو ڪرڻ خاطر **فتح** مستقل محنت ڪشان آهي.
فتح پنهنجين برآمداتن جو سُياءُ بين الاقوامي معيارن مطابق رکي
تجارتي دنيا ۾ قومي نانءُ پيدا ڪرڻ جو عزم ڪيو آهي.

فتح ٽيڪسٽائيل ملز لميٽيڊ

پي. او باڪس نمبر 69، حالي روڊ، حيدرآباد، پاڪستان،

فون: 41071 - 880466 - 880464

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاڙُهو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪٻئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٿاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَمَ- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ ڪي ڀاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)